# شاھ جو رسالو

(الف-ب-وار)



ترتيب

ڊاڪٽر محمد عالم سومرو

روشني

kaptan abro

شاھ جو رسالو (الف-ب-وار)

ڊاڪٽر محمد عالم سومرو

ترتيب

Gul Hayat Institute

# شاھہ جو رسالو

(الف – ب وار)

ترتيب

ڊاڪٽر محمد عالم سومرو

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2013ع

# ارپنا

سنڌو ماتريءَ جي سينڌ، سنڌو نديءَ جي نانءِ، جنهن ڪي وادي سنڌ جا ماڻهو آدجڳاد کان سُپت سنڌو دريا بادشاهہ مهراڻ ۽ سنڌو درياءَ جي نالي سان ياد ڪن ٿا، ڇو تہ سنڌن جياپي جو وهنوار ئي ان جي وهڪري سان آهي.

Gul Hayat Institute

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | | ۹ |
| سرن جو وچور | | ۱۱ |
| سنڌي الف – ب جي پٽي | | ۱۲ |
| چارٽ بابت ڄاڻ | | ۱۳ |
| چارٽ نمبر ۱/۱ | | ۱۴ |
| چارٽ نمبر ۱/۲ | | ۱۵ |
| چارٽ نمبر ۱/۳ | | ۱۶ |
| چارٽ نمبر ۱/۴ | | ۱۷ |
| چارٽ نمبر ۱/۵ | | ۱۸ |
| چارٽ نمبر ۱/۶ | | ۱۹ |
| چارٽ نمبر ۱/۷ | | ۲۰ |
| الف: | بيت | ۲۱ |
| | وايون | ۵۱ |
| ب: | بيت | ۵۵ |
| ڀ: | بيت | ۵۷ |
| | وايون | ۶۰ |
| پ: | بيت | ۶۱ |
| | وايون | ۶۴ |
| ت: | بيت | ۶۵ |
| | وايون | ۷۴ |
| ٿ: | بيت | ۷۷ |
| | وايون | ۷۸ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٿ: | بيت | ٧٩ |
| ث: | بيت | ٧٩ |
| پ: | بيت | ٨٠ |
| | وايون | ٩٤ |
| ج: | بيت | ٩٦ |
| | وايون | ١١٨ |
| ڄ: | بيت | ١٢٢ |
| جهہ: | بيت | ١٢٣ |
| چ: | بيت | ١٢٥ |
| ڇ: | بيت | ١٣١ |
| | وايون | ١٣٣ |
| ح: | بيت | ١٣٤ |
| خ: | بيت | ١٣٦ |
| | وايون | ١٣٦ |
| د: | بيت | ١٣٧ |
| | وايون | ١٤٠ |
| ڌ: | بيت | ١٤١ |
| ڏ: | بيت | ١٤٢ |
| | وايون | ١٥١ |
| ڊ: | بيت | ١٥٢ |
| | وايون | ١٥٣ |
| ر: | بيت | ١٥٤ |
| | وايون | ١٦٠ |
| ز: | بيت | ١٦١ |
| | وايون | ١٦١ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| س: | بيت | ١٦٢ |
| | وايون | ١٨٩ |
| ش: | بيت | ١٩٢ |
| | وايون | ١٩٢ |
| ص: | بيت | ١٩٣ |
| ط: | بيت | ١٩٥ |
| ظ: | بيت | ١٩٥ |
| ع: | بيت | ١٩٦ |
| | وايون | ١٩٨ |
| غ: | بيت | ١٩٩ |
| | وايون | ١٩٩ |
| ف: | بيت | ٢٠٠ |
| ڦ: | بيت | ٢٠٠ |
| ق: | بيت | ٢٠١ |
| ڪ: | بيت | ٢٠٣ |
| | وايون | ٢٣٠ |
| ک: | بيت | ٢٣٣ |
| | وايون | ٢٣٧ |
| ڳ: | بيت | ٢٣٨ |
| | وايون | ٢٣٩ |
| گ: | بيت | ٢٤٠ |
| | وايون | ٢٤١ |
| گھہ: | بيت | ٢٤٢ |
| | وايون | ٢٤٤ |
| ل: | بيت | ٢٤٥ |
| | وايون | ٢٥١ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| م: | بيت | ٢٥٢ |
| | وايون | ٢٦٣ |
| ن: | بيت | ٢٦٨ |
| | وايون | ٢٨٦ |
| و: | بيت | ٢٨٧ |
| | وايون | ٣٠٤ |
| ھ: | بيت | ٣٠٨ |
| | وايون | ٣١٩ |
| ي: | بيت | ٣٢٢ |
| | وايون | ٣٢٢ |
| معنيٰ جي پٽي | | ٣٢٣ |


Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

سنڌ جي سدابهار سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام زمان ۽ مڪان کان مٿي هر دور ۾ ۽ هر هنڌ اسان جي رهنمائي پئي ڪئي آهي ۽ ڪندو رهي ٿو. لطيف سائينءَ جي ڪلام تي ڪيترن ئي اديبن، عالمن ۽ محققن تشريح ۽ تحقيق جا بهترين شاهڪار پيش ڪيا آهن ۽ اسان جي عالمن الڳ الڳ وقتن تي مختلف نسخن ۾ سندس ڪلام پيش ڪيو آهي. پر هي (شاهه جو رسالو) انهن سڀني کان هڪ الڳ ۽ انفرادي ڪوشش آهي. هن "شاهه جو رسالو" ۾ لطيف سائينءَ جي ڪلام کي الف - ب وار ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي، تنهن پيشڪش مان نه رڳو عام پڙهندڙ، پر عالم/ محقق پڻ فائدو وٺي سگهندا. جنهن ۾ ڪوبه بيت ۽ ان جو حوالو (سُر يا داستان وغيره) آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو، بشرطيڪ "بيت" جي پهرين سٽ يا پهريون لفظ ياد هجي. هر بيت جي هيٺان ڏنگين ۾ سُر جو نالو، داستان نمبر ۽ بيت نمبر ڏنل آهن. مثال طور:

نهائينءَ کان نينهن، سِکُ منهنجا سُپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻَهرِ ٻاڦ نه نڪري.

(رپ، ٦-١٥)

مٿيون بيت، مانواري ڪلياڻ آڏواڻيءَ صاحب جن جي مرتب ڪيل، شاهه جي رسالي ۾، سُر رپ جي داستان ڇهين جو بيت ١٥ آهي. ان طرح هن رسالي کي مرتب ڪرڻ وقت مانواري ڪلياڻ آڏواڻيءَ صاحب جن وارو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو اڳيان رکيو ويو آهي ۽ بيتن، واين ۽ معنيٰ جي پٽي (ڏکين لفظن جي معنيٰ) جي ترتيب ڊڪشنريءَ جي طرز تي لغوي ترتيب سان رکي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ٥٢ اکرن مان هر اکر جا پهريائين بيت، پوءِ وايون ڏنل آهن ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. ان کانسواءِ چارٽ ۾ هر اکر جي بيتن ۽ وائين جو تعداد به ڏيکاريو ويو آهي. مثال طور: آڏواڻيءَ جي رسالي ۾ سُر ڪلياڻ جي پهرئين داستان ۾ "الف" جا ٤ بيت، "پ" جا ٣، "س" جا ٣، "ع" جو ١ ۽ "و" جا ١٠ بيت، يعني ڪُل ٢٢ بيت آهن، جڏهن ته وائين جي ترتيب به ان ئي طرح الف ب وار هر اکر جي بيتن بعد ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح چارٽ، ڪي مٿان کان هيٺ ڏسبو ته سُر ڪلياڻ جي داستان پهرئين ۾ الف جا ٤، ٻئي ۾

Gul Hayat Institute

الف جا ٥، ٽئين ۾ الف جا ٢، ڪُل الف جا ١١ بيت آهن.

لطيف سائينءَ جي الف ب وار ترتيب سان هن رسالي جو سڄو ڪٿڻ ڪم هوند ڪري نہ سگهجي ها، جيڪڏهن انور سومرو ۽ حبيب قادر قريشيءَ جهڙا اورچ جوان، ڪمر ڪشي ڏينهن رات هڪ ڪري سڄي مواد کي ڪمپيوٽر تي تيار نہ ڪن ها. ان سلسلي ۾ دوست گل محمد ٽنيو، مهراڻ ملاح ۽ ان جهڙن پيان توانائين سان پرپور، جذبيدار جوانن پروف پڙهي غلطين ڪڍڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي ۽ محترم سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جن هر وک تي همٿائيندا ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. هن سموريءَ محنت جو مهندار ادارو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو آهي، جنهن اداري وڏيءَ جانفشانيءَ سان، هر مرحلي تي خاص دلچسپيءَ ۽ نظرداريءَ هيٺ رسالو شايع ڪري عوام آڏو آندو.

هن پهرئين ڇاپي ۾ ضرور غلطيون رهجي ويون هونديون، جنهن لاءِ پڙهندڙ سڄڻن کي گذارش آهي تہ نشاندهي ڪن تہ جيئن ٻئي ڇاپي ۾ درستگيون ڪري سگهجن.

تان ڪا واٺي وارِ، دلاسي جي داسَڙا،
تُون مُنهنجو وَلَهو، آئون تو ۾ طَمَعدار،
ڍَڪي، ڍولَ! گُذارِ، لَڄَ مُنهنجي لوڪ ۾،
(ليلا چنيسر، ٣-٩)

١٦-٠٥-٩٤

محمد عالم سومرو

# شاهہ جو رسالو*

## سُرن جو وچور

1. سُر ڪلياڻ
2. سُر يمن ڪلياڻ
3. سُر کنڀات
4. سُر سريراڳ
5. سُر سامونڊي
6. سُر سهڻي
7. سُر سسئي آبري
8. سُر معذُوري
9. سُر ديسي
10. سُر ڪوهياري
11. سُر حُسيني
12. سُر ليلا چنيسر
13. سُر مُومل راڻو
14. سُر مارئي
15. سُر ڪاموڏ
16. سُر گهاتو
17. سُر سورٺ
18. سُر ڪيڏارو
19. سُر سارنگ
20. سُر آسا
21. سُر رپ
22. سُر کاهوڙي
23. سُر بروو سنڌي
24. سُر رامڪلي
25. سُر ڪاپائتي
26. سُر پُورب
27. سُر ڪارايل
28. سُر پرڀاتي
29. سُر ڏهر
30. سُر بلاول

Gul Hayat Institute

* الف ــ ب وار ترتيب لاءِ مواد مانواري ڪلياڻ آڏاڻيءَ جن جي ترتيب ڏنل ”شاهہ جو رسالو“ (مڪمل) تان ورتو ويو آهي.

# سنڌي
# الف – ب
# جي پٽي

ا ب ٻ ڀ ت ٿ

ٺ ٽ* ث پ ج ڄ

جھ ڃ* ڇ چ ح خ

د ڌ ڏ ڊ* ڍ ذ*

ر ڙ* ز س ش ص

ض* ط ظ ع غ ف

ڦ ق ڪ ک گ ڳ

گھ ڱ* ل م ن ڻ*

و ھ ء* ي

Gul Hayat Institute

* نشان لڳل حرف سان ”شاھ جو رسالو“ ۾ ڪوبہ بيت موجود نہ آهي.

# چارٽ بابت چاڻ

1- چارٽ ۱/۱ کان چارٽ ۱/۷ تائين چارٽ ساڳيو آهي.

2- چارٽ جو پهريون ڪالم مٿان کان هيٺ سُر نمبر کي ظاهر ڪري ٿو. يعني هيءُ ڪالم ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ جي سُرن جي ترتيب ۾ تعداد کي ظاهر ڪري ٿو.

3- چارٽ ۾ سُر وار ڪالم بعد لڳاتار هڪ جيترن ڪالمن مان، ڪالم پهريون مٿان کان هيٺ سُرَ ۾ موجود داستانن کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن ته داستان واري ڪالم جو ا.م وارو خانو ابيات متفرقه کي ظاهر ڪري ٿو.

4- چارٽ ۱/۱ کان چارٽ ۱/۷ ۾ داستان واري ڪالم بعد سڄي کان کٻي، سنڌي الفابيٽ جي ٻاونجهاهه اکرن موجب ”شاهه جو رسالو“ جي الف ـ ب وار ترتيب کي پٽيءَ جي پهرين اکر (الف کان ي تائين) شروع ٿيندڙ بيتن ۽ واين جي سُر وار ۽ داستان وار تعداد کي ظاهر ڪن ٿا.

5- چارٽ ۾ ي بعد وارو ڪالم، مٿان کان هيٺ هر سُر ۽ سُر جي هر داستان ۾ موجود ڪُل بيتن ۽ واين جي تعداد کي ظاهر ڪري ٿو.

6- چارٽ ۱/۷ جي آخري ڪالم جي سڄي کان کٻي ڏانهن هر خانو الف کان ي تائين هر اکر سان شروع ٿيندڙ بيتن ۽ واين جي رسالي ۾ موجود ڪُل تعداد کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن ته ڪالم جو داستان وارو خانو ”شاهه جو رسالو“ ۾ موجود بيتن ۽ واين جو ڪُل تعداد ظاهر ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

(۱۲)

اُيي اوسڙان اُس ۾، جهليو ڪُنَ ڪِنارَ،
گهاتوُ گهَرِ نہ آئيا، وَڏي لَڳِيَنِ وارَ،
هُيَسِ جنين هارَ، سي موڙي چَڙهيا مَڪُڙا.

(گهاتو، ۱ ـ ۱۸)

(۱۳)

اُپيوُن تَڙَ پوُڄِيِنِ، وَهوُن وَڻجارنِ جون،
آڻيو اَڪا ڏيِنِ، ڪَنوُري، سموُنڊ ڪي.

(سامونڊي، ۲ ـ ۱۸)

(۱۴)

اَتِ اُڪَنڊي آهيان، عُمَرَ! آئُون اَڪاڄَ،
سُومِرا! سَڪاڄَ! جهلِ مَر بَندِ جهڄنڊِيُون.

(مارئي، ابيات متفرقه ـ ٦)

(۱۵)

اُتان اوڻِي آيو، خَبَرَ اِيَ ڪَرِي،
وِساريج مَ وَرَ ڪي، پَئُج مَ مُنڌَا! مَري،
وينديِنءَ اُتِ وَري، ڪو ڏِينهُن آهِيين ڪوٽَ ۾.

(مارئي، ۱۰ ـ ۴)

(۱٦)

اُتَران تِي آئِيُون، ڪَرِي هَڪَلَ هوءِ،
پَري تَلَ تَرائِيون، جوڙي هَلِيُون جوءِ،
پَسو جا پَٽَنِ ۾، ڪَنُورِيءَ خوشبُوءِ،
اَچي رُوبروءِ، اُنِيُون روضي تان رَسُولَ جي.

(سارنگ، ۱ ـ ۱۵)

(۱۷)

اُتَرُ اُڀوُن ڏي، نہ مُون سَوَڙَ، نہ گبرو،
سِيَ سارِينديُون سي، جنين نِڌَرَ نِجهرا.

(رپ، ۲ ـ ۱۱)

(۱۸)

اُتَرَ ڏِنِي اوتَ، نہ مُون سَوَڙَ، نہ گبرو،
چارَئِي چُنِيءَ پوتَ، مُون ريڙهِينِدي راتِ گَئِي.

(رپ، ۲ ـ ۱۲)

(۱۹)

اُتَرَ ڏي آلاپُ، ڪالهُون ڪَرَ ڪُونجُ ڪَرِي،
پِرِين پَسِي مَنجهه خوابَ، وِهاڻِيءَ وايُون ڪَري.

(ڏهر، ۴ ـ ۱۱)

(۲۰)

اُتِ ڪِرتِ وارا ڪيترا، ڪِرتِ ڪَبو ڪوهُ؟
جيڪِي بَندو ڪَمُ ڪَري، سو مِڙوئِي ڏوهُ،
تُون پارَسُ، آئُون لوهُ، جي سِڃِين، تہ سونُ ٿِيان.

(پرياتي، ۱ ـ ۸)

(۲۱)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، اَڳُڻُ مُون اَفسوسُ،
ديوانيءَ سين دوسُ، ساڻِي آهي سُڃَ ۾.

(حسيني، ۸ ـ ۲)

(۲۲)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، آئُون ٿِي مَران، ماءِ،
پِٽُون ٽِينديِسِ پيرَ تي، ’هَيءِ! هَيءِ!‘ ڪَري ’هاءِ‘!
جِتَڻُ مُون نہ جُڳاءِ، پِرِيَنِ تان پاسو ڪيو.

(حسيني، ۸ ـ ۱)

(۲۳)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، پاري چِڏِي پوءِ،
آريچا اُنِ تي، هِيءَ تان جَڏِي جوءِ،
ڪِي هَلي، ڪِي هَٿُ ڪَٽِي: ڪِي رِڙهي، ڪِي روءِ،
ڪو پُنهونءَ ڪي چوءِ، تہ مُنيءَ ماتَمُ آئِيو.

(حسيني، ۸ ـ ۵)

Gul Hayat Institute

”هَيۡهَاتَ هَيۡهَاتَ لِمَاتُوۡعَدُوۡنَ“، سُجي تي اوطاق،
چُڪيءَ چوري چاڪَ، هاڙهي هوتَ هَلي وِيا.
(ديسي، ٢ ـ ١)

(٧١)
اَڄُ پڻ وينو روءِ، ڏُکي ڏونگرَ پانَ ۾،
ڪوهِياري جو ڪوءِ، اَچي سُورُ اُڏَمِيو.
(ڪوهياري، ٢ ـ ١٦)

(٧٢)
اَڄُ پُڻ ڪَنجهو ڪَنجهہَ، واڍوڙڪِيءَ مَنَهينءَ،
جُ پڻ پِيبِنِ سَنجَهہ، تہ هُو پِنيُون هُو پَٿِيُون.
(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١٤)

(٧٣)
اَڄُ پڻ کهڙي دانهَن، واڍوڙڪِيءَ مَنَهينءَ؟
ويجَ ورائي بانهَن، چوري چاڪَ نِهارِيا.
(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١٥)

(٧٤)
اَڄُ رَسيِلا رَنگَ، بادَل ڪَڍِيا بُرجَنِ سين،
سازَ سارَنگِيُون سُرَنُدا، وَڄائي بَــرُ چَنگَ،
صُراحِيُون سارَنگَ، پَلِٽِيُون راتِ پَدامَ تي.
(سارنگ، ٢ ـ ٥)

(٧٥)
اَڄُ مَعذُورِ هُئان، اَلا! چَڱي مَ ٿِيان!
رِڙهان ۽ رُئان، پُنيءَ سَڳِرِ ساٿَ جي!
(حسيني، ١٢ ـ ٨)

(٧٦)
اَڄ مليندِيَسِ، ماءِ! ڏاڍا ڪَندِيَسِ ڪَپڙا،
جِيجان! جوڳِياڻِي ٿِيان، مون ڪي جَهلَ مَ پاءِ،
هوتَ ٻَروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنرَ پائِيان.
(سسئي آبري، ٤ ـ ١٠)

(٧٧)
اَڄ نہ اَڳِينءَ ڍارَ، ڪَرَهو جيئَن ڪالهہ هو،
اَڱڻِ آيو نہ ڪري، پاهوڙي پَچارَ،
جيڪُسِ منجهہ قطارَ، ڪا وَلِ چِنائين وِهَ جي.
(ڪنيات، ٢ ـ ٢٧)

(٧٨)
اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، تازا پَــٿَرَ ڪَڪَ،
آديسي اُٿي ويا، پيئي اُڏامي رَڪَ،
سامي ڪَٽي سَنڪَ، وَڄائي واٽَ ٿِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ١١)

(٧٩)
اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، جاڳُــرُ جوڳِيڙَنِ جو،
ساري سَناسِيُنِ ڪي، رُئَندين تانَ رو،
پَسُ! پارِيان تو، لاهُوتي لَڏي وِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ٧)

(٨٠)
اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، دُونهين، ڏُنڍُ، نہ لاٽَ،
ويا ويراڳِي نِڪَري، چِٽَ چَڪائي چاٽَ،
اَئُون مارِيَسِ تَنهِين ماٽَ، جِيجان! جوڳِيَڙَنِ جي.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٣)

(٨١)
اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، سَندي جوڳِيُنِ جوڙَ،
ساري سَناسِيُنِ ڪي، ڪامِي ٿِيَسِ ڪوڙَ،
مَنَ جنين سين موڙَ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ٩)

(٨٢)
اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، سَندي جوڳِيُنِ ذاتِ،
ساري سَناسِيُنِ ڪي، رُنُم ساري راتِ،
مُون تَنَ جِنين جي تاتِ، سي لاهُوتي لَڏي وِيا.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٠)

Gul Hayat Institute

(۸۳)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالبَ تَنوارِينِ،
آديسِي اُٿِي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِينِ،
جي جِيَّ کي جِيارِينِ، سي لاهُوتِي لڏي وِيا.
(رامڪلي، ۸ ـ ۸)

(۸۴)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، ڪَرڳَلَ ڪِينَ رُوئَنِ،
نہ اُهي آديسِي اُسڪا، جن سين مڙهِيُون سُونهَنِ،
مَڙُهُ پُورِيائُون ماٺِ تي، واڃِڻَ ڪِينَ وڄَنِ،
وِيا نانگا سي نِڪرِي، پَهَرَ نہ پُورَبِيَنِ،
سارِيو سَناسِيُنِ ڪِي، اولاڪا اَچَنِ،
لاڄَئُون لاهُوتِيَنِ، جوڙِي ڏِنيُون جيَّ کي.
(رامڪلي، ۸ ـ ۱۲)

(۸۵)

اَڄُ نہ پَسان سي، آتَڻُ ڪَتِيُمِ جن سين،
هاٿي تِنين کي، ڪَنڌيءَ ڪاڪِ نِهارِيان.
(مومل راڻو، ۶ ـ ۱۵)

(۸۶)

اَڄُ نہ ڳالهايون، هُون ڏيهاٽي نِجهري،
پَسو! پَہُ پِيونِ، آتَڻُ سُڃو اُنِ ري!
(مومل راڻو، ۶ ـ ۱۴)

(۸۷)

اَڄُ نہ مُون قرارُ، ڏُنَرِ سَنڄُو ساٿَ ۾،
نَهي وينا بارُ، مَٿي ساٿيہَ سُپرين.
(حسيني، ۱۰ ـ ۱۱)

(۸۸)

اَڄا تَنُوران، ڪاله ڪَڍياسون سڄٽين،
پَڻ تايائون تڪڙو، وحدت جي وَڏان،
محبتينِ مٿان، مچُ مُورائينِ نہ لهي!
(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۶)

(۸۹)

اَڄا تو منجهان، ڪَڪَ ڇُٽِي رَٽُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جهلينديَ گهاءَ؟
سو تون ڪُڄاڙيا، سِڪَڻ جون سَڏُون ڪرين.
(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۵)

(۹۰)

اَڄا تُون آواٽَ، واٽان پاسي ويسري،
سُونهين ٿِي سُواٽَ، تہ مَنجهان دِلِ ڏَڳُ لَهين.
(ڪوهياري، ۲ ـ ۹)

(۹۱)

اَڄا راتِ رَتومِ، ڪوڙِ ڪوهياري ڪَنجرو،
پيئـرُ! پِڄايومِ، سُياٽي سُورَنِ سين.
(حسيني، ۱۰ ـ ۲۶)

(۹۲)

اَڄا سي آهِينِ، جي سَزاوارَ سِڱُيِنِ جا،
وينا وَڃائِينِ، جي، سَناسِي، سُٽِئِين.
(رامڪلي، ۹ ـ ۱۶)

(۹۳)

اَڄا ڪوري ماڳَ، مٽ، ڪُٽڪا، ڪَٽَ گهٽا،
لاهي ويہ مَ لاڳَ، موڪي! مَتارنِ جا.
(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۷)

(۹۴)

اَڄي پِيا آٽَ ۾، واٽَ وڃائِي جَنِ،
اُوءِ بَصِيرَ بَرَّنِ ۾، اَنڌا ٿِيو اُيِنِ،
ڪَنَنِ آڏيُون تاڙِيُون، گُنگَنِ جِئَنِ گهُمَنِ،
فِراقِيءَ فَرمان جو، آهي بَرُ بوڙنِ،
لَنگها تِيا لاهوتَ کي، سُتا پِيا سِڪَنِ،
ڪَپَتِ ڪاهوڙِيَنِ، آهَ اَٿِئي پئي نہ لهي.
(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۱)

Gul Hayat Institute

(١٠٦)

آديسي آديسُ، هِتان ڪَري هليا،
ڪاپَڙِيُن قَلبَ ۾، ڪَيو ڏوراٽو ڏيسُ،
ويراڳِي نَئون ويسُ، راوَلَ ڍَڪي رَميا.

*(رامڪلي، ٧ – ١٢)*

(١٠٧)

آديسِيُن اَدَبُ، آهي اَکَڙِيُن ۾،
تن جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِ ڪِي، نہ اَما نہ اَبُ،
سامِيُن ڪي سِپين پَرين، رُوحَ ۾ رَهيو رَبُ،
رِءَ لانگوٽِيءَ لَبُ، پاڇِي ڪَنِ نہ پاڻَ سين.

*(رامڪلي، ٧ – ١٣)*

(١٠٨)

اَديُون! آتَڻَ واريُون! نِرجا نَکَ تِيا،
وَڍِيا، تان نہ وِيا؛ پاٽا موريا مُنهَن ۾.

*(مومل راڻو، ٨ – ٢٣)*

(١٠٩)

اَديُون! اَگهي آهِيان، پِرِيُن پُڇاٽا،
سي ڪوهيارا ڪِيئن وِيا، ساڄَن سِياٽا؟
جي سَسُئِيءَ سيباٽا، سي وڃي ڪيچ قَرارِيا.

*(ڪوهياري، ٥ – ٤)*

(١١٠)

اَديُون! آئُون اَجاڻ، مُون سَڱُ سُڃاڻِي نہ ڪيو،
هُوندَ نہ سَنِيَمِ هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻِ،
رَتيءَ جي رِهاڻِ، جِيُ آڙايم جَتَ سين.

*(سسئي آبري، ٥ – ١٩)*

(١١١)

اَديُون! آئُون نہ تيئَن، جِيئَن پريَتَو پِرِيُن سين،
ٻَڌِي سُتِيَسِ نہ سوگهو، چِلَوَرُ چاتِيءَ سيئَن،
ڪيڇي ڪاهي ڪَرَها، مُونهان وَڃَن ڪيئن؟
ڏوهُ مُنهنجي ڏينهَن، پُنهونءَ ڪي ڪا مَ ڇَئِي.

*(ديسي، ٧ – ١٥)*

(١١٢)

اَديُون! سپ اَندامَ، ڇَڙَن منهنجا چورِيا،
لاڙن جا لَنوُ لائِي، سا ڪيئَن آڇِيان عامَ؟
لَڳيس جنهن جي لامَ، سو دلاسا دوست مُنجي.

*(سهڻي، ٤ – ١)*

(١١٣)

اَديُون! ڪا اِيندي؟ ڇپَرِ مُون سَڱُ ٿِيو،
لائيندِيَس لِڱَنِ ڪي، مَليران ميندي،
وِندُرِ آئُون ويندي، آري ڄامُ اَجهو ڪَري.

*(حسيني، ١٢ – ٣٤)*

(١١٤)

اَديُون! وَرُ اُگهاڙَ، وهاڻءِ جنهن وساريو،
جيڏِيُون! ڇڏي جاڙَ، سَڀ ننگيُون ٿِي نِڪرو.

*(معذوري، ٢ – ٢)*

(١١٥)

اَڏر، نڏر، اَيَري، اَسُونهين آهِيان،
لُڙڪَ لَعَلَ، لَطِيفُ چئي، وَرَ لَءِ وَهايان،
هيجان هَنجُون حَبَ ۾، هوتَنَ لَءِ هارِيان،
جانِبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهون پَهايان،
پيهان، پَڇايان، جي مان نيو پاڻَ سين.

*(سسئي آبري، ٨ – ١)*

(١١٦)

اَڏر، نڏر، اَيَري، اَسُونهين آئُون،
چِيتا، چورَ چُنجُنِ ۾، بَرَ ۾ بَلائُون،
موٽُ پُنهون! پانهُون: مَتان، مُحِبَّ! مَري رَهان.

*(سسئي آبري، ٨ – ٣)*

Gul Hayat Institute

(۱۲۸)

آڏِتراچا، آهُـڙا، ڏُونگَـرَ کـي ڏاکا،
کَيَمِ آهَ عَجِيبَ کي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا،
پيئِي هٿيڪِي هوتَ کي، ڪُوڪَ وَڃِي ڪَنِ ڪا،
مُنهنجو وَسُ واکا، پُڌَنُ ڪَمُ پَروچَ جو.

(ديسي، ٦ ـ ١)

(۱۲۹)

آڏِتراچا، آهُـڙا، ڏُونگَـرَ کـي ڏاکا،
وَني وَرُ واٽَ ٿِيا، بَرِ چَڙهِي باکا،
ٿِيا پيرَ فَقيرِ جا، چَڙهندي چَڙهاڪا،
هُيَنِ جِيءَ اَندَرِ جا ڪا، وِيا پُڄائي پانهِجي.

(ديسي، ٦ ـ ٢)

(۱۳۰)

آڏِتراچا، آهُـڙا، وِنـدُرَ وَراڪا، واڪَ؛
اُجهايَسِ اُتَنِ جي، قُوڙائي فِراقَ،
پُنهون پَرمَلَ پاڪَ! واحِدَ لَڳِ، وَريج تُون.

(ديسي، ٦ ـ ۵)

(۱۳۱)

آڏِتراچا، آهُـڙا، وِنـدُرَ وَراڪا، وَرَ؛
حُبَّ جَنهين کي هوتَ جو، سا ڏوريندي ڏُونگَرَ،
پَهچائِين پَروَرَا! لُطفُ سانُ، لَطيفُ چئي.

(ديسي، ٦ ـ ۴)

(۱۳۲)

آڏِتراچا، آهُـڙا، وِنگا وَرَ واٽَـنِ،
جيرا، جِگَرَ، ٻُڪيُونَ، آرءَ لَءِ آٽَـنِ،
ڪَشي ڪَنواٽَنِ، سَنيُوڙا سَيَّدُ چئي.

(ديسي، ٦ ـ ٦)

(۱۳۳)

اُڏَرُ لَڳِ اَللهَ، ويلو ڪَرِ مَ وِچَ ۾،
آئُون جو ڏِينَئي سَنيهو، سانڍِ بَرابَرِ ساهَ،
سَندي ڳُجهاندَرَ ڳاهَ، ڪَهِج مَ قَريبَنِ ري.

(پورب، ۱ ـ ۲)

(۱۳۴)

آڏو جو اِثباتِ ڪي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ،
هُئي جنهن ۾ حَقُ، تنهن نَفِيءَ جهو ناهِ ڪو.

(آسا، ۴ ـ ۱۲)

(۱۳۵)

آڏو چِڪَنُ چاڙُ، منهنجي موجَ نه سَهي مَڪُڙي،
ميڙي مَنائِنِ جو، بيحدِ چاڙهيمُ بارُ،
چونَ چارو ناهِ ڪو، بَديُون بي شُمارُ،
ڪَپَرُ ڪارُونبارُ، اُڪارِئين اِحسانَ سين.

(سريراڳ، ۲ ـ ۱۲)

(۱۳۶)

اَڏي اَڏي اوڏِ، ڇَڏي وِيا پيٽِيُون،
تِڪاٽا ۽ تولَ، پِيا آهن پَٽَ ۾.

(ڏهر، ۴ ـ ۵۰)

(۱۳۷)

اَڏِيندي اوڏِنِ، لَڏَنَ جي ڪانَ ڪَئي،
لاکو مَٿان تَنِ، اوچتو ئي آئيو.

(ڏهر، ۴ ـ ۴۹)

(۱۳۸)

اَڏيو جو اوڏِنِ، سو ڍِنگَرُ ڍِلو مَ ٿِيي،
جَنهن پِرِ ويهي ڪَنِ، ليکو لاکي جامَ سين.

(ڏهر، ۴ ـ ۴۶)

Gul Hayat Institute

(۱۳۹)

اَرِتو اَکِيُن مان وَهي، مَٿي ڳَلَنِ ڳاڙ،
ڪوري ڪَنَنِ وچَ ۾، ڦَجَ ڏِنائُون ڦاڙ،
هَٽي توبَهَ تاڙ، نانگا نِسورا ٿِيا.

(رامڪلي، ۷ ـ ۱۸)

(۱۴۰)

آرَمَ هَڏِ مَ اوڍِيان، پَٽولا، پَٽَ چِيرَ؛
بانڌُوٽا بَنِ ڏِيان، اَرغَجَ ۽ عَبِيرَ؛
ماروُءَ سين شَلَ ماڻِيان، ڪَٿِيُون جهڙيُون ڪِيرَ!
اَندَرِ اُجَ اُڪِيرَ، مُون ڪي پِرينءَ پَنوَهارَ جِي.

(مارئي، ۳ ـ ۲)

(۱۴۱)

آروڙِجي اُٿِيو، ديمِينِ وڏائِين دانهَن،
پابوهِيو پيرَ ڪَٽي، سَمو سَرَٽِيُن ڏانهَن،
مَٿان مَٿي بانهَن، اُيو آچِي سُلطانَ ڪي.

(بلاول، ۱ ـ ۱۱)

(۱۴۲)

آروڙِجي اُٿِيو، ديمِينِ وڏائِين ڏُکَ،
لاٿائِين لَطِيفُ چَئي، عالَمَ تان اَهُکَ،
تن سَرَٽِيُنِ ٿِيا سُکَ، جي سوجهي آئِيُون اَبڙي.

(بلاول، ۱ ـ ۱۰)

(۱۴۳)

آريءَ اُٺُن جِيئَن، اُٺَن تان اوٺِيُنِ نہ ڪَيو،
ڪيچِ پَهُچِبو ڪيئَن؟ اَهڙِنِ اَباجَهِنِ سين.

(حسيني، ۱۱ ـ ۲)

(۱۴۴)

اَسان اُڏارا، آٽي آوَنگَ چاڙِهيا،
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيا، سَمُهان سِيارا،
اُپِرَنِ سِيڪارا، پَسِيو وَرَ پيِن جا.

(ساموندي، ۳ ـ ۳)

(۱۴۵)

اَسُڪُ جِنِ اَويـرَ، سي سانجهيءَ رَهَنِ سُمهي،
لاهوُتِي، لَطِيفُ چئي، آڏِيءَ ڏِيَنِ اُلِيرَ،
سُتو لوڪُ پَسي پِيا، سامِي مَٿي سيرَ،
ڪيڏانهن ڪَندا پيرَ؟ مِڙوئِي مَٿو ٿِيو.

(رامڪلي، ۷ ـ ۲)

(۱۴۶)

اُسَ مَ لَڳِي اوٺِين، ليڙان لُڪَ مَ لَڳَ!
اَللہَ! آرِيچَنِ ڪي، ڪوسو واءُ مَ وَڳَ!
جَتَ جَهجها ۾ جَڳَ، منهنجي پِرتِ پُنهونءَ سين.

(ديسي، ۱ ـ ۲۵)

(۱۴۷)

آسَڻَ جي اَريجَ ۾، اُوءِ ڪَچِرَ وِهَ ڪَري،
تن جا مُنهَن مَلَڪَنِ جَهِڙا، تِڪو تان نہ ٿَري،
جي اُنَهين ساڻُ اَڙِي، تہ ڪانهي جاءِ جرِيءَ جي.

(ڪارايل، ۲ ـ ۵)

(۱۴۸)

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، تن جي وِهُ جو وَرَنُ بِيو،
تن جو ڪَندوئِي ڪَمُ ڪَري، جي مَٿِسِ پيرُ پِيو،
پُرِيَنِئان آهي پَڌرو، تن نانگَنِ جو نِهو،
ڪَلِي وِيلَ کِهو، جو سامُهون ٿِئِي سَپَنِ ڪي؟

(ڪارايل، ۲ ـ ۶)

(۱۴۹)

آسَڻَ وَتِ آهوُن ڪَرِيان، وَسِ نہ مُنهِنجي واٽَ،
لَڳُمِ لاهوُتِيُنِ جو، ڪيِنَرَ مَنجهان ڪاٽَ،
هَلَڻَ ڪي هَيهاتُ! آئون نہ جِئَندِي اُنِ ري.

(رامڪلي، ۱ ـ ۲۲)

Gul Hayat Institute

(١٥٠)

اَسُوَرَ سَندو آسِرو، وَڳَندَ کي وَڏو،
جُسي ۾ جَڏو، پَرَ کِيَنَ تي کُڙا کَٽي.
(بلاول، ٤ ـ ٤)

(١٥١)

اَسُوَرَ سَندي آسِري، وِينو آهِ وَڳَندُ،
هَڏِ نہ ڇَڏِيندو هَنڌُ، آيَسِ بوءِ بَهارَ جي.
(بلاول، ٤ ـ ٣)

(١٥٢)

اَسِين پانَ پَرَٺَ، پورهِيَتَ پُنهونءَ جامَ جا،
هوتُ کَتُورِيءَ هيرئُون، مُون ۾ صابُڻَ ڇَٽَ،
آتَڻَ مَنجهہِ اُڪَهَٽَ، ڪانڌُ ڪنهين جي مَ ڪَري!
(ديسي، ٤ ـ ١٥)

(١٥٣)

اَسِين سِڪُون جن کي، اَسِين پڻ سيئِي،
”لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ“، وِنءُ اوڏانهين پيهي،
تِهان مَنجهيئِي، پارِکَا! پَرکِج حَقَ کي.
(آسا، ٤ ـ ٩)

(١٥٤)

اَسِين سِڪُون جن کي، سي تان اَسِين پانَ،
هاٿي وَڄُ، گُمانَ! صَحِي سُڃاتا سُپِرين.
(آسا، ٤ ـ ٨)

(١٥٥)

اَصغَرَ ڏي آهِين گهٽا، تُون اَڪبَرَ ڏي آءُ،
مَتان لوڙو لاهِئين، مَجُوسيءَ مَتاءُ،
حَيدَرَ جي هَتاءُ، وِڙهُہ تہ ويري مارئين.
(بلاول، ٣ ـ ٤)

(١٥٦)

اصل عاشق پنهنجي، سِسي نہ سانڍِين،
لاهيو سِرُ، لطيف چئي، ساهُ سَلهاڙيو ڏِينِ،
ڪُلهنِئُون ڪورِينِ، پُڇَنِ پوءِ پِريَتَئُو.
(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢٩)

(١٥٧)

اصل عاشقن جو، سِرُ نہ سانڍِڻُ ڪَمُ،
سَوَ سِسِئَان اَڳِرو، سَندو دوسان دَمُ،
هِيُ هڏو ۽ چَمُ، پِڪَ پِريان جِيَ نہ پِڙِي.
(ڪلياڻ، ٢ ـ ٣٠)

(١٥٨)

آڪو تہ آڪو، ڪَڇو آيُمِ ڪَمِ،
جِيَ جِنين جا جَمِ، پَڪا سي پُڇنديُون.
(سهڻي، ٨ ـ ١٣)

(١٥٩)

اَکِ اُلتِي ڏارِ، وَنءُ اُلتو عامَ سين،
جي لَهوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُہ اوپارِ،
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پرينءَ ڏي.
(آسا، ٢ ـ ٢١)

(١٦٠)

اَکَرُ پَڙهُ اَلفَ جو، وَرَقَ سڀ وسارِ،
اَندرُ تون اُجارِ، پنا پڙهندين ڪيترا.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢٩)

(١٦١)

آکَرَ پڙهِي آيا ڳِيا! قاضِي تئين ڪِياءِ؟
پيِرئين ۽ پانئِين، ايڏان اِئن نہ آءُ!
اِنَ سُرڪِيءَ سَندو ساءُ، پُڇِج عَزازِيلَ کي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢٣)

Gul Hayat Institute

(١٧٥)

اَکينِ ڪِينَ ڪيو، رَتُ نہ رُناتُون!
اُيي ڏِناتُون، قوڙائِبا سُپرين!
(حسيني، ٩ ـ ٩)

(١٧٦)

اَکِيُنِ ۾ تي ويہُ، تہ آئُون واري ڏِکِيان،
توکي ڏِسي نہ ڏيہُ، آئُون نہ پَسان ڪِي پِيو.
(آسا، ٣ ـ ١٤)

(١٧٧)

اَکيُون آريءَ جامَ جون، اَنڌيءَ سين آهِينِ،
هُو جي وَڻَ وِندُر جا، سي مُون سُونهائِينِ،
ڏِسيو ڏيکارِينِ، پيشاني پُنهونءَ جِي.
(سسئي آبري، ١١ ـ ٩)

(١٧٨)

اَکيُون آريءَ جامَ جون، آهِينِ اَنڌيءَ ساڻُ،
پَسي ڪَنديُون پاڻُ، پيشاني پُنهونءَ جي.
(سسئي آبري، ١١ ـ ١٠)

(١٧٩)

اَکيُون آلو ماھُ، سَدا سناسِيُنِ جُون،
واري نسڻَ نِنداھُ، جاڳِي جَهلِيا جوڳِيُين.
(رامڪلي، ٩ ـ ١٤)

(١٨٠)

اَکيون اوڏانهين ڪٽي، جيڏانهن قاتل ڪُلِ،
مٿو ڪن نہ مُلِ، پِڪَ برابر پانهنجو.
(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ٥)

(١٨١)

اَکِيُون سيئِي ڏارِ، جِنِ سان پَسين پِرينءَ کي،
ٻِئي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهٽو ريسارا سُپرين.
(آسا، ٢ ـ ٢٣)

(١٨٢)

اَکِيُون عَليٰ الصَّباحِ، دوسِتُ ديکَڻَ آئِيُون،
اُپِينديُون اَرداسَ ۾، ٻي نہ ڪَنديُون ڪاءِ،
رَچَنديُون رِءَ پاھَ، پِرچَنديُون پرِينءَ سين.
(آسا، ٢ ـ ٧)

(١٨٣)

اَکِيُون ڪَڍُ مَ، ڳِجهڙِي! تارا تُون مَ ڪاءِ،
پِيو نہ پَسِين پَٽَ ۾، ريڱڙِيارو راءِ،
جيري جنهن جُوانَ جي، لَڳا نَو سَؤ نَو گهاءَ،
راتِ جنهن جي ماءَ، روئي، پَرَنِيو سرَبَّ کي.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ٧)

(١٨٤)

اَکيُون لَٽَ اوراتِيُون، ڪنهن پَر ڪَڙِيان پيرُ؟
لَٽَ لاهِيندو ڪيرُ؟ مُون جيهيءَ مَعذُورِ کي.
(سسئي آبري، ١١ ـ ٨)

(١٨٥)

اَکيُون مُنهن ميهارَ ڏي، رَکِيُون جن جوڙِي،
رِءَ سَنڌَ، سَيڌُ چئي، تارِ گهڙَن توڙِي،
تِنين کي ٻوڙِي، سائرُ سَگهي ڪِينَ ڪِي.
(سهڻي، ٥ ـ ٥)

(١٨٦)

اَڳِي اُٺَ رَڙَن، مُون پيري ماٺِ ٿِئي،
پَلاٽِينِدي، پاڻَ ۾، ڪُڇيو ڪِينَ ڪُٺَنِ،
ڪا جا مامَ مُٺَنِ، هِنِ پٺ هُئِي هُنِ سين.
(ديسي، ١ ـ ١٠)

(١٨٧)

اڳِيان اَڏِنِ وَٽِ، پوئِنَ سرَ سنباهيا،
ڪاتِ تہ پوين قبولَ ۾، مَڃُڻ پائين گهٽِ،

Gul Hayat Institute

مٿا مُھايَنِ جا، پيا نہ ڏِسين پَٽِ؟
ڪَلالڪِي ھَٽِ، ڪُسَنَّ جو ڪوپُ وَھي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۷)

(۱۸۸)
اَڳِي اِيئَن ھُياسِ، جِيئَن پُنھونءَ ڏوتَر ڪَپڙا،
ھاڻي اِيئَن ٿِياسِ، جِيئَن جَتَ نہ نِيَنمِ پانَّ سين.
(حسيني، ۱۲ ـ ۳۷)

(۱۸۹)
اَڳِي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارِڳَ ۾!
مَٿي پوءِ پِريان، خُونُ مُنھنجو، جيڏيُون!
(حسيني، ۹ ـ ۲۰)

(۱۹۰)
آڳَمَ اِيَ نہ اَنگَ، جھڙو پَسَنُ پرينءَ جو،
سيٽَنِ رِءَ سَيّدُ چئِي، رُوحَ نہ رَچَنِ رَنگَ،
سَھَسين ٿِيا سارَنگَ، جانِي آيو جُوءِ ۾.
(سارنگ، ۱ ـ ۳)

(۱۹۱)
آڳَمجِي آئيون، اُتَران ڪَري اُورِ،
جي پِرين ھُئَڙا ڏُورِ، سي مُون کي مينھَن ميڙِيا.
(سارنگ، ۴ ـ ۱۹)

(۱۹۲)
آڳَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَہ پَسُ! لَطِيفُ چئِي،
پَلَرَ جي پالوٽَ سين، پَٽَنِ جَھليا پاھَ،
واحِدَ وَڏائِي ڪَيا، مَٿي گَسَن گاھَ،
سانگِيُنِ وَرِيا ساھَ، اُٿِنِ آبُ آڱُوندرو.
(سارنگ، ۱ ـ ۲)

(۱۹۳)
آڳَمَ ڪَيو اَڇِنِ، سَجَنَّ سانوَنَّ مينھَن جَٿَن،
پاسي تَنِ وَسَنِ، جي سَبُ جَماندَرُ سِڪِيا.
(سارنگ، ۳ ـ ۹)

(۱۹۴)
آڳَميو آھي، لَڳَہ پَسُ! لَطِيفُ چئِي،
وُٺو مينھَن وَڏُ ڦُڙو، ڪَڍو ڏَنَّ ڪاھي،
چَنَ چِڏي پَٽِ پَئُو، سَمَرُ سَنباھي،
وِھو مَ لاھي، آسِرو اَللهَ مان.
(سارنگ، ۱ ـ ۱)

(۱۹۵)
آڳِي ڪيا آڳَھِين، نسورو ئي نُورُ:
لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ، سچن ڪونھي سُورُ:
موليٰ ڪيو مَعمُورُ، اَنگُ اَزَل ۾ اُنِ جو.
(ڪلياڻ، ۱ ـ ۶)

(۱۹۶)
آڳھائي سَڳھا ٿِيا، جي وينا وٺِ ويڄنّ،
تَرسي طبيبنّ، چيٽي ھوند چڱا ڪيا.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۵)

(۱۹۷)
اَڳھَن مِڙِي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ کي،
ڏُورِ، ڏُڪندا! پِڄُ، مِھريءَ مُنھن ڏيکاريو.
(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۱۹)

(۱۹۸)
آڳھي آڳھائي، رنجُ پريان کي رسيو،
ڇڪيمر چڱائي، سورانگھي سُوريءَ تان.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۱)

(۱۹۹)
آڳھيو ڪاٿو ڪَڇُ، ماٽِڪَنِ موٽَ ٿي!
پِاَءِ بايو سَچُ، آڇِيندي لَڄَ مَران!
(سريراڳ، ۴ ـ ۱۱)

Gul Hayat Institute

(٢١١)

آلا! جُنگَ جِيَنِ، جنين اَجهي گهاريان،
شالَ مَ سُکي ويئَري، جِئان پِيَّ پِيَنِ،
مرڪَڻَ! اَکَڙِيَنِ، تو ڏِٺي مُون سُکُ ٿِئي.

(بلاول، ٣ _ ١١)

(٢١٢)

آلا! ڏاهي مَ ٿِيان! ڏاهيُون ڏُکَ ڏِسَنِ،
مُون سين مُون پِرِينِ، پورائيءَ ۾ پالَ ڪَيا.

(ليلا چنيسر، ٢ _ ٦)

(٢١٣)

آلا! ڪَرَ جِئَنِ، مَدي جِنين جي مَنَ ۾،
آسان ۽ پِريُنِ جُون، اُميدُون پَسَنِ،
تِهان پوءِ مَرَنِ، سَڙي اِنهيءَ سُورَ ۾.

(آسا، ٣ _ ٢٠)

(٢١٤)

اَللهَ جِئَنِ نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسِرو،
خالِقَ! تُنهنجِيءَ ڪاندِ جو، پَرو پاندُ نہ ڪوءِ،
نالو، رَبَّ! سَندوءِ، رَهيو آهِم رُوحَ ۾.

(ڏهر، ٢ _ ١٨)

(٢١٥)

اَللهَ جي آسَ ڪَري، هَلِيو هِٿائِين،
چارَڻَ ٻَڌا چنگَ کي، جُهوڙا ۽ جهائِين،
ڏولِي راءِ ڏِياچَ جِي، ڏوران ڏِٺائِين:
وينَتِي واحِدَ دَرِ، تنهن ويرَ ڪيائين:
"سَباجها سائِين! راءِ ريجهائِين راڳَ سين".

(سورٺ، ١ _ ١)

(٢١٦)

اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺيا! ڪَرَها مَ ڪاهِيو،
جانِبَ! جَڏي جِيءَ جو، آڳانڊو آهيو،
لاڳاپو لاهِيو، مَتان مُنهنجو، سُپرين!

(ديسي، ٣ _ ١)

(٢١٧)

اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا! ليڙا نِيو مَ لَڙَ،
نِيو نِماڻِي پاڻَ سين، پانهِيءَ جهلي پُرَ،
مُون کي ماري مَنجِهہ ٿِي، سَندي هوتَنِ هُرَ،
ڪَچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وَران.

(ديسي، ٣ _ ٢)

(٢١٨)

اَلتيمِ جا هِنئان، سا نہ سَلتِيمِ ساهَ کي،
سُپيريان جي ڳالهڙي، لِڪايم لوڪان،
ويئي مُون وَسان، پَڌرِ پيئي پِرينءَ ري.

(آسا، ٤ _ ٢٦)

(٢١٩)

اَلَسْتُ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن اَمُرُ ڪيو اَحَدَ،
هو مَنَ ڪادو ميهارَ ڏي، سُهڻِيءَ سِڪَڻَ سَدّ،
دِلو دَوَرَ دَرياهَ جي، ڪيو اِرادي اَدّ،
جيڪي آيُس ڏانهن عَهدَ، سو پاري مُنڌّ پاتار ۾.

(سهڻي، ٦ _ ٦)

(٢٢٠)

'اَلَسْتُ' اَرواحَنِ کي، جَڏهِن جاڳايو جَلِيلَ،
سَنئِين راهَ، سَيَدُ چئي، سوناڻُون سَبيلَ،
وَحدَتَ جي وادِيءَ ۾، ڪوڙين ڪي قَلِيلَ،
دَرياهَ جي دَلِيلَ، لَکين لهوارا ڪَيا.

(سهڻي، ٦ _ ١٠)

Gul Hayat Institute

(٢٣٢)

اَمُلَ آڇ مَ اُنِ کي، جي نہ پَروُڙين مَٽِ،
جِتِ گَڏِجيئِي جوھَري، ماڻِڪُ تِتَهين مَٽِ،
جَنِين سونَ سين سَٽِ، تن ھٽِي رِيَّ رَدِ ڪيو.

(سريراڳ، ٤ ـ ٧)

(٢٣٣)

اَمُلَ، آساري پَئي، پوري! پَڳُءِ جِتِ،
ڪُھُ نہ رُنءِ تِتِ، ٻئي اَڌَ ھَتِ ڪري؟

(سريراڳ، ٤ ـ ١٥)

(٢٣٤)

اَمُلَ، آساري پَئي، پوري! پَڳُءِ جيئَن،
وانءِ صَرافَنِ سِيئَن، ٻئي اَڌَ ھَتِ ڪري.

(سريراڳ، ٤ ـ ١٦)

(٢٣٥)

اِنَ پَرِ نہ ايمانُ، جِئَن ڪَلِمي گو ڪوناۓيين،
دَغا تُنهنجِي دِلِ ۾، شِرڪُ ۽ شيطانُ،
مُنهَن ۾ مُسلمانُ، اَندَرِ آذَرُ آھِين.

(آسا، ٤ ـ ١٤)

(٢٣٦)

آن جي ڏِناھون، اَللهَ ڪارَڻَ ڳالھ ڪَريو،
نيڻَ مُنهنجا رونِ، راتو ڏينهان اُن ڪي.

(حسيني، ١٠ ـ ٢٥)

(٢٣٧)

آن جي ڏِٺي، جيڏِيُون! پُنهونءَ جي پاپوھَ،
سَنجهي ۽ صُبُوحَ، سُورَنِ ٿي سَجَڪِيُون.

(حسيني، ١٢ ـ ٥)

(٢٣٨)

اَندَرِ اَندَريُون، جِئَن سي وانجهيءَ لَٽِ ۾،
مُون تَنَ تيترِيُون، تہ "ڪِئَن مِلبو سَجَڻين؟"

(رپ، ٢ ـ ٨)

(٢٣٩)

اَندَرِ جُهڙُ جهور وَھي، ٻَھَرِ بَرسي بُوندَ اَپارَ،
وَتِ جِنين جي يارَ، سي اوڪاٽِين نہ اَڪيُون.

(سارنگ، ٤ ـ ١٨)

(٢٤٠)

اَندَرِ جُهڙُ جهوُرِ وھي، ٻَھَرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ،
وَسائِيندِي وِڄُڙِي، حُبَّ جنين کي ھوءِ،
لالَنُ جنين لوءِ، تن اوڪاٽِين نہ اَڪيُون.

(سارنگ، ٤ ـ ١٧)

(٢٤١)

اَندرِ رِلا رِليُون، ٻَھَرِ پَتولا،
اِنَ پَرِ ڪاپَڙِي، گَڏَهَ جا گولا.

(رامڪلي، ٩ ـ ٤٣)

(٢٤٢)

اَندَرِ رَھي نہ گھٽَ، سُپيريان جي ڳالھڙِي،
ڇاڳَرَ سَھي نہ سَٽَ، جُهُ مَھراڻَ موجَ ڪي.

(آسا، ٤ ـ ٢٩)

(٢٤٣)

آنديُون ڪانگَ قَريبَ جوُن، اَڄُ واڌايُون واهَ،
مَنَ مُرادوُن پُنيُون، ٿِيُون سَرھائِيُون ساهَ،
آندا پِرين اَللهَ، سَڌُ مُنهنجا سابِ پيا.

(پورب، ١ ـ ٢٠)

(٢٤٤)

اَنَدا اُونَدا وِيڄَ! ڪَلَ ڪُجاڙيا ڪانئِيينَ؟
اسان ڏُکي ڏيلَ ۾، تون پيارئين پيڄَ!
سُورِي جنين سيڄَ، مرڻُ تن مُشاھدو.

(ڪلياڻ، ٢ ـ ٢)

Gul Hayat Institute

(۲٦٨)

اورِيائين آڻين، ميڙيو مُعلِمَ خبرون،
سا تان سُڌِ نہ ڏينِ، جتي وَهُ ويڏ ڪري.
(سريراڳ، ۳ - ۵)

(۲٦٩)

اوري هُئا تہ آئيا، جيڪُسِ ويا پَري،
ساٿي سَڌ ڪَري، ماڳَ نِهاري موٽيا.
(گهاتو، ۱ - ۱۳)

(۲۷۰)

اوڙاه ويا نہ وَرِيا، آئون تَنهن ماري وينُ!
ڪري سامُونڊي سينَ، جُسي جارُ پِرائيو!
(سامونڊي، ۱ - ۱۳)

(۲۷۱)

اوقابِي! اَڪين سين، تِيرَ چلايو تو،
پيو مَرُ ماري سو، جنهنجو پهريون پورو نہ ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٦ - ٦)

(۲۷۲)

اوقابِي! اَڪين ۾، توکي باري بانَ،
اُيو اَڱرايُون ڪرين، ماڳِ هٽيو مَستانَ،
جانبَ! تون زِيانَ، اَکين سين ايذا ڪرين!
(يمن ڪلياڻ، ٦ - ۳)

(۲۷۳)

اوقابِي! اَڪين ۾، توکي تکا تِيرَ،
ساجن! انهيءَ سِيگَ سين، ڦَٽيءَ گهڻا فقيرَ،
پيو مَ مارج مِيرَ! تنهنجو پهريون ئي پورو ٿيو.
(يمن ڪلياڻ، ٦ - ۴)

(۲۷۴)

اوقابِي! اَڪين ۾، تِيرَ تکا توکي،
ساجن! اِنهيءَ سُور جي، ڪَلَ نہ آهِ ڪنهن کي،
مارين ٿو مون کي! چاڙهي لوهَ لطيف چئي.
(يمن ڪلياڻ، ٦ - ۵)

(۲۷۵)

اوڳارِين نہ آنرا، ٻَڌا چَرَنِ نہ پُورُ،
ليڙَنِ کي، لَطِيفُ چئي، هَلَڻَ جو مَذڪُورُ،
مَيَنِ کي مامُورُ، آهي اُٿَڻِ اَڳئين پَنڌ جي.
(ديسي، ۲ - ۱۱)

(۲۷٦)

اَوَڳُڻِ رُسي سَيڪو، ڳُٽين پرين رُٺامِ،
ٻَهُون پاروٿَنِ ۾، ڪوڙين ڪُوڙَ ڪَيامِ،
تيلانهِين سَرِيامِ، سُڪنِٿُون سُورَ گهڻا.
(آسا، ۴ - ۲۵)

(۲۷۷)

اَوَڳُڻِ رُسي سَيڪو، ڳُٽين پِرين رُٺامِ،
ليکيَم جي لِسانَ سين، سي ڪَرَ ڪِينَ ڪَيامِ،
پاڻُ وِڃائي پانهنجا، تورا ٿُڪَ هَنيامِ،
بَندَگي شرمندگي، اها ميڙ مُڪِيامِ،
پِرين تَبِ پَرِچيامِ، آئُون، جَبِ اُٿِ گَئي.
(آسا، ۴ - ۲۴)

(۲۷٨)

اَوَڳُڻَ ڪَري آپارَ، تو دَرِ آيَسِ، داسَڙا!
جِئَن تو رُسَنَ سَندِيُون رُوحَ ۾، تِئَن مُون پِيٽي ناهِ، پَنارَ!
سائِينءَ لَڳِ، سَتارَ! ميٽِ مَدايُون مُنهنجِيُون.
(ليلا چنيسر، ۳ - ٦)

Gul Hayat Institute

(۲۷۹)

اَوَلِ آخرِ آهِ، هَلَڻُ منهنجو هوتَ ڏي،
پورِهيو سَندو پورِهيَتين، والي! ڪِيَم وڃاءِ،
سو مُون ٽُورو لاءِ، جِئَن جِٿري مِلان جَتَ ڪي.

(سسئي آبري، ۱ـ۱)

(۲۸۰)

اولاڪَنِ اَچِي، مَعذوُرِ تي مارو ڪيو،
مَتان، وَرَ! وسارِئين، مَنجهان ڪُرَ ڪَچِي!
لاهي لاڳاپا لَنگهه تون، سيڻَنِ ڏانهن، سَچِي!
مَنجهان راهَ رَچِي، تِيندينءَ لعَلَ لَطِيفُ چئي.

(سسئي آبري، ابيات متفرقه ـ ۱۰)

(۱۸۱)

اولا ڪٽي اُوءِ، پَڳهَ چوڙي پَنڌِ ٿيا،
آيَل! سامُوندين جي، آهي اَڙانگي جُوءِ،
ڪَڏهن ڏِسينديس رُوءِ، وري هِنِ اَکِينِ سين؟

(سامونڊي، ۲ـ۷)

(۲۸۲)

اَول اَللہ عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڏڻِي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرتَ سين، قائم آهِ قَدِيمُ،
والِي، واحِدُ، وَحدَهُ، رازِقُ، رَبُّ رَحِيمُ،
سو ساراهہ سچو ڏڻِي، چَئِي حَمدُ حَڪِيمُ؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهان جي.

(ڪلياڻ، ۱ـ۱)

(۲۸۳)

اولاٽيانِ اَرٽَ، ڪيڏانهن ڪَتَڻَ واريُون؟
پِهيُون مَٽي پَٽَ، لُڙجَنِ لاڪيڙَنِ جُون.

(ڪاپائتي، ۱ـ۲۵)

(۲۸۴)

اُونچو اُتاهون گهَٽو، جِتَّ ڪي جَبَلُ،
مَرَڻَ! مُون سين هَلُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَريان.

(معذوري، ۴ـ۹)

(۲۸۵)

اونداهيءَ اَڌَ راتِ ۾، پِرينءَ پَسايو پاڻُ،
چَندُ ڪَتِيُنِ ساڻُ، پيهي ويو پَڙلاءَ ۾.

(ڪنيات، ۱ـ۲۰)

(۲۸۶)

اُونهي ۾ اوڙاهُ جو، هَنجُ تِتَهِين هوءِ،
اِيُ ڪانِيَرو ڪوءِ، جو چاچَرِ ۾ چيرُون ڪَري؟

(ڪارايل، ۱ـ۵)

(۲۸۷)

اُونهي ۾ اوهري، جڏهن جي ويا،
سانداري سَمُونڊ جي، نِهوڙِي نِيا!
وِڃي تِتِ پيا، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

(سامونڊي، ۱ـ۱۱)

(۲۸۸)

اُونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي،
موتِي ماڳ نہ آئِيا، ماءِ! سامُونڊِي سي،
ڪارو تِنِيَنِ ڪي، جيڪُسِ وَهُ ورِي ويو!

(سامونڊي، ۱ـ۱۲)

(۲۸۹)

اُونهي ۾ اوهَري، ڪَهي ڪَچي ساڻُ،
سُپَڪَ جو، سَيَّدُ چئي، پُڇِي نہ پَريانُ،
عشقَ واريُون، عَبدُاللّطِيفُ چئي، سَڌَ نہ ڪَٽَنِ ساڻُ
جِنين پاسي پاڻُ، سي اَوتَڙَ اُڪَتِيُون.

(سهڻي، ۸ـ۸)

Gul Hayat Institute

(۳۰۲)
آءُ اوراهُون سُپرِين! وَڃُ مَ اَڳاهُون،
ٿڪي ڪَٽي ٿَرَنِ ۾، پاڪاريو پانهُون،
دَردَ جُون دانهُون، مُون مارِينديُون، موٽُ تُون.
(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۱)

(۳۰۳)
آءُ اوراهُون، سُپرِين! وَڃُ مَ پيِّ! پَري،
مُون ڏِٺي، مُون وِسهو، وِرچي تان نہ وَري،
ڏاران مُنهَن مَري، ڏُکيءَ جي ڏيکارِئين!
(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۲)

(۳۰۴)
آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ ڏِرتِيءَ جا ڏِٺي!
سڪَنِ تِيُون سُهاڳِڻيُون، سوڍا! تُنهنجي سَٿَ،
مُون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏِٺي ڪاڪِ جا!
(مومل راڻو، ۴ ـ ۱۲)

(۳۰۵)
آءُ ڪانگا! وَڻُ ويهُہ، سُڏِيُون ڏي ساٿيہَ جُون،
چڱا پَلا سُپرِين، ڪِ سُکَ وَسي ساٿيہُ،
پِريِنِ لَءِ پَـرڏيہُ، مُون تان گهڻو نِهارِيو.
(پورب، ۱ ـ ۹)

(۳۰۶)
"آءُ مَٿاهُون مَگڻا! چڙهي ۾ چوڏولَ،
توکي گهوٽَ گهُرائِيو، راڄا مَنجهہ رَتولَ،
بيجل توسين ٻولَ، وِهاڻيءَ وَڏِنَ جي".
(سورٺ، ۳ ـ ۲)

(۳۰۷)
آءُ، لانگوتيا لالَ! ڪَنهن پَر ڏِٺيءِ گُجَريون؟
آبُ اَرتو اَکِيين، لُڙڪَ وَهائين لالَ،
ذاتَ جي جمالَ، سامِي! ڪُهُ نہ سلائيين؟
(مومل راڻو، ۲ ـ ۱)

(۳۰۸)
آئُون اُڪنديائي مران! پرين پيلا، پَـرَ ڏُور،
پاپَلَ ڏئي نہ پُور، پنڌ نہ جوڳي پيڙهي.
(ڪنڀات، ۲ ـ ۸)

(۳۰۹)
'آئُون' اوراهِين جهلِ تون، ڇڏيَمِ پانَ پچارَ،
شِرڪَ سانُ سَتّارَ! گهڻا گهارِيمِ ڏينهڙا.
(آسا، ۱ ـ ۵)

(۳۱۰)
آئُون بَندياڻي بَندَ ۾، ڪِ ڪي پيَس بَند؟
مُنهين لڳو مهڻو، ڪِ مُنهين ڪَڙو ڪَندَ؟
مَران جي هِنَ هَندِ، تہ نِجاڻ مَٿُ مَليرَ ڏي.
(مارئي، ۲ ـ ۱۱)

(۳۱۱)
آئُون تان اَهڙِياءِ، جا پانهِيءَ کي پائي چوان،
مُون ڪَميڻيءَ لاءِ، پُنهون تي پِرتُ ٿيو.
(ديسي، ۴ ـ ۱۶)

(۳۱۲)
آئُون جن آساري، مَٿي تَڙَ گُذاريان،
مونکي وِساري، شال مَ وِجن اوهري!
(ساموندي، ۱ ـ ۳۵)

(۳۱۳)
آئُون جي ڏينءِ سَنيها، سي تون چندا! پليءِ پَنڌُ،
چئج حالُ حبيبَ کي، نيئي نوڙائي ڪَنڌُ،
تو تيڏانهين پنڌُ، جيڏانهن عالَم آسرو.
(ڪنڀات، ۲ ـ ۶)

(۳۱۴)
آئُون جي هُيَسِ هَڏُ، اَديُون! آريچَنِ جو،
ساٿَ لَڏِيندي سَڏُ، هُونَدَ کوهيارا ڪَرِينِ مُون.
(حسيني، ۴ ـ ۳)

Gul Hayat Institute

(۳۲۷)

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، پويون ٽِيو پَساهُ،
سِکان ٽِي سَڪراتَ ۾، رهيو پُڇان راهُ،
شالَ مَ وَڃِيمِ ساهُ، ڏاران پَسَڻُ پِرينءَ جي.
(معذوري، ۷ ـ ۴)

(۳۲۸)

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، جوڀَنُ ويو جاڙِ،
آڏا آرِيچَنِ کي، چاڙهيڪا ۽ چاڙِ،
مُون مُنيءَ کان نہ ٿِئي، وَڏِپَنَ مَنجِهه ولاڙِ،
عُمرِ سَڀِ اوازِ، وِيِيَمِ! تي واکا ڪَريان!
(معذوري، ۷ ـ ۶)

(۳۲۹)

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، سَھَسين سِڄَ ويا،
هَلَڻَ وِيرَ هِئانَ، ڏيکي شالَ دَمُ ڏِيان!
(معذوري، ۷ ـ ۲)

(۳۳۰)

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، عُمرِ تان ويئي،
وِلهيءَ ڏِينهَن وِڃائِيا، سَرتِيُون! سَڀيئي،
پِيريءَ ۾ پيئي، اَکيُون آريءَ ڏي ڪَٽي!
(معذوري، ۷ ـ ۵)

(۳۳۱)

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، ڪاري ٿي قِيامَ،
هَٿِنِ هاجَ قِٿِي ڪَئِي، نيٺَنِ ننڊ حَرامَ،
ڪُنيسِ تَنهن ڪِمامَ، هوتَ هَلندي جو ڪِيو.
(معذوري، ۷ ـ ۱۰)

(۳۳۲)

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، مَٿان آيو مَوتُ،
واجهائِيندي وَرهَ ٿِيا، هَڏ نہ گَڏِيمِ هوتُ،
جيڪُسِ ٿِيندِيَسِ فَوتُ، فَنا هِنَ فِراقَ ۾!
(معذوري، ۷ ـ ۹)

(۳۳۳)

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، هِيُ پَڻ ڏِينهُن ويو،
نِهوڙِي ناپُن سين، مُون کي نِينهَن نِيو،
مُنيءَ موٽُ ٿِيو، "پِيُ، پِيُ" ڪَندي پَنڌَ ۾!
(معذوري، ۷ ـ ۷)

(۳۳۴)

آئي اُتَرَ مُندَ، هِنئين اُڪو نہ لَهي،
وَٿِينِ لاڄُو بندَ، ٻيهَر مَڪِينِ ٻيڙِيُون.
(سامونڊي، ۲ ـ ۱۱)

(۳۳۵)

اَئِين جا لُڏو لوڏَ، اِيَ پَرِ گهاتُوئَڙَن جي،
ڪُنَّ ڪلاچيءَ ڪوڏَ، سُکَ نہ سُتا ڪَڏهِين.
(گهاتو، ۱ ـ ۱۴)

(۳۳۶)

اِئِين رَهِيَسِ راهَ ۾، اُهينئِين هَٿَ هَٽي،
وِيا خيالَ ڪَٽي، ماءِ! مُنهنجو چِندُڙو.
(ڪوهياري، ۲ ـ ۲۰)

(۳۳۷)

آئِيُون اَڳِينءَ هيرَ: اَصُلَ سَندي آسِري،
پِڙ ۾ پَسان نہ پيرَ، سيٽَنِ ساڄهُرُ لَڏِيو.
(ڏهر، ۴ ـ ۱۴)

(۳۳۸)

آيا، اُجارِين: تَنَڪَ، تَراريُون تِٽُرا،
سانگِيُون سائُنِ هَٿَ ۾، ڪُلهَنئُون نہ لاهِينِ،
اُيائي آهِينِ، مُهائِي مَرَڻَ تي.
(ڪيڏارو، ۳ ـ ۳)

Gul Hayat Institute

(۳۳۹)

آيا، آسَ ٿيامِ، پاروچا پَنهورَ ۾،
پَسي پَهَرَ پُنهونءَ جي، نَنهَن سِيئَن نينَ ٽَرِيامِ،
گُونڊَرَ وِسرِيامِ، سُکَنِ شاخُون مُڪِيُون.

(حسيني، ٢ ـ ١)

(۳۴۰)

آيا اُلُوهيَتَ ۾، لاهُوتَ لَنگهيو جِنِ،
مَنجهان تَنِ جُسَنِ، حَرَفُ نہ سُجي هيڪڙو.

(راملڪي، ۵ ـ ۷)

(۳۴۱)

ايڪ پيالو! ڀَ چِٽا! عشق نہ اِيئَن ڪري!
آٽي سي ايڪ ٿيا، جي گَتا نينهن ڳِري،
دوئي ڏار ڌَري، جُ خُلَّت خنجر آئيو.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ٢)

(۳۴۲)

ايڪ پيالو! ڀَ چِٽا! عشق نہ ڪري آڏا!
اِيَ تان، ساعر! سَڏ، ڪَيءِ جا قوال سين.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ٣)

(۳۴۳)

ايڪ پيالو! ڀَ چِٽا! عشق نہ ڪري اِيئَن!
ليکيا جي لِکَڻِ ۾، سي قرب رسندا ڪِيئَن؟
هُئَڻَ ڪيا هِيئَن، وانجيا، پَسُ! وِصال ڪان.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ١)

(۳۴۴)

ايڪ قَصَرُ، دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪَنِّسِ ڳُڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پَرَکَ، تيڏانهن صاحبُ سامُهون.

(ڪلياڻ، ١ ـ ٢٠)

(۳۴۵)

اِيُ ڪَمُ ڪَميٽِيُنِ، جِئَن سُمَهَنِ پيرَ ڊِگها ڪَري،
لوچين چو نہ، لَطِيفُ چئي، هارِي! لَڳ هو تَنِ؟
نِنڊان نِياڳِينِ ڪي، اوپالا اَچَنِ،
سي پُنهون ڪوهُ پُڄَنِ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهي.

(ڪوهياري، ١ ـ ١٠)

(۳۴۶)

اِيَ گَتِ غوّاصَن، جِئَن سَمنڊُ سوجهيائُون،
پيهي منجهہ پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙِيائُون،
آٽي ڏنائُون، هيرو لال هَٿَنِ سين.

(سريراڳ، ٢ ـ ٩)

(۳۴۷)

آيَل! اُن نہ وسَهان، هَنجُون جي هارِنِ،
آٽيو آبُ اَکِنَ ۾، ڏيہ ڪي ڏيکارِنِ،
سَڄَڻُ جي سارِنِ، سي نَڪِي روئَن نہ چون ڪِي.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ٢٠)

(۳۴۸)

آيَل! اوطاقُون، ڪَري ڪيچي هَلِيا،
سُڪِيُون نہ سِيڻَنِ جي، ماڳَنِ تان ماڪُون،
نِسورِيُون ناڪُون، سَڃي هَلِيا سُورَ جُون.

(ديسي، ٧ ـ ١١)

(۳۴۹)

آيَل! ڍولِئي ساڻُ، اَچي تہ جهيڙِيان،
لايءِ ڏِينهن گهڻا، مون سين ڪَيءِ ٽورڙا.

(سامونڊي، ١ ـ ٣٠)

(۳۵۰)

اِيُ نہ يانَنِ پيرُ، جِئَن ڪِينَرُ ڪيرِيءَ ٽَنگيو،
سُونهاري صُبُوحَ سين، وجهي وِيٺين وِيرُ،
توکي چَوندو ڪيرُ، ڪِيرَتَ ڏاران مَگَتو؟

(پرڀاتي، ١ ـ ١)

Gul Hayat Institute

"وَلَسَوۡفَ يُعۡطِيۡكَ رَبُّكَ فَتَرۡضيٰ"، توسين قادِرَ ڪيا قرار،
قادِرُ پاڻ قَسَمَ ڪيا، خاڪِ قَدَمَنِ جا ڪلتارَ،
اُڪنڊِيا جي اَپَرَ ڪي، سي سَرَها ٿيا سنگھارَ،
موڪَلَ ٿي مِينھَنِ ڪي، دوسَ ھَٿان دِلدارَ،
آھِن ڪَرَ مَ ڪَرِيمَ جا، اَحمَدَ ساڻ اَپارَ.
(سارنگ، ٣ - وائي)

### وائي - ١٢

اَڳڻ آيامِ پيھي، يا اَلا! مون سارينديءَ سُپرِينَ،
مُشڪ عطر مون پرين، سِڪيسِ چَمُرُ سيپئي،
تَنُ جنين جو طالِبُو، روحَ تنين سي ريھي،
ساجَنَ سندي سونھن جي، آئون ڳالھ ڪريان ڪيھي،
ٿيو لطفُ، لطيف چئي، دوسُ آيو دَرِ پيھي.
(ڪنيات، ١ - وائي ٢)

### وائي - ١٣

اَللهَ سائين! سائِين! پُڻان پرينَئُون مَ پانھين،
مُون تان آسرو آھي اوڏانھين.
جِتي ديرو دوستَ جو، سا ڪِئَن جُوءِ اَڳاھِين؟
پَنپِيُون پِري آئِيُون، آيَل! مُون اُتانھين،
قَلَمُ جن جي ھَٿَ ۾، سي سِيڻَ سَجاجھا سائِين،
بَنديءَ جي بابَ ۾، شالَ مَ لِکَنِ لائِين.
(آسا، ٣ - وائي ٣)

### وائي - ١٤

اَلوِداعُ، وو! اَلوِداعُ، جاني ڪَيوءِ جُدا،
ھَيءِ! ھَيءِ! سورَٺِ ٿي ساري.
ھَڻُ تُون تَندُ طَرِيقَ جي، وو! واجَٽَ سَڀِ واري،
سورَٺِ سَرَتيِنَ وچَ ۾، وو! اُيِي اوساري،
"ڏيندوسانءِ"، ڏِياچ چئي: "ھِيُ سِرُ سينگاري"،
ھِيُ جو آيو مَڱٽو، سو مَتارا ماري،
دوسَ دوسَنئان دُورِ ڪَيو، تو ڏِيا ڏِيڪاري،
ڪَنڌُ مُنھنجو ڪاٽِيو، نِينھَن سَندي نَعري.
(سورٺ، ٤ - وائي)

### وائي - ١٥

اَھُڪِيءَ آڳَهُ آھي، وو!
مون ڪي تان نہ ڇڏيندو تڪَ ۾.
پُڇي پوءِ پِيَنِ ڪي، لَڪَنِ ۾ لَڏَ لاھي،
آري اُڳھاڙَنِ ڪي، پُنھون چامُ پَراھي.
(سسئي آبري، ٥ - وائي)

### وائي - ١٦

آھِيان جن سَندي، ڙي! آڙي! مِيان!
مُون ڪي تان سي نہ ڇَڏِيندا ھوتا.
ڀَھائِينديسِ پُنھونءَ ڪي، آئُون ڳچيءَ پائي گندي،
وِيني آھِيان واٽَ تي، آھِيان آسَرَ وَندي،
پرينءَ پُڄاڻا ھِتھين، آئُون رَتي تان نہ رَھَندي،
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، آئُون پرينءَ مِلندي.
(ڪوھياري، ٢ - وائي)

### وائي - ١٧

آھِينمر ڳالھڙِيُون، ماءِ! مرادُون پِرينءَ سين.
جي مون پِيئُون پِرينءَ ري، ڪوءِ! سي راتَڙِيُون،
جي مون اوريُون پِرينءَ سين، وَرُسي راتَڙِيُون،
پَسَڻَ ڪارڻ پرينءَ جي، پاتيم جھاتَڙِيُون،
آڏيءَ، عبدُاللطِيفُ چئي، ڪُھَنِ ڪاتَڙِيُون.
(ڪنيات، ٢ - وائي ١)

### وائي - ١٨

آءِ، پِرين! گھرِ پيھي، مِيان ڇنيسَرَ.
ھارُ ھَٿان مُون ڇَڏِيو.
پُڇَنِ لِيلا، ھُو ڪَنِ حِيلا، ڀَھران اَچيو ٻيئي،
دوسُ نِياڻُون داسَڙو، ويساھي وَرُ ويھي،

Gul Hayat Institute

اَوَ گُڻَ، عَيبَ، مَنائِيُون، ڍولا! ڍَڪِ سَڀيئي،
تو دَرِ اَچي، داسَڙا! آرِ ڪَريندِيَسِ ڪيھي؟
آيَسِ، عَبدُاللَطِيفُ چَئي، دوسَ! تو دَرِ پيھي.
*(ليلا چنيسر. ا ـ وائي)*

## وائي- ١٩

آءُ، راتڙا! رَهُ راتِ، تُنهنجي چانگلَ ڪي چَندَنُ چارِيان.
راتيان ڏِينهان رُوحَ ۾، تَنَ تُونهين جي تاتِ،
ويني نِتُ نهارِيان، اَچين جي پِريَاتِ،
مُون ڪي آهي، مينڌِرا! وائي تُنهنجي واتِ،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، ڏاتَرُ ڏِيندُمِ ڏاتِ.
*(مومل راڻو. ٨ ـ وائي)*

## وائي- ٢٠

آئُون جهائي ذاتِ، پاڻُ سُڃاڻِج سُپرِين!
اوئِيُون آديسِيُن جُون، پَرِيان ساري رَاتِ،
جي بانهي ڪوٺِين پاڄھ سين، تہ ڪَرَ لَڏيِمِ ذاتِ،
تان ڪي ڏُونگرَ ڏُوريان، جان نہ وهامي راتِ،
ڪَنديَسِ عَرضُ اَللهَ ڪي، وهاڻيءَ پِرياتِ،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، مُنهنجي مُحبَنِ سان مِصلاتِ.
*(ڪاهوڙي. ٢ ـ وائي)*

## وائي- ٢١

اَڃين اَچي پَسو، جيڏِيُون! هي جو رُوهُ منهنجي جندڙي.
پائي وِيتڙا پيرَ ۾، مَنجهان ڪِرسَ ڪَسو،
ڏيئي وِيتڙا ڏاهِ ڪي، سُورَنِ جو سَرَسو،
آئُون ڏُوريندي اُنِ ڪي، ڏيئي تَنَ تَسو،
ساءُ نہ آيان سُورَ جو، هاٺي تِيُون هَسو،
مَتان وِهو، ويسرِيُون! رِڙهو تي رَسو،
مُندائتي مِينهَن جَئَن، ويرو تارَ وَسو.
*(سامونڊي. ٣ ـ وائي ١)*

## وائي- ٢٢

آئي مُندَ مَلارَ، آئُون کُهنبا ڪَندِيَسِ ڪَپڙا،
وَسَنَ جا ويسَ ڪَيا، اَڄُ مُنهنجي يارَ،
لارَ لائيندي وَڃُڙا، پِنڙِسِ پَنيا وارَ،
پَکي آءُ پِرين تُون، لَهُ مُنهنجي سَيّدَ سارَ.
*(سارنگ. ۴ ـ وائي)*

## وائي- ٢٣

آئين مونکي زورَ ۾ جهليو، جيڏِيُون!
وو! آئُون هَلندي هوتَ ڏي،
اُونهي ويتڙا اوهري، تَرازُون تاري،
مَري رَهنديَس ماڳهين، سامُونڊي ساري،
سُورُ تُنهنجو سُپرِين، مُون مَعذُورِ ڪي ماري،
هاڻِ نہ جِيان، جيڏِيُون! آئُون جا ڪُنِيسِ ڪوهِياري.
*(سامونڊي. ٢ ـ وائي ١)*

## وائي- ٢۴

آيل! اَمڙ! تي جِيان، لا! جي سارِينمِ سُپرِينِ،
ساهڙُ مَٿان صدقو، ڌُهين ڌَمَ ڏِيان،
مَٿان ماٽڪَ هيڪڙي، اَمُلَ اَنَ ڏِيان،
اَچين، عَبدُاللَطِيفُ چَئي، تہ جانبَ! نِتُ جِيان.
*(سهڻي. ٧ ـ وائي)*

## وائي- ٢٥

آيَلِ! ڪَريان ڪيئَن؟ منهنجو نينهُن اَپَليو نہ رهي،
ويو وَٽِجارو اوهرِي، مونکي چاڙهي چِيئَن،
سامُونڊين جي سَڱَ ڪي، رُئان راتو ڏِينهن،
اُڏوهِيءِ جَئَن ڏُڪَڙا، چڙهيا چوٽِيءَ سِيئَن،
گُونڌَرَ مَٿان جِندڙي، وَريا وَلِيُن جيئَن،
مادَرِ! پائي مُنڊيُون، وِجان هادِيءَ سِيئَن.
*(سامونڊي. ا ـ وائي ٣)*

Gul Hayat Institute

# ب

(۱)

بِاَللهُ آهِيان بَند ۾، ڏُکَان تي ڏٻَرُ،
وِيٺَ وراٺي ناهِ ڪا، سُومِرو سَٻَرُ،
مِيان! مِهرباڻُ ڪَرِيين، اِلاهي! عُمَرُ،
ويڙِ پَسان سو وَرُ، جيڏانهن عالَمَ آسرو!

*(مارئي، ٦ ـ ٩)*

(۲)

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، اَڄُ نہ آسَٽَ وَٽِ،
خودِي ڪانئِي هَلِيا، پيرُ نہ لائي پَٽِ،
”هَيءِ! هَيءِ!“ جنيِن هَٽِ، آئُون نہ جِئَندي اُنِ رِي.

*(راملڪي، ۱ ـ ۲۵)*

(۳)

بابُو بِيڪاري ٿِيا، آسَٽَ وَٽِ نہ اَڄُ،
نِسورو ئي نِينهَن جو، سامي ڪَنِ سَهَڄُ،
هِنئَڙا! تِنين سين هَڄُ، آئُون نہ جِئَندي اُنِ ري.

*(راملڪي، ۱ ـ ۲۷)*

(۴)

بابُو بِيڪاري ٿِيا، پَڃِي ڇَڏِيائُون پاڻُ،
نِسورئِي نِينهَن جو، نانگَنِ وَٽِ نِدانُ،
سِرِ ڪَنڌُ جِنين ساڻُ، آئُون نہ جِئَندِي اُنِ ري.

*(راملڪي، ۱ ـ ۲٦)*

(۵)

بَـرُ مِڙوئِي ٻُوءِ، ڇِپَرَ ڇاتُون مُڪِيُون،
ٻَهِ ٻَهِ تي ٻَنِپورَ ۾، هَنڌَ مِڙئِي هُوءِ،
راڻِيُنِ وَرِي رُوءِ، گُوندَرَ لَٿا گولِئين.

*(ديسي، ۷ ـ ۸)*

(٦)

بَرَ وَٽا، ٿَرَ وَٽا، وَٽو جيسَرُ ميرَ،
آگَمَ ڪَري آئِيون، پائُرِ پَري پيرَ،
لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، وانڍِيُنِ ويرَ،
سَرَها ڪَيائُون سيرَ، سَرَهيُون سَنگهارِيُون ٿِيُون.

*(سارنگ، ۱ ـ ۲۷)*

(۷)

بَرَ وَٽا، ٿَرَ وَٽا، وَٽي ڪَڇَ ڪِنارَ،
پوياڙِيءَ پَٽَنِ تي، ڏِسُ! نايائُون نارَ،
سَٻاجهي سَتارَ، لاٿا ڏُرِتَ ڏيہَ تان.

*(سارنگ، ۱ ـ ۲۸)*

(۸)

بَرَ وَٽا، ٿَرَ وَٽا، وَٽِيُون تَرايُون،
پِرهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَن ولوڙا وايُون،
مَکَڻَ پَرِينِ هَٿڙا، سَنگهارِيُون سايُون،
ساري ڏِهَنِ سامُهِيُون، ٻولايُون رانيُون،
ٻانِهيُون ۽ ٻايُون، پَڪي سُنهَنِ پانهنجي.

*(سارنگ، ۱ ـ ۲٦)*

(۹)

بَـرُ وَڏو، بارُ گَهٽو، ويجهو نہ وَٽِڪارَ،
ليڙَن جو، لَطِيفُ چئي، ڪَنيو مُنڌَ مَدارُ،
وَٽَندُن تہ وَرِ ڪَندا، ناتَ اَڳَيَنِ جي اِختيارُ،
ڪاڏِيَ ٿِيو ڪوهِيارُ! ڪاڏِيَ ٿي هَٿڙا ڪٽي!

*(ديسي، ۲ ـ ۵)*

(۱۰)

بُرو هو ٻَنِپورُ، جو آرِياڻِيءَ اُجارِيو،
لاٿو سَڀَ لوڪَ تان، هاڙهي ڏٽِيءَ هورُ،
چورِيُون چُـرَڻُ سِڪيُون، پُنهون ڪَيائُون پورُ،
آيو سو اَتورُ، جنهن ڏُکِيُون ڏِکَ وِهارِيُون.

*(حسيني، ۳ ـ ۱۱)*

# ٻ

(۱)

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٺي، ٻُجهان ٻاجَهہ ٿِئي،
سَپَڙَ سا سُئي، جيڪا چارَڻَ چِتَ ۾.

(پرڀاتي، ۱ ـ ۱۳)

(۲)

ٻانڊو ٻيلي نہ ٿِيو، وَرُو اَڄُ وِيو،
پِيتِرُ پَنڌِ پِيو، سُونهاري سَيَّدَ ڏِي.

(بلاول، ۴ ـ ۱۳)

(۳)

ٻاروچو ٻيءَ پِٽِ، جيڪُسِ ڏِٺو جيڏِين،
مُون جنَّن مُوڙهِيَنِ مَتِ، پَسَندي پُنهونءَ کي.

(حسيني، ۱۲ ـ ۳)

(۴)

ٻاروچو ٻيءَ رُوءِ، جيڪُسِ ڏِٺو جيڏِيين،
سَنجهي ۽ صُبُوحِ، هُوندَ نہ وِيـڙُنِ وِسِري.

(حسيني، ۱۲ ـ ۴)

(۵)

ٻاروچا ٻِيا گَهڻا، مُنهنجو اَجهو آرِياڻي،
چُونڊي رَکِيُمِ چِتَ ۾، ساڄَنُ سُڄاڻي،
جا وِندُرِ وِڪاڻي، تَنهنجو موٽڻُ کو مَسَ ٿِئي.

(حسيني، ۱۲ ـ ۲۷)

(۶)

ٻاروچا ٻِيا گَهڻا، مُنهنجو پُنهون سِرُ سَيِنِ،
چانگي تي چَڙهي ڪَري، ڪَندو وَرِ وِلَهنِ،
مَٿي مَعذُورِنِ، هوتُ ڏِرِيندو هَٿَڙا.

(حسيني، ۱۲ ـ ۲۶)

(۷)

ٻاريو اُجهائِينِ، پرين اُجهايو ٻارينِ!
مون کي ٿَا مارينِ، لُٽَا لهارن جا.

(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲۳)

(۸)

ٻانڊِي! جي ٻيلي ٿئين، تہ حالُ ڳُرهِيان هِيُّ،
سَگهو ساعَتَ نہ جِندُڙو، جَرَ ري مُنهنجو جِيُّ،
سائونڻُ سِيارو پائِنِيان، وَهِ پِريان جي وِيُّ،
پارِ جِنين جو پِيَّ، وِجڻ واجبُ تن تي.

(سهڻي، ۳ ـ ۱۸)

(۹)

ٻانهپَ جو ٻيڙِين ۾، وَکَرُ وڌائون،
موتي مَعرفتَ جا، سَچا سودائُون،
'اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنبِ'، ايءَ ڪَٿِ ڪَٿيائُون،
اُنِينِ جِيَ آئُون، بَرکتَ بارُ لنگهيان!

(سريراڳ، ۲ ـ ۷)

(۱۰)

ٻُڌُ نہ ٻِيائي لَهي، 'آئُون' اُتِ نہ آهِ،
کُڃَڻَ ڪَنِدي لاهِ، ڪَنُ تِيُ، ڪيچِيُنِ ڪُچِيو.

(سسئي آبري، ۱۱ ـ ۳)

(۱۱)

ٻَڌو ڪَنهن ٻَنڌاڻِ، هِنَڙو هوتاڻِيءَ سين،
ڪا جا پِيَسِ ڪاڻِ، نبيرِيانِس، نہ نِبري!

(حسيني، ۱۲ ـ ۲۰)

(۱۲)

ٻُڏندي ٻوُڙَن کي، ڪي هاتڪَ هَٿَ وجهَنِ،
پَسو لَڄَ، لطِيفُ چئي، ڪيڏِي ڪي ڪَکَنِ،
توٽي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساٿَنِ وِچن سِيرَ ۾.

(سهڻي، ۸ ـ ۱)

Gul Hayat Institute

(١٣)

بَريائِي تہ بارِ، قُوڪِ تہ لَڳي اَنبرين،
هِتي جي هُئَڻَ جوُن، وَٺون سَڀِ وِسارِ،
سَموُرِي سَرڪارِ، نيئِي رَکِج ناهِ ۾.
(سسئي آبري، ٧ — ١٧)

(١٤)

ٻُري نہ ٻَڪَرَ دانهَن، پُونَ پُٽِڪو نہ سُٽان،
مِيان! ماروئَڙَنِ جا، اُوٺا ڏسان آنهَن،
جِن ساٽيڪا سِنجِيا، سي، ڏٿي! ڪَيڙءِ ڪانهَن؟
پَڪا ڪَٽي پَرانهَن، جيڪُس لَڏِيو لوئَڙِيا رِيين.
(مارئي، ٨ — ١٤)

(١٥)

ٻَڙِي! تہ ٻيلي گهَٽا، ساٿِي پُڇي سُکُ،
رَفاقَتَ رُجِنِ ۾، ڏُونگَرَ ڪارِي ڏُکُ،
آرِيءَ جو اَهُکُ، مُون رَهَنُما راهَ ٿِيو.
(ڪوهياري، ٢ — ٢٢)

(١٦)

ٻَگهِن سين ٻاڻُ هَٽِي، اُڏاڻو آڪاسِ،
جِتي پِرِين سَندياسِ، سو سَرُ مَٽي هَنجَڙو.
(ڪارايل، ١ — ٢)

(١٧)

ٻَلَرِ لَڳو ٻاڻُ، پَسو! جوءِ جَرا ٿِئي،
سا مُنڌَ مَري نہ جِئي، پيئِي پَچاڙِي پاڻُ،
سَسُئِي سوُرَنِ ساڻُ، سَنپوڙِي، سَيَدُ چئي.
(سسئي آبري، ٧ — ١٩)

(١٨)

ٻَنِ! ٻيائِي، سُپِرِين! پاٽان مُون کي پَلِ،
'آئُون' اورِيان جَهلِ، توکي رَسي 'تو' ڏٿِي.
(آسا، ١ — ٣)

(١٩)

ٻوڙِئين، چاڙِهئين، تون ڏٿي! ٻئي جو دعويٰ رَسي نہ دَمُ،
هِنَ منهنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مُعلَمُ،
رَکُ ٻيلي جو پَرَمُ، جو اَچِي پيو اَجهورَ ۾.
(سهڻي، ٧ — ٢)

(٢٠)

ٻولي ٻُجهارَتَ، جوڳِيان سَنديءَ ذاتِ جي،
ڏورَڻُ گهٽو ڏاڪَڙو، هَلَڻَ ۾ حَيرَتَ،
عَجَبُ عِبادَتَ، پَہُ پَرُوڙَڻُ اُنِ جو.
(رامڪلي، ٩ — ٤٧)

(٢١)

ٻولِيُون ٻيلي جِيُون ڪَري، پاسي پِرِ پِيو،
چارَڻُ چاڙهي چَوڏولَ ۾، تِهان پوءِ نِيو،
رُچِي راتِ ڪَيو، سَرِفرازُ، سَيَّدُ چَئي.
(پرياتي، ١ — ١٢)

(٢٢)

ٻولِيُون ٻيلي جِيُون ڪَري، پاسي پِرِ پِيو،
سُٽائي سُتَنِ کي، وِهاٽيءَ وِيو،
جاٽي ڪِينَ ٻِيو، سُرُ سِڪِيوئي هيڪِڙو.
(پرياتي، ١ — ١١)

(٢٣)

ٻَهَرِ رِلا رِليُون، اَندَرِ پَٽولا،
اِنِ پَرِ ڪاپَڙِي، خدا جا گولا.
(رامڪلي، ٩ — ٤٤)

(٢٤)

ٻَئِي وِينا رُونِ، ڏُکِي ڏُونگَرَ پاڻَ ۾،
ڪنهنکي ڪِينَ چَونِ، مَنجِهنِ جو پِرِيتَڙو.
(ڪوهياري، ٢ — ١٥)

Gul Hayat Institute

(۲۵)

”ٻيا در ڏيئي ٻَنَ کي، آيُسِ تُنھنجي دَرِ،
سوُنھارا سورَٺِ وَرا! ڪا مُنھنجي ڪَرِ،
يَلا! پيري پَرَ، پالھو پانڌُ پينارَ جو.“

(سورٺ، ۱ ـ ۱۳)

(۲۶)

ٻيڙياتا! ٻيئي، تو نہ ڦِندِيُون ڳالھڙيون،
سَڄِيُون راتِيُون سُمھين، پَرُ سُڪانَ ڏيئي،
صُباحَ سيپيئي، پارِ پُڇندءِ خبروُن.

(سريراڳ، ۳ ـ ۱۶)

(۲۷)

ٻيڙي تنھنجي پاڇَھ، وَکَرُ تنھن وصالَ جو،
کُوھا، اولا، تو ڪيا، سڀ سُونھارا ساڄَ،
اُتِ ڪا مُعَلِمَنِ حاجَ، جِتِ پُورِنَ وارو پاٺِھينِ.

(سريراڳ، ۳ ـ ۶)

(۲۸)

ٻيڙي پُراڻي، وَکَرُ پاءِ مَ وتَرو،
تَري ۾ تَنَ پيا، پاسَنئُون پاڻِي،
ھيءَ ھَڏِ وِھاڻِي، ڪَڙھُ ڪالھوڻي ڏينھن کي.

(سريراڳ، ۳ ـ ۷)

(۲۹)

ٻيڙيءَ جي پُٺَنِ، نينُھن نہ ڪجي تن سين،
اُپيُون ڏنيٖ ڏِسنِ، جُ سِڙهُ ڏيئي سيرَ ٿيا.

(ساموندي، ۱ ـ ۲۳)

(۳۰)

”ٻيلي ٻئي پارَ، جان مُون نينہَ ھٽي نِھاريا،
چوري رَکِيمِ چِتَ ۾، ڏِسِيُنِ جا ڏاتارَ،
ھِيُ سِرُ توھان ڏارَ، ٻيجي ڪنھن نہ ٻوليو“.

(سورٺ، ۳ ـ ۷)

(۳۱)

ٻيلي پارِ ٻُري، مون کي چِڙَن چوريو،
مُحَبتي ميھارَ جي، سُتي شاخَ چُري،
مَٿي جھوڪَ جُھري، پونديَسِ پاريچَن جي.

(سھڻي، ۴ ـ ۷)

(۳۲)

ٻيلي ناهِ ٻَنيورَ ۾، تنھن سَسُئيءَ جو سَھي،
ڏَمَرُ ڏيرَن مَنَ ۾، ڪَندا اِئن ڪَھي،
لَنگھائي، لَطِيفُ چئي، ڪَنَج، چامَ ڪُھي،
ھِيَ مَعذُورِ ھَڏِ مُئي؛ تون، ڪامِلَ! وَڄُ مَ ڪيڏَھِين.

(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ۹)

(۳۳)

ٻيَنِ مڙَني ڏنيُون، ڏَئي نہ ڏُونگَرَ راءِ،
اَنَ ڏِنُيِن آڏو ڦِري، ڏنيُون ڏِئي ڪٿاءِ؟
لوريُون لَکَ مَٿاءِ، اُنَ مَٿيري موٽائِيُون.

(بلاول، ۱ ـ ۱۵)

(۳۴)

ٻيُون ڏيئي ٻَنِ، ھَلِج پاسي ھيڪَ،
وَرُ نہ سَھي وِيکَ، تُون، تيڏِي! ٿٿايُون ڪرين.

(ڪوھياري، ۶ ـ ۸)

(۳۵)

ٻيُون سڀ سَگِيٽيُون، سَرتيُون! مُون چُڪَ سين چاءِ،
اَندرِ آھيمِ ڳالھڙي، ڪوھياري جي ڪاءِ،
لَگِمِ ذرو واءِ، سَڄو سَگُ نہ سارِيان.

(حسيني، ۱۲ ـ ۱۰)

Gul Hayat Institute

## وائي- ١

ٻاروچان ٻاجهہ گهٽي، آن ٿِي ڇُلان ڇِپَرِين؛
آئُون پَنهنجي پِرينءَ سين، وينديَسِ واڳَ وَٽي.
مَرُ تان پَوِيمِ مُنهَن ۾، سَندي پِيَّ پَٽي،
ڪونهي هِنَ ڀَنڀورَ ۾، ڏاران دوسَ ڏَٽي،
هَـٿان هَڏِ نہ ڇَڏِيان، آريءَ جي ٻہ اَٽي،
آهي هوتَنِ هَٿَ ۾، سَندي جِيَّ جَٽي،
ڪِينَ وِرَمِيا ڪِٿهِين، جُلِيا جَٽَ هَٽي،
مون کي ڪوٺيو پاڻَ ڏي، هادي! هَٿُ ڪَٽي،
پُنهونءَ ڏاران پَٻَ ۾، ٻيلي ناهِ ٻَٽي،
تو رِءَ تيلُ نہ پائِيان، نَڪا سِينڌَ ڦَٽي،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، لَڳِيَمِ تَنَ تَٽي.
*(سسئي آبري، ٧ _ وائي)*

## وائي- ٢

ٻاروچي ساڻُ، ٻَـڙي! اي جيڏِيُون!
هيڪَرَ ٿِيا هيڪاندي.

چَڙهي نہ سَگهان چوٽئين، يارَ بِنا، دِلِ ماندي!
پَهچائِـج پُنهونءَ کي، هِيَ پِيادَڙي، پانڌي!
پِيـنَـرُ! هن ڀَنڀورَ ۾، آئُون اِرادي آندي،
پورِهيَتَ پُنهونءَ ڄام جي، ٻانديُنِ جي ٻاندي،
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، ڪيچي ٿِيندَمِ ڪانڌي.
*(ڪوهياري، ٤ _ وائي)*

## وائي- ٣

ٻِئي دَرِ وانءُ مَ ڪيڏانهِين،
اَلا! جو تُون ڄامَ مَڱِينديِن، مَڱَـڻا!

ڦِيرِ مَ هِنئون، ڪَنڌُ، ڪِيائڙي، ٿِيندءِ هاجَ هِئاين،
ماڻِڪَ موتي، مالَ خَزِينا، ڏِيندءُ ٻيلي سائِين،
وِرِچي تُون وهاڳَ ڪان، مَتان ڏِئين پانهِين،
دَرِ داتا مَڱُ، مَڱَڻا، اَنڌا! هوئِج اوڏانهِين،
مُذَڪِرَ! مَتان ڇَڏِئين، هَتان هيڪِڙائي،
ٻيُون ڏيئي ٻِيَنِ کي، ڪَنُ سَمو سَوائي،
”اِنَّ اَللهَ وِترٌيُحِبَّ الوِتـرَ“، وَحُدَتَ واڳَ وڏائِين،
پَنهِنجي طَرَفِ پاڻَهِين، سائِلَ سَڏِيائِين،
جِتي جُوانَنِ کي، ڪوٺي ڪُٺائِين،
اُتي عاشِقَنَ کي، اُلفَتَ اُهِجُ ڏِنائِين،
ڪِيرَتَ ڪَرِ قُرَبَ سين، خُلَتَ ڪاڄُ ڏِنائِين،
”اَلاِنسَانُ سِرِّيَ وَاَنَا سِرُّهُ“، اِنَ پَرِ اُتائِين،
ڳُجُهہ ڳُجهاندَرَ ڳالِهيُون، رازُ نہ رَکِيائِين،
پَسو! پيناڙَنِ جي، پَٽَ ۾ پاڻَ وِڌائِين،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مُون سين مِهرَ ڪَيائِين.
*(پرڀاتي، ١ _ وائي ١)*

Gul Hayat Institute

سُرَها سَبزا ٿِيا، ڊامَڻَ دبَ ڪَيا،
پَهري پَٽَنِئان، پَرِيائين ڪُنَ ڪراڙَ جا.
(سارنگ، ٢ ـ ٢)

(١٣)

ڀَڪُلِيا ڀُوڻَنِ، ڏَڙَ کي گَڏِيو ڏُوڙِ ۾،
ڳالِهيُون، ڳَهلي لوڪَ سين، ڀَڏَرِ ڀَئي نہ ڪَنِ،
ڪا مُلِ آهي تَنِ، موُن پِريان جي ڳالَهڙِي.
(ڪاهوڙي، ١ ـ ١٠)

(١٤)

’ڀَڳو‘ آئُون نہ چَوان: ’مِاريو‘، تہ وسَهان:
ڪانڊَ مُنهَن ۾ ڏَڪَڙا، سيڪِيندي سُونهان،
تہ پڻ لَڄَ مَران، جي هُوَنِس پُٺِ ۾.
(ڪيڏارو، ٣ ـ ١٢)

(١٥)

ڀَڳوئِي ڀيرِ، جانسِين رَتو راسِ ٿِئي،
ٻُريءِ بيڪارِيءَ سين، هارِي! پاڻُ مَ هيرِ،
ڪَتُ ڪَتِينديُون ڪير، نئين سين نہ ڄاڻِجي!
(ڪاپائتي، ١ ـ ١٣)

(١٦)

ڀَلائي آهِينِ، پِرِينِ ڀَلائِيءَ پانهنجي،
سَباجها سِرِ چڙهيو، ڏوراپو نہ ڏِينِ،
مان ڏي مَديون ٿِينِ، سَجَڻَ سَجاڻِنِ ۾.
(ڪنپات، ١ ـ ١)

(١٧)

ڀَلي ڪَري ٿِيومِ، هِيُ سَڳُ ٻاروچَنِ سين،
وَڃي ڪيڇُ ڏِنومِ، پُنيءَ لَڳي جن جي.
(حسيني، ١٢ ـ ٣٤)

(١٨)

ڀَلي ڪَيءِ، ڀَلا پِرِين! مُون نہ ڄاتو اِيئن،
هِنئُون هيرائي، هَٿِ ڪري، توکي ڏِيان ڪِيئَن؟
سا سِڪَ سَلان ڪِيئَن، جنهن اَندَرِ آهيرا ڪَيا؟
(بروو سنڌي، ١ ـ ٩)

(١٩)

ڀَلي ڪَيءِ، ڀَلا پِرِين! هِيئَن نہ مُناسِبُ هوءِ،
لائي چِٽُ، چَرِيو ڪَري، پاڻُ ڪَڏي وِئين پوءِ،
توٽِي حُبَّ نہ هوءِ، تَپِ، هوتَ! نہ ڪَڄَنِ هيڏِيُون.
(بروو سنڌي، ١ ـ ١٠)

(٢٠)

ڀُلِيو سَڀُ ڀَنڀورُ، جو پُنِيءَ هوتَ نہ هَلِيو،
شَهرَ سُڃاتو ڪِينَ ڪِي، آرِياڻي اَتورُ،
ماڻِيو تِنِين مورُ، ڏيکِيو جنِين دِلِ سين.
(حسيني، ٣ ـ ٩)

(٢١)

ڀَنڀوران اُجاڙُ، سَرَتِيُون! سَکَرُ ڀانِئيان،
مُون سين تنهن پَهاڙُ، ڏُکان هَڏِ نہ ڏورِيو.
(حسيني، ٣ ـ ٦)

(٢٢)

ڀَنڀوران ٻَهَرِ ٿي، اَمڙِ! مُون اُماڻِ،
مَڃُڻِ ڪا رِهاڻِ، مُون تي موٽي مَسَ ٿِئي.
(حسيني، ١٢ ـ ٤٣)

(٢٣)

ڀَنڀورَان ٻَهَر ٿي، مُون جي ڪَيا سَڏُ!
ٻاروچاڻيءَ لَڏُ، لَڪَ سَويلا لَنگهِيا.
(حسيني، ١٢ ـ ٤٤)

Gul Hayat Institute

(٣٦)

پيڙي ٻَنڌُ ٻيهارَ، سُورائِتي! سَندِرو،
ڏونگَرَ توهان ڏارَ، ڪانَ ڏورِيندي ڏُکَ سين.

*(حسيني، ٦ ـ ٢٣)*

(٣٧)

پيڙي پيڙي ٻَنڌُ، سُورائِتي! سَندِرو،
ڪيچَ اَڳاهُون پَنڌُ، مَتان لَکَنِ سين لَڳي مَرين!

*(حسيني، ٦ ـ ٢٢)*

(٣٨)

پيليان جِتِ پَکِيُون، آئِيُون اُتِ وَري،
ڪانهي ٻي ڳَري، مينهُنِ کي ميهارَ ري.

*(سهڻي، ٤ ـ ١٥)*

(٣٩)

پيلي پُلائِي، پَسِي چِتَ چَري ٿِئِي،
"ٻَرا! ٻَرا! ٻُڏي سُهڻي!" ويرُنِ ۾ وائِي،
ڪَچي ڪيرائِي، لال لَهرنِ وِچَ ۾.

*(سهڻي، ٨ ـ ١٨)*

(٤٠)

پينَرُ! آئُون پوري، مُون سَگَ سُجاڻي نہ ڪيو،
ڏيندا مُون ڏيرَ ويا، جِهجَھُ ۾ جهوري،
لَڳي جن لوري، ڏونگَرَ سي ڏورِينديُون.

*(سسئي آبري، ٥ ـ ١٨)*

(٤١)

پينَرُ! پَنيوران، پَچو تان اُبَهو،
اَڳي اِنَ ماڳان، سَرتِيُنِ سُورَ پرائِيا.

*(حسيني، ٣ ـ ٣)*

(٤٢)

پينَرُ! هِنَ پَنيورَ ۾، دوزَخَ جو دُونهون،
سَوارو سُونهون، پُڇي پُورِج سَسُئِي!

*(حسيني، ٣ ـ ٤)*

(٤٣)

پينَرُ! هِنَ پَنيورَ ۾، گهايَلِ ٿي گهارِيان،
سَجَنَ جي سانگَ ويا، سيئي ٿي سارِيان،
سي ڪِيئَن وِسارِيان؟ جي وَٽان مُون واٽَ ٿِيا.

*(حسيني، ٣ ـ ٦)*

### وائي- ١

پَلو، جيڏِيُون! آئُون جا بلوچي جي آهِيان،
ڪَنيزَکَ ڪيچِيُنِ جي، ناتَرَ نانءُ سَڏائِيان،
پيزارَ پُنهونءَ جامَ جي، اَکِيُنِ سين اُٺائِيان،
پَلو، جيڏِيُون! آئُون چَشمَنِ سين چائِيان.

*(ڪارايل، ١ ـ وائي)*

Gul Hayat Institute

(١٢)

پاسنگُ جنهن پيشِ ڪيو، تنهن ڏنو ڪينَ ڏياچَ،
مَتو نيئي ماچَ، وَجي ڏُورِ، ڏُکُ ٿيو.

(سورٺ، ۴ _ ١٣)

(١٣)

پاڪَ جنين جا پيرَ، ڪَنان هيٺِ نہ ڪوڙيا،
تَنگَ تَرارِن تِڇيا، ڇِٽيو پَوَن ڇُڳيرَ،
ڏُوندَ تِنين جا ڏيرَ، ڳِجهڙيُن ڳَرَ لائِيا.

(ڪيڏارو، ٦ _ ٢٠)

(١٤)

پانڌي! ڇَڄ پِرينءَ ڪي، جورِ هَٽي جانا:
"پَيڪَڙا پيرَن ۾، ڪَرايُن ڪانا،
آن رِءَ اَمانا، ڳَهنگَهرِ گهارِيان ڏِينهَڙا."

(مارئي، ابيات متفرقہ _ ٢٨)

(١٥)

پانڌي پِرينءَ پَنوَهارَ جا! جان ٿو وَڃين وَسَ،
ساري ڏيج سَرَتين، سَلامَن سَهسَ:
"آئُون اَوهان جي آهِيان، گولي مَٿي گَسَ،
ويني ڪَرِيان وَسَ، ايڏي جي اَچَڻَ جا."

(مارئي، ابيات متفرقہ _ ٢٧)

(١٦)

پانڌي پِرينءَ پَنوَهارَ جا! نياپا ني ڪي،
ساري ڏيج سَرَتيين، يادِ پُنئي جيڪي،
وَليُون، وَڻَ ڦُلاريا، ڪِرڙ پَڪا ڪي ڪي،
سِڱَرَ ڪِينَ سَرَتيُون، سَئين ڄِڻ سيڪي،
زيرِيُون پَيچي جي ڪي، مِلان ماروَئڙن ڪي!

(مارئي، ابيات متفرقہ _ ٢٩)

(١٧)

پانڌي! پِرينءَ پَنوَهارَسين، روئي ڪَج رِهاڻ:
"جِئَن ٿَر وِڃُون اُنيُون، تيئَن آن سُورَن ساڻ،
ڪَجاهُ ڪا وَراڻِ، ڏُکَن ڏِيلُ ڏهيُون ڪيو."

(مارئي، ابيات متفرقہ _ ٢٦)

(١٨)

پانڌي! پِرينءَ پَنوَهارَ ڪي، چَيُمِ تـئَن چَئيج:
"سَندا سَنگَت ڏِينهَنڙا، وَرَا! مَ وِساريج،
ڪوٺيُن ڪُنَي آهيان، سِگهي سارَ لَهيج،
مُٺِ مانڌاٽي مُجيج، تہ نيرَنِ ۾ نَئون ڪَريان."

(مارئي، ابيات متفرقہ _ ٢٥)

(١٩)

پانڌَپَ سين نہ پاڙِيان، سَوين ہِيا سَردارَ،
آهي مِثِل مِينهَن جي، سَخي! تُنهنجي سارَ،
حاتِمَ هَرِدَهِ هَزارَ، جُهڙَ تُنهنجي جهپيا.

(بلاول، ٣ _ ٥)

(٢٠)

پانهين، پَسي پَبُ: مَتان ڪا مُندا! ڏِئين،
اَڳيان ڪَؤ مَ ڪَبُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچَ ڪي.

(ڪوهياري، ٦ _ ١٠)

(٢١)

'پاڻُ' پَردو پاڻَ ڪي، سُٽي ڪَرِ سَنڀالَ،
وِچان جو وِصالَ، سو تان هُتَڻُ هِنَ جو.

(آسا، ۴ _ ٣١)

(٢٢)

'پاڻُ' پَردو پاڻَ ڪي، طالِبَ! سُٽج تُون،
نَڪا هان نہ هُون، پَردا سَڀِ پاسي ٿِيا.

(آسا، ۴ _ ٣٢)

Gul Hayat Institute

(٢٣)

پاڻُ مَ ڪَڇ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وانءُ،
مَٿان سائِرَ، سُهڻي! پِرتِ ونجي پانءُ،
نِينهَن ڳِنهندي نانءُ، وَنءُ پِريان جي پار ڏي.
(سهڻي، ١ ـ ٢٧)

(٢٤)

پاڻُ مَ ڪَڇ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وَڃُ،
پيلو پيري پَڃُ، اُڪَندَ ڪَڻُ عَميق ۾.
(سهڻي، ١ ـ ٢٩)

(٢٥)

پاڻُ مَ ڪَڇ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وَڌُ،
لالَنُ تِنين لَڌُ، عِشقُ جِنين جي اَڳَ ۾.
(سهڻي، ١ ـ ٢٨)

(٢٦)

پاڻُ مَ ڪَڇ پاڻَ سين، وَسيلا وِڃاءِ،
عِشقَ ساڻُ اُناءِ، پيرُ پِريان جي پارَ ڏي.
(سهڻي، ١ ـ ٢٥)

(٢٧)

پاڻُ مَ ڪَڇ پاڻَ سين، وَسيلا وِسارِ،
لُڙُ لَنگهائي، سُهڻي! پِرتِ وجهنديءِ پارِ،
سي تُرتُ لَنگهينديُون تارِ، اُڪَندَ آڳَهُ جن سين.
(سهڻي، ١ ـ ٢٦)

(٢٨)

پاٿِهين پَڇي پيئِيُون، رِءَ واهِيَتَ، رِءَ واڙِ،
جُوءِ ڪُسادي جيڏِيين، مَليرَ موڪَ مُهاڙِ،
اُتِ اَباڻا جنهن جا، سا ماڙِيءَ مُورِ مَ چاڙِهه،
جي اُڪَنديُون آرڙِ، لوهَ تِنين کي لاهِيين!
(مارئي، ٧ ـ ١٠)

(٢٩)

پاڻهين پسي پاڻَ کي، پاڻهين محبوبُ،
پاڻهين خلقي خوبُ، پاڻهين طالبُ تن جو.
(ڪلياڻ، ١ ـ ١٧)

(٣٠)

پاڻهين جَلَّ جَلالُـهُ، پاڻهين جانِ جمالُ؛
پاڻهين صورت پِريَنءَ جي، پاڻهين حُسن ڪَمالُ،
پاڻهين پِير مُريدُ ٿئي، پاڻهين پاڻَ خيالُ؛
سَڀ سِيوئي حالُ، منجهان ئي معلوم ٿئي.
(ڪلياڻ، ١ ـ ١٦)

(٣١)

پاٽيءَ مَٿي جهوپِڙا، مُورَڪَ اُڃَ مَرَن،
ساهان اوڏو سُپِرين، لوچي تان نـ لَهن،
دَمُ نـ سُڃاڻَنِ، دانهُون ڪَنِ مُنَنِ جئن.
(سسئي آبري، ١ ـ ٩)

(٣٢)

پاڻَهين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ پَريائِين،
سامِي سَفَرِ هَليا، آسَنَّ اُجهائِين،
رُخِصَتَ رُئارِين، آئُون نـ جِئَندي اُن ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٣٨)

(٣٣)

پاڻَهين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ پَريائِين،
هُو جي هَلَنَّ سنديُون، ڳالِهيُون ڳالهائِين،
وَڃَنُ وِڃائِين، آئُون نـ جِئَندي اُن ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٣٩)

(٣٤)

پاڻهين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ ڪَنِ پَريانَ،
اَهڙا جن اُهڃانَ، آئُون نـ جِئَندي اُن ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٣٧)

Gul Hayat Institute

(٣٥)

پاوَنگُ اُپيو پَڙ ۾، هَٽِي هَزاري هولُ،
جَوهَرَ ۽ جَڙاءَ سين، ڪامِلَ سِرَ ڪَنگولُ،
رَتو رَتَ رَتولُ، مولِهيو ميرَ حُسينَ جو.

(ڪيڏارو، ٥ ـ ٨)

(٣٦)

پائي پاندِ ڪَپاهُ، جان مُون آتَڻَ نِهارِيا،
ڪَتِي ڪانہ پَساهُ، سَرتِيُون وَجِي سُتِيُون.

(ڪاپائتي، ١ ـ ٣١)

(٣٧)

پائي پَٽَ ڪَتا، مُون تان مُور نہ مَگِيو،
تازي طَبيلَنِ ۾، گهوڙا گهر گهٽا،
هاٿيءَ ڪارڻ هيڪِڙي، آنَ ڪا تَندُ هَٽان؟
جا مَتِي تو مَتِيا، تَنهِن سِرَ جو آهيان سيڪِڙُو.

(سورٺ، ٢ ـ ٩)

(٣٨)

پائي ڏورِ اَرٽَ ۾، ڪَتِين نہ ڪُوڙي،
وهاڻءِ واڏاٽي، پُٽِين سَنيُوڙي،
مَتِي جَنهِن مُوڙي، سا ڪِئَن وِهي ويسري؟

(ڪاپائتي، ١ ـ ٧)

(٣٩)

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، مِيان! مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئِي توکي لڳي.

(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ١٠)

(٤٠)

پايو مُنهن مُونَنَ ۾، وينا سي وهُسَن،
جوڳِي جاتا ڪَنِ، آيا اُلُوهِيَتَ ۾.

(رامڪلي، ٥ ـ ٦)

(٤١)

پَتنگن پَہُ ڪيو، مَڙيا مَتِي مَچَ،
پَسِي لَهَسَ نہ لِچِيا، سَڙيا مَتِي سَچَ،
سندا ڳِچِين ڳَچَ، ويچارن وِڃائيا.

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٣)

(٤٢)

پَتنگُ چائِين پاڻَ کي، تہ اَچِي آڳِ اُجهاءِ!
پَچَڻَ گهٽا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ!
واقُف تِي وِساءِ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي.

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٠)

(٤٣)

پَتنگُ چائِين پاڻَ کي، تہ چيري پَوُ جاٽي!
تان تان تاتُج تَـوَ ڏي، جان آڳِ نہ اُجهاٽي!
وِسَهُ وِهاٽي! آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي!

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١١)

(٤٤)

پَتنگُ چائِين پاڻَ کي پَسِي مَچُ مَ موٽُ!
سَهائِيءَ سُپيرين جي، گهڙُ تہ ٿِئين گهوٽُ!
اَچا تون اَروٽُ! ڪُوري خبرَ نہ لهين!

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ١٢)

(٤٥)

پَتنَڻَ پوءِ پَچارَ، آنَ کي سِڙہ ويندا گَڏيا؟
اُڪَنڊَ مُون اَپارَ، شالَ منهنجا موٽِيا!

(سامونڊي، ٢ ـ ١٧)

(٤٦)

پَٽَ چِڏِيائُونَ پَٽَ ۾، ڏَندَ چِڏِيائُون ڏَسُ!
آلائشان اَڳِي ٿِيا، موتِي ٿِيَنِ نہ مَسُ،
هِيُ چِڏِيائُون حِسُ، وَڃِي ڪالهہَ ڪُلُ ٿِيا.

(رامڪلي، ٩ ـ ٣٦)

Gul Hayat Institute

(٤٧)

پَٽُ نه پَرَهِيان، سُومِرا! جانڪِيتان جِئان،
آئُون ڪِئَن لوئِي لاهِيان، ڪارڻ ڍِنِ ڍِينهان؟
جانسِين تِي جِئان، ڪانڌُ نه ڪَنديَس ڪو ٻِيو.

(مارئي، ٣ - ٧)

(٤٨)

پَٽولا پَنوَهارِيُون، مُور نه مَٿي ڪَنِ،
جُهُ لاکَ رَتائُون لوئِيُون، تہ سالُنئان سُونَهَنِ،
اُنَ ايلاچِئُون اَگِري، بَخمَلَ بافتَنِ،
سَڪَرَ پائِيان، سُومِرا! ڪَتِي ڪان ڪُهنبَنِ،
جا ڍُنِيمِ ڏاڏاڻَنِ، سا لاهِيندي لَڄَ مَران.

(مارئي، ٣ - ١)

(٤٩)

پَٽِيءَ نه پيرو، اوڏِيءَ چِڪَ نه چِميا،
پويون هِيءُ پيرو، نِينهُن نِباهي هَليا.

(حسيني، ١ - ١١)

(٥٠)

پَڇائي پَهاڻُ، جن رساٽيو رُڪَ کي،
تنِين سندو جاڻُ، آهي آڳَٽِين کي.

(يمن ڪلياڻ، ٣ - ١٧)

(٥١)

پُڇُ پَتنگَنِ کي، سَنديُون ڪامَڻَ خَبرُون،
آٽِيو وجهِنِ آڳِ ۾، جيءُ پَنهنجو جي،
جيري جنِين جي، لڳا نيزا نِينهَن جا!

(يمن ڪلياڻ، ٣ - ٩)

(٥٢)

پُڇَنِ جي ميهارَ کي، پُڇي سي ميهارُ،
تُرَهو تِنِين بارُ، عِشقُ جِنِين کي آڪرو.

(سهڻي، ١ - ٣١)

(٥٣)

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جڏهن تڏهن پِرينءَ کي،
ڏوريندِيُون ڏِسَنِ، آڳَڻَ عَجِيبَنِ جا.

(حسيني، ٧ - ١)

(٥٤)

پُڇَڻَ پَرڏيهِين جو، آسَڻَ وَٽِ آهي،
لَڳَڻُ جي لاهي، هُنئِين تان حَقُ لَهي.

(رامڪلي، ٩ - ٥٠)

(٥٥)

پُڇي پاڙي وارِيُون، ڪوهُ ڪَريندو ڏَمُر؟
ڪاريءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، آهي ڪاٽيارِن ڪَمُر،
هِيُ هَڏو ۽ چَمُر، گهورِيو مُحبِ ميهارَ تان.

(سهڻي، ابيات متفرقہ - ٧)

(٥٦)

پُڇيو پيِنگهن پانڌَ، ويني روءِ وَڃِن سين،
ڪُهُ ڪَرِينديس ڪانڌُ؟ گهَرُ ٻِگو تان گهورِيو.

(سهڻي، ٤ - ١٣)

(٥٧)

پُڇيو ئِي تان پور، ناتَ پُڇَڻُ هوءِ مَ پِرينءَ کي،
ڏورَڻَ وارِيُون ڏورِ، هَڏِ نه آهِينِ هوتَ کي.

(حسيني، ٧ - ٣)

(٥٨)

پُڇيوئي جان دوستُ، تان پاسي ڪر پَرهيزَ کي،
جنِينِ ڏِنو هوتُ، تن دِينَ سَپيئِي دُورِ ڪَيا.

(حسيني، ٨ - ١٧)

(٥٩)

پُران، مانَ پُڇان: بَندَرَ مُون ڏُورِ ٿيا،
تہ مون هَڙَ نه هَنجَ ڪِي، جو آئُون چِٽِي چڙهان،

Gul Hayat Institute

اِيهين ڪَج، پاتِڻي! جنهن پَر پرينءَ مِڙان،
ڪارُون تي ڪَريان، تو ڏَرِ اُپِي، ناڪُئا!
(سامونڊي، ٣ ـ ١)

(٦٠)

پَرتَوو پُنهونءَ جو، جُهڙَ جِتَن جهالا ڏَئي،
آئُون تنهن آريءَ کي، وَنيو راهَ رُئان گهڻو.
(ڪوهياري، ٤ ـ ١١)

(٦١)

پَرتَوو پُنهونءَ جو، رُڳِيائِي راحَتَ،
پائِنيان ڏِينهُن پَوارَئون، ساجَنَ لاءِ صِحَتَ،
مِنِي مَصيبَتَ، آهي آرِيءَ چامَ جي.
(ڪوهياري، ٤ ـ ١٢)

(٦٢)

پَرتَوو پُنهونءَ جو، سَهائِي سِياهُ،
مُنهن ڏيئِي مون آئِيو، رَنگا رَنگِي راهُ،
پِهرين ڏِينِدا پاهُ، پوءِ رَڳِيندا رَڳ ۾.
(ڪوهياري، ٤ ـ ١٠)

(٦٣)

پَرتَوو پُنهونءَ جو، ڪي چاڻين، ڪي اُسَ،
قَريباڻي ڪُسَ، آهي ڪَرَ ٻَڪَرڙي!
(ڪوهياري، ٤ ـ ٩)

(٦٤)

پَرتَن جي پاڙي، جاڙ گُذاريمِ، جيڏِيُون!
جنين مُون کي ماريو، سُورَنِ سين ساڙي،
اِرادي آڻي، سانگِيُن سين سَڱُ ڪَيو.
(ديسي، ٤ ـ ١٤)

(٦٥)

"پَرديسان پَنڌُ ڪَري، آيُس آڳاهِينءَ ماءِ،
جي وِهاڻيءَ ويرَ مَ ٿِئي، تہ مون هيرَ ئي هَلاءِ،
سُونهارا سورَٺ وَرَا! ڳالهہ هِنئين سين لاءِ،
سو مِڱڻهارُ مَلهاءِ، جو وِچان ويرِيُن آئِيو."
(سورٺ، ١ ـ ٥)

(٦٦)

"پَرديسان پَنڌُ ڪَري، سُٽِي آيُس شانُ،
مَڱان ڪَهڙيءَ مَتِ سين؟ نسورو نادانُ!
سو ڪوڏِيارِئِين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرڪَ ڪَري."
(سورٺ، ١ ـ ٦)

(٦٧)

"پَرديسان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هِتِ،
جاچِڪُ اُپو جِتِ، سِرَ جُون صدائُون هَٿِي.
(سورٺ، ١ ـ ٢)

(٦٨)

"پَرديسان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هُون،
اُونچو تُون عَرشَ تي، آنَ پورو مَٿي پُون،
ڪِيئَن تُسَندين تُون؟ هِيُ سِرَ سُوالِي مَڱٽو".
(سورٺ، ١ ـ ٤)

(٦٩)

"پَرديسان پَنڌُ ڪَري، هَلِي آيو هِيُ،
مالُ نہ مَڱِي مَڱٽو، جاچِڪُ گُهري جِيُ،
"وِڍِ، وَهِلو ٿِيُ، ساعَتَ صَبرُ نہ سَهان."
(سورٺ، ١ ـ ٣)

Gul Hayat Institute

(٧٠)

پَرڏيهَ پُورِيائُون، سامُونڊين سِڙهَ سَنباهيا،
مان تَنُ مارِيائُون، پاٽان وِجهي گُوندَرين!
(سامونڊي، ٣ ـ ١٦)

(٧١)

پَرَگهران پاسو ڪَري، پُڇُ پِريان ڪَرَ پانُ،
سو تان توهِين سانُ، جنهن لَءِ جَفائُون ڪَرِين.
(سسئي آبري، ٣ ـ ٦)

(۷۲)

پَرِ ۾ پُڇياڻُون، عشقَ جي اَسبابَ کي،
دارُون هِنَ دَردَ جو، ڏاڍو ڏسيائُون،
’آخِرُ وَالعَصَر‘ جو، اِئين اُتائُون،
تِهان پوءِ آئُون، سِڪان ٿي سَلامَ کي.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۸)

(۷۳)

پَرِ ۾ پَڇي پِرينءَ کي، مَري نہ ڄاتوءِ،
’مُوتُوا‘، مُنڌَا! نہ سوءِ، ڪَنڌ ڪُجاڙيان ڪاتِئين؟
(معذوري، ۴ ـ ۱۲)

(۷۴)

پَرَوَسِ ٿِيُمِ پراڻُ، پرين وَسِ نہ پانهنجي،
لَڳو ڪئَن، لَطِيفُ چئَي، ڇِپَرُ ڇاتيءَ ساڻُ!
پِرِين ڏيکاري پاڻُ، خوش ڪَري ويا خوابَ ۾.
(بروو سنڌي، ۱ ـ ۴)

(۷۵)

پِرهَ پَکي آئِيو، صُبُحَ سَوارو،
روضي پاسِ رَسُولَ جي، هَنيائِين هاڪارو:
”مانجِهيُنِ ڪَيو مارو، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمّدَ عَرَبِي!“
(ڪيڏارو، ۴ ـ ۹)

(۷۶)

پِرهَ پَکي آئِيو، ڪَربَلا مان ڪالَ:
آهِ آلُودو رَتَ ۾، حيرَتَ گڏيو حالَ،
گَهوٽَ وِڍاهِيا ڪالَ، پيلي مِيرَ حُسينَ جا.
(ڪيڏارو، ۴ ـ ۱۰)

(۷۷)

پِرهَ پَکي آئِيو، ڪَربَلا مان ڪَهي،
رَوضي پاسِ رَسُولَ جي، تَنهن هَلِي هاڪَ هَنئِي،
”ڏِنِيَمِ رُڪَ رَئِي، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمّدَ عَرِبِي!“
(ڪيڏارو، ۴ ـ ۸)

(۷۸)

پِرهَ ڦُٽِي، راتِ گَئِي، جهيڻا ٿِيا نَکَٽَ،
هارِي! وِيَءِ وَٽَ، گَهَٽا هَٽنديِنءَ هَٽڙا.
(ڏهر، ۳ ـ ۱۵)

(۷۹)

پِريان سَندي پارَ جو، ڪانگلُ نہ ڪُوڙو،
اَچي وَجي وِچَ ۾، مَٿي دَرَ دُوڙو،
جو اَندَرِ اوسِيڙو، سو لاٿائِين لَطِيفُ چئَي.
(پورب، ۱ ـ ۱۸)

(۸۰)

پِريان سَندي پارَ جي، مِڙيئي مِنائي،
ڪانهي ڪَڙائي، ڇَڪِين جي ڇيٽُ ڪري.
(ڪلياڻ، ۳ ـ ۱۱)

(۸۱)

پَرِيٺَنِ پالِياسِ، بانيِڙِ بيٺي آهيان،
حُسَنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ماري موتِ وڌِياسِ،
جانڪي تان جِئنديِاسِ، پِيَسِ وَرِ وِصالَ جي.
(ديسي، ۴ ـ ۱۳)

(۸۲)

پَري پَڙاڏا ڪَري، اوري نہ آهي،
ڪَمتَرِ ڪا ڪاهي، پهُچي هِنَ پَٽيءَ کي.
(معذوري، ۷ ـ ۱۷)

(۸۳)

پِرين جي پَرَديسَ ۾، تن جِي ڪانگا! ڪَج خَبَر،
تہ سَڀِ مَڙهايان سونَ سين، پَکِي! تُنهِنجا پَرَ،
گُهمِي مَٿان گَهرَ، ڏِج پارانيا پِرِينءَ کي.
(پورب، ۱ ـ ۸)

Gul Hayat Institute

بَري پاڄهارا ڪَيا، ڪانئي خاڪَ ڪَٽي،
پِنيو پَنجَ ڪَٽي، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.
(راملڪي، ٢ ـ ٦)

(١٥٤)

پِيَ پَسايو پانهنجو، نِظارو ناگاهَ،
لَٽو ڪَٽُ قُلوبَ تان، تِي وروهَنّ واهَ،
اُميدُون اَرواحَ، پِيَ پَسندي پُنيُون.
(سارنگ، ١ ـ ١٧)

(١٥٥)

پيرَ پَٽائي ڪُنَڙا، ڏُونگَرَ مَٿي ڏي،
پاڻُ نہ پَسي ڦَٽيو، ڪَڙهي ڪيچِيُن ڪي،
هاڙهو هوتَ پري، ڪوهُ ڄاڻان، ڪَئَن لَنگِهيا؟
(سسئي آبري، ٦ ـ ١١)

(١٥٦)

پيرَ پَٽائي ڪُنَڙا، ڏُونگَرَ مَٿي ڏي،
ڦَٽيا ڦَرَّ فَقيرِ جا، سيرُون ٽِيَڙا سي،
جهڙي تهڙي حالَ سين، پُري پُنهونءَ ڏي،
وَڃي، مانَ وَري، پانهيءَ بَندُّ جنهن سين.
(سسئي آبري، ٦ ـ ١٠)

(١٥٧)

پيرُ پَرُوڙي پاءِ، گَنجي ۾ گُنَ گهڻا،
ڪاهوڙي ڪَرا وِيا، نَڪا اوڏي ماءِ،
جِنين ڏِني جاءِ، تِنين مونڻُ ميهڻو.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٩)

(١٥٨)

پيرين پيَمِ پُرڪَنا، رَهَ ۾ گهڻو رُنومِ،
پاراتو پِرينِ ڪي، تيي تان نہ ڏنومِ،
چڪي، تي چِيومِ، ’سُواهَرُو‘ سَڄَڻين.
(سسئي آبري، ٤ ـ ١٩)

(١٥٩)

پيشانيءَ ۾ پِرينءَ جي، پَلائيءَ جا پيرَ،
اَگڻُ اَڪَنڍينِ جي، ڏي پاپوهي پيرَ،
قَمَرُ پاڙي ڪيرَ، شَمسُ سُپيرينِ سين؟
(ڪنيات، ١ ـ ٢)

(١٦٠)

پِيُ مَ طَهُورا، وانءُ اورانگهي اورِيان،
وِچان جي وصالَ ڪي، سي سَڀِ اُجُورا،
حَاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَڀِ ٿِئي.
(بلاول، ١ ـ ٣)

(١٦١)

پيو جن پَرو، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جو،
ڇَڏي ڪيٿُ ڪَرو، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ١)

(١٦٢)

پِيو جو پاتارِ، سو ڪِئَن پُسَنّ ڪان پالهو رَهي؟
سالِڪَ! مُون سيڪارِ، ڪو پَہُ اِنهين پاندَ جو.
(آسا، ٤ ـ ٣٩)

(١٦٣)

پيو ليٽِين لَٽَ، سَڄِيُون راتِيُون سُمهين،
اُٺي آڏِيءَ نہ ڪَرئين، سَپَڙَ ساڻُ سَهَٽَ،
رُونجهي راتَ اُپَٽِيا، پيٽنيئُون پاٽيَٽَ،
ميڙي تِنان مَٽَ، ڇُوندي پَرِيا چارَٽين.
(پرياتي، ١ ـ ١٧)

(١٦٤)

پيهي پِنُ پاتارَ ۾، جِتِ ڳَڙهَ گَنگا جَرُ راءِ،
ڇَڏي حِيلا هنَ هَندَّ جا، تِي جَڪَري پاسي جاءِ،
اوڏو تِيُ اَللهَ ڪي، ڪاڄ تَنهين جو ڪاءِ،
سُڪَنِ اِينڊءِ ساءُ، ويلہِ وينڊءِ وِسري.
(بلاول، ٢ ـ ١٥)

Gul Hayat Institute

(١٦٥)

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻ،
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏيہَ ۾، نَڪا ڪيچِيُنِ ڪاڻَ،
پُنهون ٿِيَسِ پاڻِ؛ سَسُئِي، تان سُور هُئَا.
(سسئي آبري، ٥ ـ ٢)

(١٦٦)

پيئي جا پرِياتِ، سا ماڪَ مَ پَسو ماڻُها!
روئِي چِڙِيءِ راتِ، ڏِسِي ڏُکوِيَنِ کي.
(ڏهر، ٣ ـ ١٦)

(١٦٧)

پيئِي جن پَرَڪَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
واري سَپُ وَرقَ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٢)

(١٦٨)

پيئي جن پَـرُوڙَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
ڇَڏي سَپِ ضَرُورَ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٥)

(١٦٩)

پيئِي جن پَٽِي، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
ڇَڏي نِندَ گَهٽِي، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٣)

(١٧٠)

پيئي جِنين باسَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
ڇَڏي سَپِ لِباسَ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٦)

(١٧١)

پيئي جِنين بُوءِ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
ڏوري سا جُوءِ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.
(ڪاهوڙي، ٢ ـ ٤)

## وائي- ١

پاڙيچِيُون! ڪا پَچارَ؟
مُنهنجا ڏيرَ ڏُمَر ڪنهن ويا.
وينِي ڳوڙها ڳاڙِيان، تن ڄامَنِ لاءِ ڄَمارَ،
ڪَر ڪا ڪانگَ! اَچَڻَ جي، تن جي ڪا تَنوارَ،
مُئِي ماري هليا، ڪيچي ڪاهي قَطارَ،
سيٹڻُ لاءِ، سَيَّدُ چَئِي، جهِجِيَسِ سَپَ ڄمارَ.
(حسني، ٥ ـ وائي ٢)

## وائي- ٢

پانڌي پريُنِ جو، اي! مانَ ڪو پَسان!
پينَـرُ! پِنيءَ اُسَهو، ڏُونگَـرَ ڏورَڻُ اَسان،
مُندائِتي مِينهَن جڻَن، ويلو ويلَ ٿي وَسان.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ - وائي ٦)

## وائي- ٣

پَرچَنِ شالَ پَنوَهارَ، ڍولا! مارُو مُون سان، لا!
مُون مُورائِين مَدِيُون، آهـِنِ سيڻَ سَتارَ،
عَيبَنِ ڀَري آهِيان، سَتُـرُ ڪَج، سَتارَ!
اُنا مِينهَن مَلِيرَ ۾، تَـڙَ تَـڙَ پوءِ تَنوارَ،
پائي آيَسِ پاندَ ۾، اَوَڳُڻَ، عَيبَ اَپارَ.
(مارئي، ٨ ـ وائي)

## وائي- ٤

پِرين جي پَنڌان، مونکي جي جَهلِيندِيُون،
سي نہ پُڄندِيُون.
ڀَلي ڪَري آئِيو، ٿاٿارو ڏيهان،
ڀَڳِي ڪُتِ سَجي ٿِي، لَٿي جاڪِ ڳِران،
سَرتِينِ سُورَ پِرائِيا، هاٽي هِنَ هَنڌان،
تان ڪي واسُ وهائِيان، باروچي مُلان،
تان ڪي ڏُونگَرُ ڏورِيان، جان ڪُڙهِ اَندَرِ ساهُ،
مَتيُون موٽَڻَ سَنديُون، تون هَڏِ آچ مَ، ماءُ!
(سامونڊي، ١ ـ وائي ١)

## وائي- ٥

پرينئُون پوءِ، مُون تي نہ وهامي راتِ رَمَنڊِيئي،
ڦوڙائو فَقِيرَ کي، قادِرَ! ڪوهُ ڏنوءِ؟
چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، سيڻَنِ سانگُ نہ ڪوءِ،
اَچي اوراهُون تئي، سَيِّدَا! ساٿُ سَندوءِ،
وينِي واٽَ نِهارِيان، مَنَ پريِنِ پاڃهِ پوءِ،
اَدِيُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، مُحِبَّ سِڳهو مِلَندوءِ.
*(آسا، ١ ـ وائي)*

## وائي- ٦

پَلڪَ نہ رَهي دِلِ توري، وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!
اُتَ چارِينديَسِ اُن جا، مَٿان ٿَڪَرَ توڙي،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُن کي، مَٿان ڪُلَهَنِ کوري،
ڪانگَ ڪِيَنِمِ ڪيچَ جا، ماسُ چِنجُنِ سان چوري،
ڏُکَ لاهِينديَسِ ڏيلَ جا، سانُ عَجِيبَنِ اوري،
آرِياڻي، عَبدُاللَّطِيفُ چئي، سارَ لَهَندُمِ سوري.
*(سسئي آبري، ١٠ ـ وائي)*

## وائي- ٧

پُنهون پَريشانُ، ٻَرا! ٻَرا! نڪو خانُ نہ مانُ،
هيءِ! هيءِ! حالُ مُنهنجو.
مُون کي ٻُڪَ بوتَنِ جي، ناقي پانِئيان نانُ،
شَهرُ صَحرا پانئيان، مُون ليکي مَيدانُ،
رُئان تِي رُڃُنِ ۾، آرِيءَ لَءِ عُريانُ،
پٽيان مُنهُن پَسَنَّ لَءِ، هِتي تِي حَيرانُ،
آهي آرِيءَ ڄامَ جو، مُون کي ڪارِي ڪانُ،
ديوانِيءَ کي دل ۾، سُورَن جو سامانُ،
وِجهج پڪَ پينارِ تي، پريَمِ! ڪائِي پانُ،
ڪَڏهِن ٿِيندو ڪيچَ ۾، مُنِيءَ جو مَڪانُ؟
آهِئين، عَبدُاللَّطِيفَ کي، آڳيان تُون آڳوانُ.
*(حسيني، ٥ ـ وائي)*

Gul Hayat Institute

## ت

(١)

تاجي توريائُون، تہ عيبَ نِڪتا آڳيان،
ڪوني ڪاپائتِيُنِ ڪي، پَرِ ۾ پُڇيائُون،
آڳلڙي آئون، مون ڪان پڙا پڳا نہ ٿيا.
(ڪاپائتي، ١ – ٣٣)

(٢)

تارا، تِرَ، تِروڪِٽيُون، متّن ڦُلڙيُون،
ڪوءِ! سي راتَڙِيون، جي مون پرينءَ پڄاڻان پيئِيون.
(ڪنيات، ١ – ٣٦)

(٣)

تارا تيلِيءَ روءِ، لُڏا لالَنَ! اُپرين؛
جهڙي تو صُبوح، تهڙي صافِي سَڄٽين.
(ڪنيات، ١ – ٢١)

(٤)

تارَنِ ۾ ڪَرِ تَڪِيو، وَنيُنِ ۾ ٿي ويہُ،
اَڪِيُنِ ۾ ٿي پيہُ، تہ آئُون آڇارُو ٿِيان.
(آسا، ٣ – ١٥)

(٥)

تارُو تَريو وڃِنِ، نندا وڏا واهُڙا،
هَيءِ! بِرَا! آتارُنِ، جَنُن ڳِرا مَتّنِ مولِهيا.
(سريراڳ، ٦ – ٢)

(٦)

تاري واٺہ تَرازَ ڪي، منجهان موجَ، مَلاحَ!
دانهُون ڪَنِ درياهَ جون، اُونهي جا آڳاهَ،
سُونهَنِ جي صلاحَ، وَتُ تہ ويرِ لنگهي وَڃين.
(سريراڳ، ٥ – ٧)

(٧)

تان جي ٿِيَنِ سامُهان، پُنيرا سُونَهنِ،
سَنئُون وَرائي سُپرين، مُنهن جي مانڊي ڪَنِ،
رَڳُون سَڀِ رَڃَنِ، تَنَ ۾ تازائِي ٿِئي.
(آسا، ٢ – ٢٢)

(٨)

تان ڪا ڪَجاهُ وَرِ، ڪَمِينيءَ تي، ڪيڇيا!
آئُون اَوهان جي آهيان، بَندي بي سَمَرِ،
اَچِي، ڪوهِيارا! ڪَرِ، دِلاسو دِلگِير ڪي.
(حسيني، ١٠ – ٣)

(٩)

تان ڪا وائِي وارِ، دِلاسي جي داسَڙا!
تُون مُنهنجو وَلهو، آئُون تو ۾ طَمَعدارِ،
ڏِڪي، ڍولَ! ڳُذارِ، لَڄَ مُنهنجي لوڪَ ۾.
(ليلا چنيسر، ٣ – ٩)

(١٠)

تان ڪا وَرِ ڪَجاهُ، ڪَميٽيءَ تي، ڪيڇيا!
آئُون اَوهان جي آهيان، بانهِي، پاروچاهُ!
دِلاسي، دوساهُ! مَتان مُون کي ڇڏيو.
(حسيني، ١٠ – ١٤)

(١١)

تان ڪِي سائُنِ اورِ، جان آهِنِ اوطاقُنِ ۾،
ڏہ ڏہ پيرا ڏينهَن ۾، پانُ مَتانئُنِ گهورِ،
وِيا جي هِنگلورِ، تہ ڪَرمِ مِلَندءِ ڪاپَڙي.
(رامڪلي، ٨ – ٣)

(١٢)

تان ڪِي لَڄ ڪانگَ! ڪڏهن ايندا مان ڳري؟
سيٽَنِ ڪارڻِ سانگَ، مون تان گهٽيئي ڪيا.
(سامونڊي، ١ – ٣٦)

Gul Hayat Institute

(١٣)

تان ڪي وَتـنِ آءُ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾،
ويو تـنِ نـہ وِسري، لاهُوتيڪو لاءُ،
فَنا ۽ فِراقَ جو، سامِيُنِ چکيو ساءُ،
وَتان تو ويندا، ڪاپـڙي ڪابولَ ڏي.

(رامڪلي، ٨ ـ ٦)

(١٤)

تان ڪي وَتـنِ وَجُ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾،
سامي سَفَر هَلِيا، رائو چِتائي رُجُ،
اَهڙو جن اُهَجُ، سي ڪَرَمِ مِلَندءِ ڪاپڙي.

(رامڪلي، ٨ ـ ٥)

(١٥)

تان ڪي وَتـنِ ويهُ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾،
سامِي سَفَر هَلِيا، ڏُورِ چِتائي ڏيهُ،
چِڏي سُکَ ساڙيهُ، مَتي گنگا گَجيا.

(رامڪلي، ٨ ـ ٤)

(١٦)

تانگهي ۾ تاٽي، بَڌ پَنهنجو تُرهَو،
اُونهي ۾ آٽي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو پيو!

(سريراڳ، ٤ ـ ١)

(١٧)

تانُ نہ آهي تَندُ جو، رُون رُون ڪَري رازُ،
هَٽندَڙ سَندا هـٽڙا، سَپِڪو چِٽي سازُ،
سَتَ ڏيئِي شِهبازُ، تِيُ تہ توکَ پِرائيين.

(سورٺ، ٤ ـ ٤)

(١٨)

تان ونئَن ويهي آءُ، اَگَٽِ ڪاهوڙِيُن جي،
جوشَ ڏنائُون جيءَ کي، لِڪائي لوڪاءُ،
ڏوتِيِنِ ڪَنهن ڏُکاءُ، سُمهي سُکُ نہ ماٽيو.

(ڪاهوڙي، ١ ـ ١١)

(١٩)

تَتِيءَ ٿَڌِيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻ جي،
مَتان ٿِئي اُونداهِ، پيرُ نہ لَهين پرينءَ جو.

(حسيني، ٢ ـ ١٨)

(٢٠)

تَپي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏُونگَرَا! ڏُکويُنِ کي،
تُون جي پَهَڻَ پَبَ جا، تہ لِڱ مُنهنجا لوهُ،
ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمُرَ مُون سين اِئن ڪَيو.

(ڪوهياري، ٢ ـ ١٨)

(٢١)

تَحقيقَ جي يَري تُون، مَٿي رِءَ ڪَٿيج،
هَڪَلَ حَقِيقَتَ جي، بوڙڻ تي بُڏيج،
اَندو تي پَسيج، مُشاهدو مُحبُوبَ جو.

(ڪاهوڙي، ٣ ـ ١٦)

(٢٢)

تَران تان مَران، وَران تان وَهَ وتَرو،
هِنئَڙي ۾ هوتَنَ جا، اَچِنِ گُهورَ گهٽا،
پَسيو پاڙي واريُون، ڏِسيو ڏوهَ ڏَران،
وچان ڪِئَن وَران؟ ڪَنڌيءَ منهنجو ڪارَٽي.

(سهڻي، ٩ ـ ١٢)

(٢٣)

تَران لَءِ طَعني، مَٿي وَهَ واڪا ڪيو،
آٽي وِڏيَسِ آرَ ۾، دَرياهَ ديواني،
قَلَمَ جي ڪاني، آٽي اِوليَسِ اولَ ۾.

(سهڻي، ٩ ـ ١١)

(٢٤)

تَرسُ طبيبنَ جو، جَڏَن ڪيو نہ جاتَ،
جو ويجن جي واتِ، داروُنئان تنهن دُورِ ٿِيا.

(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ١٧)

Gul Hayat Institute

(٢٥)

تَـرڪُ ڪَرِ تَـرڪَ ڪي، وَڃَڻَ ڪَنان وَڄُ،
آهي اِيُ اُهڄُ، سُٽي سُٽائيج تُون.
(آسا، ٤ ـ ٤)

(٢٦)

تُرَهو آڇ مَ تن ڪي، جن عِشقَ سين آگاهَ،
پُڇي مَسَ مَلاحَ، ساهَڙَ مَٽي سُهڻي.
(سهڻي، ١ ـ ٣٣)

(٢٧)

تَري تُنَ پياسِ، پاسَنئُون پاٽي وَهي،
ڪُوهو جُهرُجُهنو تيو، لاڄُو سپ لَڙِياسِ،
جيلان سَدُرُ سُڪاٽياس، وَهي تي وَهَ سامهون.
(سريراڳ، ٣ ـ ٨)

(٢٨)

تَريُون پَسان نہ تارِ ۾، جُڳها جاءِ نہ ڪَنِ،
مادَرِ! مَلاحَنِ، ماڳِ نہ ڍويا مَڪُڙا.
(گهاتو، ١ ـ ٥)

(٢٩)

تَڙَ تَڙَ ڪِيمَ تَرَسُ، سَرُ نِهارِج سَپِرو،
ڏِيندُءِ لَڪَ لَطِيفُ چئي، راڄَ راهوُءَ جي رَسُ،
وِلَها جَنهِن وَنهِيا ڪَيا، پاڳَ تَنهِنجي پَسُ،
ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٺُ ڪَٽي.
(بلاول، ١ ـ ٩)

(٣٠)

تَڙَ تَڪَڙَ تارِ گهڙُنُ، اِيُ ڪاٽيارِنِ ڪَمُ،
ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهَن ۾، ڏي ڏوراپا ڏَمُ،
عقلُ، مَتِ، شَرَمُ، تيئي نِينهَن نِهوڙِيا.
(سهڻي، ٣ ـ ١)

(٣١)

تَـڙُ تَماچي جامَ جو، تَماچي تَـڙَ راءِ،
تَماچيءَ جي تَڪِي، تُون تَماچي ڳاءِ،
تہ تُون تَماچِياءِ، تَماچي تَـڙِ لَهين.
(ڪاموڏ، ١ ـ ٢٥)

(٣٢)

تَـڙَن جا طَعنا، سَهَنگا ڏِيَنِم سَرَتيُون،
دَرِياَہَ ديوانا! سُڻُ حَقيقَتَ حالَ جي.
(سهڻي، ٩ ـ ١٠)

(٣٣)

تَڙُ نہ گِهڙي تُورُ، تو ءِ مَنَ ڪاڍِو ميهارَ ڏي،
ڏَاڍو دَوُرُ دَرِياَہَ جو، سِڪَڻَ وڏو سُورُ،
مَنَ ۾ مؤجَ ميهارَ جي، پَهسَ پِريان جو پُورُ،
بيلي بِنهي ڪَنڌِئين، نِتُ نِهاري نُورُ،
مَنجهان جَـرَ ضَرُور، ڪَچي ڪي ڪو مَ ٿئي.
(سهڻي، ٧ ـ ١)

(٣٤)

تڙِي طَبِيبَنِ، گهايَلُ گهَران ڪَڍيو،
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيون مور نہ ڪَنِ،
دوستَ جي درسنَ سين، پَئي ٿارُ ٿَپَنِ،
وِرِچيو ويڄَ وَڃنِ، آءُ تہ پرِيَمِ اُبَهان.
(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ٩)

(٣٥)

تَڙِين تَنوارِينِ، ماءِ! سامُونڊِي آئِيا،
مونکي جِيارِينِ، وايُون وَڻجارَنِ جون.
(سامونڊي، ٢ ـ ٦)

(٣٦)

تَعظِيمان تَرڪُ ٿِيا، واجهاٽِيان ويا،
وَڃي تِتِ پِيا، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪَا.
(آسا، ١ ـ ٩)

Gul Hayat Institute

(٣٧)

تَعظِيمان تَرڪُ ٿِيو، واڪاٽان وِيو،
جِتي سَڌُ صاحِبَ جو، اُتِ آهي ڪونہ پِيو،
پاٽيءَ تَنهِين پِيو، جَنهِين ناهِ نِهايَتَ نِينهَن جي.

(آسا، ٤ ـ ٤٢)

(٣٨)

تہ ڪَرَ ڪِينءَ سُئِي؟ جي سِيرَ نہ گهِڙِي سُهڻِي،
هِتِ حياتِيءَ ڏِينهَڙا، هَڏهِن تان نہ هُئِي،
ڇُڪي تنهن چَرِي ڪئِي، جو ڏِنس اُن ڏُهِي،
سُهڻيءَ ڪي، سَيَدُ چئي، وڌو قُربَ ڪُهِي،
هُنئَهِين هُوندَ مُئِي، پَرَ بُڏِيءَ جا بيٺا ٿِيا.

(سهڻي، ٥ ـ ١٥)

(٣٩)

تَڪِيا تاڪِيائُون، وِيا رَمندا رامَ ڏي،
ڪِجان، خَبَرَ نہ لَهان، تَنِ آديسِيُن آئُون!
ڪَنهِن ڪُوڻ ڪَنيائُون؟ ڪاڏي وِيا ڪاپڙي.

(رامڪلي، ٣ ـ ١٢)

(٤٠)

تَڪِيا پَسُون تَنِ جا، هَلي مَنجهان حالَ،
ڪوڙين ڪَنوٽِيَن جا، پيئَرُ! پانيان پالَ،
سامِيُن جي سَنيالَ، مُنهنجو چِتُ چِڳو ڪيو.

(رامڪلي، ٣ ـ ١١)

(٤١)

تن آڪِيُن اُتان سُکَ، ڪَلندي ڪَتَن جي،
پرِيُن پاپوهَڻَ سان، ڏُورِ ڪيا سِڀِ ڏُکَ،
مَاڙهُنِ لِيکي بُکَ، سامِي سُوَرَ سَنا ڪيا.

(پورب، ٢ ـ ٢)

(٤٢)

تَنِ باغَنئُون بَسِ، جي ڪَنڌِيءَ ڪاڪ ڪَڪوريا،
سوڍِي رِءِ، سَرَتِيُون! ڪاڪِ نہ اَچي ڪَسِ،
راٽي پائي رَسِ، تَنُ پيڙِيءَ جُئَن تاڻِيو.

(مومل راڻو، ٧ ـ ١٧)

(٤٣)

تُنبائي تاڪِيدَ سين، جن پچايو پاءُ،
لَسي تَندُ، لَطِيفُ چئي، هَلي تن هَٿاءُ،
مَلمَلِ مَنجهان، ماءُ! جي سِڪيُون، تن سونُ ڪيو.

(ڪاپائتي، ١ ـ ٢٠)

(٤٤)

تَنُ تَسبِيحَ، مَنُ مَڻيو، دِلِ دَنبُورو جَنِ،
تَندُون جي طَلَبَ جُوَن، وَحدَتَ سِر وَجَنِ،
"وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لَهٗ"، اَهو راڳُ رَڳُنِ،
سي سُتائي سُونهن، نِنڊَ عِبادَتَ اُنِ جي.

(آسا، ٤ ـ ٤٧)

(٤٥)

تُنَ تُنِيندو آءُ، مَکِ ڏِيهاڻي مَڪُڙِي،
سانباهي سمنڊَ جي، مَنان مُورِ مَ لاهِ،
اَڄُ ڪِ سَنجهہ صُباحَ، اُهرَندي اَتانگَ تَڙِين.

(سريراڳ، ٣ ـ ١٠)

(٤٦)

تن پيئِي جانارَن يادِ، جي پارِيَلَ پُنهونءَ جامَ جا،
سَندِي لالَنَ لاڏِ، مُنان پوءِ مُنڌَ ٿِئي.

(معذوري، ١ ـ ٣)

(٤٧)

تَنَ جنِين جي تانگَ، سي سَجَڻَ سَفَر هليا،
لَئِج لاتِ، لطيفُ چئي: ڪڏهن ايندم؟ ڪانگَ!
ڪنهن سَتاڻي سانگَ، پرين پَرڏيهي ڪيا.

(سامونڊي، ١ ـ ٢٥)

Gul Hayat Institute

(٤٨)

تَندُ تماريءَ تانُ، ڪَهيو سو قبولُ پيو،
سرُ تہ آهي سَٽ ۾، پَرَ ٻيو ڪِي مَگج ڏانُ،
خاڪِ، مِٿِي ڪابانُ، ڪاٿِيا پوءِ ڪجهہُ نهين.
(سورٺ، ٤ ــ ٥)

(٤٩)

تـنِ ساڏوهِينِ سَڏَ مَران، ڏنگا جنين ڏارَ،
پُـٽي سانُ پـتارَ، پاٿرِ پيرون چُونڊيان!
(مارئي، ٧ ــ ٩)

(٥٠)

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌَ نہ لَهين سُورَ جي،
سانِدِ پنهنجا ڊِٻَڙا، ڪَڏَ ڪَٽِي ۾ پُون،
ڪانَ گهُرجي مُون، حياتِي هوتَنِ ريَ.
(يمن ڪلياڻ، ٢ ــ ١)

(٥١)

تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪِيمَ چاليها رَڪُ،
ڪوه نہ پوڇيو پوڇئين، اَنٿِي پَهَرَ اَلَڪُ؟
تان تون پاڻُ پَرَڪُ! سيڪنهن ڏانهن سامهون.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ــ ٣٤)

(٥٢)

تَنَ ڪي ڪدِي تارِ مان، صُلحُ ساهَڙَ جو،
اُتَ آڏو اَچِي ڪينَ ڪي، ٻيلِيو ٻئِي جو،
ميهَرَا! ڪَج منهنجو، ڪو اوڪَرُ ڪنهين آرَ تان.
(سهڻي، ٨ ــ ٢٤)

(٥٣)

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، گهٽو لَهُ گهوري،
اَدَبَ ۽ اِخلاص جا، سِڙهَ ٻَڌج سوري،
وَڪَرُ وِيتَنِينُ جو، تنهن ۾ پاءِ توري،
تہ عادَنِئُون اوري، تُنهنجو تَوائِي نہ ٿئي.
(سريراڳ، ٦ ــ ١١)

(٥٤)

تن مُنهَن موچارا مارُئين، مَلِيرُ جنين ماڳُ،
ناقِصَ نَوازي گهَٽا، سَندو تن سَياڳُ،
اَڱَڻِ مون اَياڳُ، حُسنُ تي هِيئَن ٿِيو!
(مارئي، ٥ ــ ١١)

(٥٥)

تِنِ نيڻَنِ ڪي نيرانِ، جِنِ ساجُهرُ سيڻَ سانپِيٽِيا،
جِيءَ، جُسي ۽ جانِ، ڪَرَ حُضُورِي حَجُ ڪَيو.
(آسا، ٦ ــ ٦)

(٥٦)

تن وَنهَينِ ويڙِيچَنِ ڪي، رُئين نہ راتو ڏينهَن؟
ڪالهہ پَنوهارَن لَڏِيو، مُون ڪي چاڙهي چِيهَن،
آٿُون جِتَندي ڪِيئَن؟ جہ اُنِ ٿرِ وَجِي، ٿاٿا ڪَيا.
(مارئي، ٢ ــ ٦)

(٥٧)

تـن وَنهين ويڙيچَن ۾، سَدائين سُڪارُ،
چُنڊيو، آٽيو چاڙهيُون، سَندو ڏُونَرَن ڏارُ،
جن جو ويڙِنِ سين واپارُ، سي ڏوٿِي هُونَ نہ ڏُبرا.
(مارئي، ٧ ــ ٥)

(٥٨)

"تنهن پَر اُتَنِ مينهَڙا، جنهن پَرِ گهُريائُون،
رَضا جا رَحمانَ جي، پُڃي پارِيائُون،
مَلِيرُ ماٽيائُون، حُڪمَ سانُ حَبِيبَ جي."
(مارئي، ١١ ــ ٧)

(٥٩)

تَنهن ڪوڻَ تي ڪواءِ، جا ڏِسِ ڏاڏاڻَنِ جي،
سارِيو سانپيڙَنِ ڪي، رويو راتِ وهاءِ،
سُوتا ڪِيمَ سَهاءِ، عُمَرَ! بَنديـاڻـنِ ڪي.
(مارئي، ابيات متفرقہ ــ ١٨)

Gul Hayat Institute

(٨٥)

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جو دارُون،
دَوا آهين دِل کي، تنهنجون تَنوارُون،
ڪريان تِي ڪارُون، جِئَن ہُڪي ہِيئِنُون نہ ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ١ـ ٢)

(٨٦)

تون حَبِيبُ، تون طَبِيبُ، تون دَردَ جي دَوا،
جانِبَ! منهنجي جيءَ ۾، آزَرَ جا اَنوا،
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضَنِ کي.
(يمن ڪلياڻ، ١ـ ١)

(٨٧)

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون ئي ڏَنَنِ ڏَبُ،
تون ڏئين، تون لاهئين، تون ئي هادِي رَبُ،
آهِہ اِيُ عجبُ، جِئَن واريو ويڄِ وهارئين.
(يمن ڪلياڻ، ١ـ ٣)

(٨٨)

تُون ڏاتي، ڏَٿَ ڏَتي: ڏِولا! تُنهنجو ڏِٿُ،
پائي تُرازِيءَ توريان، تہ مُلڪ نہ تُنهنجو مَٿُ،
لاهي ڪَسَرَ، ڪَٿُ، اَچي ڪوڙِ قناتُون ڪاڪِ ۾.
(مومل راڻو، ٦ـ ١٦)

(٨٩)

تُون سَچُڙُ، آئُون سيڪَڙُو، تُون ڏاتارُ، آئُون ڏُڏُ،
سُٽي تُنهِنجو سَڌُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو.
(پرڀاتي، ١ـ ٢٤)

(٩٠)

تُون سَچُڙُ، آئُون سيڪَڙُو، تُون ڏاتارُ، آئُون ڏُوهُ،
تُون پارِسُ، آئُون لوهُ، جي سَجِين، تہ سونُ ٿِيان.
(پرڀاتي، ١ـ ٢٥)

(٩١)

تُون سَچُڙُ، آئُون سيڪَڙُو، تُون صاحِبُ، آئُون سَگُ،
پُڇِي تُنهِنجو پَڳُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو.
(پرڀاتي، ١ـ ٢٣)

(٩٢)

تُون سَمو، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ،
پَسي لِيَ لَغارَ، مَتان ماڳُرِ مَتِئين!
(ڪاموڏ، ١ـ ٢)

(٩٣)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَنِ جوءِ،
پَسِي راٽِيُنِ روءِ، مَتان ماڳُرِ مَتِئين!
(ڪاموڏ، ١ـ ١)

(٩٤)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَنَ ڪوڙِ،
پَسي ڪِڪِيءَ ڪوڙِ، مَتان ماڳُرِ مَتِئين!
(ڪاموڏ، ١ـ ٣)

(٩٥)

تُون سَمو، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَنِ لَکَ،
هِنَ مُنهنجي حالَ جي، توکي سَڀِ پَرَکَ،
ڪارَڻِ رَبَّ اَلَکَ، مَتان ماڳُرِ مَتِئين!
(ڪاموڏ، ١ـ ٥)

(٩٦)

تُون سَمو، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيبَنِ ويهَ،
پَسي مَئڪي ڏِيَ، مَتان ماڳُرِ مَتِئين!
(ڪاموڏ، ١ـ ٤)

(٩٧)

تُون صاحِبزادو سُپِرين، آئُون نِسورو نوڪَرُ،
بيحَدِ ڪَريان بَندَگي، هَٿَ ٻَڌي حاضُرُ،

Gul Hayat Institute

چِنَ چَڏِينديَسِ ڪِينَ ڪي، دوستَ! اوهان جو دَرُ،
مُون تان مِهرَ نَظَرُ، پِرين! لاهِ مَ پانهِنجو.
(بروو سنڌي، ١ـ ١٩)

(٩٨)

تُون ڪا ڪاني پاءِ، وَنِ ۾ وصالَ جي،
دوبينائِي دُورِ ڪَري، مَعرِفَتَ مَلهاءِ،
سُپيرِيان جي سُونهَن ۾، رُخنو ڪونَ رِهاءِ،
اَڪِ اَشهَد چاءِ، تہ مُسَلمانِي ماڻِئين.
(آسا، ٤ ـ ١٩)

(٩٩)

تُون ويسرو، وِيرَ! ساٿِيُن سَنيِتِ پَنڌَ جي،
جوڙِي جُنگَ جَهازَ ڪي، ڪوڏِ هَٽائج ڪيرَ،
وَهي وَڻِجارَنِ جي، بَندرَ ڏانهن بَهيرَ،
گَهرِ تنين جي ڪِيرَ، جن لاڳيدارَ لَنگهائِيا.
(سريراڳ، ٥ ـ ١٠)

(١٠٠)

تُون هَڏِ ڪُڄاڙِيا، سَنجهي سَعيو نہ ڪَرِين؟
سَوارا سَنڌَ ڪَٽي، ڪاهوڙِي وِيا،
آٽِيندين ڪِيا، ڏُٿَ ڏُوراٽي ڏيہَ جو؟
(ڪاهوڙي، ١ ـ ٦)

(١٠١)

توٽِي تَوائِي، توءِ تُنهنجو آسرو!
سَجَڻُ ڳِرِ لائي، ڪِيرُون ڏِيندِيَس جيڏِيين.
(سريراڳ، ٦ ـ ١٢)

(١٠٢)

توٽِي تُون ڪاتارِ، جِمَ هيڪلِي پيرئين،
ڏَنِي ڪا ڏُئارِ، صَرافَ اِنهِين سُٽَ ۾.
(ڪاپائتي، ١ ـ ١)

(١٠٣)

توٽي ٽِينءَ وَڏِي، توءِ اُٽِي آتَڻِ آءُ،
ٽي پيڙِي پيرَمَ وارِئين، ٻي هَڏِ ڪَرِ مَ ڪاءِ،
تہ صَرافُ تو صُباحَ، ڪوٺي ڪاتارِنِ سين.
(ڪاپائتي، ١ ـ ١١)

(١٠٤)

توٽِي ناهِ نَصِيبَ ۾، مُومَلِ مينڌِرو،
پُنڌُءِ، جِمَ پاهِين وَرِين، مَنجهان پِرتِ پَرو،
راٽِي لَءِ مَ رو، وِهُ طَعني سين واڳِجي.
(مومل راڻو، ٣ ـ ١٨)

(١٠٥)

توٽِي وِلاڙُون ڪَرِين، توٽِي هَلِين وڪَ،
لِڪِئي مَنجهان لِڪَ، ذَرو ضايَع نہ ٿِئي.
(معذوري، ٥ ـ ٧)

(١٠٦)

تو، وَرَ! وَهُون ڪيتريُون، مُون وَرُ تُون وَريج،
سوپِي! اِن سُهاڳَ ڪي، پوري! پَرُ مَ ڏيج،
پِرتان پيرَ پَريج، مَلهائج مِسڪِينِ ڪي.
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ١١)

(١٠٧)

تهڙا چالِيها نہ چالِيہَ، جهڙو يَسَڻُ پرينءَ جو،
ڪهڙي ڪاتِبَ! ڪرئين، مٿي پنن پيہِ،
جي وَرَقَ وراين ويہِ، تہ اَڪَرُ اهو ئِي هيڪڙو.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣٣)

(١٠٨)

تَهڙا ڪَڙَجَ ڪَڪرا، جَهڙا جائُنِ ڦُلَ،
تَنِ سامِيُنِ جي سڌَ مَران، جِن جي گودڙِيُنِ ۾ گُلَ،
اَندَرِ مُلان مُلَ، ٻَهرِ ڪوجها ڪاپَڙِي.
(رامڪلي، ٦ ـ ١٢)

Gul Hayat Institute

## وائي- ۴

تن اَکِيُنِ آئُون اَڙائي، بَـڙي! جيڏِيُون!
ڪَنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟
ڦَڪِيُون ڏيئي ڦَڪِيُون، ويجَن آئُون وِرچائي،
حُسنَ هوتَنِ جي، اَدِيُون! تَنهن لاليءَ آئُون لُڇائي،
اُلفَتَ ڪَر مَ اُنَ سين، قُرَبَ جا ڪَڙائي،
صُحبَتَ سُپيريُنِ جي، مِني آهِ مِنائي،
اَلَّا! عَبدُاللّطِيفُ سين، وَحدَتَ وَٽَ وِرهائي.
*(رامڪلي،٦ ـ وائي)*

## وائي- ۵

تن پِرِيُن کي اُڪَندي آئُون، لَڪَ لَنگهِيائُون،
ڏيرَ قَرارِيا ڏيهَ ۾، تن اُتَنِ گهوري آئُون!
چَڙهي ڏاڍِين ڏُونگَرين، بانپِڻِ اُچلي بانهُون،
هُبَسِ پاسِ پِرِتَ جي، بانپِڻِ ڏيءَ نائُون.
*(ديسي، ٧ ـ وائي ٣)*

## وائي- ٦

تن ڳُٽَنِ ڳِهَرِوِجائي، هو مڻي! جو ڳِيُنِ مُون سين جي ڪَيا.
ڪَري مَرِجِ، ڪاپَڙي! گُرُوءَ وَٽِ گدائي،
اِشارتُون اُنِ جُونِ، وانءُ ڪَپي تُون ڪائي،
نِندَ تَنِين کي ناهِ ڪا، جا آديسِيُن اُٺائي،
آهي اِنَ ڳالِهِ جي، راوَلَ! اِيَ رُباعي،
هيڪائي هيڪُ ٿِيا، ٻُڌِنِ ڪانہ ٻيائي،
اَکِيُنِ آرِسُ چَڏِيو، دِلِ ۾ ناهِ دَغائي،
”اِنَّ اللهَ وَتَرٌ يُحِبُّ الوِتَرَ“، اِيَ اُنين لَءِ آئي،
رِيجهائي رَمُوزُ سين، ڪاهوڙِيُنِ آئُون ڪانئي،
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مُون سين، صاحِبَ! ڪَرِ سَٽائي.
*(رامڪلي، ۵ ـ وائي)*

## وائي- ٧

تَنَ مَنَ مَنجِهہ تَنوارَ، هو! يار! سَدا آهي سِڪَ جي.
تئَن چِٽڪَنِ چِٽَ ۾، جئَن سا گهنڊِيءَ لارَ.
لَڳي اُجَ اَکِيُنِ کي، سِگهو موٽُ، سَتّارَ!
پَسان ڪِينَ پِريتَڻو، ڪاڏي پِرِتِ پَچارَ؟
بَندِياڻي ٻَنپورَ ۾، آهيان اَوهان ڏارَ.
مُون کي جِڏِ مَ چِپَرِين، آرياڻي! آڏارَ!
ڏِيان خيزُ خِزانَ ۾، بي تو مَنجِهہ بَهارَ،
مُضِرَّ تان مُون کي ڪيا، حَڪِيمَنِ هَزارَ،
دَوا آهِيين دِلِ جي، وارو، واقِفَ ڪارَ،
آٽي ڏي عَلِيلِ کي، مَعجُونُون، موچارَ!
آهي عَبدُاللّطِيفُ کي، تنهنجي، پِيَّ! پَچارَ.
*(سسئي آبري، ١ ـ وائي)*

## وائي- ٨

تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ، يار! مُون مَنُ موهِيو.
مِلهي آئين، مَگَٽا! گَجي ۾ گِرنارَ،
سِرَ جي صَدا جِڏِ تُون، ڏِيانءِ ڏيجَ اَپارَ،
دانَ ڏِيانءِ دُهِرا، هَزارين هَزارَ،
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، پَسان پِرِيُنِ پارَ!
*(سورٺ، ٢ ـ وائي)*

## وائي- ٩

تَنهن کي ڪيرُ چَوَندو مي؟ اَڙي! اِيَ سَمي جا سَمَنگي.
سَمي جي سُهاڳَ جو، ميندو ڳُتو مي،
چارو جامَ ڪُلهي ڪَيو، عِشقُ اِئَن ڪَري،
جِنِ وِهَڻُ نہ ڏِني وَٽِ ۾، ٿِيا سَلامي سي،
عالَمُ اِنعامي ڪَيو، نُوريءَ نازُ ڪَري.
*(ڪاموڏ، ٢ ـ وائي)*

Gul Hayat Institute

### وائي- ١٠

توڏِن تان نہ تَنواريو، مُنهنجو لالَنُ واريو،
اَللهَ کارڻ، ميان! اوٺيا!
شَرَفُ لَهي سَسُئي، کُنَل کي کَرُ کاريو،
ميندِيءَ مُورَ مَلِيرَ جا، چانگَنِ کي سَپِ چاريو.
*(معذوري، ۴ ــ وائي)*

### وائي- ١١

توکي مَگّان، جو تون آهِئين، پيو دَرُ کونَ سُجاڻان.
اِلاهي! عِنايَتَ سين، نوازِئين نِماڻا،
اَنَڌا کِرئين آگَ ۾، کوتائِين کاڻا.
*(سهڻي ابيات متفرقہ ــ وائي ٢)*

### وائي- ١٢

توٽي تَڙٿين توَن، يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇڏيان!
مون کي سو مُشاهِدو، جي منهن نہ ڏئين مون،
مون بيا دَرَ گهڻا نهاريا، آهئين توَن ئي توَن.
*(کنيات، ٢ ــ وائي ٢)*

### وائي- ١٣

توٽي نِين، نہ نين؛
اَلو ميان! آئُون اُنين جي آهيان.

زورو هِنَ ضَعِيفَ سين، کامِلَ کوهُ کَرِين؟
جَتُ پنهنجي جُوءِ ۾، جانِبَ مانَ جَتِين!
پکَ پَدَمَنِئان آگري، سُرکي مان سَچِين!
بانهي بَروچا پانهنجي، سَگِرِ مان سَڌِين،
پيرين آئُون نہ پُڄَنِي، کَرَهَلَ هُوءِ نہ جهلِين،
اَديُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، نِينهُن نِباهِيو نِين.
*(کوهياري، ۵ ــ وائي)*

Gul Hayat Institute

(١٢)

ٿِيا تَماچِيءَ جامَ سين، مُهاڻا مَحرُومَ،
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ گَندِريءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏُومَ،
جي ڪِنجُهَر، جي رُومَ؛ سي سَڀِ اِنعامِي ٿِيا.
(ڪاموڏ، ١ ـ ١٦)

(١٣)

ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين، سَگُرُ سونهِينِ جي،
آئِيُون تنين ڪي، واڌايُون وِصالَ جون.
(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ٦)

(١٤)

ٿِيو حُضُورِي هاڻ، سوجها پِيَسِ سَرَ جي،
ڪُنڍي لَڌِي ڪاڻِ، پَڪِيَڙِي پاتارَ ۾.
(ڪارايل، ١ ـ ٦)

## وائي- ١

ٽيندو تَنَ طبيبُ، دارُون منهنجي دَردَ جو.
ٻُڪي ڏيندُم ٻاجهہَ جِي، اَڇي شالَ عجيبُ،
پرينِ اَچي پاڻَ ڪِيو، سندو غورُ غريبَ،
ڏُکندو سيوئي ڏُورِ ڪِيو، مَنجهؤن تَنَ طَبيبَ،
اَديُون! عبداللّطيف چئي، هاتِڪُ آهِ حَبيبُ.
(ڪلياڻ، ٣ ـ وائي)

Gul Hayat Institute

## ٿ

(١)

ٿاٿُون ڪِين پَلاڻَ، سَدا هَٽَنِ ڪَرڪِرا،
لاڪي لوڙائُنِ جا، اَهِڙا ئِي اُهُڃاڻَ،
ڏيئِي ٿَنگَنِ تاڻَ، ڪُوڪَ ڪارِيندا ڪَچَڙي.
(ڏهر، ٤ _ ٣٦)

(٢)

ٿَڪُ وِنگي، وَرَ گهٽا، ڪَتِيان ڪُجاڙو؟
ڪاپِي مٿان ڪيتِرو، آٽيان اُڏارو؟
جي وَرُ ڏِئي وارو، تہ سُونهان سَرَتِيُنِ وِچَ ۾.
(ڪاپائتي، ١ _ ٢٣)

(٣)

ٿِمَنِ نيڻَ، رَتُ وَهي، چُئاڪا ڪَيو،
مُون ڪي ڏَنءُ ڏِيو، اَئِين ٿا وَڃو، اوٺِيا!
(حسيني، ٢ _ ٦)

(٤)

ٿِئين ڏِينهن ٿِمڪائِينِ، دُونهِيُون دائِرَنِ ۾،
ميڙِيو ڪَڙِجَ ڪانِيُون، جوڳِي جَلائِينِ،
سَندِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون، آديسِيُنِ آهِينِ،
ڳُجُهہ نہ ڳالهائِينِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.
(رامڪلي، ٢ _ ٣)

(٥)

ٿيئِي پَرِچيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَٿارو، ڪَنڊُ،
تَنهن جِهوئِي ناهِ ڪِي، جو تو چارَڻَ! ڪَيو پَنڊُ،
اِيُ شُڪُرُ اَلحَمدُ، جِئَن مَٿو گهُرِيوءِ مَگَڻا!
(سورٺ، ٤ _ ١٠)

## ث

(١)

ثابِتُ لنگهيا سِيرَ، لَهرين لوڏيا ڪين ڪِي،
وَڃي پهتا پارَ ڪي، نِرتُون منجهان نِيرَ،
ماءِ! پَهُتا مِيرَ، پارِ لَنگِهيائون ٻاجهَ سين.
(سريراڳ، ٥ _ ٩)

# ج

(١)

جا بَرادَ بُتَنِ، سا اُڄَ بُکَ آديسَنِ،
روزا رِندَ رَکَنِ، عيدَ نہ اوڏا ڪاپَڙي.

(رامڪلي، ٩ ـ ١٠)

(٢)

جا پُون پيرين مُون، سا پُونَ مَٿي سَڄَڻين،
ڏَگَ لَتِيا ڏُوڙَ ۾، اَيِي ڏُناسُون،
ڏَينهَن مِڙيئي ڏُونَ: اُتي لوچ، لَطِيفُ چئي.

(مومل راڻو، ٥ ـ ٤)

(٣)

جا جَرَ جاتُون نہ ڏِٺِي، ڏِيا نہ موهي،
سَڏُون ڪوهُ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌَ جون؟

(ساموندي، ٢ ـ ٢٣)

(٤)

"جاڄِڪَ! تو جُهارُ، ڏَہَ پيرا ڏِياڄَ چئي،
جَنهِن ۾ مالُ نہ مِريءَ جيترو، تَنهن تُون طمعدارُ،
جي اَچِيئِي ڪَمِ ڪپارُ، تہ ويہَ پيرا وَڃي ڏِينءِ."

(سورٺ، ٣ ـ ٦)

(٥)

جاڄِڪُ جهُونا ڳَڙُهَ ۾، ڪو عَطائِي آيو،
تَنهن ڪامِلَ ڪَڍِي ڪِينرو، ويهي وَڄايو،
شَهرُ سَڄوئِي سُرَ سين، تَندُن تَپايو،
دايُون دَرمانديُون ٿِيون، بايُنَ باڏايو،
چارَڻَ ٿي چايو، تہ مارِي آهي مَڱتو.

(سورٺ، ٢ ـ ١)

(٦)

جا ڄَاري جوڳِيين، سا ماڙهن مُصِيبَتَ،
سامِيُنِ سُورُ صِحَتَ، جي پُوربيا! پَروڙِئين.

(رامڪلي، ٤ ـ ١٢)

(٧)

جا سَنهو نہ سِکي، سا مَرُ رَنڍائي روڙِي،
سُٺُ اُنهيءَ جو سَڦُرو، وِيا تَرازيءَ توري،
ٺُلهي ۽ توري، ٻيچاريءَ سان وَڙُ ٿِيو.

(ڪاپائتي، ١ ـ ٢٩)

(٨)

جا عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا سانُ سوءَ وَرتِي، سومرا!
ويئِي ويچارَنِ وِسِري، خُوشِي ۽ خَرِيدَ،
سِڪَڻَ ڪَيا شَهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا.

(مارئي، ٣ ـ ١٨)

(٩)

جا ڳُرَ ڏِني گودڙِي، سا ٿِئي لاهِيندي لَڄَ،
سَندا تنهن سُهَڄَ، چيلو چَونڊو ڪيترا؟

(رامڪلي، ٩ ـ ٤١)

(١٠)

جا ڳُرَ ڏِني گودڙِي، سا مُون ڪي ٿي مَرَڪُ،
چيلا! ماري چَرَخُ، اوڊِي ويہُ اَدَبَ سين.

(رامڪلي، ٩ ـ ٤٠)

(١١)

جا ڳُرَ ڏِني گودڙِي، سا مُون گهٽِي سُهاءِ،
نيئِي رَساٽِي ماءِ، اوڊِئين جي اَدَبَ سين.

(رامڪلي، ٩ ـ ٤٢)

(١٢)

جاڳائي جَتَنِ، گوُرا گَسِ هَلايا،
پَهُتي رِءَ پهاڙَ ۾، اُٺَ مَ آگَهِنجَنِ!
لَتاڙِي، لَطِيفُ چئي، لَنگهيو بَرُ بوتَنِ،
تَن کَهڙِي چُکَ چانگَنِ؟ هوتُ حماتي جن جو.

(ديسي، ٢ ـ ٧)

Gul Hayat Institute

(١٣)

جاڳايس جَنبُور، ڪُتي قَريبَن جي،
ٻَهي پِوئنڪي اُٿيو، گهڏِي مَنجهان گهور،
سَڀِ لاهِيندو سورَ، گَرِي هِنَ غَريبِ تان.

*(معذوري، ١ ـ ٤)*

(١٤)

جاڳَڻَ مَنجهان جَسُ، آهي اَدا! جن کي،
لاهي جو، لَطيفُ چئي، مَتان قَلَبَ ڪَسُ،
وَرنَـہَ! ڪَجان وَسُ، صُبحَ ساڻُ، سَيّدُ چئي.

*(ڏهر، ٣ ـ ١٠)*

(١٥)

جاڳُو، جاڙيجا! سَما! سُکِ مَ سُمهو،
پَسو، آن پاريا، لاکو تو لوڙيون ڪَري.

*(ڏهر، ٤ ـ ٣٤)*

(١٦)

جا هَڙَ اَندرِ جِيَ، ساهَڙَ ڏِني ساهَ کي،
ساهَڙَ ڇُڙِي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَّ،
ساهَڙَ ميڙِ، سَميعَ! تہ سا هَڙَ ڇُڙي ساهَ جِي.

*(سهڻي، ٥ ـ ٢٣)*

(١٧)

جاءِ نہ سَچو ڏِينهُن، هِنئڙو اوڻي وَڳَ جِئَن،
مُون پِريان سين نِينهُن، ڇِنَڻَ ڪارَڻِ نہ ڪِيو.

*(رپ، ١ ـ ١٤)*

(١٨)

جان ايندين تان آءُ، هَٿي هَٿُ پَکهين،
لَڳي واءُ سُواءُ، سِڙهُ سانباهِي نہ سَهي.

*(سامونڊي، ١ ـ ٤)*

(١٩)

جانِبَ! اِيئَن نہ جُڳاءِ، جِيئَن ماريو، موتِيو نہ پُڇِين،
رَتِيءَ رَتُ نہ سِنجُري، سِڪَ تُنهنجي ساءِ،
آسان تو ئِي لاءِ، تي پَرِ ۾ پُوڄائُون ڪَيُون.

*(برو و سنڌي، ٢ ـ ٣)*

(٢٠)

جانِبَ! تُون جيڏو، آهين شانَ شَعُورَ سين،
مُون تي ڪَرِ، مُنهنجا پِرين! توهُ تُسِي تيڏو،
اِيُ ڪامِلَ! ڪَرُ ڪيڏو؟ جِئَن نوازِينمِ نِگاهَ سين.

*(برو و سنڌي، ٢ ـ ١)*

(٢١)

جانِبَ! مُنهنجي جِيءَ ۾، تُنهنجي طَمَعَ پوءِ،
وَٽُ ڪاتي، وَڍِ آڱُرا، اَدَبُ ڪَرِ مَ کوءِ،
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساڃَنَ! سَنئون نِهارِئين.

*(برو و سنڌي، ٢ ـ ٢)*

(٢٢)

جان تَنُ ڪَيوءِ نہ تِئَن، سوئيريان ئي سَنهڙو،
پِرين پائِيندا ڪِيئَن، توکي آڪَڙيُن ۾؟

*(آسا، ٣ - ١٣)*

(٢٣)

جان تو هُئَڙو سُورُ، ڪَندا! پورَ ڏَٽِيُن جو،
مَٽي لامُنِ پُور، موريءَ مَجَرَ نہ ڪَرِئين.

*(ڏهر، ١ ـ ٥)*

(٢٤)

جان تو هُئَڙو وَڍُ، ڪَندا! پورَ ڏَٽِيُن جو،
پاٽا ڏيئِي ڏڍُ، مُورِيءَ مَجَرَ نہ ڪَرِئين.

*(ڏهر، ١ ـ ٤)*

Gul Hayat Institute

(۲۵)

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ،
وڃائي وُجُودُ، تِھان پوءِ تَڪبِيرَ چَؤ.
(آسا، ۱ ـ ۱۲)

(۲۶)

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ،
سَڀِ وڃائيٖ سازَ، تِھان پوءِ تَڪبِيرَ چَؤ.
(آسا، ۱ ـ ۱۱)

(۲۷)

جان جان ناهِ ضرور، تان تان طبيبُ ناهِ ڪو،
جُ سو سَريو سُورُ، تہ ڪَرَ ويڄُ وَرِ پيو.
(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۲)

(۲۸)

جان جان هُئِي جِتَري، وِرچي نہ ويئِي،
وڃي پون پيئِي، سِڪَندِي ڪي سَڄَئين.
(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ۹)

(۲۹)

جان جان هُئِي جِتَري، ويئِي نہ ويساندِ،
لُڙهِي لَهرِنِ پاندِ، مُيائِي ميهارَ ڏي.
(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ۱۰)

(۳۰)

جان جَرُ هُئَڙو جالَ، تان تُون، مَڇَ! نہ موتِئين،
پَوندِئي اَڄُ ڪِ ڪالَ، سانيِيُون سانگِنِ جُون.
(ڏهر، ۱ ـ ۱۲)

(۳۱)

جان جَرُ هُئَڙو سِيرَ، تان تُون، مَڇَ! نہ موتِئين،
آڏا آڏي ڪِيرَ، گهَڻَ بہ جَهلِيءِ گهاٽُئين.
(ڏهر، ۱ ـ ۱۳)

(۳۲)

جان جِئين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ريَ،
تَنِيءَ ٿَڌِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.
(حسيني، ۲ ـ ۱۷)

(۳۳)

جان ساماٽِيئَن، سَسُئِي! تان ويسُ وڙن جو ڪَر،
لاهي لَڄ، لَطِيفُ چئي، تِيُ بيگارِياڻي بَرِ،
تہ ويندي پَوَئِي وَرِ، اَڳِيان هوتُ حُضُورَ ۾.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ ۴)

(۳۴)

جان عاشق مٿي رَٿُ، تان دعوىٰ ڪري مَ نينهن جي،
سائو مُنهن، سُونهن گئي، سِڪَڻَ اِئِيُ شرطُ،
نَڪِي گوڏِ گَرَٿُ، مٿا سِرَ سوٗدا ڪري.
(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۴)

(۳۵)

جان ڪَتِين تان ڪَتُ، هيءَ هَڏِ وِهاڻِي،
ڪاپائِتي سَيَڪا، ڪَتي سيباڻِي،
ڄاتو جن ڄاڻِي، تن هَٿان پَهي نہ ڇَڏِي.
(ڪاپائتي، ۱ ـ ۳)

(۳۶)

جان ڪي جوڳِي تِيُ، نا تہ نرجا! وَنڻُن نِڪِري،
ڪوهُ تو ڪَنَ ڪَپائِيين، جان نہ سَهين سِيُ؟
ٻَجُ! پَراهُون تِيُ، مَتان پيا لَڄائِيين.
(رامڪلي، ۴ ـ ۱۴)

(۳۷)

جان ڪي ڪري طبيبُ، دارُون هن دَردَ جا،
هٿيو سي حبيبُ، اُڪوڙيو آڏ ڪري.
(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۵)

Gul Hayat Institute

(۷۳)

جِتي ماڻِڪَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪِيو،
سَنئون تن سَياڳُ، اَمُل جن اوباهِيو.

(سريراڳ، ۴ — ۱۸)

(۷۴)

جُتيون سي پائيِنديُون، جنِين پيرَ پرِين،
لاٿيُون سَپ پَرِين، سَسُئِي سُپيرِيُنِ ڪي.

(معذوري، ۳ — ۱۱)

(۷۵)

جَڏان ’ڪُنْ فَيَڪُونَ‘ چَئِي، نِيو آرِياٽِيءَ اَرواحُ،
اَنگُ اَڳِهِين لِکِيو، مُنهنجو ميثاقا،
’مَنْ طَلَبَ شَيْئاً وَجَدَّ وَجَدَ‘، اُتو عَليءَ شاهَ،
اَجا اِن حَديِثَ جو، مُون آسِرو آهِ،
پُنهونءَ جي پيغامَ تان، مُنهنجو موتُ مُباحُ،
سَرَتِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي.

(ديسي، ۲ — ۳)

(۷۶)

جُدائيءَ جو جامُ، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي،
مَنگَلُ مُنهنجي مَنَ ۾، بارِيو هوتَ حَمامَ،
اَرَڪِ ٿيو آرامُ، ڪاڪُلُ پَسِي ڪانڌَ جو.

(سسئي آبري، ۶ — ۱)

(۷۷)

جَڏهانڪُرَ ٿِيامِ، ساجاهِ سُپيرِيُنِ سين،
تَڏهانڪُرَ تِرَ جيتَرو، ويرَ نہ وِسرِيامِ،
اَندَرِ رُوحَ رَهِيام، سَجَڻَ اوطاقُون ڪَري.

(بروو سنڌي، ۱ — ۱۷)

(۷۸)

جَڏهانڪُرَ جاني! سَجَڻَ سانگِ سِڌارِيا،
راتِيان راحَتَ ناهِ ڪا، ڏِينهان حيراني،
آئُون پَنهنجي پِرِينءَ تان، ڪوڙين قُرباني!
رضا رباني، نا تہ ڪريان وَسَ وِصال جا.

(بروو سنڌي، ۱ — ۱۶)

(۷۹)

جَڏهِن پَوي يادِ، صُحبَتَ سُپيرِيُنِ جي،
فَرِيادُون فرِيادِ، ناگَہ وَجَنِ نِڪِيو.

(بروو سنڌي، ۲ — ۴)

(۸۰)

جَڏهن پيئي باسَ، ڇپَرِ هوتَ پُنهونءَ جي،
اَدِيُون! آرِيچَنِ جا، وَٽَنِ مُڪا واسَ،
آيَلِ! پُني آسَ، پُنهون آيو ڪيچ ۾.

(ديسي، ۷ — ۱۰)

(۸۱)

جَڏهن پيئي ڇَٽَ، ڇپَرِ هوتَ پُنهونءَ جي،
پَرَهي ويِنِيُون پَٽَ، گُوندَرَ لَٿا گولِئين.

(ديسي، ۷ — ۹)

(۸۲)

جَڏهِن ڍاڳِي ڍورُ، ٻَئي وَهَنِ ٻَلِيارَ ۾،
تَڏهِن تازَڙِيُنِ طورُ، هُئُو جَسودَنِ سين.

(ڏهر، ۱ — ۸)

(۸۳)

جَڏهن سُتِيُون جي، پَٿَرِ پيرَ ڊِگها ڪَري،
تَڏهن تِنين کي، ساٿَ سُتيئي ڇَڏِيو.

(ڪوهياري، ۱ — ۸)

Gul Hayat Institute

(٨٤)

جَڏهِن ’ڪُنۡ فَيَڪُونُ‘، مَنُ تڏهانڪُون مارُئين،
تُون ڪِئَن وِجهِين تن ڪي، سُومِرا! شَڪُون؟
هَمِيرَنِ هَڪَوُن، جاڙ جُسي ڪي پاتِيُون!

(مارُئي، ١ ـ ٢)

(٨٥)

جڏهن وَسِيلَنِ، لوڙهي چِڏي لُڙ ۾،
پاراران پِرِيَنِ، تڏهن پُڇي سُهڻي.

(سهڻي، ١ ـ ٢٤)

(٨٦)

جَڏِيءَ وَٿِ جالي، مانَ اَللهِ ڪارَڻِ لِڪَ سيئَن،
آهي آرِيءَ جامَ جي، هِتَ هُتَ حوالي،
عَيبَ مُون اَگرا، مانَ نِرمَلُ نِڪالي!
پَرِتياڻِي پالي، ڪامِلُ نيندو ڪيچَ ڏي!

(ديسي، ٤ ـ ١٢)

(٨٧)

جَرِ ٿَرِ تِڪَ تَنوارَ، وَڻ تِڻ وائِي هيڪِڙي،
سِپِيئِي شَيءِ ٿِيا، سُورِيءَ سَزاوارَ،
هَمَهَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟

(سهڻي، ٩ ـ ١)

(٨٨)

جَرَ تَڙَ ڏِيا ڏي، وَڻَ ٽَڻَ بَڌي وانئُٽيُون،
اَلا! ڪانڌُ اَچي، آسائتي آهيان!

(سامونڊي، ٢ ـ ٢٢)

(٨٩)

جَرَ ۾ سِپُون جِيئَن، آهِينِ اَبَرَ آسِري،
جَئَن ڪُنجُون سارِينِ روهَ ڪي، مُون تَنَ اَندِرِ تِيئَن،
هُتَ وَعدا وَجَڻَ جا، هِتَ نہ پانِيُمِ هيئَن،
ڪونئِيُنِ وِهان ڪِيئَن، جي نَظَربَندِياڻِي نہ هُئان؟

(مارُئي، ١٠ ـ ١٣)

(٩٠)

جَرُ هارِيو ٿي جَڪري، جَڏهِن رُنو ڏيريدَار،
ڍولي تڏهن ڍِيلِين؛ سوپِي! ٿِيَءِ نہ سارَ،
چَنيسَرَ پَتارَ، ڇِيلو ڪَيو هارَ جو.

(ليلا چنيسر، ١ ـ ١٣)

(٩١)

جَڙَ جِئَري جن سين، مُئي پڻ سين تَنِ،
جي هِتِ نہ هوتُ پَسَنِ، سي ڪَنهن پَرِ ڪيچ پَسَندِيُون؟

(حسيني، ١٢ ـ ١٦)

(٩٢)

جُزو وِچايو جوڳِيين، ڪُلَّ سين آهين ڪَمُ،
آسَڻُ جِنِ عَدَمُ، آئُون نہ جِئَندِي اُنِ ري.

(رامڪلي، ١ ـ ٤١)

(٩٣)

جُ سي اَڳِڻِ آئِيا، تہ سَرو ڪندا سُجَ،
سائي ٿِيندين اُجَ، هي پيتو! هو آڻِ ڪِي!

(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ١٢)

(٩٤)

جُ سي سَنپِرِجَنِ، سَهَ تِنين سين اورِيان،
لُنءَ لُنءَ هيٺِ وَڃَنِ، رَڳُون رَبابَنِ جِئَن.

(رپ، ١ ـ ٢١)

(٩٥)

جُسي سَندو، جوڳَ ري، مُون نہ گُهرِجي ماهُ،
ساميءَ مُنهنجو ساهُ، آئُون نہ جِئَندي اُنِ ري.

(رامڪلي، ١ ـ ٣٤)

(٩٦)

جُهُ سي لوڙائُو ٿِيا، جِنين پِرِ رَهَنِ،
مارُوُ مَنجِهہ ٿَرَنِ، رَهِي رَهَندا ڪيتِرو؟

(مارُئي، ابيات متفرقہ ـ ١)

Gul Hayat Institute

(۱۰۸)

جَنَّتَ سَندِيَنِ جوءِ، فائِقَ هَلِيا فِردَوسَ ڏي،
فانِي ٿِيا 'فِي اَللّهَ' ۾، هوءِ سين ٿِيا هوءِ،
رَبَّ! ڏيکارِئين روءِ، اُنين جي اِحسانَ سين!

(ڪيڏارو، ٦ ـ ١٢)

(۱۰۹)

جِندا! هو مَ جوڳَ ري، جِندا! جوڳُ مَ پاءِ،
ڪُوڙِي ڪَج مَ ڪَڌِهين، سَچِي ڪا مَ سَلاءِ،
پَهچَڻُ پارِينداءِ، مَتان رامُ رُسائِين.

(رامڪلي، ۴ ـ ١٧)

(۱۱۰)

جن ڪَرايُنِ ڪَڇَ جا، وَرُ ساهيڙِيُون سي!
اَتِ اُڪَنڊِي آهِيان، مَنهَن مارُوءَ جي،
لِکَنِ سين نہ پاڙِيان، هَندَ هتي جا هي،
اَهلَ اَباڻَنِ ڪي، مَرِي شال مَلهائِيان!

(مارئي، ٣ ـ ١)

(۱۱۱)

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهَنِ،
فِڪرَ فَرهِي هٿ ۾، ماٺِ مُطالعَ ڪَنِ،
پَنو سو پڙهَنِ، جنهن ۾ پَسنِ پِرينءَ کي.

(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ١٧)

(۱۱۲)

جن وِڃايو وُجُودَ کي، سي فانِي ٿِيا "فِي اَللّهَ" ۾،
نہ تِنِ قِيامُ نہ قُعُودُ ۾، نہ کو ڪَنِ سُجُودُ،
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان ڳَڌِيا بُودَ کي.

(آسا، ١ ـ ١٧)

(۱۱۳)

جنهن تَڙِ ڏورِڙون ڏُٺَن، چوٽا چَندَنَ چِڪَ ڪَيو،
اَڄَنِ پَونَرَ پَنيوليا، پاٽيءَ تَنهين پُوَن،
راوَلَ رَتو رُٺَنِ، کو وَهُ لَڳو واسُئين.

(مومل راڻو، ٣ ـ ٧)

(۱۱۴)

جَنهنجي ڏٽيان ڏارَ، پيٽي ناهہ پَنيورَ ۾،
ڪَمِيٽيءَ جي ڪانَ ڪَيَءِ، ساڻَ لَڏِيندي سارَ،
آءُ، عالَمَ جا سَردارَ! واري واڳَ وِلهيءَ تي.

(ٻروو سنڌي، ٣ ـ ٢)

(۱۱۵)

جَنهن سَناسِيءَ سانِدِيو، گَندِي ۽ گِراهُ،
اُنهيءَ ڪان اَللّهُ، اَڃا اَڳاهُون ٿِيو.

(رامڪلي، ٩ ـ ١١)

(۱۱۶)

جَنهن ڪارَڻ جوڳِي ٿِيا، جان جان سو نہ پَسَنِ،
تان تان سَناسِيَنِ، وِرهَ وهامي راتڙِي.

(رامڪلي، ٩ ـ ۴٨)

(۱۱۷)

جِنين پِيرِيو هيڪلو، تِنين ميڙِيو، ماءِ!
تَندُ اَهڙِيءَ ساءِ، مُون آتَڻُ هَڏِ نہ اُڃِهي.

(ڪاپائتي، ١ ـ ٢)

(۱۱۸)

جِنين جهيڙِيو اَڄُ، عَليءَ جي اولادَ سين،
پيءِ! تِنين ڪان پَڄُ، جي جَماتي يَزِيدَ جا.

(ڪيڏارو، ۴ ـ ۴)

(۱۱۹)

جِنين جهيڙِيو ڪالَ، عَليءَ جي اولادَ سين،
هَيءِ! تِنين جي حالَ، جي جَماتي يَزِيدَ جا.

(ڪيڏارو، ۴ ـ ٣)

Gul Hayat Institute

(١٥٤)

جِئان ڪوڙِ ۾ ڪانئيون، پنجين لَڪين پَنُ،
تِئان ڇاڻي ڇُڳيُون، ميي رَتو مَنُ،
تنهن وَلِ سَندو پَنُ، ڪُوماڻو ڪوڙين لَهي.
*(ڪنڀات، ٢ ـ ٤٤)*

(١٥٥)

جِئان گهڙي تِئان گهيڙُ، ڪَپرو پُڇَنِ ڪوڙيُون،
ڏَمَر سين جُسو ظاهِراً، مَنَ ميهارَ سين ميڙُ،
سا نَدي پانئي نيڙُ، جنهن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي.
*(سهڻي، ٣ ـ ٣)*

(١٥٦)

جِئان واري وَڳَ، اوني تِيا چُلِنگيُون،
مَتي تنهن مارَڳَ، پَئي پُرزا نہ تِئين؟
*(حسيني، ٨ ـ ١١)*

(١٥٧)

جِئان وَهي تِئان واٽَ، ڪَپرو پُڇَنِ ڪوڙيُون،
جن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گهيڙُ نہ پُڇَنِ گهاٽَ،
جن کي عِشقَ جِي اُساٽَ، سي واهڙُ پانئينِ وِڪڙي.
*(سهڻي، ٣ ـ ٤)*

(١٥٨)

جَنَ اُتَنِ آريءَ ڄامَ، اُتَنِ تان اونئين نہ ڪيو،
ٻَڙڪِي ٻاهِرَ نِڪتي، ڳاڍَرِ مَنجهان ڳامَ،
ساهُ ڏِنائين سامَ، سُتي سَڳُرَ پَٽيين.
*(حسيني، ١١ ـ ٣)*

(١٥٩)

جَنَ اِيندي ئِي موٽِئين، ميندرا! وَڏِي ڄاڙَ ڪِياءِ،
وَرُ نہ هُئين؟ وَلها! هُوندَ جَتي، مُون ڄاڳاءِ؛
تہ سُتي جي سڄاءِ، سودا! سِگهيائِي تِيءِ.
*(سومل راڻو، ٧ ـ ١٢)*

(١٦٠)

جَنَ تون قائِمُ، ڪانڌ! تِئَن آئُون وَرا! وِلهي نہ ٿِيان،
پَکي ڇِنا پاندَ، ڳَنڍُ نہ ڄاڻي ڪو ٻِيو.
*(ڏهر، ٣ ـ ٢)*

(١٦١)

جِئَن تا پُڇَنِ اَنَّ ڪي، تِئَن جي پُڇَنِ اَللهُ،
تہ رِڙهي لَڌائون راهُ، لَٿيِنِ لُڪَ، لَطِيفُ چَئي.
*(رامڪلي، ٩ ـ ٨)*

(١٦٢)

جِئَن تا پُڇَنِ اَنَّ ڪي، تِئَن جي پُڇَنِ پَنڌُ،
تہ رِڙهي لَڌائُون رَندُ، لَٿيِنِ لُڪَ، لَطِيفُ چَئي.
*(رامڪلي، ٩ ـ ٧)*

(١٦٣)

جِئَن جِئَن پِڄي راتِ، تِئَن تِئَن تاٽي پَنڌَ ۾،
پوريءَ پِي نہ تاتِ، جيڪا سا جَتَنِ جي.
*(حسيني، ٢ ـ ١٥)*

(١٦٤)

جِئَن جِئَن تَپي ڏِينهُن، تِئَن تِئَن تاٽي پَنڌَ ۾،
ڪو آڳانجهو نِينهُن، ٻانيَڻِ ٻاروچَنِ سين.
*(حسيني، ٢ ـ ١٤)*

(١٦٥)

جِئَن جِئَن جهلي جڳُ، تِئَن تِئَن مُون تاڪيدُ ٿِئي،
ڳهريو تو ڳالهيُون ڪري، وهسي پِنُو وَڳُ،
لوڪَ لَتاڙي نندَ ۾، پُنيءَ لالَنَ لَڳُ،
آرِياڻي اورڳُ، پَنيوران پَهرِ ٿي.
*(حسيني، ١٢ ـ ١٧)*

(١٦٦)

جِئَن جِئَن ڪَڪَرَ اُڀَ ۾، تِئَن تِئَن ڏُونگَرَ ڏيٺِ،
مُون تان تَنهين هيٺِ، پيرُ نِهارِيو پِرينءَ جو.
*(ڪوهياري، ٢ ـ ١٩)*

Gul Hayat Institute

(١٧٩)

جي اَٿيئي سَڌَ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪلالڪي هَٽِ،
لاهي رڪُ، لطيف چئي، مٿو ماٽيءَ وَٽِ،
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، پِيج ڪي پيالِيون.
(ڪلياڻ، ٢ ـ ١٩)

(١٨٠)

جي اَٿيئي سَڌَ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪلالن ڪاٽي،
لاهي رڪ، لطيف چئي، مٿو وَٽِ ماٽي،
تِڪَ ڏيئي پِڪَ پِيُ، تون منجهان گهوٽ! گهاٽي،
جو وَرَنہ وِهاٽي، سو سِرَ وَٽِ سَرو سهانگو.
(ڪلياڻ، ٢ ـ ١٨)

(١٨١)

جي اُڏمِيو اَڄُ، تہ وَسندو سونَ سَنگُ،
جالَ ڏِئيندو جُنگُ، جَڳُ ڏِئيِندو جَڪرو.
(بلاول، ٣ ـ ١٧)

(١٨٢)

جُہ يارُ ڏِناٺُون يارَ جو، پُنيءَ پيرُ ڪَڙِين،
ڦِريا نہ فَرمانَ کان، اُنهيءَ ۾ آهين،
ڏِسِي نہ ڏاڙهِينِ، شُبانَ جي سَڱَ ڪي.
(معذوري، ١ ـ ١٠)

(١٨٣)

جِياريَسِ سَنپارَ، ڪُہ ڪَرِيندَمِ گڏِجي؟
ويروتارَ وُجُودَ ۾، پِرِيُنِ جِي پَچارَ،
سي سَجَڻَ هُونِ نَہ ڏارَ، جي هِنئين ۾ حَلُ ٿيا.
(سهڻي، ٤ ـ ٦)

(١٨٤)

جِياسُون جوڙ ٿي، جوڳِي ڏِنوسُون جان،
سَڱُ هو جَنهِين سان، سو سامي اَسان پيٽيو.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٥)

(١٨٥)

جِياسُون جوڙ تِي، جوڳِيءَ لاٿو جارُ،
سَندو پوُرَبَ پارُ، آچِيائِين اَنڌَنِ ڪي.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٤)

(١٨٦)

جِياسُون جوڙ ٿي، نانگو ڏِنوسُون نِٿُ،
چُونچو هو چِٿُ، ڪُلي سو باغ ٿِيو.
(رامڪلي، ٨ ـ ١٦)

(١٨٧)

جي اَمُرُ هنيو اَڏَ ڪَري، سي ڪاغذَ لِکان ڪيئَن؟
واڳِيُون جي وِصالَ سين، تنين چاڙهي چِيهَن!
رُئان راتو ڏِينهَن، جِئَن اُنِ جي وائِيَ ۾ وَرَ گهٽا.
(مارئي، ٢ ـ ٥)

(١٨٨)

جي بُڏان تہ بَنِ، اولِجان اُنَ پارَ ڏي،
ڪَنڌيءَ اَچِيو سُپِرين، مانَ "بَر! بَر!" ڪَنِ،
مُيائي سين تَنَ، جيڪر اُتي نِڪَران.
(سهڻي، ٥ ـ ١٩)

(١٨٩)

جي پانئين جوڳِي ٿِيان، تہ ٿِيُ گُرُءَ جي گَسِ،
ڏُکَ پانَ ڪي ڏِسِ، سامي! وَڏيءَ سِڪَ سين.
(رامڪلي، ٤ ـ ٥)

(١٩٠)

جي پانئين جوڳِي ٿِيان، تہ پَرَ گُرُوءَ جي پارِ،
هَوائُون هِنگِلاجَ ڏي، ويندي سَڀِ وِسارِ،
نانگا! ناٿُ نِهارِ، سامي! وَڏيءَ سِڪَ سين.
(رامڪلي، ٤ ـ ٣)

Gul Hayat Institute

(١٩١)

جي ڀانئين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڳَ سِپيئِي ٽوڙِ،
جي ڇاوا نہ ڇاپَندا، جِيُ تنين سي جوڙِ،
تہ تُون پُڇِين توڙِ، مُحَبَّتَ جي مَيدانَ ۾.

(رامڪلي، ۴ ـ ۲)

(١٩٢)

جي ڀانئين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڳَ سِپيئِي ڇِنُ،
وَڃِي دَرِ دوستَنِ جي، نانگا! ڪِيمَ نِنُ،
پَٽِ تنين جي پِنُ، جن ٻُجهي نہ ٻُجهيو.

(رامڪلي، ۴ ـ ۱)

(١٩٣)

جي ڀانئين جوڳِي ٿِيان، تہ طَمَعَ ڇَڏِ تَمامُ،
گولا جي گولَنِ جا، تَـنِ جو ٿِيُ غُلامُ
صَبُرَ جي شَمشِيرَ سين، ڪَرِ ڪِيني کي قَتلامُ،
تہ نانگا! تُنهنجو نامُ، لِکِجي لاهُوتِيَنِ ۾.

(رامڪلي، ۴ ـ ۴)

(١٩٤)

جي ڀانئين جوڳِي ٿِيان، تہ ڪِينَ پِيالو پِيُ،
ناهِ نِهاري هَٿَ ڪَري، 'آئون' سين اُتِ نہ پِيَّ،
تہ سَندو وَحدَتَ وِيُّ، طالِبَ! توڙان ماٽِئين.

(رامڪلي، ۴ ـ ۷)

(١٩٥)

جي ڀانئين جوڳِي ٿِيان، تہ مَنُ پُوري، مَنجهہ مارِ،
دائِمَ دُونهين دِلِ ۾، مَنَ سين مالها وارِ،
سَہُ سَيڪا آرِ، آڳي جي اَدَبَ سين.

(رامڪلي، ۴ ـ ۶)

(١٩٦)

جي ڀانئين جوڳِي ٿِيان، تہ مُنهَن ۾ مُنڊا پاءِ،
ڪَنين ڪِينَ وِڃائِيو، جِنِ ۾ ڪوڙين ڪَکَرَ وِڌاءِ،
ڇَڏِ چادَرَ، ٻَڌُ چَمڙا، جُتِي تو نہ جُڳاءِ،
تہ سامِيڙا! سَندِياءِ، گُرَ وَٽِ گَلا نہ ٿِئي.

(رامڪلي، ۴ ـ ۸)

(١٩٧)

جي ڀانئِيين وَسَ ڇَران، تہ سَنگهارَنِ سين لَڏِ،
تہ هاڃي سَندِي هَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُٽِين ڪَڌهين.

(ڏهر، ۴ ـ ۳۰)

(١٩٨)

جي ڀانئِين پرين ءَ مڙان، تہ سکُ چوران ڪِي ڏاتِ،
جاڳَڻُ جَشَنُ جن کي، سُکُ نہ ساري راتِ،
اُجهي ٻُجهي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ،
سَلي سُورِيءَ چاڙهيا، ٻَيان ڪَنِ نہ باتِ،
توڻي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ ٻہ ساڳي سَلَنِ ڪِينَ ڪِي.

(يمن ڪلياڻ، ۲ ـ ۸)

(١٩٩)

جي تو بيتَ ڀانيا، سي آيتُون آهِينِ،
نِيو مَنُ لائِينِ، پِريان سَندي پارَ ڏي.

(سهڻي، ۶ ـ ۲۵)

(٢٠٠)

جي تو ڳالهائي، ماءِ! ٻاروچا ٻُچِيا،
اُنين جي وائي، هُوندَ نہ وِيِيان وِسري.

(حسيني، ۱۲ ـ ۷)

(٢٠١)

جي تُون آسائُو آئِيو، تہ ڇانٽُٽِ ٻي مَ چورِ،
ڪيرا ڪُميتَنِ جا، ڪَٽِي آٽي ڪوڙِ،
اِنَ دَرِ عِراقِي گهٽا، ڇانگُون ڪَيو ڇوڙِ،
تَنهن سَيَدَ وڏي سوڙِ، جَنهن ۾ مَتو هَٽَنِ مَڱتا.

(بلاول، ۳ ـ ۸)

Gul Hayat Institute

(۲۲۶)

جي ڪَرَ لَڏائُون، تہ بَنديءَ بَندُ نہ سارِيو،
مارُوئَڙَنِ آئُون، جيڪُسِ وِيَسِ وِسرِي!

(مارئي، ۴ ـ ۱۱)

(۲۲۷)

جي ڪُلاهَ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿِيءُ،
وِهَ وٽِي هٿ ڪري، پُرِ پيالو پِيءُ،
هنڌ تنين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.

(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۷)

(۲۲۸)

جيڪُسِ اُنا مِينهَن، مُنهان پوءِ مَلِيرَ ۾؟
ڪالهہ سَجوئي ڏِينهَن، مُنهنجي اَکَڙِيُن اُڪيرِيو.

(مارئي، ۱۱ ـ ۴)

(۲۲۹)

جيڪُسِ ڪَمَ سَندامِ، جُونا ڏِنا جيڏِين،
ڪِلَنِ سَيِ مَٽائمِ، ساهيڙِيُون ۽ سَرتِيُون.

(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۲)

(۲۳۰)

جيڪُسِ نَبَرُ نينهُن سَندومِ، جئَن مون ٻيڻي هُن ٿيليو،
سعيو سامُونڊِين سين، اَڳهين تان نہ ڪيومِ،
وِجهڻُ مَنجهہ هئومِ، پاڻُ وراڪي رَسِ سين.

(سامونڊي، ۱ ـ ۲۲)

(۲۳۱)

جيڪُسِ يادِ ڪَياسِ، وَرَ وِجي وَٽِڪارَ ۾،
جَلِڏُ جَريدِي پَنڌَ ۾، اَديُون! اَڄُ ٿِياسِ،
وِجي ڪيچِ پُنِياس، ٻاروچاڻي ٻاجههَ سين.

(سسئي آبري، ۲ ـ ۳)

(۲۳۲)

جي ڪو ڏُٿُ ڪَري، تہ ڏُونگرُ ڏورڻُ ڏاکڙو،
چِپَرُ ڪِينَ ڏِئِي، سُوکَڙِيُون سُٽَنِ ڪي!

(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۱۵)

(۲۳۳)

جيڪي ڏٺو مان، سو جي ڏٺو جيڏِئين،
گهرَ وَرَنِين سان، هُوند گهٽِنِ گهوري چِڏيا.

(سهڻي، ۱ ـ ۷)

(۲۳۴)

جيڪِي ڏُٺُءِ تارِ ۾، ڪَنڌيءَ سو ڪَهيج،
جَرُ وڏو، جهاجهہ گهٽِي، پانڌُ مَ پُسائيج،
ساهَڙُ ساڱاهيج، تہ ثابِتُ لَنگهين سِيرَ مان.

(سهڻي، ۵ ـ ۲۱)

(۲۳۵)

جيڪِي ڏِڏَنِ ڏِي، ڳُجهيان ئِي ڳُجههَ ۾،
سو جي سُٽَنِ ڪَڏهين، ڪرتِ وارا ڪي،
تہ سازَ مِڙوئِي سي، هُونَدَ پِٽوَنَ ڪَنِ پَلڪَ ۾.

(پرڀاتي، ۱ ـ ۷)

(۲۳۶)

جيڪي ڏُنائُون، سو سِرُ ڏيئي سَہُ جِندڙا!
مَ چؤ چِنائُون، اِئُ پِڻُ ڳُنڊيو سڄڻين.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۹)

(۲۳۷)

جيڪي ڏُنائُون، سو مان ڳُڻُ ڳُنڊِ ٿيو،
مون کي پچيائُون، نُوڪي اِنهيءَ نُوڪَ سين.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۸)

(۲۳۸)

جيڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، نات پَسُ سڪندئين،
پاسي تِنيَنِ مَ لِڪُ، نينهُنَ نہ سُڃاڻَنِ جي.

(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۸)

Gul Hayat Institute

(٢٣٩)

جيڪي طالِبَ تاتِ جا، تاتِ بہ تِنين وَٽِ،
هَڏِهين ڪانهي هَٽِ؛ گهورِ تہ گهران ئي لَهِين.
(حسيني، ١٠ ـ ٢٢)

(٢٤٠)

جيڪِي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي،
اَچِي اوطاقان، مُون کي پِرِيُنِ پَري ڪَيو.
(حسيني، ٥ ـ ١١)

(٢٤١)

جيڪِي مَنجِهہ جَهانَ، سو تارِيءِ تڳِي تنهنجي،
لُطفَ جي، لطيفُ چئي، تو وٽ ڪمي ڪانَ،
عَدْلَ ڇُٽَان آئُون نہ، ڪو ڦيرو ڪج فَضْلَ جو!
(سريراڳ، ٢ ـ ١)

(٢٤٢)

جي گَهرِ گهارِيَمِ ڏِينهَنڙا، هيڪانديءَ حُضُورِ،
سيئي سِڪان، سارِيان، پَچان پائُـرَ پُورِ؛
هَميراٽا هَـٽڙا، ڪِينَ مَجِيندِيَسِ مُورِ،
سَنجهي سَتِ گذارِيان، اَچِين شالَ اَسُورِ!
دَران ٿِيان مَ دُورِ، مارُوءَ جامَ مَلِيرَ جي!
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٥)

(٢٤٣)

جي لُونُ لَڱن لائِيين، ڇيري ڇِيري ڇَمُ،
مُون ڪُرَ اَڱي نہ ڪَيو، اَهڙو ڪوجهو ڪَمُ،
جان جان دعويٰ دَمُ، تان تان پِرتِ پَنوَهارَسين.
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ١٧)

(٢٤٤)

جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پڻ لِيلائيج،
آسَرَ مَ لاهيج، سَڄَڻُ ٻاجهِيندَڙُ گهڻو.
(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٢٢)

(٢٤٥)

جي مٿي وَٽِ مِڙَنِ، تہ سِيڪنهن سَڏَ ٿئي،
سِرَ ڏني سَٽِ جُڙي، تہ عاشقَ اِئن اَچِنِ،
لِڏا تي لَبَنِ، مُلهِ مَهانگا سُپِرينِ.
(ڪلياڻ، ٢ ـ ٣١)

(٢٤٦)

جِيُ مُنهنجو جن، اَنگُـڙِيارو وَڍِيو،
پُڄاٽان پِرِينِ؛ سِبان سَجو نہ ٿِئي!
(حسيني، ٩ ـ ٣)

(٢٤٧)

جي مُنهَن ۾ مَدِيُون نہ ڏِئين، تو ۾ تي ٻَڌِياسِ،
سوڍا! اِنَ سُهاڳَ کي، ويٺي واجهاياسِ،
ڍولي ڍِڪِيياس، ڏيئي پاندُ پَناهَ جو.
(مومل راڻو، ٨ ـ ٧)

(٢٤٨)

جي مُون مُوڙهِي مَٽِ، تہ تُون پاڻُ سجاڻِـج سُپِرِين!
اَصُلِ اَوايِنِ جا، عَيبَ ڍِڪِئين تُون اَٽِ،
اِيَ، پِرَ! تُنهنِجي پَٽِ، جِنَ وِلهِيُون ڍِڪِئين، وَلهَا!
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٧)

(٢٤٩)

”جي مِيراثِي مَڱتا، آئُون پُڻ مَنجهان تَنِ؛“
”ڪِي ڪَہُ مُنهنجي ڪَنِ، اِرْثَ مَنجهاران اُنِ جي.“
(سورٺ، ٢ ـ ١٠)

(٢٥٠)

جِيَنِ سي سَنگهارَ، اَجهي جِنين گهارِيان،
مانَ لَهَنئُون سارَ، وِڇِ وِلَهين ڏِينهَڙين.
(ڏهر، ٤ ـ ٢٦)

(٢٥١)

جي ويڄهي ٿيان وَرَ کي، تہ سَپا ڳوٺ سَنئون،
نِتُ نِتُ آهِ نئون، مُون کي پَسَڻُ پنوهارَن جو.

(مارئي، ٤ ـ ١٧)

(٢٥٢)

جي وِيڙِهَمِ اَڄُ، سي ڪڏهن ايندا مان ڳري؟
پِريان جي هُنَ پارَ ڏي، وڃي ڏَنڪي ڏَڄُ،
ساموندِيڪو ڏُڄه، ماءِ! مارِيندُم ڪڏهين!

(ساموندي، ١ ـ ١٤)

(٢٥٣)

جيها جي تيها، مُون مارُو مَڃِيا،
مُون جيڏيُون مَلِيرَ ۾، ڇُونڊنِ موڪَ مِها،
مُنهنجي آهَ اِها، ڪَڏهِن ڪيرائيندي ڪوٽَ کي!

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٩)

(٢٥٤)

جي هتِ هُئي مارُئي، تہ لَڏيمِ ڪَرَ ڪيٽاسِ،
اَرداسِيُمِ عُمَرَ کي، ويڄهو ٿِي وَٽانسِ،
جي نہ ڇَڏِيائين، ڪِ جهليائين: تہ پنهنجو اَنگُ آڇيانسِ،
لاهي لوهَ لَطِيفُ چَئي، هِتان هُندَ هَلانسِ،
موڪِي مَلِيرَ سامُهين، وَنِي پانهن وَڃانسِ،
رَهبَرُ ٿِي ريڙهيانسِ، سُنهاري سائيہ ڏي.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٣١)

(٢٥٥)

جيهَرَ لوڪُ جهپَ ڪَري، اوهيرَ اُڏامَنِ،
پِٽُون جي پاتارَ جا، چيتاريو چُڻَنِ،
ڪوهُ ڪَندا کي تَنِ، پاڙهيري پَہُ ڪَري؟

(ڪارايل، ١ ـ ٢٥)

(٢٥٦)

جيهَرَ لوڪُ جهپَ ڪَري، ڏَرو جاڳَ نہ هوءِ،
اوهيرَ اَچيو، اَديُون! پَہُ پِريان جو پوءِ،
جي ڪَچو ڇَوَنِ ڪوءِ، تہ مَرڪُ پانيان مِٺو.

(سهڻي، ٥ ـ ١٤)

(٢٥٧)

جيهُسِ ڪونَ جهانَ ۾، هِندُ، سِنڌُ، سُورَتَ هاڻ،
دَرِ داتا مَڱُ، مَڱتا! ٻِئي جي ڪَڏُ مَ ڪاڻ،
پاڻُوندرُ پاڻَ، حالُ پَسي پالُ ڪَري.

(بلاول، ٢ ـ ١٣)

(٢٥٨)

جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپَر ڏيج،
منهن ۾ معشوقن جا، جهالو ٿي جهليج،
پاهان پَڳَ مَ ڏيج، عاشقُ ٿِيُ تہ اُبهِين.

(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ٨)

(٢٥٩)

جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپرَ رَکُ،
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪَ چِٽڪا چَکُ،
سوري پاءِ مَ شَڪُ، عاشقُ ٿِيُ تہ اُبهِين.

(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ٧)

(٢٦٠)

جي هو پائينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ نئي ڏج سِينو،
ڪجي نہ ڪِينو، وڃي درِ دوستن جي.

(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ٩)

(٢٦١)

جي هُئا ڪوڙيا ڪاڪِ جا، سُتا سي سُونهَنِ،
لُڊُوٽِيان، لَطِيفُ چَئي، لَڏيو لوڏِيڙَنِ،
سي موٽي مَسَ اَچِنِ، جي آتَڻُ آرامي ٿِيا.

(مومل راڻو، ٧ ـ ٢)

Gul Hayat Institute

(۲٦۲)

جي هُيان هوتَ پُنهونءَ سين، مُون جتَن مُلاقاتَ،
پانهِنِ وِجهي واتَ، رِيهُون ڪَينِ رُجُنِ ۾.

(حسيني،۱۲ _ ٦)

(۲٦۳)

جيهِي جي تيهِي، تہ بہ پانهي پاروچَنِ جي،
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪميٽيءَ ڪيهِي؟
اَصلِ آريءَ جامَ جي، پَلءِ آئُون پيئِي،
هُوءَ جا پائِينِ پيرَ ۾، تنهن جُتيءَ نہ جيهِي،
وِساري ويهِي، تنِ ڪيچِينِ کي ڪِيئن رَهان؟

(ڪوهياري،۳ _ ۸)

(۲٦۴)

جتَن سو تـئيءَ تَرو، ڪامي ڪُوري وِچَ ۾،
مُون کي ڏِنو سَجَڻين، مَنجهان سِڪَ سَرو،
وَرُ جهِيڻو اِيُ پَرو، مَ ڦورڙائو سَجَڻين.

(رپ،۱ _ ۷)

## وائي- ۱

جاڳو، يارا! جيڏِيُون! پاڻُ پَرِنجي،
جاڳو جوشان، جيڏِيُون! پاڻُ پَرِنجي.
هلندي حَبِيبَنِ ڏي، ويلو وِچ نہ ڪجي،
مَٿان اُهَس اُسِري، پَتنگَ جئن پئجي،
عَرضُ اَحوالُ اُنَ کي، چڱيءَ پَتِ چئجي،
ڪري نِيازُ نِڪٽو، واحِدَ ڏي وَرجي،
آهي موتُ مِڙنِ تي، گوڙِيُون ڪيو گجي،
اَجل ايندءِ اوچتو، جو سَدا تو سُجي،
اَڳِيان اُونداهِيءَ جو، سَمَرُ ساڻُ ڪجي،
ڪَنُ تون قُوتُ قَبَرَ جو، گهٽو تو گهرجي،
آڳو عيبَ اوهانجا، ڍَڪيا ڳُجَهہ ٻُجهي،
جيڪِي وَهي وُجُودَ ۾، صاحبُ سو سَمجهي،
ڊِجي داءِ ڏٽيءَ جي، جيڪو پيءِ پَجي،
اَمَنُ آهي اُنَ کي، جو مَنجهہ اَللہ اَجهي.

(سريراڳ،۴ _ وائي)

## وائي- ۲

جاڳي اَکَڙِيَنِ، آوان اوجاڳو نہ ڪيو،
اَکَڙِيُون پِرِيَنِ لاءِ، ٿہ ٿہ ڪيو ٿِمَنِ،
جي سَنجهيئي سُتِيُون، سي مَرُ سُورَ سَهَنِ،
تُون آٽاسي! اوجهرين، هوءِ تا هوتَ هَلَنِ،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چئي، مِلان سين مُحِبَنِ.

(ڪاهوڙي،۳ _ وائي۲)

## وائي- ۳

جـن جـو وارِثُ تُـون،
آلا! سي ڪِيئَن رَهَندا نيڻَ مُنهنجا؟
آڳي اُپَ خَلقيا، پَلي خَلقيائِين پُون،
جوڙِيائِين جوڙَ جهانَ جي، چئي، "ڪُنَ فَيَڪُونَ"،

ڪُوڙي دُنيا، ڪُوڙا پَسارا، ڏِينهَن مِڙيئي ڏُون،
آهيُون اَلفَ آسري، مُحَمَّدُ مَجيبوسُون.
(پورب، ٢ ــ وائي)

### وائي- ٤

جنهنجي آهيان ڏُونگـرَ ڏوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪَهلَ پَوي!
آئُون تنهن گهوري گهوٽَ جي، ماڻهو چَوَنمِ پوري،
نيو نماڻي پانَ سين، ڇَپَرِ ڇَڏيو مَ ڇوري،
روئي رَڳيِنديَسِ رَتَ سين، ساڻُ ڇُڻاڪَنِ ڇوري،
اَديُون! آريچَنِ جو، لَهُ لَڳو مُون لوري،
ڪَشي ڪانُ ڪمانَ مان، لائي وِيڙا لوري،
نالائِقِ ساڻُ، لَطِيفُ چَئي، قادِرُ ڪَرَمُ ڪَندو، ڙي!
(ڪوهياري، ٦ ــ وائي ٢)

### وائي- ٥

جوڳي جَڳِ گهٽا، آلا! مُون وَهُ ويراڳِيُنِ سين.
پاڇي ڪَنِ نہ پانَ سين، ٽُنبيءَ مَنجهہ ڪَٽا، آلا!
جان کي ڏاٽيُون ڏُوڙِ ۾، جان کي کِيَنِ ڇَٽا! آلا!
ويني واتَڙيِنِ تي، پَٽَنِ جَٽَن پَٽان، آلا!
سارِيو سَناسيُنِ کي، ويني هَٽَ هَٽان، آلا!
آيَلِ! آديسيُنِ جا، مُون تي ڳَڻَ گهٽا، آلا!
اَديُون! عبدُاللّطِيفُ چَئي، مُحبَّنِ مَنجهہ مَٽيا، آلا!
(رامڪلي، ٨ ــ وائي ٢)

### وائي- ٦

جوڳي ڏادي ذاتِ، جِيجان! سامي ڏادي ذاتِ،
ماءُ! مُون قبوليا ڪاپَڙي.
راتيان ڏِينهان رُوحَ ۾، مُون کي سَنديَنِ تاتِ،
سِگها اِيندَمِ سُپِرين، شَلَ سُياٽي پِرياتِ،
اُنهَنِ آديسيُنِ جي، مُون کي وائي آهي واتِ،
ڪَريا عَرضُ اَللّهَ کي، آئُون اُٿي آڌيءَ راتِ،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، شَلَ ڏاتَرُ ڏِيندُمِ ڏاتِ.
(رامڪلي، ٩ ــ وائي ١)

### وائي- ٧

جوڳي سوئي، جَنهنجي مَنَ ۾ مالا،
سامي سوئي، جَنهنجي مُنهَن ۾ مُندا،
پيناسُون مَـڙهيءَ ۾، اِلَّا اَللّه سَنگُروءَ جي سَنگا.
(رامڪلي، ٣ ــ وائي ١)

### وائي- ٨

جو نَوازي ڏُڏَ، آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جي،
ويهُ داتا جي دَر تي، لَنگها! لاهي لَڏُ،
اوڏايان اوڏو گهڻو، ڪَهڙا ڪَرئين سَڏُ،
آڳَلَن کي اوڏو وهي، گَندا ڪَري گَڏُ،
ڪَهڙا جَڏُ جَڏوئيين، جُودَ مَهندان، جَڏُ!
آڳِيان عَجِيبَن جي، اُهڪا بَڏَنُ مَڏُ،
آدَمُ تِيائين اُپيو، هُوءَ جا ڪَچِي مَنجهان ڪَڏُ،
اَوليءَ ۾ عَبدُاللّطِيفُ چَئي، سَجَڻُ ڏِيندو سَڏُ.
(رپ، ١ ــ وائي)

### وائي- ٩

جِتَري زِيارَتَ، جي مان هوءِ پريُنِ سين،
سَڏَرَ مُنهنجا سُپِرين، مُون تان لاهِ مَ هَٿَ،
مؤلا! مُون کي ميڙَئين، سُپيريان جي سَٿَ،
چَنڊيان ڪَهَ اَکِيُنِ سين، پيرين وِجهان هَٿَ،
ڏُوران ڏَنُمِ سُپِرين، هُيمِ جِنين جي سِڪَ،
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، مَجياٿُون مِنَتَ.
(رپ، ٢ ــ وائي ٢)

Gul Hayat Institute

# ج

(١)

جارا ۽ کارا، مالُ جِنين جو مَکَڙيُون،
تَماچيءَ جي تَڪِيي، اَچَنِ سَوارا،
مِيَ مَڇيءَ مارا، سَمي سي سِينَ ڪَيا.

(کامود، ١ ـ ٩)

(٢)

جارِيُون، کارِيُون، ڇَڇَ، ڇِپرِيُون: جن جي مُحَبَتَ مَڇيءَ ساڻُ،
رَهَنِ، وهَنِ سر بانڌِيين، سَپِيئي بَدِبُوءِ هاڻُ،
لُڌَڙَنِ جِئَن، لَطِيفُ چئَي، پاڻيءَ وِجهَنِ پاڻُ،
تن مَلاحَنِ جو ماڻُ، سَمي سِرِ ڪَيو پانهِنجي.

(کامود، ١ ـ ١٢)

(٣)

جامان اَگِي جي جائِيُون، تِن جي نِرتِ نُورِيءَ کي ناهِ،
نہ مَنَهن، نہ مارِڪي، نہ وَجِنِ ڪَنهن وهانءِ،
سي ڪِنجُهَر ڪَنِديُون کانهِ، جِن تَماچِي تَڪِيو.

(کامود، ٢ ـ ٩)

(٤)

جاڙِي ٻُجهي جن، توسين سُورَ سَچَ ڪئي،
تون ڪيئَن سنديُون تن، پَرَ سين پَچارُون ڪَرين.

(کلياڻ، ٣ ـ ١٢)

(٥)

جاڙِي جي جاتومِ، تہ پوندو فِلَڦُ فِراقَ جو،
اَڪَرُ اِرادَتَ جو، ڏُرِيائِين ڏوتومِ،
پوءِ تان ڪونَ ڪَيومِ، هُونَدَ ڪَشالو ڪيچَ ڏي.

(حسيني، ٨ ـ ٨)

(٦)

جاڙي سُجاڙي، مُون کي ڇَڏِي هَليا،
اَدِيُون! آرِيچَنِ لَءِ، آئُون کُوري جِئَن ڪاٽي،
پاهَڻَ ۾ پاٽي، هارِيُون! هارَڻُ آئِيو.

(حسيني، ٨ ـ ٦)

(٧)

جاڙي سُجاڙي، مُون کي ڇَڏِي هَليا،
آئُون ڪِئَن ڇَڏِيان پانهِنجو، اَدِيُون! آرِياڻي؟
پَرِيُمِ جو پاڻي، سو ڪيچِيُنِ ڪَمِ نہ آئِيو.

(حسيني، ٨ ـ ٧)

(٨)

جاڙي سُجاڙي، وهان ڪِئَن ماٺِ ڪَري؟
اَندَرِ آگِ عِشقَ جي، اَپَرِ اُڏاڻِي،
'اَلعِشقُ نارُ اَللهِ اَلمُوقَدِة'، کُوري جِئَن ڪاٽي،
آهي آرِياڻي، پِيو سَرَتِيُون! سُڄي ڪِينَ ڪي.

(سسئي آبري، ٥ ـ ١٥)

(٩)

جاڙِين تہ ٻہ نہ جاڻُ، اِيُ دَرُ اَبوجَهِنِ جو،
اِنَ دَرِ سي ئي اَگِهيا، جن نہ پِڃيو پاڻُ،
رِيجهاڻو راڄاڻُ، آهي اَبوجَهِنِ جو.

(پرڀاتي، ١ ـ ١٤)

(١٠)

جَرَ جَراڻِيَنِ اَنگُڙا، کُوري ڪانئِيَنِ کَلَ،
ماءُ! مارِيندَمِ اُن جا، اَڏِيا ماگَ مَحَلَ،
ڪَيائُون ڪانہ ڪَهَلَ، اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئَي.

(رامڪلي، ٧ ـ ٢٠)

Gul Hayat Institute

# چ

(۱)

چارِ ترارِيُون چيلھ سين، ٻڌي ٻہ پاڳُون،
اِڳِيَنِ جُون آڳُون، ڪَوِنرَ ڪِلي ۾ موڪِيُون.

(ڪيڏارو، ۵ ـ ۱۲)

(۲)

چارَڻَ! ٻولِـچ ڪي ٻيو، گهُرِيُءِ سو گهورِيان،
گهَرُ سورَتِ نہ پڙي، جان تَندُنِ بَرابَر تورِيان،
ڳُجهي آهِمِ ڳالهڙي، آءُ اوري تان اورِيان،
ڪِ ڪُلهنِئُون ڪورِيان؟ ڪِ جاڃڪَ! جُسي سين ڏيِنءَ؟

(سورٺ، ۴ ـ ۶)

(۳)

"چارَڻَ! تُنهنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آهِمِ اِيُ،
هَٿِي اُيو هَٿَنِ سين، جِرو رَکيو جِيُ،
راتِ مُنهنجو رِيُ، ڪاٽيو ڪُماچَ سين."

(سورٺ، ۴ ـ ۳)

(۴)

"چارَڻَ چَنگُ، ٻَنگُ لَهِي، وَڄايو وَڏاڻُ،
سِرَ جو هَڏِ آسانُ، پَرَ مَڱڻهارُ مَتي وَهي."

(سورٺ، ۴ ـ ۷)

(۵)

چارَڻَ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، رَمي رَهيو راتِ،
صَدا جي، سَيّدُ چئي، وائي ڪَيائِين واتِ،
ڏيہَ ڏِنا تَنهن ڏاتِ، مِيين مَڱڻهارَ کي.

(سورٺ، ۳ ـ ۱۹)

(۶)

چارَڻَ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، پيرَ پُري پاتا،
صَدا جي سَيّدُ چئي، وائي ڪَيائِين واتا،
تَنهن تي راءُ راضِي ٿِيو، دِلِ وَڏِيءَ داتا،
مَرڪي مَرُ ماتا، رُوڙِي راءِ ڏِياچَ جي.

(سورٺ، ۳ ـ ۲۰)

(۷)

چارَڻُ لَڳو، پَنڌُ گهَٽو، ڪِي چوٽاٽِيءَ چَئيج،
هِتِ ڪِي هَلائيج، اُتي آئُون نہ اَچٽو.

(پرڀاتي، ۱ ـ ۶)

(۸)

چان ڪِ آيَسِ اَڳاهِين، تان اُتَهِين اُپِي آهِيان،
پِرتِ پَراهِين، هاٽي مَران! مَ جِئان!

(حسيني، ۱۲ ـ ۲۲)

(۹)

چان ڪِ چَڙهنديسِ ڪَٽَ تي، رِيجهائيندِيسِ راءُ،
اهڙو ئي اَللهُ، جو پورهيتُون پيشِ ڪَري.

(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۴)

(۱۰)

چانگا! چَندَنُ نہ چَرِين، مَيا! پِئين نہ موڪَ،
اَڪَرَ اوڏو نہ وڃين، ٿُڪيو ڇڏئين ٿوڪَ،
لاٽي وچان لوڪَ، تو ڪهڙي اَڪرِ آئڙي؟

(ڪنيات، ۲ - ۴۲)

(۱۱)

چانگي چَئِي چُڪياسِ، مٿان اَڪَ نہ اُلهي!
جنهن وَلِ گهٽا وِهاٽِيا، اُنَ سين آرِ لَڳِياسِ،
چوڏاري چَندَنَ وَڻَ، پَڇي پُوڄَ پِياسِ،
رٿاري رَٿُ ڪياس، هِنَ ڪُڏاتوري ڪَرهي!

(ڪنيات، ۲ - ۳۵)

Gul Hayat Institute

(۱۲)

چاهَکَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي آرَ،
کوڙِيين کَرَ کَٽَنديُون، سُٽي سَڌُ ڏرارَ،
مينهُون ساڻُ ميهارَ، پَرچي پارِ لَنگهِينديُون.

(سهڻي، ۴ – ۲۱)

(۱۳)

چاهَکَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي پيٽَ،
لُڏَ لَنگهِينديُون ليٽَ. لُطِفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

(سهڻي، ۴ – ۲۲)

(۱۴)

چاهَکَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي کُنَ،
کوڙِيين کَرَ کَٽَنديُون، ساهَڙَ جي سَمَنَ،
مينهُون ساڻُ اَمَنَ، پَرچِي پارِ لَنگهِينديُون.

(سهڻي، ۴ – ۲۳)

(۱۵)

چاهَکَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي کُوهَ،
سُٽي سَڌُ ساهَڙَ جو، راضي ٿيندَنِ رُوحَ،
مينهُون ساڻُ صُبُوحَ، پَرچي پارِ لَنگهِينديُون.

(سهڻي، ۴ – ۲۴)

(۱۶)

چائُتِ پائي چِتَ ۾، سَنهو کِتو جَنِ،
تِـنِ جو صَرافَنِ، دُکو داخِل نہ کَيو.

(کاپائتي، ۱ – ۱۶)

(۱۷)

چِتان جي نہ چُرَنِ، اَلا! اُنِ مَ وِسران،
مُون مَنُ آهي تَنِ، مڙهيو منجهاران هِنئين.

(سامونڊي، ۲ – ۵)

(۱۸)

چَـتُـرُ رَهي نہ چِتُ، سُوران صَبُرُ نہ کَري،
سَجَڻَ ساري نِتُ، ويڳاڻو ٿِيو وِجهلي.

(رپ، ۱ – ۲۳)

(۱۹)

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، ويٺين واڳِيو نہ رَهي،
رَئيءَ لَتِجي نِتُ، هِنئڙو واٽَ وِرکَ جِئَن.

(رپ، ۱ – ۲۲)

(۲۰)

چَرکو پَنهنجي چِتَ ۾، پِنيءَ پيرِيو جَنِ،
توٽي کِينَ کٽَنِ، تہ بہ کانڌُ تِنين جو کوڏِيو.

(کاپائتي، ۱ – ۳۲)

(۲۱)

چُـرَنِ، چُٽِکَنِ چِتَ ۾؛ رَهيا اَندَرِ رُوحَ،
اُنّي وِيَـڙا اُکِري، مارُوُ مَٿي موُهَ،
ويرُوُن ولوڙَنَّ جوُن، سارِيان گهَٽو صُبوُحَ،
وَرُسي کَارا کوُهَ، سِنجِيَمِ جي ساڙِيہَ جا!

(مارئي، ۸ – ۷)

(۲۲)

چُرَنِ، چُٽِکَنِ چِتَ ۾؛ سَدا مَنجِهہ سَرِيرَ،
لَـڏِي کَنهن لوءِ وِيا، مارُو مَنجِهہ مَلِيرَ،
ويٺي پُوڄِيان پِيرَ، مانَ مِلَنمِ کَڏهِين!

(مارئي، ۸ – ۶)

(۲۳)

چُرَنِ، چُٽِکَنِ چِتَ ۾؛ گهارِنِ مَٿي گهَٽَ،
کِہَ مانڊاٽو، مَکِٽي، ڍوئِـنِ پاسي ڍَٿَ،
پَنوَهارَکي پَکَڙين، وَجي کَريان وَٽَ!
ساڙِيہَ سامُهِين سَٽَ، کَندِيَسِ؛ پَيجي کَڙَنِ کي.

(مارئي، ۸ – ۴)

(۵۹)

چَوَنِمِ مَرُ چَري ٿي، پر جي سَڏُ سُڻين،
مَرُ مُونهين کي ڏِينِ، ماڙهُو اَڇيو مِهڻا.

*(معذوري، ۵ ـ ۱۳)*

(۶۰)

چَئي چَنيسَرَ جامَ سين، ليلا! تُون مَ لَکاءِ،
دوسُ تُنهنجو داسَڙو، کاندِ وَڏِيائِي کاءِ،
تہ ڍولو ڍَکُ سَنديِاءِ، عَيبَنِ کي آڏو پَئي.

*(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۱۸)*

(۶۱)

چَئي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! لَکاءِ مَ تُون،
اِيُ کانڌُ کَنهنجو نہ ٿِئي، نہ کا مُون نہ تُون،
رُلنديوُن ڏِٺيوُن مون، اِنَ دَرَ مَٿي دادُليوُن.

*(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۱۹)*

(۶۲)

چَئي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلا! لَکايوءِ،
تو جو پانيو پاڻهنجو، تَنهنجو پَرو کونہَ پيوءِ،
کَؤنرُوءَ کانڌُ سَندوءِ، دَستِ کَيو داسَڙو.

*(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۱۴)*

(۶۳)

چَئي 'کُنْ فَيَکُونُ'، جَڏهن خلقيا رُوحَ خُداءِ،
گَڏُ جِتِ گُذرانُ هُئو، جَڙَ لَڳِي تنهن جاءِ،
مُون توهين سين آهِ، اُها ساڃاءِ، سُپِرين!

*(مارئي، ۱ ـ ۳)*

(۶۴)

چيتارِيان چُٽَکَنِ، سَنيارِيانِ سَهي،
اَندَرِ رُوحَ رَهي، مُون کي صُورَتَ سُپِيرِيُنَ جي.

*(رپ، ۱ ـ ۲۵)*

(۶۵)

چيتارِيان چُٽَکَنِ، وسارِيان نہ وِسِري،
ويروتارَ ڏُکَنِ، سَڄَنَّ پَکِي هَڏَ جِئَنِ.

*(رپ، ۱ ـ ۲۶)*

(۶۶)

چيتاري چَوَنديِاسِ، ڳالهِيوُن سَيوئِي سَڄَڻين،
جُہ مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَپ وَڃَنِمِ وِسِري.

*(رپ، ۱ ـ ۲۷)*

(۶۷)

چيتا کَيو چُٽيچ، بَداماڻيءَ بُتِ ۾،
نيڻين نِندَ مَ ڏِيچ، چيڙُون چِپَرِ آئيوُن.

*(ڏهر، ۴ ـ ۲۰)*

(۶۸)

چيهو چُکِيءَ کَنڌيين، کَيائين گَڙنگَ تي گُلَ،
هَڏا کُتيان هَليو، پَري تَرايوُن تَلَ،
آنڌائين آبَ اُڇَلَ، مَٿي باغَ بَهارَ تي.

*(سارنگ، ۲ ـ ۴)*

Gul Hayat Institute

## وائي-۱

چا کي ٿا ڪَرَهَ قَطارِيو؟
ووا مُون نِماڻيءَ تان ڪي نہ چيو.
اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا! اَئِين، واڳَ وَٽي وَرُ وارِيو،
رَهو راتِ پَنِيورَ ۾، تان ڪا گُهڙِي هِتِ گهارِيو،
سِڪي جنهن سَڱُ ڪَيو، تنهن مَعذُورِ کي مَ مارِيو،
سائِينءَ ڪارَڻِ، سُپِرين! دوستَ! دَرسَنُ ڪارِيو،
موڙِي مَيَرَ ٽَارِيُون، چانگَنِ کي اَئِين چارِيو،
اَپَري عَبدُاللّطِيفُ ڏي، واڳَ، وَنِهيَلَ! اَئِين وارِيو.
*(ديسي، ۴ - وائي)*

## وائي- ۲

چورِي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، ٻاروچَل! ٻانهِي.
جانِبَ جَهڙو جَڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي،
پُنَهَلَ! نِيو پاڻَ سان، پورِهَيتِ پَرِٽِياڻِي،
پورِهيو ڪَندِيَس پرَ جو، پَرِينديَس پاڻِي،
هوتَ! مَ ڇَڏِيو هيڪلِي، هِيءَ جا وندُر وڪاڻِي،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اِيندُمِ آرِياڻِي.
*(ديسي، ۷ - وائي ۴)*

# ح

(١)

حالُ قُرِبانُ، مالُ قُرِبانُ، گهوڙِيان لُڏاٺو:
فِدائتي فَقِيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راٺو!
مُيُنِ سين ماٺو، مُناسِبُ نہ ميندِرا!
(مومل راڻو، ٥ ـ ١٦)

(٢)

حَبِيبَنِ هيڪارَ، مَنجهان مِهرَ سڌُ ڪِيو،
سو مُون سڀ ڇمارَ، اورڻ اُهوئي ٿِيو.
(ڪلياڻ، ٣ ـ ١٤)

(٣)

حَبيبَ ئي هادِي ٿِيو، رَهَنُما راحتَ،
پِيڙا نِيائِين پاڻَ سين، لائي ڏيئِي لَتَ،
سُپِيرِيان صِحتَ، ڏِنيمَ منجهان ڏڪَندي.
(ڪلياڻ، ٣ ـ ٣)

(٤)

حُـرُّ هَلِي آئيو، مانِجهي مَردانو:
”آهِيان عاشِقُ آڳِ جو، پَـتَنگُ، پَرِوانو،
مانَ راضِي ٿِئي رَسُولُ ربَّ جو، نَبِي تو نانو،
هِيُ سِرُ سَمانو، گهوٽ! مٿان ئِي گهورِيان“.
(ڪيڏارو، ٥ ـ ٦)

(٥)

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جو، جن نہ هِنئڙي جارُ،
خالِقُ، رَبُّ جَبّارَ، ڪِينَ مَرهِيندو تن ڪي.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ١٥)

(٦)

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جي، سُئي جَنگِ جَهانَ،
اُڏاٽا اوڙ ڪَري، ڪارين پَکين ڪانَ،
پِيُ، ڏاڏاٽا، پاڻَ، سَيّدَ سَڀَ مَلهائِيا.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ١٣)

(٧)

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ کي، رُنو تِـنِ ٽولَنِ،
گهَرِ ماڙهين، جهَنگِ مِروُئين، اُپَنِ ۾ مَلَڪَنِ:
پَکِيُنِ پاڻُ پَڇاڙِيو، تہ لَـڏِيو هوتَ وَڄَنِ،
آلا! شَهزادَنِ، سوپُون ڏِئين، سَچا ڏٽي!
(ڪيڏارو، ٦ ـ ١٤)

(٨)

حَسَنُ ناهِ حُسينَ وَٽِ، بيلِي نہ باهُون،
ساڙيه شَهزادَنِ جو، آهي اَڳاهُون،
يَزِيدَا! جُلاهُون، تيلان ڪَرِئين تَڪِڙِيُون؟
(ڪيڏارو، ٥ ـ ١)

(٩)

حُسينِي حُسينَ لَءِ، ٻِيبِيءَ پاڻَ چِئِي،
تِهان پوءِ ٿِئي، خَبَرَ ٻِيءَ خَلقَ کي.
(حسيني، ١٢ ـ ٤٩)

(١٠)

حُسينِيءَ جِيءَ هاڪَ، مادَرِ! مارِي آهِيان،
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ،
ڏِڄان ڀِرِ فراقَ، مَـتان پوئِمِ پِرينءَ سين.
(حسيني، ٥ ـ ١٠)

(١١)

حَقّاٽو هُتِ ٿِيو، آئُون هِتِ بَندِياٽي!
ساري ساڏوهِيُنِ کي، ڪوٽِيُنِ ڪُوماٽي،
لِڳين لوهَ، لَطِيفُ چئي، وِينِيَسِ وِساٽي،
مُنڌَ مارُوءَ جي نہ لَهي، ڪَپَتِ ڪِجاٽي،
سَمُنَ سَچاٽي، اُتي آهِمِ اُنِ سين.
(مارئي، ٣ ـ ٢١)

Gul Hayat Institute

(١٢)

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَريانَ ذِري،
لَڳِي ماٺِ مِروُئَنِ کي، ڏُونگَرَ پِوَنِ ڏِري،
وَڃَنِ وَنَّ ٻَرِي، اوپَرِ اُپِري ڪِينَ ڪِي.
(ڪوهياري، ٥ ـ ٥)

(١٣)

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَريانَ زَبانَ،
لَڳِي ماٺِ مِروُئَنِ کي، رَسي سوُرُ شَبانَ،
ٽاڪَرِ ٽِڪي ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلِي وَڃِي.
(ڪوهياري، ٥ ـ ٦)

(١٤)

حَقِيقَتَ هَٽِي، مُنهِنجي جانِ جُدا ڪَئِي،
هيڪو پَساهُ پِرينءَ ري، سَگهانَ تان نہ ڪَٽِي،
ڏَٽِي ئي ڏَٽِي، رَهيو آهي رُوحَ ۾.
(آسا، ٣ ـ ٦)

(١٥)

حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساٺَ ڪَڄَنِ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٺَهَ ٺَهَ مينهَن ٿِمَنِ،
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙيو، سي ٿا هَٽَ هَٽَنِ،
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرهَن ٿيا، اِنَّن ٿا وَرِقَ وَرَنِ،
ڏُڪارِيا ڏِيهَ مان، شالَ مُوذِي سَڀُ مَرَنِ،
وَري وَڏي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳالهيُون ڳنوارَنِ،
سَيّدُ چوي سَپِنِ، آهِ توهِ تُنهِنجي آسِرو.
(سارنگ، ٤ ـ ١٦)

(١٦)

حوصِلو حَيرَتَ جو، آهي نہ مَتي عامَ،
سَندي مُحَبَتَ مامَ، ڪُورُ پَروڙي ڪِينَ ڪي.
(آسا، ٣ ـ ٣٠)

(١٧)

حوصِلو حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ،
جو حُسُنَ سَندو حَقُّ، سو ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي!
(آسا، ٣ ـ ٢٧)

(١٨)

حوصِلو حَيَرتَ ۾، وَڃِي ٿِيو ويچُون،
مُحَبَتَ جُون ميچُون، ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَ ڪِي!
(آسا، ٣ ـ ٢٨)

(١٩)

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃي لَڄاٽو،
ويچارو ڪاٺو، ڏِسي ٿِيو ڏِسَڻَ کي.
(آسا، ٣ ـ ٢٩)

# خ

(۱)

خاموشِي خَبَرَ جي، مومَل تِي مَتِّ،
صَبرُ تِيو سُپَتِ، مُنهنجي حَقِّ، ميندِرا!

*(مومل راڻو. ۸ ـ ۴)*

(۲)

خَبَرَ تي كَرَنِ كي، تہ مُون كي كَندا كوهُ؟
صُورَتَ سُپيرِيان جي، ڏِٺي كونهي ڏوهُ،
لوريءَ لَڳُمِ لوهُ، جَنهِين رَتُ رُڻارِيو.

*(آسا. ۳ ـ ۱۸)*

## وائي-۱

خوُبِي مَنجِھہ خِفَتَ، اي! دوستَ! دَقَت،
آهي عَبدُالَّطِيفُ كي.
مَدَحَ مون كان نہ ٿِئي، سَندِي سوُرَ صِفَتَ،
هجي كَريان هيجَ سين، مُطالعُ مَحَبَتَ،
حُزنُ هوتَ پُنهونءَ جو، رُڃِيائِي راحَتَ،
پِريان جي پِستانَ جو، فاقوئِي فَرَحَتَ.

*(معذوري. ۱ ـ وائي)*

Gul Hayat Institute

# د

(١)

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳندُ تي وينو،
بَصَرَ سين بازار ۾، ڪَرَ واڻيو ڇينو،
دَران تَنهين پينو، جِتِ ڪُفران ڪِينَ ٿِئي.

*(بلاول، ٤ ـ ٩)*

(٢)

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳندُ وينو پَسُ!
تَنهِن روڳِيءَ کي رَسُ، جو آلُودو آزارَ سين.

*(بلاول، ٤ ـ ٧)*

(٣)

دارُون ۽ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويجَ مون،
ٻُڪِي ڏيندا پاڇهه جِي، نهاري نارُون،
جن جون سيڻَ لَهَنِ سارُون، تن تان ڏُکندو ڏور ٿئي.

*(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ١٨)*

(٤)

داغُ تُنهنجو دائِما، ماري مَعذُورين،
سائِينءَ ڪارَڻ سُپرِين! وَڃج مَ ڏُورين،
آئُون تو حُضُورين، مٽيو وِجهان مَڇَ ۾.

*(ليلا چنيسر، ١ ـ ١)*

(٥)

دائمُ آهي دَرَ تي، وَڳندُ ويچارو،
عَطَرَ سين آرو، لَڳِسِ تي لِذَ ڪَٽي.

*(بلاول، ٤ ـ ٧)*

(٦)

دائمُ جا دَرياهَ ۾، سا مَڇي ڪِني ڪوهُ؟
آهِس اِيُ اَندوهُ، پاڻي ڪِٿي نه پيان.

*(سهڻي، ٥ ـ ١٧)*

(٧)

دائُودِي دَيوَن ڪري، رَنڪَن ڪونهي ڇيٽُ،
گهوڙيءَ هيٺ سُچيٽُ، ڪاهيو پاڪَرئين هٽي.

*(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ٢)*

(٨)

دائُودِي دَيوَن ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي رنگ،
گهوڙيءَ هيٺ اَينگُ، ڪاهيو پاڪَرئين هٽي.

*(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ١)*

(٩)

دَرا مَنجهه دوستُ ٿيو، موتي پُڇُ پاهِين،
عَبَثُ اَڳاهِين، وِڃيو ڪُوڪِين ڪانڌَ کي.

*(سسئي آبري، ٣ ـ ٥)*

(١٠)

دَرَ دروازا، دَرِيُون، هاٽي هِتي هو،
ڪوڙيين اَڏِيان ڪيترا، تَنبُو مَٿان تو،
جي مُل نه آيا مارُئِي! تِنين رَڙُ مَ رو،
ڪُوڪَٽُ آهي ڪو، پُسِيءَ پَنوَهارَنِ ۾.

*(مارئي، ٧ ـ ١١)*

(١١)

دَردُ نه لهي دارُوئين، زُلفَ زورُ ڏِنومِ،
ڪاڪُلُ ڪالَ ڏِنومِ، رُخساري تي رُوپَ سين.

*(سسئي آبري، ٦ ـ ٢)*

(١٢)

دَرهَٽَ ڏَنسَ دَرياهَ ۾، جِتِ لَهريُون ڪَنِ لوڙا،
سَئين اَچِي سمُونڊَ ۾، تَيا سِيٽايا سوڙا،
جي تارُو هُئا توڙا، تن هَريو پاڻيو هيڪڙو.

*(سهڻي، ٢ ـ ١٢)*

Gul Hayat Institute

# ڏ

(۱)

ڏاتارُ تہ تُون، ٻيا مِڱَئي مَڱڻا،
مِينهَن مُندائِتا وَسِڻا، سَدا وَسِين تُون،
جي گهرُ اَچِين مُون، تہ ميرِيائي مانُ لَهان.

*(پرڀاتي، ۱ ـ ۲٦)*

(۲)

ڏاتارَ ڏُکَ ڪَيا، پاڻا مَڻي مَڱڻين،
"مُون دَرُ ڇَڏِيو، مَڱڻا! مَڱِين ڪوهُ ٻيا؟
تَڏهِن تو پِيا، وِچان وِلَها ڏِينهَڙا".

*(پرڀاتي، ۱ ـ ۱۸)*

(۳)

ڏاتارَ ۽ مَڱڻي، ڪونہ وَسيلو وِچ،
سائِي تالَ تَندُن جِي، سائِي چارَڻَ چِتَ،
جي هِتي جي هُتَ، تہ ڳالهِ مِڙيائِي هيڪِڙِي.

*(سورٺ، ۳ ـ ۵)*

(۴)

ڏاتَرَ! مُون ڏيڪارِيو، هوتَن جو حُضُورُ،
پريُن پَرِچَڻَ جو ڪَيو، موڻائي مَذڪُورُ،
اِيُ دوسِتَنِ جو دَستُورُ، جِئَن چِني چَڏِن ڪِينَ ڪي.

*(بروو سنڌي، ۳ ـ ۹)*

(۵)

ڏاتِ نہ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي،
آرِيئُن اَبوجَهِن جُون، سَپڙُ جامُ سَهي،
جو راءَ وَٽِ راتِ رَهي، تَنهِن جُڪِي تان نہ ٿئي.

*(پرڀاتي، ۱ ـ ۱۰)*

(٦)

ڏادِي لُڪَ لَڪَنِ جي، پَٽَنِ پوءِ پَچاءُ،
ڇِپَرِ ڪوسو واءُ، هَرِيا تو نيڻَ ڪَيا.

*(ڪوهياري، ٦ ـ ۱۱)*

(۷)

ڏاڙهي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ ڏاڙهُونءَ گُلَ جِئَن،
چوڏِهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پِڙَ ۾ پاڳِڙِياسِ،
ميڙي ۾ مُحَمَدَ جي، مَرُ مَرَڪي ماسِ،
تَنهِن سُورِهَ کي شاباسِ، جو مَٿي پِڙَ پُرزا ٿئي.

*(ڪيڏارو، ۵ ـ ۹)*

(۸)

ڏاڙهي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ موتِيُن ڳُتِيا،
چوڏهينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پِڙَ ۾ پيشانِياسِ،
"اَللّٰهُ نُورُ السَّماواتِ وَالاَرضِ"، جَلوو زَميناسِ،
"سِيمَاهُمُ فِيِ وُجُوهِهِمُ"، مُنهَن ۾ مَٽِ ڳُتِياسِ،
ڪَرا ڪَربَلا جا، مادَرِ ٿي ميڙِياسِ،
ڦَٽَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ ٿي اُگهِياسِ،
مِڙَئِي معافُ ڪَياسِ، خالِقَ بَدِلي خُونَ جي.

*(ڪيڏارو، ۵ ـ ۱۰)*

(۹)

ڏاگها! ڪيمَ ڏرو، اَچا آرِياڻي اَڳِي ٿِيو،
موڙِي مَجَرَ تارِيُون، چانگا، ٿا چَرو،
آن تان حَرفُ هَرو، مُورائِين معافُ ٿِيو.

*(ديسي، ۱ ـ ۴)*

(۱۰)

ڏاگهَن، ڏيرَن، ڏُونگَرَن، ٽِنهي ڏِنَمِ ڏُکَ،
سي سَڀِ پانِيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

*(ديسي، ۱ ـ ۲)*

(۱۱)

ڏاگهَن، ڏيرَن، ڏُونگَرَن، ڏُکَن آئُون ڏَڏي،
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڏِي،
لِڪَئِي آئُون لَڏِي، ناتَ پَٽَنِ ڪيرَ پَنڌُ ڪَري؟

*(ديسي، ۱ ـ ۳)*

Gul Hayat Institute

(۱۲)

ڏاگهنئُون ڏيرَنِ، جي آندا ٻَردَ ٻَنيورَ ۾،
هَٽي چيلَ چَرا ڪَيا، وَهِ پئي وَهُٽَنِ،
ڪُٽِيءَ ڪُٽڪو اُن جو، هوندَ سُتي سُئو سَيَنِ،
ڏاندَنِ ساٿِ، سَيَدُ چئي، پيادِيُون پَهُچَنِ،
جن جو پيرُ نہ لَڳو پَٽيين، تن آيَم سانُ اُٿَنِ،
ڳُنگَنِ ۽ جُنگَنِ، مُنڌَ اَسُونهِين ميڙئين!

*(ديسي، ۱ ـ ۹)*

(۱۳)

ڏانجهَنِ تي ڏانجها، ڏِنائُون ڏُڪِيءَ ڪي،
لَڳِيَسِ ناٿُڪ نينهَن جي، ڪُڙه اَندَرِ ڪا جا،
ٿَرنِ ۾ تاجا، ڪَري مُنڌَ مِرَنِ سين.

*(ديسي، ۷ ـ ۳)*

(۱۴)

ڏاهي هُيَسِ ڏيہَ ۾، سَرتِيُنِ مَنجهہ سُڄاڻ،
ڪا جا ٻِيئِمِ ڪاڻِ، جِنَ مُنهَن مَٿاهون نہ ڪَٽان.

*(ليلا چنيسر، ۲ ـ ۵)*

(۱۵)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، تو زاغُ ڪَري زارِيُون،
آٽِيو ڏِئي آتَڻَ ۾، سَنِيها سارِيُون،
ماڻِ ڪَرِيو، مارِيُون! تہ ڪَهِيو سُٽان ڪانگَ جو.

*(پورب، ۱ ـ ۱۴)*

(۱۶)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، ڪا جا لاتِ لَتِي،
آتَڻَ ۾ اَندوهُ ٿِيو، سَکِهي ڪانَ ڪَتِي،
ويڙهي مَنجهہ وَتِي، ڪِهي جو ڪانگَ ڪَمائيو.

*(پورب، ۱ ـ ۱۵)*

(۱۷)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، ڪي جو ڪانگَ ڪَهيو،
سُوريتيءَ سُورِ پَئي، پَهو پَٽِ هَنيو،
ڪامي اَرٿُ ڪَنيو، ويچاريءَ وِرُونهَن مان.

*(پورب، ۱ ـ ۱۳)*

(۱۸)

ڏُٿُ نہ ڪُٺو ڏوٿِيين، جيڪِي ڏُٿُ ڪَرِينِ،
اُهَڃاٽِيُون، عالَمَ جُون، اورِيائِين آٽِينِ،
تِهان پوءِ ڏَسِينِ، ٻِرِيان سَندِي ڳالَهڙِي.

*(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۱۴)*

(۱۹)

ڏُٿُ گهٽا ئي ڪَنِ، اِنَ اورانهِين ڏيہَ جو،
سَندا ڪاهوڙِينِ، پَري سُڄَنِ پيچرا.

*(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۱۳)*

(۲۰)

ڏِٺانِ جي ٻَروچُ، مُون جِنَ هوتُ اَکِينِ سين،
مُون ڪي ڇَيانِ 'لوچُ'، پاٽا پيئِيُون ڇَپَرين.

*(حسيني، ۱۲ ـ ۱)*

(۲۱)

ڏِٺَمِ اُتَ اَکِينِ سين، مانَ ٻاروچا هُونِ،
جِنين ڏاران پَونِ، موريسَرَ اَکِينِ ۾.

*(حسيني، ۱۲ ـ ۲۹)*

(۲۲)

ڏِٺَمِ ڏُونگَريا، گهوري هُيَسِ جن جي،
مُون لوڏان ئي لَکِيا، اَهڙا ٻاروچا،
آيَلِ! ڪوهِيارا، مُون ڪَرَلاهُو آئِيا.

*(حسيني، ۱ ـ ۱۳)*

Gul Hayat Institute

(٣٥)

ڏري ۽ ڏاري، سَتَ سُورَنِ جي سَسُئي،
پيپائي پُنهونءَ ڏي، نِرمَلِ نِهاري،
لالَنَ جي، لَطِيفُ چئي، سُنهَن سَتي ساري،
پِريتَڙو پاري، مارَڳَ ۾ مُنڌَ مُئي.

*(سسئي آبري، ١ ـ ٢)*

(٣٦)

ڏسَنِ ڏهاڻي، تَپِ تَـرَسَنِ اوڏهين،
آيا سُڄاڻي، نينَ نِهاري پِرينءَ کي.

*(آسا، ٢ ـ ١۴)*

(٣٧)

ڏسَڻُ ڏسين جي، تہ هَمَہَ کي حَقُ چَئين،
شارِڪَا! شَڪُ مَ ني، اَنڌا! اِنهيءَ ڳالهہِ ۾.

*(آسا، ۴ ـ ١٠)*

(٣٨)

ڏسَڻُ ڏِکان اَڳرو، سَسُئي! آڻِ مَ شَڪُ،
تِيَ بانهِي، پِرِ اوئِيُون، لَڌُ مَ پَسِي لَڪُ،
وَرُ پُنهونءَ سين پَلَڪُ، کوءِ بارهَن ماہ بِيَنِ سين!

*(معذوري، ٦ ـ ٩)*

(٣٩)

ڏسي ڏوري ڏُونگَرين، واٽَ وِڃائِي جَنِ،
کُرِنْدان کي پَرُوڙيو، رِنْدُ سي نہ رِڙهَنِ،
بيئِي دارَ دَيُون کيو، پيرَتِ تان نہ پُڄَنِ،
ڏوڙ پريان لَءِ ڏارَ کيو، ويچارا وِڄهَنِ،
خَبَرَ کاهوڙِيَنِ، آهي لِکَ لاهُوتَ جي.

*(ڪاهوڙي، ٣ ـ ٢)*

(۴٠)

ڏکا، ڏُونگَرَ جا مرُون، مَرُ تا مُون تي کَنِ،
پُڙندا کِينَ پِرِيَتِ تي، هِنَ جا سَڌَرَ تا سُڄَنِ،
سَڳائِيءَ جي، سَيّدُ چئي، آهي سُڌِ سَپِنِ،
هُونْدَ نہ هِتِ ٿَرَنِ، پر قَرابَتَ کَمُ کيو.

*(معذوري، ١ ـ ١٢)*

(۴١)

ڏکا، ڏُونگَرَ جامَ! مَ کَرِ مَعذُورِنِ تي،
توتي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ،
مارِ مَ چَئِي مَعذُورِ کي، وَنهيا کانڌَ! کَلامَ،
پَرِچِجِ پِيادِنِ سين، اَللهَ لَڳِ، عَلامَ!
جا نَوازِي اَهِنجي نامَ، سا، هوتَ! مَ ڇَڏِجِ هيکِلِي.

*(سسئي آبري، ٦ ـ ٧)*

(۴٢)

ڏکا ڏُونگَرَ! لاهِ، آئُون اَڳَ مُئِي آهيان،
آرِياڻيءَ سين آہِ، ذاتي سَڱُ ضَعِيفِ جو.

*(سسئي آبري، ٦ ـ ٩)*

(۴٣)

ڏکَ سُکَنِ جي سُونهَن، گهوريا سُکَ ڏُکَنِ ري!
جَنِين جيءَ وِرُونهَن، سَڄَڻُ آيو مان ڳَري.

*(حسيني، ٦ ـ ٢۴)*

(۴۴)

ڏکُ لَڳو، ڏُونگَرَ بَريو، پِينَرُ! کاٽي پُون،
مَنان لاٿو مُون، سَندو جِتَنَ آسرو.

*(حسيني، ٦ ـ ١٦)*

(۴۵)

ڏکوئِنِ اُهِجاڻُ، کُلهي قاتو کَنجُرو،
وَڃَنِ گُوندَرَ گَڏِيُون، لوکَ نہ آچِينِ پاڻُ،
سُورَنِ آسان ساڻُ، نَنديئي نِينهُن کيو.

*(حسيني، ١٢ ـ ۴٠)*

Gul Hayat Institute

(٥٩)

ڏُکيءَ سَنديُون ڏُونگرين، وَڻَ ٿِڻَ وايُون ڪَنِ،
وَٽان ويهي جَنِ، وَڏِيءِ سي وادوڙيا.

*(معذوري، ٦ ـ ١٥)*

(٦٠)

ڏَمُر ڏِهاٽي ڏي، سَندا ميهَرَ مِهٽا،
جَهليمَ ٿي جهوليءَ ۾، پَلَئي پايو سي،
مَرُ جان چالِيهَ چِي، سَڳان سُپيرِيَنِ جي.

*(سهڻي، ٥ ـ ١٣)*

(٦١)

ڏَمريو تہ ڏِئي، پَرچي تان پاٽَ پَري،
جُنگَ جَکِري کي، ٻَئي چِکِيُون چِٽَ ۾.

*(بلاول، ٢ ـ ١٦)*

(٦٢)

ڏَمَر پاسو ڏک سين، ڪاندِ ڪَشوري هوءِ،
'وَاللهُ مَعَ الصَّابِرِيۡنَ'، آگو اِيهين چوءِ.

*(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ١٣)*

(٦٣)

ڏَمَرَ ڏُونگَرَ جامَر! سَکَرَ، پاڻَ شَريڪَ سين،
ڪيهي ڪُلِفَت تنهن سين؟ جا گولِي اَهنجي گامَر،
وَرِج تُون وَريامَر! مُنهنجو اَچڻُ اَن ڳَري.

*(سسئي آبري، ٦ ـ ٨)*

(٦٤)

ڏَنا جِنَّ لَءِ، جيڏِيُون! ڏِيرَن مُون کي ڏُکَ،
پَکِيَس جان پَنِيورَ ڪان، تان سُور مَڙيئي سُکَ،
لَٿي مُون تان لُکَ، پُنهون ٿِيَسِ پاٺَهين.

*(سسئي آبري، ٥ ـ ٣)*

(٦٥)

ڏِنو ڪِينَ ڏِياچَ، تو سائِلَ سِڪائِي،
مُنهَن تي موٽائِي، مَٿو هَنيِس مَڱٽي.

*(سورٺ، ٤ ـ ١٤)*

(٦٦)

ڏِني ڏُکويا، اَنَّ ڏِني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جِئن ڪِينَ ڪنيائُون پاڻَ سين.

*(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣)*

(٦٧)

ڏوٿِيا! ڪو اوٺِيَنِ جو، مُون کي اُهجُ ڏِيو،
سَچُ ڪِ ساٿَ نِيو، پُنهون مُنهنجو پاڻَ سين؟

*(حسيني، ١١ ـ ٨)*

(٦٨)

ڏوٿِي سا ڏورِينِ، جا جوءِ سُئِي، نہ ٻُڌِي،
پاسا مَٿي پاهٽين، ڪاهوڙِي ڪوڙِينِ،
وِجا اُتِ ووڙِينِ، جِتِ نَهايَتَ ناهِ ڪا.

*(ڪاهوڙي، ١ ـ ٨)*

(٦٩)

ڏوٿِيُن چِيُس "ڏُورِ، ڪيچُ اَڳاهُون پَنڌُ ٿِيو"،
پاٽا چُڙهي پُورِ، وَکَ وِڌائِين وِتَري.

*(حسيني، ١١ ـ ٧)*

(٧٠)

ڏُورِ مَ تون ڏُوريج، صَبرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَنُ چَڏِ پيرَن سين، وَهُڻُ وساريج،
سُکَنِ جا، سَيَڏُ چئي، لاڳاپا لاهيج،
هِنئين ساڻُ هَليج، تہ پَنڌُ پاسي پَرِ نِبري.

*(سسئي آبري، ٩ ـ ٦)*

Gul Hayat Institute

(۷۱)

ڏورِ مَ ڏئان ڏارَ، ڏورَڻُ گهڻو ڏاکڙو،
ڪوڙين لَکَ هَزارَ، اِنَ اونداهِيءَ اَنڌا ڪَيا.
(رامڪلي، ۹ ـ ۲۳)

(۷۲)

ڏورِ مَ ڏيہِ وِيو، پيرُ تُنهنجي پِرينءَ جو،
وهَڻُ واٽَڙيُنِ تي، ڪيچُينِ رِيَ ڪِهو؟
وِندُرِ جو وِيو، سو اَللهَ! واري آڻِئين!
(سسئي آبري، ۷ ـ ۱)

(۷۳)

ڏورَڻُ گهڻو ڏاڪِڙو، ڏورِج مَ رِءَ ڏِئي،
تان تان هوئِج حُجري، جان سين يارُ جِئي،
جَڏهِن پاسي پانَ ٿِئي، تَڏهِن چِڏج تَڪِيو.
(رامڪلي، ۹ ـ ۲۲)

(۷۴)

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان! ساٿي ڪالهُوٽا،
لاهي لاڏُوٽا، سَفَرِ ڪَنهن سانگِ وِيا.
(حسيني، ۷ ـ ۴)

(۷۵)

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اندَرِ جا لوچَ، مَڃُڻِ مِلَڻَ سان مانِي ٿِئي.
(حسيني، ۷ ـ ۳)

(۷۶)

ڏوري ڏوري ڏيہَ، ماءِ! ڪاهوڙِي آئِيا،
مَيَنِ پيرين ڪيہَ، ڪُہُ چاڻان ڪَنهن پارَ جِي.
(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۷)

(۷۷)

ڏوري لَهہُ ڏاتارُ، جِمَ وِهين ويسِرو!
هَڪِيو هوئج هوشيارُ، ڪنوڻِ ڪِنوَنديَءِ اوچِتِي.
(سريراڳ، ۶ ـ ۳)

(۷۸)

ڏُونگَرَ! تہ بيلي؛ ڏِجي بَنِ بيلِيُنِ ري،
ڪانَ چُلَندي چِپَرين، ساٿُسِ سَهيلي،
چوٽِيُون چَنبيلي، جِئَن تِئَن جهاڳِي اُڪَتي.
(ڪوهياري، ۲ ـ ۱۷)

(۷۹)

ڏُونگَرَ! تُون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايُون ڪَرِين،
مُون تَنَ اَندَرِ تيئَن وَهِين، جِئَن وَڻُ وَڍِي واڍو،
اِيَ ڪَرَمَ جو ڪاڍو، ناٿَ پَٿَرِ ڪيرَ پَنڌَ ڪَري؟
(ڪوهياري، ۲ ـ ۱)

(۸۰)

ڏُونگَرَ! پُونِينِ ڪِيرَ، سَجَڻَ ميخُون ڏُونگرين،
هَهڙا سيڻَ سُڌِيرَ، ڪِينَ لَهَندِينءَ ڪي بِيا.
(ڪوهياري، ۲ ـ ۱۴)

(۸۱)

ڏُونگَرَ! ڏَسُ پِرِيُنِ جو، قافَ، نہ ڏِئين ڪَلَ؟
قَطارِيا ڪالهہَ وِيا، توڏا توهِين جَهلَ ؟
سُٽِي هوتُ هَڪَلَ، مانَ بُڌي باروچو وَري!
(ڪوهياري، ۲ ـ ۴)

(۸۲)

ڏُونگَرَ! ڏَسُ پِرِيُنِ جو، قافَ، نہ ڏِئين ڪو؟
قَطارِيا ڪالهہَ وِيا، توڏا وَٿان ٿو؟
هوتُ مُئيءَ جو هو، ڪو ساڄَنُ اُنهيءَ ساٿَ ۾؟
(ڪوهياري، ۲ ـ ۳)

(۸۳)

ڏُونگَرَ! ڏُکِ پَئي، ڪَيَمِ تو سين ڳالهڙي،
پاڻا آئُون مُئي، سُورُ سُٽائي پِرِينءَ جو!
(ڪوهياري، ۲ ـ ۸)

## وائي- ۱

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ سانُ، ڪَرَهَنِ ڪيچيُنِ سانُ،
مَتان ڪا ٻي لَنؤ لائي!
آئُون سُتي، هُو هَليا، وِيڙا ڪَرَهَل ڪاهي،
آسَ اَڳيان اُنِ جي، "ٻَرِا ٻَرِا!" ڪَيو ٻاڏائي،
چَتُرَ ڏيئي چِتَ کي، وِيڙا هوتُ ڇپائي،
جيڪا هُيَن مَنَ ۾، وِيڙا پنهنجي پُڄائي،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اِيندَمِ واڳَ وَرائي.

*(ديسي، ۱ ـ وائي)*

## وائي- ۲

ڏُکَ لاهِيندمِ ڏُونگَرَ، ووءِ! ماءِ! پِرِيُنِ جا مونکي سَپيئي.
جو پَسانَ سو پانئِيان، پِرِيان جو پَهي،
ڏادِي ذاتِ جَتَنِ جي، وِيئي ڏيلُ ڏَهي،
آئُون ڏورِيندي اُنِ کي، رائِي راتِ رهي،
ڏِٺا وَڻَ ڪوهِيارَ جا، وِيئي اُجَ لَهي.

*(سامونڊي، ۳ ـ وائي ۲)*

## وائي- ۳

ڏِنو راءِ ڏِياچَ، هِيُ سِرُ صاحبَ تان صَدِقو،
ڇَڏي هَليو هِتَهِين، راڻِيُون پَنهنجا راڄَ،
اَڳهيو دَرِ اَللّهَ، جي ڪوڙين پُنَسِ ڪاڄَ،
مَڱي وَرِتو مَڱڻي، ڪَهي سانُ ڪُماچَ،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، تِيَسِ ڪَمَ سُڪاڄَ.

*(سورٺ، ۱ ـ وائي)*

## وائي- ۴

ڏورِ وَڃيو، ڏِينهَن لائي، ڪا سوڍَلَ کي سَمجهائي،
جيڏِيُون! مُنهنجي راڻَـلَ کي، ڪا ٻاجَهہ پَئي!
چَنا، مَنَهَن، ماڙِيُون، اوڏانهِين اَڏائي،
ميڙ مُنجان ٽي، مينڌِرا! تو دَرِ تيلاهي،
مَنَٿَ مُنهنجي مينڌِرا! مانَ مَ موٽائي،
قَتِيلَ مِينهَن فِراقَ جا، وِيني وَسائي،
سودِا! سِرُ پڻ گهورِيان، آءُ ڪَرَهو ڪاڪِ وَرائي،
لُڏُوٽِيان، لَطِيفُ چَئي، شَلَ پِيرُ مُئيءَ ڏي پائي!

*(مومل راڻو، ۵ ـ وائي)*

## وائي- ۵

ڏُونگَـرَ ٽي ڏوري، ونڌُرِ ٽي ووڙي،
جَتَنِ لَءِ، جيڏِيُون! ڏُونگَـرَ ٽي ڏوري.
سُورَ پائي تِيَسِ، سُڄَ ۾، چامَ پُنَهَلَ ڪان اوري،
اُٺَ چاڙِينديَسِ اُنِ جا، ٽَڪَرَ پاسِ ٽوري،
مَهارُون تن مَيَنِ جون، خُوبُ خوشيءَ مان جوڙي،
ڪاهي ڪَڏَ ڪيچيُنِ جي، ڪِينَ پُڇي، تَڙَ توڙي؛
اَدِيُون! شاهُ لَطِيفُ چَئي، آءُ، آري جامَ! اوري.

*(حسيني، ۴ ـ وائي ۲)*

Gul Hayat Institute

(١٢)

ڍولا ڍيلَ مَ مُون، ڪانڌ! ڪَميٽي آهيان،
سِڪَ تُنهنجيءَ، سُپِرين! پيرِي وِڌِيَسِ پُون،
مُون وَرُ تُون ئي تُون؛ تو، وَرَا! وَهُون ڪيتريُون.

(ليلا چنيسر، ٣ ــ ١٠)

(١٣)

ڍولا! ڪُجاڙيان، ٻولائِيو ٻوڏُ چَئِين؟
آئُون تو پيراندِيان، ڪَرَ موڙِيو، وَرَا! اُٿِيان!

(ليلا چنيسر، ١ ــ ١٧)

(١٤)

ڍولُ مَ ڪٽي ٻانهَنڙي، پِرهَ مَ ڪٽي پانڌُ،
آئُون پَنهِنجو ڪانڌُ، لوڪَان لِڪي رانئِيان.

(ڏهر، ٣ ــ ١٨)

(١٥)

ڍولي ڍِڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگھاڙي آڳَ،
جوڙي وِچان جَڳَ، ڪَڪَرُ ڪَيائِينمِ ڪاڪِ جو.

(مومل راڻو، ٨ ــ ١٠)

(١٦)

ڍولي ڍِڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگھاڙي آنءُ،
رَکي پنهنجو نانءُ، ڪَڪَرُ ڪَيائِينمِ ڪاڪِ جو.

(مومل راڻو، ٨ ــ ١١)

(١٧)

ڍولي ڍِڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگھاڙِي،
ڏيئِي لِڪَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪَيائِينمِ ڪاڪِ جو.

(مومل راڻو، ٨ ــ ٩)

(١٨)

ڍوليو وِيـَڙهو ڏورِ، تي تِي سيءَ گُذاريان،
مادَرِ! مُون مَ چورِ، ناتَ پِدَرِ پوندي پِرينءَ ري.

(ساموندي، ١ ــ ٣١)

## وائي-١

ڏکَ ڏِکيندو، مُون نہ ڇڏِيندو، شَفِيعُ شافِعُ سُپِرِين.
اَنڌا، اُونڌا، آڪُڙيا، سَڀِ نِباهي نِيندو،
واتان ويچارَن جي، دارُون پاڻَ ڏرِيندو،
ڏُهارِن کي ڏاڪَڙا، لَکَ سَڀِ لَنگهائِيندو،
نُورُ نَاڪارو نہ ڪَري، مُحَمَّدَ مِنَٿَ مَڃِيندو،
هت هُتَ حامي هِنِ جو، اَڳِيان آڏَرَ ڏِيندو،
طَهُورا تَڙِيَنِ کي، پاندَپُ پيارِيندو،
پاڻَ سُڃاڻي پاڻَهِين، ڪامِلُ ڪَرَمُ ڪَرِيندو،
تَنبُو آڻي تاءِ ۾، عاصِيَنِ ڪاڻ اَڏِيندو،
داتا دوزَخِيَنِ تان، ليڪو لَهرائِيندو،
رَسَنَ وِيرَ رَسِي ڪَري، مُشڪَ رَنگُ مَتِيندو،
"رَحمَةٌ لِلعَالَمِينَ"، اَهڪيءَ آڳُهُ تِيندو،
اُتي عَبدُاللّطِيفُ جو، هادي هَٿَ جَهلِيندو.

(بلاول، ٤ ــ وائي)

Gul Hayat Institute

# ر

(١)

راتِ ڏِٺائِين روجَھہ، ڀانءِ ڪِ اوتِي آئِيا،
پِرِيـَتَـٽي پِرِيُنِ جي، سِڪَڻَ ڪِي سَڀوجھہَ،
هُئِي گهَڻو اَبوجهہَ، سوُرَنِ سُنهائِي سَسُئِي.
(ديسي، ٥ ــ ٢)

(٢)

راتِيان رِجَهِن رامَ سين، ڏِينهان ڪَنِ سَنانُ،
جوڳِي سي اِنانُ، وَٺُون جن وِرهائِيُون.
(رامڪلي، ٩ ــ ٥١)

(٣)

راتِ سَهائِي، پِوُن سَنئِين، پِائِي! گهُرجي پَلُ،
آهُرَ ۾ ايلاچِيون، چندن چَرِي چَلُ،
مون توئِي سين ڳالهڙِي، ٻئِي ڪنهين مَ سَل،
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايُون ڪَرَنِ ڪي.
(ڪنيات، ١ ــ ٦)

(٤)

رات سَهائي، پِوُن سَنئِين، پَٽِيُن وڏو پَنڌُ،
هلندي حَبِيبن ڏي، ڪَرَها! موڙ مَ ڪَنڌُ،
ٻَنڌَنُ سوئي ٻَنڌُ، جو پهچائي پِرِينِ ڪي.
(ڪنيات، ١ ــ ٥)

(٥)

رات سَهائي، پِوُن سَنئِين، پِرتِ، نَئِين، پَنڌُ پَسُ،
ميا! محبوبنِ ڏي، وڃڻ ڪجي، وَسُ،
رات هلي تون رَسُ، تہ خبر ڪَرن نہ پوي.
(ڪنيات، ١ ــ ٨)

(٦)

رات سَهائي، پِوُنءِ سَنئِين، پِرتِ نَئِين، پَنڌُ پُورِ،
ميا! محبوبنِ جي، هلِي وانءُ حُضُورِ،
جي چِٽڪنِ چِتَ ۾، سي ڪِئن سَجَڻَ ڏُورِ؟
اللہ لَڳِ اَسُورِ، اُٺان ئي تي آءُ تون.
(ڪنيات، ١ ــ ٧)

(٧)

راجا جو راضِي ٿِيو، تَنهن ڏِنا وَڏا ڏانَ،
موتِي ڪارِيا مَڱٽِي، طَرحَ تُنبي ڪي تانَ،
”مُون وَتِ مالَ مَتاعَ جي، ڪَمي آهيان ڪانَ،
ڪارَڻِ رَبَّ رَحِمانَ، سِرُ وَڍِي، سُلطانَ! ڏي.“
(سورٺ، ٢ ــ ٧)

(٨)

راجا رَنگِ مَحَلَ ۾، جاجڪُ سِرِ زَمِينَ،
جا هَنيائِين هَـٿَن سين، سا سُئِي بالا بِينَ،
جِت اَچَنِ نہ اُردابيگِيُون، اُتِ ڪوٺايو اَمِينَ،
”تازي ڏِيوسِ تَڪِڙا، جَوهَرَ پائِي زِينَ؛“
ٻيو مَڱِي ڪِينَ، ڌاران سِرَ، سَيَّدُ چئي.
(سورٺ، ٢ ــ ٦)

(٩)

رامُ رَهِيُنِ ۾ رُوحَ، ٻَهَرَ ٻولِينِ ڪي ٻيو،
سَدائِين سَفَرَ ۾، مَٿا ٿِيَنِ مُوءَ،
سامِيَڙا صُبُوحَ، سارِيان گهڻو سَيَّدَ چئي.
(رامڪلي، ٦ ــ ٣)

(١٠)

راٺا! تُنهنجي راہَ تي، ڏِيهاڙِي ڏيڪان،
راٺي جِيءَ رِهاڻَ جوُن، رُوحَ اَندَرِ ريڪان،
مُحَبَتَ جُون ميڪَان؛ توسين، لالَ! لَپيٽِيُون.
(مومل راڻو، ٤ ــ ١١)

Gul Hayat Institute

ناسُوتُ، مَلَڪُوتُ، جَبرُوتُ، اِيُ اِنعامُ لَدُون،
پَسُ لاھُوتُ لَنگِھيون، ھاھُوتَ مَٿي هَلِيا.
(رامڪلي، ٥ _ ١٤)

(٢٣)

راھُو! تُنھنجي رِيتِ، پَـرَڪَنديِن پَڌِري،
گَھٽا گھوڙَنِ چاڙِھيءِ، مُسافِرَ مَسِيتِ،
پُڇِين ڪانہ وِڏِيتِ، جي آيا، سي اَگِھيا.
(بلاول، ٢ _ ١٠)

(٢٤)

راھُوءَ جا رَھِيامِ، سَنِيھا سَرِيرَ ۾،
ٻِيا دَرَ وِسِريامِ، ڏِني جادَمَ جَڪري.
(بلاول، ٢ _ ٩)

(٢٥)

رائـو، رُجَ، رَھُون، جِتي نِينھان نِڪَٽي،
لَڳِيو پِيرَ لَڪَنِ سين، ڇِڇِيو ٽِيَـنِ ڇِھُون،
تان ڪا سارَ لَـھُون، ھوت! ڪَمِيٽيءَ، سُپِرين!
(ڪاھوڙي، ١ _ ٢٠)

(٢٦)

راءِ سين رُنا جي، تِـنِ جاڙيجَنِ جاڙَ ڪِي،
ڪِئَن ماٽِيندا سي، چوڏھن چارو ڪَچَڙو؟
(ڏھر، ٤ _ ٣٣)

(٢٧)

رائـي ڪِي رَنجُورَ، ٽَڪَرَ توءِ ٽاڪِيو چڙِھي،
لانچي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، هَلي ڏانھن حُضُورَ،
رَھِيا سَڀِ رُجُنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ،
ساڃَنُ ميڙِيُسِ سُورَ، سُکَ نہ ميڙِيُسِ سُپِرِين.
(سسئي آبري، ٧ _ ١٤)

(٢٨)

رُنِي جا رِھاڻِ، سا پِيَ پَھَنِي نہ ٽِئِي،
ڪَنھن ڪَـرَ وِڌي ڪاڻِ، پاٽا نِينھُن نِڪالِيو.
(آسا، ٤ _ ٤٨)

(٢٩)

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿي، جَھري ڪَري جوءِ،
اِيَ نہ عَورَتَ ھوءِ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جي.
(معذوري، ٧ _ ٢٠)

(٣٠)

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ چَنُونءَ جي چانگھارَ،
اِيَ عِشقَ جا اُبَڪارَ، نَعرو آھي نِينھَن جو.
(معذوري، ٧ _ ١٩)

(٣١)

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ سارَنگِي سازُ،
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙھو رَڪَنِ مُنڍَ تي.
(معذوري، ٧ _ ٢٢)

(٣٢)

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ ڪَرڪِي ڪُونجَ،
نَعرو مَنجِھہ نِڪُونجَ، اِيَ آهَ عِشقَ جِي.
(معذوري، ٧ _ ٢١)

(٣٣)

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَر ڪوڪِلَ جي ڪُوڪَ،
وَلوَلو ءِ وُوڪَ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جِي.
(معذوري، ٧ _ ١٨)

(٣٤)

رَڃِي جي رِيٽو ٿِيا، ڪِينَ اُباڻِجَنِ اوءِ،
ڪُنِيُ نہ ڪاري تنھن ڪي، جو ھالاري ھوءِ،
توڏِ ڏوبِي ڏوءِ، تہ لالي تَھِين نہ لَھي.
(مومل راڻو، ٣ _ ٦)

(۳۵)

رَڙِي ريبارَڻ روءِ، اُپِي ڏِنگَرَ جهلَ،
پَرِي هِتان پَلَ، ڪيتِريُون ڪاهي وِيا!
(ڏهر، ۴ ـ ۴۰)

(۳۶)

رَڙِي ريبارَڻ روءِ، اُپِي ڏِنگَرَ ڏارَ،
وَڃَنِ اَڄُ وَڳَ هَٽِيو، سُئَرِ جي سُوارَ،
ڪاڇي ٻِنِين پارَ، ڏاڪو هِنِ جو ڏِسِيِين.
(ڏهر، ۴ ـ ۴۱)

(۳۷)

رَڙِي ريبارَڻ روءِ، واڙِي پايو وَڇِڙا،
ڪَرا وينَ ڪَنگهارَ ڪي، چينچَلَ اُپِي چوءِ،
واڙِي وَڃُ نه ڪوءِ، لاکو لوڙائُنِ سين.
(ڏهر، ۴ ـ ۴۲)

(۳۸)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو: اُٺُ اوراهُون آڻِ:
ليڙِي جو، لَطِيفُ چَئِي، تَنگُ سَوارو تاڻِ،
شَرمَندِيُون سَپِين پَرين، پُنيءَ لائِجِ پاڻِ،
اَچِي مُشڪَ ماڻِ، ته سوڍا! سُڪِياڻي ٽِيان.
(مومل راڻو، ۵ ـ ۷)

(۳۹)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو: اُٺُ اوراهُون چوڙِ:
تو رِءَ ڪاڪِ ڪَڙِي ٿِئي، ساڻُ سِرڪَندَ سوڙِ،
اَچِي چَندَنُ چوڙِ، ته سوڍا! سُڪِياڻي ٽِيان.
(مومل راڻو، ۵ ـ ۸)

(۴۰)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو: پَرچُ، مَ وانءُ پَرِي:
مارِيَسِ ڦَٽَ فِراقَ جي، جِهَتَ جي ذَرِي:
لالَنَ جي، لَطِيفُ چَئِي، سُونهان ئي سَرِي،
آيَسِ تو ٻَرِي، ته سوڍا! سُڪِياڻي ٽِيان.
(مومل راڻو، ۵ ـ ۹)

(۴۱)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو: ڇَڏِ، راڻا! ريڏائِي،
مُنهنجي ميٽ، مينڌِرا! عاقِلَ! آڳلائِي،
لِيپِتِج، لَطِيفُ چَئِي، ڪامِلَ! ڪَچائِي،
ڪَرِ مَعافُ مَدائِي، ته سوڍا! سُڪِياڻي ٽِيان.
(مومل راڻو، ۵ ـ ۱۱)

(۴۲)

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو: راڻا! ڇَڏِ رِياءُ،
ميٽ مَدايُون، موٽُ تُون، ڪَرِي نِرتِ نِياءُ،
لالَنَ جو، لَطِيفُ چَئِي، ڪونهي سُونهَن سِياءُ،
اَوَڳُڻَ ڏِڪي آءُ، ته سوڍا! سُڪِياڻي ٽِيان.
(مومل راڻو، ۵ ـ ۱۰)

(۴۳)

رُسَڻُ نه آهي، ريتِ، پَهَنيءَ پاهَڻُ ناهِ ڪو،
پَسو مَنجهِ پِريتِ، جيهائي جوڙُ وَهي.
(آسا، ۴ ـ ۵۰)

(۴۴)

رَڳُون ٽيون رَبابُ، وَڄَنِ ويلَ سَپَڪَنهِين،
لُڇَڻُ، ڪُڇَڻُ نه ٿِيو، جانِبُ رِيَ جَبابُ،
سوئِي سَنڌِيندَمِ سُپِرِين، ڪَيَسِ جنهن ڪَبابُ،
سوئِي عين عَذابُ، سوئِي راحَتَ رُوحَ جي.
(ڪليات، ۳ ـ ۴۴)

(۴۵)

روجهَه ڏٺائِين راتِ، هوتُ ٻُوليندي حَبَ ۾،
ڪيچِيُنِ جي ڪَرِي ٿِئي، توءِ تِنين جي تاتِ.
ٻاروچاڻي ڏاتِ، مَنان مُئيءَ نه وِسِري.
(ديسي، ۵ ـ ۳)

Gul Hayat Institute

(۴۶)

رُوحَ ۾ رَهِيُنِ رامُ، ٻَھر ٻولِين ڪِي ٻيو،
پيالو پُرُ ڪَري، جوبَ پِيتائُون جامُ،
تِهان پوءِ تَمامُ، تِنِ تَڪِيا تاڪي ڇَڏِيا.

(رامڪلي، ٦ ـ ٢)

(۴۷)

روضي تان رَسُولَ جي، ڪَيو وِڄُڙِيُنِ وارو،
پَرِيائُون پِيرَ پَئي، نَظَرَ سين نارو،
هادي! ڀَرِ حُڪمَ سين، هِيُ تَڙُ تاسِيارو،
نِرمَلَ نِظارو، پِيَّ پَسايو پانهنجو.

(سارنگ، ۱ ـ ١٦)

(۴۸)

رو، وِسائي راند، پَهَ پَرُوڙِج ساڻ جا،
هوتَنِ سين هيڪاند، هُيَمِ ٻاتي ڏِينهَڙا.

(حسيني، ۹ ـ ۵)

(۴۹)

روھ راماٽا ڪَنِ، اَڄُ پِڻ هَلَڻَ هارِيُون،
ڪَرِڱَل ڪونجڙِيَنِ، رائي ۾ راتِ ڪَيو.

(ڏھر، ۴ ـ ۱)

(۵۰)

رُوءِ راتي جي ناھِ ڪو، سودا ٻيا ۽ سُڄانَ،
نِسوريائي نِينهَن جي، ڪَسيائِين ڪَمانَ،
ڇَڏي وِيا ڇوھَ ۾، دَعوائُون دِيوانَ،
ٻي رَهِيائي ڪانَ، تِيو مِڙوئي ميندِرو.

(مومل راڻو، ۳ ـ ۱۲)

(۵۱)

رُوءِ راتي جي ناھِ ڪو، سودو سَڀِنِ سُونهَن،
لاٿائين، لَطِيفُ چَئي، مَتان دِلِيُنِ دُونهَن،
ڪانهي ٻي وِرُونهَن، تِيو مِڙوئي ميندِرو.

(مومل راڻو، ۳ ـ ۱۱)

(۵۲)

رُوءِ راتي جي ناھِ ڪو، سودو سَوائِي،
لُڏوُٽِيان، لَطِيفُ چَئي، لالِي تنهن لائِي،
ڪانهي ٻِي وائِي، تِيو مِڙوئِي ميندِرو.

(مومل راڻو، ۳ ـ ۱۰)

(۵۳)

روئِي ڪَندِينءَ ڪوھُ؟ هاڻي ڪو هوتُ وَري؟
جيڏِيُون! جيڏُوئِي ڪَيو، ساٿُس سِينَّ سِتوھُ،
ڏوھِي اَٿِيان! ڏوھُ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري!

(حسيني، ۹ ـ ۷)

(۵۴)

رويو وِيني راڳِ، اَمَڙ! اورِيان نِجهُري،
لاٿو مُون ڏِيهَ وَٽَنِ سان، لاڳاپو ۽ لاڳِ،
ڏُونگرَ سي ڏورِينديُون، جن اَندرِ ٻري آڳِ،
هوتائي! هِنَ ماڳِ، مُون ڪي ڇَڏِ مَ ڇپرين.

(ڪوهياري، ۳ ـ ۱)

(۵۵)

رَهِيا اَٿيئِي راتِ، صُبُحَ ويندَءِ صابِري،
لُنءَ لُنءَ مَنجهِ، لَطِيفُ چَئي، ڪَر تنين جي تاتِ،
سَندي جوڳِيانِ ذاتِ، ٻِئي پِيري مَس مِڙي.

(رامڪلي، ۸ ـ ۱)

(۵۶)

رهِي اَڄجي راتڙِي، تن واڍوڙِين وٽاءَ،
جن ڪي سورُ سرِيرَ ۾، گهَڻَ مَنجهاران گهاءَ،
لِڪائي لوڪاءَ، پاٿهين ٻَڌَنِ پَٽِيُون.

(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۳)

Gul Hayat Institute

## وائي- ١

راڻا جي رَجِپُوتَ، مُومَلِ سَهي پَسَندا،
پَڙِهيا، پَٽَ، پِيرَ؛ توڻي ميرَ، هَمِيرَ، مَرَندا،
مَجي رَضا رَبَّ جي، هِئان سَڀِ هَلَندا،
کَلِمي ساڻُ لَڏائِين، هادي! هِنَ هَنڌا،
سَهُکِي سَکراتِ کَرِين، والي! وير وِداعَ،
اُهُکيءَ وير اَچِيج تُون، اُتي، اَحمَدا!
مَتان ڇَڏِئين مَکڻو، مَهَدان، مُرشِدا!
’کُلُّ نَفسٍ ذَآئِقَةُ المَوتِ‘، سَچي اِيَ صَدا!
اَصُلِ لِکيو اَنگَ ۾، ٿِيندو تان پِ اَدا،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئِي، فائِقَ فَضُلُ کَندا.

*(مومل راڻو، ٢ ـ وائي)*

## وائي- ٢

راوَلُ رَهي نہ راتِ، جيڏِيُون!
مُنهنجو راوَلُ رَهي نہ راتِ.
کوهُ کَرِينديَسِ کانڌَ ريَ، وِهاڻيءَ پِرِياتِ،
مٿَ نہ مَعذُورِنِ جا، کا جا جوڳِيءَ ذاتِ،
لَڳُمِ لاهُوتِيُنِ جو، مَنجهان کِينَرَ کاڻُ.

*(رامڪلي، ٩ ـ وائي٢)*

## وائي- ٣

رُندي راتِ وِهاءِ، مُون کي رويو راتِ وِهاءِ،
عُمَرَ! مِيان سُومِرا!
آئُون بَندِياڻي بَندَ ۾، کِ کي بَندِ پِيا؟
مُون کي ڏيهان نکري، پہ ٿوکَ ٿِيا،
هِکُ عُمَرَ مَندِيا مامِرا، پِيو مارُو ٿَر ٿِيا،
عُمَرَ! بَندِياڻِيُنِ سين، جورو تو نہ جُڳاءِ.

*(مارئي، ٧ ـ وائي)*

Gul Hayat Institute

# ز

(١)

زاغ! تُنھنجيءَ ذاتِ جو، تورو مَتي مُون،
اُڏامِـج، عَبدُاللّطيفُ چئي، صُبحَ سيٽَنِ ڏُون،
ڪَج وينَتيون وتَريُون، پاجھائِـج پُھُون،
تہ ”لالَنَ! ڪونَ لَهُون، جِهو تو جَھانَ ۾.“
(پورب،١ ـ ٢٦)

(٢)

زيريين پيڙيين لوهَ ۾، ڳَـٽَنِ ڪَيَسِ ڳاهُ،
سَنڪي سَندي سُومِري، هَڏِ نہ چاڙهيمِ ماهُ،
سَرَتيون! دُعا ڪَجاهُ، تہ پـَرَمُ پاروڙيءَ رَهي!
(مارئي،٦ ـ ١٩)

## وائي-١

زاري سا زاري، اَلو! پَلو! ڪوهِياري سانُ،
آئُون جا ڪَنديَسِ زاري.
ڪِينَ جِئنديَسِ، جيڏيُون! سُورَ پريان جي آئُون ماري،
اُنَ ڳُنگائي هَليا، بوتَا هُـٽَنِ باري،
ڪَري ڪوهِيارو هَليو، مُون سين قيامَتَ ڪاري،
مانَ ورمَنِ وِچَ ۾، اولاٽي آري،
هِندُوئَنِ جَـٽَنِ هولي ڪَري، مُون ڏُوڙِ مَـٽي تان واري،
لالَنَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، واجھائي ٽي ويچاري.
(ڪوهياري،٦ ـ وائي١)

Gul Hayat Institute

(١٣)

سارَنگَ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿِئي،
گُـڙِي تو گُمانَ ۾، آيو کي آيو،
هارِيُنِ لَءِ هَرُ هَرجاءِ ۾، هاديءَ هَلايو،
مَتان اِئن ڀانيو، تہ بادَلَ آهِ بَسِ کِي.

(سارنگ، ١ ـ ٣٢)

(١٤)

سارِيان تِي سَبِيلَ، پُرِ تَـقصِيرون پانَ ڏِي،
مَتان مُون کي ڇَڏِئين، آرِي جامَ اَصِيلَ!
وَرُ، وِلهِنِ جا وَسِيلَ، رَسُ رَهبَرَا! راهَ ۾.

(ڪوهياري، ٥ ـ ٨)

(١٥)

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جن ياد ڪيو،
اُنِ جيَ، عبداللطيفُ چئِي، مَتِيءَ لَڏو مانُ،
ڪوڙِين ڪَنِ سَلامُ، آڳِهِ اَچيو اُنِ جي.

(سريراڳ، ٢ ـ ٢)

(١٦)

سارِي رات سُبحانَ، سودو ڪن صاحبَ سين،
ٻانهپَ ٻَرِي ٻيڙِيُون، هليا جوبَ جُوانَ،
پاٽي پهلوانَ، لَحظي منجهہ لنگهي ويا.

(سريراڳ، ٢ ـ ٦)

(١٧)

سارِي راتِ صاحبَ کي، ٻَـڙه ٻَرِ ڳاياڻين،
اُنَسِ ماٽِڪَ مِينهَن جِنَن، هَٿِ نہ چُتائين،
تي لائقُ لَڏائين، جِنَن هو ميراثي مَـڱتو.

(سورٺ، ٢ ـ ٢)

(١٨)

سارِي سِکُ سَبَقُ، شرِيعَتَ سَندو، سُهٽِي!
طَرِيقَتان تِکو وَهي، حَقِيقَتَ جو حَقُ،
مَعرِفَتَ مَرَڪُ، اَصلُ عاشِقَنِ کي.

(سهڻي، ٣ ـ ١٠)

(١٩)

سا سِٽَ سارِيائون، اَلف جنهن جي اَڳَ ۾،
"لامَقصُودَ فِيَ الّدارَينِ"، اِن پَرِ اُتائون،
سَگِرُ سوتائُون، تِيا رَسِيلا رحمانَ سين.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢١)

(٢٠)

سا سِٽَ نہ سارِينِ، اَلف جنهن جي اَڳَ ۾،
ناحقُ نهارِينِ، پنا پيا پرينءَ لِيءِ.

(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٢٠)

(٢١)

سامُونڊِي! تو سَنبَهين، ساچو جَهلِ سُڪانُ،
لَڳي واءُ وَڏاندَرو، مُنجهائِي مَهرانُ،
جنِين ڀانيو پانُ، ڪَري تَوائِي تن کي.

(سريراڳ، ٦ ـ ٧)

(٢٢)

سامُوندي ساري، مَتِي تَڙ ڳُذاريان،
مونکي تِي ماري، اُنِين سَندي ڳالهڙي!

(سامونڊي، ١ ـ ١٦)

(٢٣)

سامُونڊِيَڪو سَڳُ، آهي گُونڊَرَ گاڏِئون،
اَنگُنِ چاڙهي اَنگُ، ويو وَڻجارو اوهِري!

(سامونڊي، ١ ـ ١٨)

Gul Hayat Institute

(۲۴)

سامُونڊيءَ ساري، ماءِ! منهنجو جندڙو،
بَندَرِ ويچاري، وجي لاتا ڏِينهَڙا.
(سامونڊي، ۱ – ۱۷)

(۲۵)

سامي! تُون سُلُوڪَ ڪي، هَٿان هَڏِ مَ ڇَڏِ،
لَڏِيندَنِ سين لَڏ، تہ رَهِين تُون راڄَ ڪَري.
(رامڪلي، ۹ – ۲۷)

(۲٦)

سامِي چاڻِين، سُڪُ طَلَبئين، تَسا ڏِئين نہ تَنَ،
ماڙهِنِ ڪان مِنهُن ڪَيو، پِنِين اَٽا ۽ اَنَّ،
ڪاپَـڙِي! تو ڪَنَ، ڪِ ڇِيرايا ڇِڻَنِ لَءِ؟
(پورب، ۲ – ۵)

(۲۷)

سامِي چاڻِيِن، سُڪُ طَلَبِئين، سِڪَئين نہ، سامِي!
اَڇا اورِئين پَندَّ ۾، ويٺِين وسامِي،
گُـرَ ڪي توُن نہ گَڏِئين، چاڻِيِن اِنعامِي،
دائِمُ مُدامِي، پوُرو رَهِج پِرِينءَ سين.
(پورب، ۲ – ۴)

(۲۸)

سامِي ڪامِي پِرِينءَ لَءِ، ڪُسِي ٿِيا ڪَبابُ،
جَهڙو ڏِسَنِ ڏوهَ ڪي، تَهِڙو تـِنِ ثَوابُ،
اوتِين اَرِتي گاڏُئون، مَنجهان اَکِيُنِ آبُ،
سَندو ذاتِ جَوابُ، توُن ڪِئَن پُڇِين تـِنِ ڪي؟
(رامڪلي، ۳ – ۱۳)

(۲۹)

سامي! مَڙهِي سَندِياءِ، سامُهِين موُن سيلهَ ٿِي،
سا تان ڪَہُ اَڏِياءِ، جان نانگا وَڃِين نِڪِري؟
(رامڪلي، ۳ – ۱٦)

(۳۰)

سامِيُنِ سِگُ ڪُلَهنِ تي، سَنگُ مِڙوئِي سُورُ،
ڪَهَندا وِيا ڪابُلَ ڏي، ڪو جو پيـڙُن پوُرُ،
مَڙهِيءَ جو مَذِڪوُرُ، ڪالهہَ ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
(رامڪلي، ۳ – ۱۴)

(۳۱)

سامِيُنِ سَمَرُ سُورَ، گُونڊَرَ گَبرِيُنِ ۾،
جَڙِي بَڌائُون جانِ ۾، پيغامَنِ جا پُورَ،
آديسي اَسُورَ، وَڃائي واٽَ ٿِيا.
(رامڪلي، ۳ – ۱۵)

(۳۲)

سانپيارا سَڌَ ڪيو، اُيا چَـوَنِم: 'اَچ'،
هڪ تِڪوئي تارِ وَهي، بيو هَٽَ ڪَميٽِيءَ ڪَڇُ،
ساٽي جِنين سَچُ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديُون.
(سهڻي، ۷ – ۱۱)

(۳۳)

سانپيارا سَڌَ ڪيو، اُيا چَـوَنِم: 'آءُ'،
هڪ تِڪوئِي تارِ وَهي، بيو لُـڙُ، لَهريُون ۽ واءُ،
ساٽِي جن اَللہ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديُون.
(سهڻي، ۷ – ۱۰)

(۳۴)

سانپيارا سيئِي، تَنُ جنين جو طالِبُ،
مَنُ پِريان نيئِي، پَڳهِيو پاڻَ ڳَري.
(سهڻي، ۷ – ۱۴)

(۳۵)

ساندَهِ سَپ دَرِياهُ، پري ڪَنڌِي پارَ جِي،
ڇَڪِي چولِيءَ ۾ گهڙِي، جتي جِيَّ وڙاهُ،
پَسيو ڏوهَ ڏکِي هنِئون، آرَ مَٿِي اَرِواحُ،
جي توهُ ٿئي توڏانهُن، تہ وِيرَ وهَيِٽو ناهِ ڪِي.
(سهڻي، ۵ – ۱)

(٣٦)

ساندَهِ سَپ دَرياهُ، پري ڪَنڌي پارَ جي،
ڪَنبي هِنئون ڪَما حَقَہ، آرَ مَتي اَرواحُ،
دِلاسي دارينَ جي، سانچيو سانچي ساهُ،
جي توهُ ٿئي توڏانهن، تہ وِيرَ وَهِيٽو ناهِ ڪي.

(سهڻي، ٥ ـ ٢)

(٣٧)

سانڍِ پَنهنجي ساهِ، ٻانهين تي پُورا ڪَريان،
واڳيُون جي وَرنِ سين، تَن سَرتِيُنِ سيجَ سُهاءِ،
مُونَ ڪي طَعنا تي ڏِئين، مُون جڏَن مُنٺ نہ، ماءِ!
آريءَ جي آڪاهِ، رُلايَسِ روهَنِ ۾.

(حسيني، ٥ ـ ٣)

(٣٨)

سانگهارو سُورَن، ڪڏهن تان ڪونَ ڏٺو،
ٻائِڙ ٻوڙ وَهَن، ڪالهُوڻيان اَڄُ گهڻا.

(حسيني، ٦ ـ ٩)

(٣٩)

سانوڻَ گهڙي سَپَڪا، هِيءَ سَرهي سِياري،
تَنُ وڏائين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري،
مُحبَتِي ماري، ڪونهي دادُ دَرياهَ ۾.

(سهڻي، ٣ ـ ١٧)

(٤٠)

سانوڻَ لَهريُون، ٿَرَ واري، تَرَ وارَ،
اِنهان ٿِي اَپارَ، مُون سين پَلي پالَ ڪيا.

(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ١٥)

(٤١)

ساهڙ جا سِينگارَ، اَنَ لِکيا اَڳي هُئا،
نڪا 'ڪُنَ فَيَڪُونَ'، هئي نڪا ٻِي پَچارَ،
مَلَڪَنئان مَهندِ هُئِي، توڏيءَ جِي تَنوارَ،
مُحبَتَ سانُ ميهارُ، لايائين لَطِيفُ چئي.

(سهڻي، ٦ ـ ١)

(٤٢)

ساهڙ ڏاران سُهڻي، اَڏوتي آهي،
ڪُنڍيُون جو ڪاهي، پاسي تِنين پاڪَ ٿئي.

(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ١)

(٤٣)

ساهڙ ڏاران سُهِڻي، آهي ۾ آزارَ،
ڏَمَ پاسي ۾ ڏُکندو، صِحتَ وَٽِ سَنگهارَ،
توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا ۾ ديدارَ،
جي پَسي مُنهن ميهارَ، تہ سِگهيائي سَگهي ٿئي.

(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ٥)

(٤٤)

ساهڙ ڏاران سُهِڻي، نِسوري ناپاڪَ،
نَجاسَتَ ناهِ ڪري، اُنين جِي اوطاقَ،
هوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تِنين پاڪَ ٿئي.

(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ٢)

(٤٥)

ساهڙ ڏاران سُهڻي، هِيَ تان جُهڪِي زالَ،
توڏِيءَ تَپُ شروع ٿيو، هَيءِ! هيٽِيءَ جي حالَ،
جَڏِيءَ رِءَ جمالَ، اَکِهِي تِي آهُون ڪري.

(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ٤)

(٤٦)

ساهڙ ڏاران سُهڻي، هيَ تان جُنبي جوءِ،
هنَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، مُورِ نہ مَتو ڏوءِ،
جي پرينءَ پاسي هوءِ، تہ ڪَرَ توڏِيءَ تَڙ ڪيو.

(سهڻي ابيات متفرقہ ـ ٣)

Gul Hayat Institute

(٥٨)

سيڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هَنڌُ خالي ناهِ،
اَحَدا جي اَرَڪَ تيا، سي ڪانئرَ ڪبا ڪانهِ؟
مُحبَّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَڃاٽنديءَ اُجهيو.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ٣٥)

(٥٩)

سَپِ نَنگِيُون تِي نِڪرو، پَرهَنَّ ڇڏي پوءِ،
مَهَندِ مِڙنِئان هوءِ، ڪهي جا ڪِينَ ڪٽي.
(معذوري، ٢ ـ ٤)

(٦٠)

سَپِ نَنگِيُون تِي نِڪرو، لالَچِ ڇڏي لوپِ،
سُپيريان سين سوپِ، ننڊوُن ڪَندي نه تِئِي.
(معذوري، ٢ ـ ٣)

(٦١)

سَپِ نه وَجي سُتِيُون، اَڃا ڪي سنجَنِ،
پِيو، سي پَهرَنِ، جي اُجائِجي آيُون.
(مارئي، ٨ ـ ١٣)

(٦٢)

سَپِيئِي ساري، سَسُئِي! گَهر ڪُنڊُون تون گهورِ،
وِجي ڏُورِ مَ ڏورِ، ڏرا مَنجِهه دوستُ تيو.
(سسئي آبري، ٣ ـ ٤)

(٦٣)

سپيئي سُبحانَ جي، ڪَرَ حوالي ڪَمَ،
تِيُ تَحقيقُ تَسليمَ ۾، لاهي غَمَ وَهَمَ،
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصُل ڪري حاجَ تو.
(سريراڳ، ٤ ـ ٢)

(٦٤)

سپيئي سَنئِينءَ ڪَرين، ڪومَ مُنجهائين واتَ!
سُپيريان جي ساتَ، لائو لَڳو ميڙئين!
(سريراڳ، ٤ ـ ١)

(٦٥)

سَپيئي سُهاڳِڻِيُون، سَيني ڳِچيءَ هارَ،
پَسَنَّ ڪارَڻِ پِرينءَ جي، سَهسين ڪَنِ سينگارَ،
ڍولُ تِنين جي ڍارَ، هيئانهِيُون هَلَنِ جي.
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٣)

(٦٦)

سَپيئي سُهاڳِڻِيُون، سَيني ڳِچيءَ هَسَ،
پَسَنَّ ڪارَڻِ پِرينءَ جي، وَڏا ڪَيائُون وَسَ،
ڍولُ تِنين جي گَسَ، هيئانهِيُون هَلَنِ جي.
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٤)

(٦٧)

سَپيئي سُهاڳِڻِيُون، سَيني مُنهَن جَڙاءُ،
سَپَڪَهِن پانيو پاڻَ ڪي، ته اِيندو مُون گُر راءُ،
پينو تن ڏراءُ، جي پَسي پاڻُ لَڄائِيُون.
(ليلا چنيسر، ٣ ـ ٥)

(٦٨)

سُتا! اُٿي جاڳُ، ننڊَ نه ڪَجي ايتري،
سُلطاني سُهاڳُ، نِنڊُنِ ڪَندي نه تِئِي.
(ڏهر، ٣ ـ ٨)

(٦٩)

سُتا سَپِ پَئِي، سَندي مُعَلمِ آسري،
اَئِين پڻ سُمهو، ناڪُتا! بَندَرِ ناه پَئِي،
جن جي سَيّدَ لَڄَ ڪَنئِي، سي سپ لنگهيندا لَڪِيُون.
(سريراڳ، ٣ ـ ٢١)

(٧٠)

سَتُرُ سگَرِّيُنِ سين، لَحظي لاٿائُون،
ڪينَرَ ڪُنِي آهِيان، اُنهن جي آئُون،
مُون ڪي مارِيائُون، آئُون نه جِئَندي اُن ري.
(رامڪلي، ١ ـ ١٥)

Gul Hayat Institute

(٧١)

سَتُرُ كَرِ سَتارَ! آئُون اُگهاڙِي آهِيان،
ڍَڪِئين ڍَڪَڻهارَ! ڏيئِي پانڌُ پَناهَ جو.

(ڏهر، ٢ ـ ٦٥)

(٧٢)

سُتو ڪِئَن ننڊُون ڪَرِين، رو وِهاڻِيءَ روءِ،
سُيان ساڙُ سَندوءِ، پِيو هُوندو پَٽَ ۾.

(پرڀاتي، ١ ـ ٢)

(٧٣)

سُتوئي سيجَ گُهرِين، جَفا ڏِئين نه جِيَّ،
پَهَني ڏاران پِيَّ، مَحُڻِ نُونڏين نه چَڙهين.

(آسا، ٤ ـ ٤٤)

(٧٤)

سُتوئي سيجَ گُهرِين، جَفا ڏئين نه جانِ،
صُلِحَ رِءَ سيڻانِ، مَتان نُونڏين نه چَڙهين.

(آسا، ٤ ـ ٤٣)

(٧٥)

سَتِي! تُنهِنجي سَتَ ۾، ڳالهِ گهرجي ڳُجُّ،
وَڍِيو، چِيرِيو، چِچرِيو، پَرِ ۾ اُپِي پَجُّ،
”ساڻُ اَمانَتَ اَڇُّ، تہ تِئين سَمانِي سانڍِيہ ۾“.

(مارئي، ١٠ ـ ١١)

(٧٦)

سُتِي پَوَنِ چِرڪَ، آيَلَ! ٻاروچَنِ جا،
پُنهونءَ جي پَيڪانَ جُون، راسِيُون مَنجهان رُڪَ،
هَنيَمِ هوتَ ڪِرڪَ، لوچان، لوهُ نه نِڪَري.

(ڪوهياري، ٣ ـ ٧)

(٧٧)

سُتِي پَوَنِ چِرڪَ، آيَلِ! ٻاروچَنِ جا،
وَمَر وِهاڻِي، ووا! ڙِي! ڪوهِياري ڪِرڪَ،
ڏَڙَ ڏَوَڙِيو تنهن ڏَڪَ، جَڏِيءَ جِتَّنُ نه ٿِئِي!

(ڪوهياري، ٣ ـ ٦)

(٧٨)

سُتِي سَنبِيرِيومِ، ڪو ڳُڻُ ٻاروچَنِ جو،
ڪَنڌَ وِهاڻو وِنو، هَريو هَٿُ ٿِيومِ،
سَجَڻَ يادِ پِيومِ، جاڙ جِتَان ٿي، جيڏِيُونَ!

(رپ، ١ ـ ١٨)

(٧٩)

سُتِي سيجَ هُياسِ، مُون ڪي آهَ اُٿارِيو،
جِنين جاڳاياسِ، آئُون نه جِتَّندي اُنِ ري.

(راملڪي، ١ ـ ١٠)

(٨٠)

سَتين ڏينهن، سَيَدُ چئي، ڏاجا ڏوتائُون،
اُپِي، اَلَڪَ سامُهون، ٻانهُون ٻَڌائُون،
وَڏِيءَ ڪَنهن ولاتِ جا، اُهِجَ آندائُون،
رُوحُ پَنهنجو رامَ سين، پَرِ ۾ پُوتائُون،
ڪَٿِيو ڪِدائُون، لِڪا پُڻَنِ لوڪَ ۾.

(راملڪي، ٢ ـ ٧)

(٨١)

سُتِي نه سَرَندياءِ، ڪَر پَچارَ پِرِيَنِ جي،
وِهامي ويندِياءِ، گهڻا هَٽَندين هَٽڙا.

(ڏهر، ٣ ـ ١١)

(٨٢)

سُتين سَنجهيئي، وِڄُ ڪِنوِنديءَ ويسرا!
وِيرَ وَري ويئي، اَسارَنِ تان اوچتي.

(سريراڳ، ٦ ـ ٥)

Gul Hayat Institute

(٨٣)

سُتين کهڙي سارَ؟ وِڄُ ڪِنونديءَ ويسرا!
تو جيڏا تو يار! لَهرينِ لهوارا ڪيا.

(سريراڳ، ٦ — ٤)

(٨٤)

سُتينءَ پيرَ ڏِڱها ڪَري، وَڏي جاڙ ڪَياءِ،
دَرِ پِرِي اُپِئين دوستَ جي، تہ سُرِ پُرِ هُوندَ سُياءِ،
اَصلِ آرِيءَ ڄامَ جي، سَڳِي تُون نہ سِياءِ،
پُنهونءَ سين پِياءِ؛ تِي نِياڳِي! نِندُون ڪَرِين!

(ڪوهياري، ١ — ٩)

(٨٥)

سُتينءَ سَنجهيئِي، مُنهن ويڙهي مُٺَنِ جُٺَن،
اوجاڳو اَڪِيُنِ ڪي، ڇاتوءِ نہ ڏِيئِي،
هَٿان تو پيئِي، تِي ڪَچو ڪيچِيُن ڪَرِين!

(ڪوهياري، ١ — ١٢)

(٨٦)

سُتِينءَ سَواري، مُنهن ويڙهي مُٺَنِ جُٺَن،
ڏِٺَءِ نہ ڏيرَنِ جا، چوڏاري چاري؟
تيلان، ويچاري! ساٿُ سُتيئِي لَڏِيو.

(ڪوهياري، ١ — ١١)

(٨٧)

سُتيءَ تان نہ سِياءُ، جي ڪوهِيارا ڪيچَ جا،
اَنگِنِ چَڙهيو آءُ، جي نالو ڳِيڙُءِ نِينهَن جو.

(حسيني، ٩ — ٢٢)

(٨٨)

سُتُ اُنين جو سَڦرو، جي پَرِ ۾ پِچائِين،
آوازُ اَرٽَ جو، ساهَ نہ سُٽائِين،
لِڪايو، لَطِيفُ چَئِي، ڪَنبيو ڪَتائِين،
جي ماٽِڪَ موٽائِين، توءِ مُلهہ مَهانگو اُن جو.

(ڪاپائتي، ١ — ١٩)

(٨٩)

سَپَڙُ ساهُ پَساهِ، جاڃِڪَ! جِمَ وِسارِئين،
ريهي رُپي سَندِيُون، تَندُون تُنبي ڪي پاءِ،
لَنگها! تُون لِيلاءِ، اَڳِيان وَڃي اُنَ جي.

(پرڀاتي، ١ — ٢١)

(٩٠)

سِپَ سَمُندين سَپَجي، اَبُرَ آسارُوسِ،
ٻاڙو پِيي نہ ٻِپُڙي، مِنو مُنهن لَڳوسِ،
ماٽِڪُ تي مِڙيوسِ، جِٿَن تَنگُ ڪَڍِيائين تارِ ۾.

(مارئي، ١٠ — ١٤)

(٩١)

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڏِي! هَٿُ مَ لاءِ،
صُباحَ تو چوندا: ”آسان تو اُڪارِيو.“

(سهڻي، ٦ — ١٠)

(٩٢)

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڏين توءِ مَ لَڳُ،
جي پائِنِين پِرِينءَ مڙان، تو پورَ اُٻتي وَڳُ،
پاءِ تيڏاهين پَڳُ، ناهِ جيڏاهين نِجهرو.

(سهڻي، ٦ — ٢١)

(٩٣)

سُپيريان جي ڳالهڙي، رُڳو رَنجائو،
ڏُونگَرَ ڏولائو، ڏِيندا مُون ڏيرَ وِيا.

(حسيني، ١١ — ١)

Gul Hayat Institute

(۹۴)

سِجُ سُياٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي رُوءِ،
اَچِي تِي عَطرَ جِي، مَنجهان مُڳَڻَ بُوءِ،
سا ڏيکارِيهُون جُوءِ، جِتان لاهُوتِي لَعلُ تِيو.
(مومل راڻو، ۱ ـ ۷)

(۹۵)

سِجُ سُياٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي وَنڪَ،
سَهِي نہ سَگهان ساڻَ سِنءَ، تنهن جي راسِن جي رَونَق،
ڪِ رَتائِين لاڪَ ۾؟ ڪِ ڏِنائِين پانَ پڪَ؟
سَنديءَ سودِلِ سِڪَ، ڪَپَرَ ڪورُون جهلِيُون.
(مومل راڻو، ۱ ـ ۸)

(۹۶)

سِجَ اُلَٿي سَسُئِي، رَتَ وَرَٽو روءِ،
پَهِي نہ پانڌِي ڪو، جنهن ڪَرَ پُڇِي لوءِ،
مُوڙهِي وِجي توءِ، موٽَڻَ جِي ڪانَ ڪَري.
(سسئي آبري، ۴ ـ ۱۷)

(۹۷)

سَجُو صافُ نہ اُڀِري، سَرلِي وِچان سِجُ،
مُنهُن چڙهيو ماڙهن ڪِي، ڏِئِي واڏايُون وِجُ،
هِنئڙا! ڪَپُ مَ ڪِجُ، سِگها مِلَندءِ سُپرِين.
(سارنگ، ۴ ـ ۳)

(۹۸)

سَجَڻُ ڏِٺو جَنِ، تن ڪُڇِيءَ سِرِ ڳُهُ ڪِيو،
پِيُون ڪوهُ پُڇهَنِ، قَدُرُ ڪِيميا اِنَ جو؟
(حسيني، ۱۲ ـ ۴۷)

(۹۹)

سَجَڻُ ڏِٺو جن، موٽَڻُ تن ميهَڻو،
اي مَرڪُ مَعذُورنِ، جِنَ مَرَنِ پِريان جي پيرَ تي.
(حسيني، ۱۲ ـ ۳۰)

(۱۰۰)

سَجَڻَ سان نہ پيٽَ، ڳُجهُ ڳِرهِيان ڪِنِ سين،
ڳالِهيُون اندر پيٽ، سَلا ٻَڌِي موريُون.
(رپ، ۲ ـ ۱)

(۱۰۱)

سَجَڻَ سانوَڻَ مينهَن جِئَن، جُهٽِڪَنِ پاسي جهوڪَ،
ڏِيندا پاهُ پَٽَنِ ڪي، مَنجهان مينهَن موڪَ،
لَسَ پِيارِينِ لوڪَ، آگَمَ ڪِيو آڪِينِ سين.
(سارنگ، ۴ ـ ۱)

(۱۰۲)

سَجَڻَ سَنپِرِيامِ، پِيَمِ ڪَرَ ڪَپارَ ۾،
جهڙِي تَهڙِي حالَ سين، پِرين نہ وِسرِيامِ،
هَرِيا هَٿَ ۾ تِيامِ، نيٽَنِئُون نيرُ وَهي.
(رپ، ۱ ـ ۱۹)

(۱۰۳)

سَجَڻَ سَنئِيُون ڪَنِ، لوڪان ليکي وِنگِيُون،
سَندِي سُپيرِينِ، پَرِ پَرُوڙَڻُ ڏاکڙيو.
(آسا، ۳ - ۲۴)

(۱۰۴)

سَجِيُون راتِيُون سُمهي، ڇَڏِيئِي پيءَ پَچارَ،
ياڻِيئي سَڀِ جمارَ، سَجَڻَ هُوندا مان گهرين.
(ڏهر، ۳ ـ ۱۷)

(۴۰۵)

سُجاپِي نہ صُورَتَ ري، صُورَتَ هَڏِ مَ سوجِهہ،
تِيُ باراٽِيءَ بوجِهہ، وِجائِي وُجُودَ ڪي.
(آسا، ۱ ـ ۱۲)

Gul Hayat Institute

(۱۳۰)

سَرتيُون! سُورُ پرينِ جو، سُڄڻِ ۾ شامِلُ،
ڪوهيارو ڪامِلُ، مُون کي ڏُکَ ڏيکارِيو.

(حسيني، ۱۲ _ ۲۳)

(۱۳۱)

سَرتيِنِ سَهجَ مَنجهانءِ، تي ڪوڏِ وراهيا ڪپڙا،
تڏهن مُنهنجيءَ ماءِ، تي پَهڻَ آڇيا پَبَ جا.

(حسيني، ۱۰ _ ۲۷)

(۱۳۲)

سَرتيُون! ڪيئَن سَهي تَئي؟ ويڙهي جا ورهَن،
چِٽُ جنهنجو چُورُ ڪَيو، ڏُک ويو ڏُکَنِ،
پُڄاڻا پِرينِ، اَديُون! اَگهي آهيان.

(ڪوهياري، ۵ _ ۳)

(۱۳۳)

سَرتيِنِ سِنجَڻُ چِڙيو، سَتيِنِ ڳالهِ سُئي،
ماڙيچِي ماڙِينِ ۾، ڪَڏهِن ڪانَ هُئي،
عُمَرَا! آنَ نہ مُئي، اِنَ اوياڻيان اَڳهين!

(مارئي، ۸ _ ۱۱)

(۱۳۴)

سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ، دوڳَ جنين جا ديڳِ ۾،
سي مَرُ ڪَنِ پڇارَ، حاضر جن جي هَٿَ ۾.

(ڪلياڻ، ۲ _ ۲۶)

(۱۳۵)

سَرُ جو سَڃيو سَڄڻين، بَنگان باڻُ پَري،
وِيو وُجُودانِ نِڪري، ڪَڙَ ڪَڙَ ڪانُ ڪَري!
پُڇيو پيرَ پَري، تہ ڪِ تَريو هَٿُ حبيبَ جو؟

(يمن ڪلياڻ، ۳ _ ۵)

(۱۳۶)

سَرُ جو سَڃيو سَڄڻين، پيهَرَ باڻُ پَري،
چِمڪِيو سو چوهَ مان، ڪَڙَ ڪَڙَ ڪانُ ڪَري،
جيرا، جِگرَ، بُڪِيُون، لنگهي پيو پَري،
لڳو جِيءَ جَڙِي، تاڻِيان، تيرُ نہ نِڪري!

(يمن ڪلياڻ، ۳ _ ۶)

(۱۳۷)

سَرُ جو سَڃيو سَڄڻين، پَرُ پيڊيءَ ڏيئي،
ڪانَ ڪَرنگهُرُ ڪَپيو، پَڪَنِ سِرِ پيهي!
جيرا، جِگرَ، بُڪِيُون، پاسارَا پيئي!
ويڄَنِئُون ويئي! تي وهِيٽي سَڄڻين!

(يمن ڪلياڻ، ۳ _ ۴)

(۱۳۸)

سَرُ جو سَڃيو سَڄڻين، سِيگَ منجهان سِيلو،
ٽِنگرُ ٽِڪيو ڪينَ ڪي، پارِ لنگهيو پِيلو،
هٽڻَ سين حِيلو، جانِبَ جيڏو ئي ڪيو!

(يمن ڪلياڻ، ۳ _ ۷)

(۱۳۹)

سِرجي، تان سُورَ؛ ساماٽي، تان سُکَ ويا؛
اِهِي بَئِي پُورَ، نِماٽيءَ نَصِيبُ ٿِيا.

(حسيني، ۱۰ _ ۱۷)

(۱۴۰)

سِرَ جي هُٽائين هَليو، چارَڻُ چِتائي،
سو مُوڙا جَهلي نہ مالَ جا، تہ ماٽِڪ موٽائي،
"تو دَرِ آيُسِ تي، جِئَن تو ناهِ نہ سِڪيو".

(سورٺ، ۲ _ ۸)

Gul Hayat Institute

(١٤١)

”سَرِدِيءَ سالِمُ نہ رَهان، ڪوسي سَهان ڪانَ،
اَمَنَ ڏيج اَمانَ تُون، دُور ڪَري پيا دانَ،
پانڌَپ! ڪاٺي پانَ، وِجهج پِڪَ پينارَ تي.“

(سورٺ، ١ ـ ٨)

(١٤٢)

”سَرِدِيءَ سالِمُ نہ رَهان، گَرمِيءَ تِيان گُداز،
اَمَنَ ڏيج اَمانَ تُون، سائِلَ هَٿي ساز،
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏيج خَليلَ جو.“

(سورٺ، ١ ـ ٧)

(١٤٣)

سِرُ ڏيئِي سَٽ جوڙِ، ڪنهين پَرِ ڪلالن سين!
ڪاتِي ڪَرٽُ ڪپار ۾، خنجرُ آڻي ڪوڙِ!
مرتا مُنهن مَ موڙِ، وَتِي تِي وَڌِ لِهي!

(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ٢٠)

(١٤٤)

سِرُ ڊِوُنڊِيان، ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڊِوُنڊِيان، سِرُ ناهِ،
هَٿَ ڪَرايُون، آڱريون، ويا ڪِپجي ڪانهِ،
وَحدَتَ جي وِهاءِ، جي وِيا، سي وَڍِيا.

(ڪلياڻ، ١ ـ ١٣)

(١٤٥)

سِرُ سانداڻ ڪَري، پُڇجُ گهَرُ لُهارَ جو!
ڏَڪَنِ هيٺ ڏري، مانَ گَڏيٺئي رُڪَ سين!

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٢٠)

(١٤٦)

سَرَ سُڪي سالَ ٿِيا، هَنجَ هَريو ئي پيرُ،
ڪَنگُ ويچارو ڪيرُ، جو رَسي اِنَ رَمزَ کي؟

(ڪارايل، ١ ـ ١٦)

(١٤٧)

سِرُ سَلابَتَ، سُپرين! مَرَڪَڻَ! تُون مَ مَريج!
آهِيين ٺارُ اَکِيُنِ جو، وَٺان مُون مَ وَجيج،
تَماچِي! تَڪِيج، ڪو ڏينهُن ڪِنجهَرَ ڪَنڌِيين.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ١)

(١٤٨)

سَرَ، لوهيڙا ٻِپِيا، ڪُسَرَ نِسرِيا،
تو ڪئن وِسِرِيا، ڍوليا! ڏينهن اَچڻ جا؟

(سامونڊي، ١ ـ ٢٨)

(١٤٩)

سَرَ ۾ پَکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهَ،
سَنديءَ آسَ اَللهَ، لُڏي لَهرِن وِچَ ۾.

(ڪارايل، ١ ـ ١٨)

(١٥٠)

سِرُ مَکِّي، سِرُ گهُري، سِرَ رِءَ ٿِئي نہ صَلاحَ،
غَرِيبَنِئُون نہ گُذري، تو ماري مِيرَ مَلاحَ،
نايو نَوابَنِ جا، سورِيو ڪَڍي ساهَ،
خالِقُ سَنجهہ صُباحَ، ڪونہ ڇَڏِيندو ڪِٺهين.

(سورٺ، ٢ ـ ١٤)

(١٥١)

سُرِمون سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن،
تَڏهن ڏِٺي تن، رُونَقَ رِيتي جهِڙي.

(آسا، ٤ ـ ٢١)

(١٥٢)

سُرِمون سُفيدِيءَ جو، جَڏهن وِڌو جن،
تَڏهن ڏِٺي تن، اَچائِي عالَمَ ۾.

(آسا، ٤ ـ ٢٢)

Gul Hayat Institute

(۱۵۳)

سُرمون سِياهِيءَ جو، رَنُنِ کي رِهاءِ،
ڪانِي ڪارائِيءَ جِي، مُٿِسُ تِي مَ پاءِ،
آڪِبُنِ ۾ اَٽِڪاءِ، لالائِي لالَـنَ جِي.
(آسا، ۴ ـ ۲۰)

(۱۵۴)

سَرَ نِسِريا پاندَ: اُتَرَ لڳا، آءُ پرين!
مون تو ڪارَڻِ، ڪانڌ! سَهِسين سُڪائون ڪيون.
(سامونڊي، ۱ ـ ۲۷)

(۱۵۵)

سَرَٽِيُنِ جا سوٽا سَهي، وَسِيلو وِلَهِنِ،
لُڏي ڪِينَ، لَطِيفُ چئي، اَڳِيان لالُ لَڪَنِ،
جِتِ ڪوڙين ڪِينَ ڪُچَنِ، اُتِ پاٻوهي پَڏِرو.
(بلاول، ۱ ـ ۷)

(۱۵۶)

سَرَٽِيُنِ جي سُکَ لَءِ، سامَ ڪَنئِي سَردارَ،
جي اَبڙي جي آڌارَ، سي سُونگ نہ ڏيندِيُون سُومِرِيُون.
(ڪارايل، ۱ ـ ۱۶)

(۱۵۷)

سَرها ڏِنم سي، جن ساجاءَ سِراڻَ سين،
تيغَ تنين جي ڪي، ڪَٽُ نہ لڳي ڪڏهين.
(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲۷)

(۱۵۸)

سُرَهو سَرُ وِڃائِيو، ڪُوڙِنِ ڪانِيَرِنِ،
رُنا روهَ وَڃَنِ، ڪَنهِن هيٺائِيءَ ڪان هَنجَڙا.
(ڪارايل، ۱ ـ ۳۰)

(۱۵۹)

سُرَهي مَنجهان ساٿَ، آئي بُوءِ پَنِيورَ کي،
بِيٺا بازارِنِ ۾، لائي جَتَ جَباتَ،
سَنديءَ هوتَ حِماتَ، ڪيچِ پهتو قافِلو.
(ديسي، ۷ ـ ۷)

(۱۶۰)

سَري ڪِينَ ڪيون، وِيڻَ موڪِيءَ جي ماريا!
ڪو جو سُخَنُ ڪَلالَ جو، پِٽي تي پيونِ!
تِهان پوءِ ٿيونِ، مَرَڻُ متارِنِ کي!
(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۱۶)

(۱۶۱)

سِڙهَ ٿي سِبيائون، بَندَرَ جَن تَڙِن تي،
سِڙهَ سِبِي ساڃا ڪري، ڪُوها ڪَنيائون،
بيرَقُون بَحَرَن ۾، چوڙي چَڏيائون،
لَهريون لنگهيائَون، لُطفَ ساڻ لَطيفُ چئي.
(سامونڊي، ۲ ـ ۱۴)

(۱۶۲)

سِڙهَ ٿي سِبيائون، بَندَرَ جن تَڙِن تي،
مُلان مُعِلَمَ خبرون، پُڇِي پُورِيائُون،
سُتَڙُ سوٽِيائون، اَوَتَڙِ ڪنهن نہ اولِيا.
(سامونڊي، ۲ ـ ۱۵)

(۱۶۳)

سِڙهَ سُڃاڻِيو چوءِ، ماءِ! سامُونڊي آئِيا،
مانَ منهنجو هوءِ، جانِي هن جهازَ ۾!
(سامونڊي، ۲ ـ ۱۳)

(۱۶۴)

سِڙهَ سَنوان، لاڄُو نوان، اولا سندن عاجَ،
ساٿِي سفر هليا، پيري جُنگَ جَهاجَ،
حاصِلَ ڪرئِين حاجَ، واحدَ! وَڻجارَنِ جي.
(سريراڳ، ۱ ـ ۱۲)

(١٧٧)

سَڪَ تنهنجي، سُپِرين! ڪَپي ۽ ڪوري،
سَگهان نہ چوري، ڏاڍو نِيَرُ نينهَن جو.

(سهڻي، ٩ ـ ١٦)

(١٧٨)

سڪَ سِڪائي سِڪُ، سِڪَ نہ آهي سُتري،
لِڪَ لِڪوٽيءَ لِڪُ، تہ ڪَرَنِ خَبَرَ نہ ٽِئي.

(آسا، ٣ ـ ١٧)

(١٧٩)

سڪَ سِڪَندِيُن لاهِ، وِڇوڙِيا ميڙِ پرين،
ايڏي سَگهہ، سَچا ڏَٽي! توئي ڪي جُڳاءِ،
تَنُ جِنين جو طالِبُو، مَهرَ تِنين ڪي پاءِ،
ميڙائي جو، ماءِ! ڪانگَ لَوَندو ڪڏهِين؟

(سهڻي، ٩ ـ ٢٠)

(١٨٠)

سِڪڻُ اِئن نہ سَڌَ، جئن لِڪيو لِياڪا پائِين،
پَئي پِريان جي نہ ٿئين، مٿي اَگڻ اَڌَ؟
اِيَ پِڻ ڪوڙي سَڌَ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٦)

(١٨١)

سِڪَڻَ وارَنِ سُٿِرو، جي دَهشَتَ سان دَرِياهُ،
اوڙِڪ اُنين جو نہ رهي، آرَ بنا اَرِواحُ،
ويندي ساهَڙَ سامهون، صَدقو ڪنديون ساهُ،
جن ڪي حُبَّ اُنهينِ جي آهِ، ساهَڙُ ساٿِي تِنِ جو.

(سهڻي، ٥ ـ ٣)

(١٨٢)

سِڪڻُ ۽ سورِي، ٻئي آڪر هيڪڙي،
وِهڻُ واٽڙين تي، ڪارڻُ ضروري،
ٻَنهِي جي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نہ جُڙي.

(يمن ڪلياڻ، ٧ ـ ٧)

(١٨٣)

سِڪي جان سُتِياسِ، تان سِڪَ سُمَهڻُ نہ ڏِئي،
جاڳِي، سُتِيَسِ جن لَءِ، سي آيا تان نہ اُٿِياسِ،
پينَرُ! آئُون پُلِياسِ، نہ تہ سِڪَ سُمَهڻ چا لَڳِي؟

(ديسي، ٦ ـ ١٥)

(١٨٤)

سُڪِي ڍورُ ڍِيُون ٿِيو، ڪَنڌِيءَ ڏِنو ڪائو،
سو پاٽِي پَٽيهَلَ ۾، اَڳِيون نہ آيو،
ماڙهُنِ ميڙائو، ڪَنهِين ڪَنهِين پيٽِئين.

(ڏهر، ١ ـ ٩)

(١٨٥)

سِڪِين ڪُهُ سَلاَمَ ڪي، ڪَرين ڪُهُ نہ سَلاَمُ؟
ٻِيا دَرَ تن حرامُ، اِيُ دَرُ جنِين ديکيو.

(ڪلياڻ، ٣ ـ ٩)

(١٨٦)

سُڪِيءَ ٻُڏَن جي، ساهَڙُ ساٿي تن جو،
لَهرنِ سِرِ لَطِيفُ چئي، ڪُلهنِ چاڙهيو ني،
جي پُڇَنِ پَنڌُ پَري، تن اُماٽي اورَهُون.

(سهڻي، ٦ ـ ٢٣)

(١٨٧)

سُڪِيءَ جي سانباهَ ۾، ٻُڏين، توءِ ٻُڏُ،
ڪَڪَ، ڪانڊيرا، ڪانِيُون، ميڙي ٻَڌُ مَ مَڏُ،
نڪو ساهَڙُ سَڌُ، نڪا سُڄي سُهِٽي.

(سهڻي، ٦ ـ ٢٤)

(١٨٨)

سُڪيءَ جي سانباهَ ۾، جڏهن ٻُڏيُون جي،
ساهَڙُ تِنين ڪي، ٻيلي ٻِنهي ڪَنڌِئين.

(سهڻي، ٦ ـ ٢٢)

Gul Hayat Institute

(۱۸۹)

سَکَرِ سيئِي ڏِينَهن، جي مُون گهارِيا بَندَ ۾،
وَسايَمِ وَڏَ ڦُڙا، مَٿي مارُيِنِ مِينهَن،
واجهاٽِيَس وِصالِ کي، ٽِپَسِ تَهوارُون تِيئَن،
نِيرُ مُنهنجي نِينهَن، اُجاري اَچو ڪيو.

(مارئي، ۱۱ ـ ۸)

(۱۹۰)

سُکَنِ واري سَڌَ، مَٽان ڪا مون سين ڪَري،
اَندَرُ جِنين آڌَ، ڏُونگَر سي ڏورِينديُون.

(سسئي آبري، ۴ ـ ۵)

(۱۹۱)

سِکو سَپِ، سَرتيُون! سِپُنِ مُلان سِيرُ،
پِيو مَٿائي نِيرُ، اُپِيُون اَبَرَ آسِري.

(مارئي، ۱۰ ـ ۱۵)

(۱۹۲)

سِکو سِپُنِ کان، سَرتِيُون، رِيت سِکَنَ جي،
مَگِنِ جَرُ مَٿان، اوري کَنِ نہ آسرو.

(مارئي، ۱۰ ـ ۱۶)

(۱۹۳)

سُکيـن ٿئي نہ سَنَري، ڏُکيـن تا نہ ڏَري،
اوري هَڏِ نہ اُپِيي، پُرِيُ تا نہ پَري،
سَرتِيُون! تو نہ سَري، پِنين رِءَ پانهِنِ کي.

(سسئي آبري، ۱ ـ ۱۶)

(۱۹۴)

سُکيـن تِيُ مَ سَنَري، پَسِي ڏُکَ مَ ڏَرُ،
پِنِي کَرِ مَ پانهنجو، گهوري! آڏِ مَ گهرُ،
ماري! هَڏِ مَ مَرُ، مَچُڻِ جِيُ جِيارِئين.

(سسئي آبري، ۱ ـ ۱۵)

(۱۹۵)

سَگَبانَ سِينڌارِيا، بَچِيا، تـي بَـهَنِ؛
ڦِريا نہ فَرمانَ کان، مُلهُ نہ موتِيَڙَن،
ڪونهي ڏوهُ ڪُتَنِ؛ ڏاڪارِيا، ڏاڙِهِينِ تا.

(معذوري، ۱ ـ ۱۱)

(۱۹۶)

سَگهَنِ سُڌِ نہ سُور جي، تا رُنکَن رنجُوري،
پِيا آهن پَٽَ ۾، مَٽِنِ مامُوري،
لِکِين لَنئُ، لطيف چئي، سَدا جِي سُوري،
پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِهامِي راتڙي.

(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۹)

(۱۹۷)

سَگهَنِ سُڌِ نہ سُورَ جِي، گهايَلَ ڪيئن گهارِينِ،
پِيَلَ پاسو پَٽَ تان، واڍوڙ نہ وارِينِ،
پَرِ ۾ پَچَنِ پرينءَ لَيءِ، هَيءِ! هَنجُون هارِينِ،
سَجَڻُ جي سارِينِ، تن رويو وِهامي راتڙي.

(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۸)

(۱۹۸)

سَگُ ڪَري سين سِينهَن، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏهِين،
رَمِج راتِي پُٽِ ۾، نِرتُون مَنجهان نِينهَن،
اِنِءَ مَ وَسِج عامَ تي، جِتَنِ مُومَل! وَسَنِ مِينهَن،
سَندي حَشَرَ ڏِينهَن، سُودو سارِيندِينءَ گهَٽو.

(مومل راڻو، ۵ ـ ۱)

(۱۹۹)

سِگيُون، سيلِيُون، گبَرِيُون، تيئِي تولَ تَکُو،
پَٽُ هَٽِي پَٽَ سين، پيِري تـِنِ يَکُو،
لاهُوتُ جِنِ لَکُو، سي مَڙهِيان مُورُ نہ نِکِيا.

(رامڪلي، ۹ ـ ۳۷)

Gul Hayat Institute

(٢٠٠)

ٿَمَرُ جنين نہ ساڻُ، هوتُ حِماتي تن جو،
ڪَري ڇيڄَ ڇپَرَ ۾، پُنهون ايندو پاڻَ،
ٿِيندي رِيجهہَ رِهاڻِ، لَحظي مَنجهہِ، لَطِيفُ چئي.
(ديسي، ٥ _ ٥)

(٢٠١)

سَما! تو سِرِ ڇٽُ، ناتَ پاڳارا پُرَسَ پيا،
ڳهڻَا! تُنهنجي ڳَچِڙي، اَچي جالَ جَڳٽُ،
جِنِ جيهائِي پٽُ، تـِنِ تيهائِي ٻِڪِيا.
(بلاول، ١ _ ٤)

(٢٠٢)

سَمو تـِنِ سَڏُ ڪري، جِنِ تي وَڏو وِيرُ،
اُٿي تہ آجي ٿِيان، پائي پاڪوڙي پيرُ،
تو رِءَ ٻِيو ڪِيرُ، سَرَٽِيَنِ جا سونا سَهي.
(بلاول، ١ _ ٦)

(٢٠٣)

سَمو سَخاوَتَ جي، وِينو پُڇي پَرِ،
ڪوٺِيو ڪَنگالَنِ کي، ڏِئي دِلاسا دَرِ،
مَٿي وِلهَنِ وَرِ، ڏِيهاٽي ڏاتارَ جي.
(بلاول، ٣ _ ٩)

(٢٠٤)

سَمو سَوائي، ٻهُون، ٻِيَنئان! اَڳرو،
دانَہَ جي دَٻارِ ۾، وَرتَي اِيَ وائي،
ڳهڻَ ڳالهائي، مُهڻَ سَپِ مَلهائِيا.
(بلاول، ٢ _ ١٢)

(٢٠٥)

سمنڊُ جي سيوِنِ، تنين ماڪَ ميڙيا،
چِلَرَ جي چوئِينِ، تن سانڪوتا ۽ سُتيُون.
(سريراڳ، ٦ _ ١٤)

(٢٠٦)

سُمَهَٽان ساڙو، جيڏِيُون! جيڏوئِي ٿِيو،
پرِيُنِ سين پاڙو، مُنهِنجو نِنڊَ نِبيرِيو.
(ڏهر، ٣ _ ١٣)

(٢٠٧)

سُمَهَٽان ساڙو، جيڏِيُون! جيڏو ئي ٿِيو،
هوتَ لَنگهِيا هاڙو، تُون اَناسي! اوجِهرِين!
(ڏهر، ٣ _ ١٤)

(٢٠٨)

سَمِيُون ڪَري سِينگارُ، راءِ رِيجهائِڻَ آئِيُون،
جامَ هَٿَ ۾ جارُ، چُلي جهپيرِنِ وِچَ ۾.
(ڪاموڏ، ٢ _ ٦)

(٢٠٩)

سَنپِريو جِيان، ڳالهِيُون، پرِيَمِ! تُنهنجُون،
ڳُڻَ ڪيترا ڳٽِيان، تورَنِ مَٿو ناهِ ڪو.
(رپ، ١ _ ٢٠)

(٢١٠)

سِنجي سِنجي ڪُوهَڙا، وِيڙهي وِيا وَرَتَ،
مِيان! مارُوئَڙَنِ جي، مُون کي هنئڙي ۾ حيرَتَ،
چُٽِڪَنِ اَندرِ چٽَ، سانَبِيَڙا، ساڏوهِيُون.
(مارئي، ٨ _ ١٥)

(٢١١)

سَنجهي رَهِين سُمهي، غافل! مَنجهہ گهرَنِ،
ليڙَنِ جو، لَطِيفُ چئي، ڪَرَڳُلُ سوءِ نہ ڪَنِ،
سي ڪِيئَنَ مُحبَ مِڙَنِ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهي.
(ڪوهياري، ١ _ ٦)

Gul Hayat Institute

(٢١٢)

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، تہ ڪي اوتي ڪَندا اِيئَن،
ڪُهي ڪَميٽي ڪِيئَن، جَڏي راتِ جَـتَن ڪِي!
*(ديسي، ٤ ـ ٧)*

(٢١٣)

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، صُبُحَ سارِيَمِ سُورَ،
آڏيءَ راتِ اُڏَميو، ڏِيَنِ پَلِتيو پُورَ،
جَـتَنِ لاءِ ضَرُورَ، مادَرِ! ماري آهيان!
*(ديسي، ٤ ـ ٩)*

(٢١٤)

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، صُبُحَ سارِيَمِ سُورَ،
جَـتَنِ لاءِ ضَرُورَ، گهڻا گهارِيَمِ ڏِينهَڙا.
*(ديسي، ٤ ـ ٨)*

(٢١٥)

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، مارِيَسِ سُورَ صُبُوحِ،
نيڻَ هيرايءَ نِنڊَ سين، جَـتَنِ لَنگهي جُوءِ،
هاجو ڪَري هُوءِ، آڏيءَ راتِ اُٺي وِيا!
*(ديسي، ٤ ـ ١٠)*

(٢١٦)

سَندو ڏَمَرَ ڏَهڪارُ، هَڏهين ڪونهي هِنَ ڪي،
هيءَ پاٽيءَ سين پانهنجو، پُسائي نہ سينگارُ،
ڪارڻِ مُنڌَ ميهارُ، ڪاريءَ راتِ ڪُنَ تَري.
*(سهڻي، ٥ ـ ١٢)*

(٢١٧)

سَنڌِيُون سُورَ ڪَرينِ، هَڏَ پڻ ڏُکَنِ هوتَ لَءِ،
پِريَنِ جي پانَ ڏِنا، سي سُتي سُکَ نہ ڏِينِ،
جي ماڙهن ڪي مارِين، تِنِ سُورَنِ ڪي سَڏَ ڪَريان!
*(سسئي آبري، ابيات متفرقه ـ ٢)*

(٢١٨)

سَنگهارَنِ ساري، ساٿي! ڏيج سَنِيهَڙا،
سا هيڪِلي گهاري، مُنڌَ ڪاڇي ڪَنڌِئين.
*(ڏهر، ٤ ـ ٢١)*

(٢١٩)

سَنها پانءِ مَ سَپَ، سُڪا جِنين پيٽَ،
تِنين جي جَهپيٽَ، جُنگَنِ ڪي جوکو ٿِئي.
*(ڪارايل، ٢ ـ ٤)*

(٢٢٠)

سَنها پانءِ مَ سَپَ، وِياءَ واسينگَنِ جا،
جِنين جي جَهڙَپَ، هاٿِي هَنڌان ٿِي نہ چُري.
*(ڪارايل، ٢ ـ ٣)*

(٢٢١)

سَنهي لَڪِ، نَڪِ سَنئين، ڪَجَلَ پِنَنِ نيڻَ؛
سامُونڊي! مون سيڻَ، ڪِ تو ڪالهَ لَنگهائيا؟
*(سامونڊي، ١ ـ ٣٦)*

(٢٢٢)

سَنهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ،
وِيٺي سارِيان، سُومرا! گولاڙا ۽ گاهُ،
هِنئون مُنهنجو هُتِ ٿِيو، هِتِ مِٽي ۽ ماهُ،
پَڪَنِ مَنجِهہ پَساهُ، قالِبُ آهي ڪوٽَ ۾.
*(مارئي، ٧ ـ ١٢)*

(٢٢٣)

سَنهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين مَنُ،
هَٿِي ڪَنَ حِلمَ جا، تہ وِڏائين تَنُ،
ڪِئن ٿوپايان ڪَنُ، آباٽِي اِبَرَ رِيَ؟
*(مارئي، ٧ ـ ١٣)*

Gul Hayat Institute

(۲۲۴)

سَنئِينِ سُونهائي سَپَکا، ڪا مُون مُنجهائي،
طَلَبَ ۽ تَحْصِيلَ، اوِريان ئِي آهي،
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهِ نـ ناهِ ڪا.

(آسا، ۳ ـ ۷)

(۲۲۵)

سَنئِين نـ سيٹان، ناهِ اُبَتي اُنِ سين،
وَنءُ سَهي ويٹانِ، تو نـ سَرندي تِنِ ري.

(رپ، ۲ ـ ۶)

(۲۲۶)

سُٹُ تـ سوزُ پرائِيين، 'آءُ' چيائُون اَڄُ،
بولي ٻي نـ سِکيا، 'پاٹا' چونڊءِ 'يَڄُ'،
واڄي وَتِ مَ وَڄُ، ٻُڌُ تـ پيائِي لَهي.

(سسئي آبري، ۱۱ ـ ۲)

(۲۲۷)

سُٹي ٻولَ سَندانِ، جِمَ سُمهين سَسُئِي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ ڪيٹانِ؟ جُ سي اُنِ اورانگهِيا.

(سسئي آبري، ۴ ـ ۱۶)

(۲۲۸)

سُٹِي ساٹيهَ ڳالَهڙِي، لهي ويا لوهَ،
اندَرَ جا اَندوهَ، لٿا ڏُکَ: سُکَ ٿِيا.

(مارئي، ابيات متفرقه ـ ۴۶)

(۲۲۹)

سُٹِي ساٹيهَ ڳالَهڙِي، وِهُسي ويڙِيچي،
سَڀِ سُڌِ پيَمِ، سُومِرا! هِتي هُتي جي،
پينَرُ ۽ پيچي، سُوايا سارِينِ مُون.

(مارئي، ابيات متفرقه ـ ۴۵)

(۲۳۰)

سُٹي طَعنو تُنهنجو، حالُ وِچايُمِ، حقَّ!
لَکين لوڏي آئِيا، سوِڍي لاٿِمِ شَڪَّ،
ڏِنَمِ ڪاڪِ ڪَهَڪَّ: سِگهو موٹِج، سُپِرِين!

(مومل راٹو، ۳ ـ ۲۱)

(۲۳۱)

سُٹي وِيڻَ ڪَنَنِ سين، وراڻج مَ وري،
هاديءَ جي هِدايتَ جي، آهي اِيَ ڳري،
تـن سَڄي ساهِ سَري، جن ماريو نفسُ ماٹ سين.

(يمن ڪلياٹ، ۸ ـ ۱۹)

(۲۳۲)

سو پَکِي سو پِڃرو، سو سَرُ سوئي هَنجُ،
پيهي جان پَرُوڙِيو، مُون پانهنجو مَنجُهه،
ڏِيلَ جَنهِن جو ڏُنجُهه، سو مارِي ٿو مَنجهه ڦِري.

(ڪارايل، ۲ ـ ۱)

(۲۳۳)

"سو جِيُ مَگَٹهارَ! مَ هوءِ، جَنهن تو مَٿي سِرَ سَٹو ڪَيو،
جو مُون مُلِ مورِ نـ سَپَڄي، تان جي سو گُهرِيوءِ،
تـ جُڳان جُڳِ ڏِنوءِ، ڏُنگو ڏاتارِنِ ڪَي."

(سورٺ، ۳ ـ ۸)

(۲۳۴)

سَودو اِهوئي سَفَرو، سو مون پلي پاءِ،
وَسُ ويچاري ناهِ ڪو، تون آگا! عَرضُ اوناءِ،
رِيَ همراهيءَ هاديءَ جي، مُور نـ مڙِي ماءِ،
لُطفَ ساٹ لنگهاءِ، لَهِرُون لَهرِنِ وِچَ مان.

(سريراڳ، ۱ ـ ۱۰)

(۲۳۵)

سُوڏو سِگِريُن سين، ڪي جو ڪَهيائُون،
هُو جي هَنَيائُون، آئُون نـ جِٹَندي اُن ري.

(رامڪلي، ۱ ـ ۱۴)

Gul Hayat Institute

(۲۳۶)

سوڍا! تُنهنجي سُورَ، اَندرِ آڳِيُون لائيُون،
راڻا! رِهاڻِيُنِ جا، مارِينمِ مَذڪُورَ،
طَعنا ڏِينِمِ تُورَ: آءُ، تہ پَرچُون پانَ ۾.

(مومل راڻو، ۶ ـ ۱۱)

(۲۳۷)

سوڍا! سُورَ سُڪائيُون، آڪِيُون آبُ نہ ڪَنِ،
راڻي جيءَ رِهاڻ ڪي، وِرُوٽيُون وَڃَنِ،
سي ڪِئَن ميندِرا! مَڃَنِ؟ جي تو سُورِيءَ چاڙهيُون.

(مومل راڻو، ۶ ـ ۸)

(۲۳۸)

سوڍا! شَرمايُون، پَسيو عيبَ اَڳِيان،
نَڪَ نِرچايُون، هُيُون مُنهنجي حَقَّ ۾.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۲۱)

(۲۳۹)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، بي عَقُلَ آڻي بازِ،
سَندي صَبرَ سازِ، توبَہَ ڪارِيمِ تَڪِڙي.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۲۰)

(۲۴۰)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، بي عَقُلَنِ عَقُلُ،
آهي اُنگَ اَمُلَ، ماڻِ تُنهنجي، ميندِرا!

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۹)

(۲۴۱)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، سَيِنِ سيڪاري،
مُومَلِ جي واري، ڪُہ چاڻان، ڪُہُ ٿِيو؟

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۵)

(۲۴۲)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، سيڪاري سَهَسَ،
پُڄي تِئان پَهَسَ، مُون ڪي نَصيبَ نيئي جهليو.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۶)

(۲۴۳)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، لَڄايُنِ مَرڪُ،
نہ ڪُڇَنَ سين نَڪُ، رِءَ رُڪَ راڻي وَڍِيو.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۴)

(۲۴۴)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، مَرڪُ لَڄايُنِ،
چُپ سين جي چَوَنِ، اَدبُ ڪَجي اُنِ جو.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۳)

(۲۴۵)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، مُومَلِ مَتِ ٿِيو،
تو جو ڪالَهہ ڪَيو، تَنهن مَديُون ميٽي ڇڏِيُون.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۵)

(۲۴۶)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، مُون ڪي نَصِيحَتَ،
ريلا ڪَنديِسِ رَتَ، ميندِرا! تو مَهندان.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۸)

(۲۴۷)

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، ماڙهُو ڪي مُومَلَ،
ڪُپَرِ مَنجهان ڪَلَّ، پِيِيمِ، پِرين! تُنهنجي.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۷)

(۲۴۸)

سوڍي ڏاران، سَرتِيُون! پيو پِتِيُنِ ۾ پَنگُ،
اُباڻجي اَڄُ وِيو، راڻا! تو رِءَ رَنگُ،
هئين سان هاجو ٿِيو، پيو اوسِيڙي اَنگُ،
تُون توهِيسين سَنگُ: پُڇايو، پُڇان پَهي.

(مومل راڻو، ۴ ـ ۶)

(٢٤٩)

سودِي سُتي لوءِ، ڪا جا مُون سين ڳالھ ڪَئي،
سا جي پڌرِ پوءِ، تہ، سَرتِيُون! ڪا نہ سُمهي.

*(مومل راڻو، ۴ ـ ١٠)*

(٢٥٠)

سودِي سِرُ نِيو، هِتِ ڪَرنگهَرُ سَڪتو،
راڻي جي رِهاڻِ ڪي، سِڪي ساهُ پِيو،
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِءَ اَکڙيُن سين.

*(مومل راڻو، ٧ ـ ٥)*

(٢٥١)

سودِي مُنهنجي ساهَ سين، جيڏِيُون! جِتَن ڪَيو!
ڪَڙي مُون ڪاڪِ ٿِئي، آتَڻُ وِسرِيو،
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِءَ اَکڙيُن سين.

*(مومل راڻو، ٧ ـ ٦)*

(٢٥٢)

سُورَ بہ پَـتُون پَـتِ، هِيُ چِٽِڪيو ڪي پِيو،
پِريتَنِي پِرينُ جي، ماءِ! مُنجهايَرِ مَتِ،
پِيننَرُ! پِلِيءَ پَـتِ، لَڳِمِ باڻُ بِروچَ جو.

*(حسيني، ٦ ـ ١٣)*

(٢٥٣)

سورَٺِ مُئي، سُکُ ٿِيو، خِيما کَنيا کَنگهارَ،
نَڪو راڳُ، نہ رُوپُ ڪو، نَڪا تَندُ تَنوارَ،
تِهان پوءِ مَگَٽهارَ، ڏِنو سِرُ ڏِياچَ ڪي.

*(سورٺ، ۴ ـ ١٥)*

(٢٥۴)

سورَٺِ مُئي، سُکُ ٿِيو، خيما هَنيا کَنگهارَ،
ٿِيو راڳُ، رُوپُ سو، لَڳِي تَندُ تَنوارَ،
سو ڏِٺِين پَـٽين پارَ، پَسو! راڄا راضي ٿِيو.

*(سورٺ، ۴ ـ ١٦)*

(٢٥٥)

سُورُ جنِين کي سَرِيو، سَري تَنِ صِحتَ،
مِنِي مصيبت، آهي عاشقن کي.

*(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ٣)*

(٢٥٦)

سُورَ! مَر ڏي ڏُونَ، آئُون آهِيان اَڳهين ڪاهِري،
جا پَرِ پاٽيءَ لُونَ، سا پَرِ مُنهنجي چِندُڙي.

*(حسيني، ٦ ـ ٦)*

(٢٥٧)

سُورَ! مَر مَتِج ساءُ، آئُون نہ وِکَني آهِيان،
وَچِج مَر وِيلَ کَنهِين، وِرِهَا! مُون وَٽاءُ،
تُون پڻ تڏهن جاءُ، جڏهن ٿِيا، هيڪاندي هوتَ سين.

*(حسيني، ٦ ـ ١٢)*

(٢٥٨)

سُورَ! مَر وِچِيجاهُ، سَڄَڻَ جِتَن سانگِ وِيا،
پِرينءَ پُڄاڻاءُ، آئُون اَوهان سين اوريان.

*(حسيني، ٦ ـ ٧)*

(٢٥٩)

سُورَ نہ ساڱاهِينِ، ڏِيَنِ اُڌما اوچِتا،
مُون کي مُون پِريُنِ جا، اَميا آهِين،
لَڄُون جي لاهِينِ، سيئي ٿِيَمِ سامُهان.

*(حسيني، ٦ ـ ١٠)*

(٢٦٠)

سُورَنِ سانِدِيياسِ، پُورَنِ پالِي آهِيان،
سُکَنِ جي، سَيَدُ چئي، پُکي نہ پِيياس،
جيڪُسِ آئُون هُياسِ، گُرِي گُوندَرَ وَلِ جي.

*(حسيني، ١٠ ـ ١٦)*

Gul Hayat Institute

(۲٦۱)

سُوَرَنِ سانگھارو، ڪَڏهِن تان ڪونَ ڪَيو،
آيَلِ! اوپارو، ٻاڙوڏو ٻوڙ وَهي.
(حسيني، ٦ ـ ۸)

(۲٦۲)

سُوَرَنِ سِجھائي، چيلهہ ٻَڌيو چوٽِئين چڙهي،
سَڱ پِريان جي سَسُئي، ميڙي، مِلائي،
لَڏائين لَطِيفُ چئي، لالَنُ لالائي،
بانيَڻ باڏائي، حَبِيان واريو هوتَ کي.
(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۳)

(۲٦۳)

سُوَرَنِ لَڌو سَجُهہ، پاٽھي پيهي آئِيا،
ڪنهن کي ڏيان مَنجُهہ؟ مَرُ تان چِٽِڪَنِ چِتَ ۾.
(حسيني، ٦ ـ ۱۱)

(۲٦۴)

سُورَ وِراهِيان، سَرَتِيُون! جي وِراهِيا وَڃَنِ،
ٻِيُون ڪوهُ ٻُجهَنِ؟ جن سَندا، تن سامُهان.
(حسيني، ٦ ـ ۲۰)

(۲٦۵)

سُورِهَ! مَرِينِ سوبِ کي، تہ دِل جا وَهمَ وسارِ،
هَڻُ ڀالا، وِڙهُ ياڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ،
مَٿان تيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِئين.
(ڪيڏارو، ۵ ـ ۵)

(۲٦٦)

سُوري آهِ سينگارُ، اَڳھِين عاشقن جو،
مُڙڻُ، موٽڻُ ميهڻو، ٿيا نِظاري نِروارُ،
ڪُسڻَ جو قرارُ، اَصُل عاشقن کي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۵)

(۲٦۷)

سُوري سڏُ ڪري، اُپِي عاشقن کي،
جي اَٿيئي سَڌَ سِڪڻَ ۾، تہ ڪَوءِ مَ پيرُ پري،
سِسِي ڏارَ ڌَري، پڇج پوءِ پريتڻو.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۴)

(۲٦۸)

سُورِيءَ سينگاري، اَصلِ عاشقن کي،
لُڏيا ڪِينَ لطيف چئي، ٿيا نيزي نظاري،
ڪوٺيو ڪِناري، آٽيو چاڙهي اُنِ کي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ٦)

(۲٦۹)

سُوريءَ تي سَوُ وارَ، ڍِهاڙيو چَنگ چڙهين،
جِمَ وِرچِي چڙئين، سِڪڻ جي پچارَ،
پِرتِ نہ پَسِين پارَ، نينهن جِئان ئي نِگيو.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۹)

(۲۷۰)

سُورِيءَ چڙهڻُ، سيج پسڻُ، اِيُ ڪم عاشقنِ،
پاهُون ڪِينَ پسنِ، سائُو هَلنِ سامهان.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۸)

(۲۷۱)

سُورِيءَ سڏُ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟
وڃڻ تِنِ پيو، نالو نِينهَن ڳِنهَنِ جي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۳)

(۲۷۲)

سوريءَ مٿي سيڻَ، کھڙي ليکي سَنَرا؟
جيلَہ لڳا نيڻَ، تي سُوريان ئي سيجَ ٿي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۷)

(٢٧٣)

سَوڙِيين سُنڙياءِ، پَکو سَھُو وِلاريو،
ڇَنيسَرَ کانڊاءِ! تان مُون ھِتَّن نہ پائيو!

(ليلا چنيسر، ١ــ ١٢)

(٢٧٤)

سو ڪانگُ مَر قاصِدُ ڪَر، جو سَدا ڏُونديِ ڏُوندَ ڪي،
ڪِ ڪَندو پَنھِنجي پيٽَ جي، ڪِ ويندو دوسَنِ دَرِ؟
جَنھِنجي ٻوليائي ’بَر بَرِ‘، سو نِياپا نيئي رَھيو!

(پورب، ١ــ ٢٩)

(٢٧٥)

”سؤ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابَرَ توريان،
اُٿَلَ اوڏانھين تِئي، جيڏانھن پيچَلُ پُرائي،
سَڪِٽو ھَڏُ آھي، سِرَ ۾ سَڄَڻُ ناهِ ڪِي“

(سورٺ، ٣ــ ١٢)

(٢٧٦)

سَؤ سُکَنِ ڏيئي، وِرهُ وھايِم ھيڪِڙو،
مُون ڪي تنھن نيئي، پيرُ ڏيکاريو پرينءَ جو.

(حسيني، ٦ــ ٥)

(٢٧٧)

سَؤ سُکَنِ ساٽي ڏِيان، سِرُ پڻ ڏِيان سَٽِ،
جي مُون مِڙي مَٽِ، تہ وِرهُ وھايان ھيڪِڙو.

(حسيني، ٦ــ ٤)

(٢٧٨)

سَؤ ڪوهَ ڪري سَيَڪا، تُون، کُھي! ڪَٽج وڪَ،
تاٽِجَ مَنجھان تِکَ، تہ پَنڌُ پاسي پِرَ نِبري.

(سسئي آبري، ٩ــ ٩)

(٢٧٩)

سونا ڪُرَ ڪَنَنِ ۾، ڳِچِيءَ ڳاڙھا ھارَ،
ٻانھُوٽا ٻانھُنِ ۾، سِينڌِ سَٽِيا وارَ،
تيلانہَ پِيَ پَچارَ، ڪانڌَ مُنھنجي ڇِڏِيي.

(ليلا چنيسر، ١ــ ١١)

(٢٨٠)

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَن، لَڏو لاهِ مَ لَڏِ،
سودو سوئي ڇَڏِ، جنھن ۾ جَواھِرُ ناهِ ڪِي.

(سريراڳ، ٤ــ ٨)

(٢٨١)

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئَن، لَڏو ھَڏِ مَ لاهِ،
آھي تن اُونداهِ، جن جَواھِرَ ضايَع ڪيا.

(سريراڳ، ٤ــ ٩)

(٢٨٢)

سونَ بَرابَرِ سَڪِڙا، لُوڻُ لُوڻُ بَرابَرِ لَکُ،
رُپو جنھن رَدِ ڪيو، ڪوڙَ تنھين کي ڪَکُ،
مُون ماروءَ جو مَکُ، تيلُ نہ لائيان تُنھنجو.

(مارئي، ٣ــ ٤)

(٢٨٣)

سونَ بَرابَرِ سَڪِڙا، ماروءَ سَندا مُون،
پَٽولا پَنوھارَ کي، عُمَرَ! آڇِ مَ تُون،
وَرُ لوئيءَ جي لُوڻُ، ڏاڏاڻَنِ ڏِنيامِ جا.

(مارئي، ٣ــ ٣)

(٢٨٤)

سونَ ساريڪا ھَٿَڙا، ڪوهُ نہ ڪَتين رَڏِ؟
ويھي ڪُنڊَ، ڪاپو ڪَرِ، ڳُھتُون گوھيئُون ڇَڏِ،
تہ صَرافاٽي سَڏِ، مَرڪيو ھُوندِ مَٽائيين.

(ڪاپائتي، ١ــ ١٢)

Gul Hayat Institute

(٢٨٥)

سونَ وَرَنِيوُن سودِيوُن، رُپي رانديوُن ڪَنِ،
اَگر اوطاقُنِ ۾، ڪَٿوُرِيوُن ڪَٿُنِ،
اوتيائوُن عَبِيرَ جا، مَٿي طاق تَڙَنِ،
باٿَنِ ٻيلون ٻَڌِيوُن، پَسِيو سوُنهَن سَڙَنِ،
ٿِيا لاهوُتِي لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لَءِ پِريَنِ،
اِجهي ٿا اَچَنِ، ڪاڪِ ڪَڪورِيا ڪاپَڙِي.

(مومل راڻو، ٣ ـ ٣)

(٢٨٦)

سوُنهان سُڌِيون ڏِينِ، هِنَ ديواني درياهَ جون،
ڪوُڙ اوڏائِي ڪِين ڪِي، رُڳو سَچُ سودِينِ،
عِجزَ جو اَڏَ راتِ ڪِي، وَڪَرُ وِهائِينِ،
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِيءَ سِيرَ مان.

(سريراڳ، ٥ ـ ٨)

(٢٨٧)

سوُنهَپَ ۾ سَپَ گهَٽا، مُنجهَڻُ ماڪِي هوءِ،
پَرو تَنهِين پوءِ، جو اُجهِي پوءِ اُنِ تان.

(ڪاهوڙي، ٣ ـ ٦)

(٢٨٨)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمرا! ٿيندِيَسِ ڪِئَن قَبوُلُ؟
ڪونهي سُهڳُ نہ سوُلُ، پوُڇي مُنهُن پَنوَهارَ سين!

(مارئي، ٥ ـ ٩)

(٢٨٩)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! پَسان ڪِئَن پَنوهارَ؟
ڏُٺي جا ڏَڙارَ، تنهن رِ رُوءِ رُڃَڻُ ناهِ ڪو.

(مارئي، ٥ ـ ٧)

(٢٩٠)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! سِڪَر جهَڙِي سُونهَن،
دِلِ ۾ دُکَي دُونهَن، مُنهنجو مُنهُن ميرو ٿِيو.

(مارئي، ٥ ـ ٣)

(٢٩١)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! عُمَرَ! ٿِيَسِ اَسِيرَ،
مارُو مَنجِهہ مَلِيرَ، مُون سين هِتِ هِئَن ٿِيو!

(مارئي، ٥ ـ ٨)

(٢٩٢)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! ڪوئِيين اَچِي ڪالَ،
ڪِينَ پَسَندِيَسِ پالَ، حُسنُ مُون هِتِ وِيو.

(مارئي، ٥ ـ ١٠)

(٢٩٣)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! ڪيڏانهن وِيُمِ ڪَمالُ!
وَڃان ڪِئَن وَطَنَ ڏي، هَهڙو وَني حالُ؟
جي مان ڏِينِ جَمالُ، تہ پَسان مُنهُن پَنوهارَ جو.

(مارئي، ٥ ـ ٥)

(٢٩٤)

سُونهَن وِجايَمِ، سُومِرا! مارُو مَسَ مَڃِينِ،
ڏُنگا ڏاڏِي پوٽِيين، ڪِن ڏِنا، ڪي ڏِينِ؛
جي مان لوهَ لاهِينِ، تہ ڪوٺَنِ ۾ ڪِينَ هُئان.

(مارئي، ٥ ـ ١)

(٢٩٥)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! ميرو مُنهُن ٿِيوم،
وَڃَڻُ تِتَ پِيومِ، جِتِ هَلَڻُ ناهِ حُسنَ ريَ.

(مارئي، ٥ ـ ٢)

(٢٩٦)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! وَطَنِ وَڃان ڪِيئَن؟
حُسنَ ڏاران هِيئَن، پَسان ڪِئَن پَنوهَارَ ڪِي؟

(مارئي، ٥ ـ ٦)

(٢٩٧)

سوُنهَن وِجايَمِ، سوُمِرا! هِتي اَچِي هاڻِ،
ڪِئَن لَهَندِيَمِ ڪاڻِ؟ حُسنُ مُون هِتِ وِيو!

(مارئي، ٥ ـ ٤)

Gul Hayat Institute

(٣١١)

سَهِين جئَن ساندانڻ، ڏَکن مٿي ڏَکڙا!
وَهِ وِڃائي پاڻ، ڏي ڏُباڻون ڏُگرين.

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٢١)

(٣١٢)

سِياري سِهَ راتِ ۾، جا گهِڙي وَسندي مِينهَن،
هَلو تـہ پُڇُون سُهِڻي، جا ڪَرَ ڄاڻي نِينهَن،
جنهن کي راتوڏِينهَن، ميهارُ ئي مَن ۾.

(سهڻي، ٣ ـ ١٦)

(٣١٣)

سي تو ويهِي وِڃائِيا، جي ڪَتَڻَ سَندا ڏِينهَن،
اَرٽَ اوڏِي نـہ ٿِئين، پورِي! پوري سِيئَن،
ڪَنڌُ ڪَٽندِينءَ ڪِيئَن، اَگّڻِ عَجِيبَنِ جي؟

(ڪاپائتي، ١ ـ ١٠)

(٣١٤)

سي ٿاريلا ٿَرَنِ ۾، جي مان گهَٽُ گهُري،
وَطَنُ، وَسَ، وَسَندِيُون، هِنئڙي نِتُ هُري،
اَندَرِ چِتَ چُري، وِرِهُ ويڙِهيچَن جو.

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٣٧)

(٣١٥)

سي پوُڄارا پُرِ ٿِيا، سمنڊُ سيويو جن،
آندائُون عَميقَ مان، جوُتِي جواهرِن،
لَڏائون، لطيفُ چئي، لالُون مان لَهرِن،
ڪانهي قيمتَ تنِ، مُلهہ مَهانگو اُنِ جو.

(سريراڳ، ٢ ـ ٤)

(٣١٦)

سيراندِيءَ سازُ ڪَيو، سُمهِين سارِي راتِ،
جاجِڪاڻِي ذاتِ، اِيئَن نـہ هوءِ اَگَهِين؟

(پرڀاتي، ١ ـ ٣)

(٣١٧)

سي ساهيڙِيُون سارِينِ تو، سِيلُ جِنين جو سَچُ،
مارُوءَ رِءَ مَ مَچُ، سِيهو پانئِج سونَ کي.

(مارئي، ١٠ ـ ٦)

(٣١٨)

سِيلَ پَچَڻَ جِي، سوُمِرا! موُن کي مَتِ مَ آڇج مِيرَ!
تورين گهَٽين ڏِينهَنڙين، وينديَسِ هُتِ هَميرَ!
مَچُڻِ مَنجِهہ مَلِيرُ، ڪَنڌُ مَٿانهون نـہ ڪَٽان.

(مارئي، ٦ ـ ٦)

(٣١٩)

سيٽَنِ ڪارَڻِ، سَسُئي! وَڃَڻُ ڪَڇِي وَسُ،
جِمَ وِرچي ڇَڏِئين، سَندو گُنگَن گَسُ،
ڏوٿي ڏِيينداءِ ڏَسُ، اَڳِيان پاروچَنِ جو.

(سسئي آبري، ٨ ـ ١٦)

(٣٢٠)

سيوا ڪر سَمنڊَ جِي، جِتِ جَرُ وهي ٿو جالَ،
سَئِين وَهَن سيِرَ ۾، ماڻڪ، موتِي، لالَ،
جي ماسو جُڙيئي مالَ، تـہ پوُڄارا! پُرِ ٿِئين.

(سريراڳ، ٢ ـ ٣)

Gul Hayat Institute

(٣٢١)

سيويو جن سُبحانُ، وِيرِ نہ وِڙھي تن سين،
توبَہ جي تاثِيرَ سين، تَري ويا طُوفانُ،
ڏيئِي تَوَڪَّلَ تَڪِيو، آرُ لنگھيا آسانُ،
ڪامِلِ ڪِشتيِبانُ، وچ ۾ گڏين واھَرُو.
(سريراڳ، ٢ - ٥)

(٣٢٢)

سُيءِ ڪا تَنوارَ، ڪِي هُنئِين تِي هَٿَ ڪَٽِين،
سَوين رُليوُن سَسُئِيون، هوتاڻَنِ هزارَ،
باروچاڻا بارَ، توڙان تَرسُ نہ سِڪيا.
(حسيني، ١ - ١٤)

(٣٢٣)

سيئِي جويَنَ ڏينهَن، جڏهن سَجَڻَ سَفرِ هَليا!
رُئان رَهنِ نہ سُپرين، آيَلِ! ڪَريان ڪيئَن؟
مونکي چاڙھي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوھري!
(سامونڊي، ١ - ٨)

(٣٢٤)

سيئِي سُورَ طبيبَ، جنين سُورَ سَچَ ڪِي،
جو لِکيو هُتِ، لطيف چئي، سوئي ڪن قَريبَ،
جي نَوازيا نصيبَ، دارُونءَ سي دُرسَتُ ڪيا.
(يمن ڪلياڻ، ٨ - ۴)

## وائي-١

ساٿِين نَنڍا بارَ، ووا! تن پانڌِين نَنڍا بارَ.
توکي آرسُ آکَڙِيُن ۾!
پاتا پاڙيواريين، پَڳَہ منجھ پاتارَ،
پَٿَرُ تو پُورَ ڪري، آئي تنهنجڙي وارَ،
سَڄِيوُن راتيوُن سَمهين، ڪِيو منجھ خُمارَ،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، هَلَڻَ جي هاڪارَ؟
تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا، سَچِي اِيَ سَنيارَ،
ننڊَ نہ ڪجي ايتري، سُتَّج آڏا يارَ!
سائِينءَ مُڪين سَچَ ڪِي، تون ڪُوڙو منجھ قَطارَ،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ؟
گھِڙَان تِي رِءَ گھَڙِي، الاھِي ٿُهارَ!
هو جو شَڪُ شارڪَ جو، تِئَان رَڪُ سَتارَ!
ڪُلُّ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوتِ، پَڙهو اِيَ پَچارَ،
شِڪارُ تون شهبازَ جو، تون تان مَنجهہ شِڪارَ!
يَومَ يَفِرُّالمَرءُ مِنَ اَخِيہِ، جت پَڄندا يارَ،
تُرهو چِنو تارِ ۾، اَچِج تُون اوسارَ!
لَکَ مِڙيئِي لُٽيا، هُنئِهِين ويا هزارَ،
ڏِنءَ جي اللہ ڪِي، هوندَ ٿِئين پَريين پارَ،
جوڻَنِ مِٿَان جُٽَڪِي، دُنِي تنهنجي دارَ،
جِيفو اِہِ حديث ۾، اَنڌيءَ اِيَ آچارَ،
وَٽِيءَ ڪين وَلَهنِ سين، ڪَنبي پَرِ قهارَ،
سا ڪئن هلي توسين، جا پَڳِي ڪان پَتارَ؟
جِيڻُ، جالَ نہ نِبهي، سُتَّج اِيَ سَنيارَ،
جمَ وِسارئين ويسرا! پِتِيُن جي پُلڪار.
(سريراڳ، ٣ - وائي)

Gul Hayat Institute

مُون کي ڏئِين نہ مُنهَن ۾، جي مُون ڪالهَہ ڪَيُون،
اَرتو اوتَنُ ٿڪِيُون، عادَتَ اَڪَثَرِيُون،
مُنهنجا ڪَمَ ڪَرِيمَ تي، پيا ڪَنِ پيُون.
آلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، صاحِبَ! ڪَج سَنيُون.
(رپ، ۲ - وائي ۱)

## وائي- ۱۰

سَندَڙِيانِ سِگهَڙِي، ڳالهِ ڳُجهَڙِي، مُون مارِيندِي ڪَڏهِين.
جا وَڃائِينِ جَنَڙا، نہ تَنهن نَڙَ جهڙِي،
مُرلِيءَ کي جَنهِن ماٺُ ڪَيو، نہ تَنهن تُلِ تُنبڙِي،
تارِيو جَنهن توڏِيءَ کي، نہ سو گهنڊُ نہ گهنڊَڙِي،
ڏارِيو جَنهِن ڏِياچَ کي، تَندُئان تَنهن تِکَڙِي،
نہ سِرِي نہ سِنڌُ ڪا، نَڪا هِندُ هَڙِي،
مِنائِيان مِنِي گهَٽو، چَوندا جن چِڪَڙِي،
ونٺُن اونائي اُنَ کي، وِيهُ مَ، ڪَنُ وِڪَڙِي،
بيخودِ بابُو سي ٿِيا، پُرَندِي، جن پُڌَڙِي،
جا ساراهيلَ سُبحانَ جِي، تَنهِن واکاڻ ڪهڙِي؟
سَهَسين سُرُودَنِ کي، پاٽان پوءِ وَجهندَڙِي،
گهانڊارَ مِرُونِ موهِيا، هيءَ ماڙهوُ مُهَندَڙِي،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، هيءَ مُئا جِئارِيندَڙِي.
(رامڪلي، ۱ - وائي)

## وائي- ۱۱

سَهسين شُڪرانا، ڪوڙِيين پالَ ڪريمَ جا.
حَمد چئج حڪيمَ کي، جورِ هٿِي جانا،
تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطِنَ جا بانا،
مِتان، مردا! وسارئين، صاحبَ جو ثَنا،
دوستُ رکِي دل ۾، پڙهُ لالَنُ لِسانا،
جَفا ڏيئي جِيَ کِي، ٿِيُ فِڪرَ منجهہ فَنا،
تُسِي توسين توهُ ڪري، مَنَ آگو اَحِسانا،
ڪِڏُ تون دغا دل مان، پانهپَ سين پانا!
صاحبَ وٽي سچَ سين، ٿِيِ دانهُ، ديوانا!
جي تسليمَ سين تَحقيقُ هئا، سي ڪئن اَمانا؟
جاڳيا جي جَبارَ لءِ، سيئِي سَمانا،
فَاَذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُمْ، ڪَهيو قُرآنا،
وَاشْكُرُوالِيْ وَلاَ تَكْفُرُوْنِ، ڪِڏُ تون ڪُفرانا،
سَبِ سَنوريا سُپِرينءَ، ڪُوَلَ تو ڪَنا،
چڱي چئج چاهَ سين، مَدحَ اِيَ منَا،
تائِبَ ٿيو تَڪڙا، جوشا، جُوانا!
تہ لهين تُون لطيفَ ڪان، اَمَنُ ايِمانا.
(سريراڳ، ۱ - وائي)

## وائي- ۱۲

سائين! سَڱُ سَندومِ، مَ ڇِڇِي سين جوڳِيين!
هَلَڻَ جو هِنگلاجَ ڏي، آديسِيُنِ اُتومِ،
نيئي پُورَبَ پارَ ڏي، ويراڳِيُنِ وِڌومِ،
سوئي تِيرَٿَ تَڪِيو، سوئي پَنڌُ سَندومِ،
هُو جو تِيرَٿَ تَڪِيو، سامِيُنِ سُونهايومِ.
(پورب، ۱ - وائي)

## وائي- ۱۳

سِياڪو سيٽانِ، پوري! تو پاڻُ سُجاٽي نہ ڪَيو.
موٽِيو ماڳَ نِهارِئين، ڪَهڙي مُنهُن ڪيٽانَ؟
هُوندَ نہ پيئِينءَ هيتِري، ويئينءَ جي سيٽانَ،
مَچَ پَسي ڪِئَن موٽِئين، سَڙيئَن نہ لَءِ سيٽانَ،
وارِيءَ جِئَن وجُرِي هنئون، ڪرڪي لَءِ ڪيٽانَ،
آٿِنِ مُنهنجا آنگڙا، ڪالهُون پوءِ ڪيٽانَ،
چِپَرَ ڪَندِيَسِ پَنڌِڙا، مُون پانيو سيٽانَ.
(ڪاهوڙي، ۳ - وائي ۱)

Gul Hayat Institute

# ش

(١)

شُڪُرُ گَڏِياسُون، سُپرِين! جِئَري، جانِي يارَ!
وينِي جن جي وَٽِ ۾، ڪوڙين ٿِيا قَرارَ،
ڏَٽِيَمِ! ڪَرِ مَ ڏارَ، پاڙُون تِـنِ پِرِيُنِ ڪان.

*(بروو سنڌي، ٣ ـ ٥)*

(٢)

شَمَعَ بارِيندي شَبَّ، پِرهَ باڪُون ڪِڍِيُون،
موتُ، مَران ٿِي، ميندِرا! راڻا! ڪارَڻِ رَبَّ،
تنهنجِيءَ تاتِ طَلَبَّ، ڪانگَ اُڏايَمِ ڪاڪِ جا.

*(مومل راڻو، ٤ ـ ١)*

## وائي- ١

شادِيءَ جو سِينگارُ،
آيَلِ! مَرَڪُ مُنهنجو مُون پِرِين.
آهي گَهُ گِچِيءَ جو، ڏِئي هالورا هارُ،
آهي اُگهاڙِينِ ڪي، جانِبَ جو جِنسارُ،
آهئين ڪاڄُ بُکِيَنِ جو، تُون تان طَعامُ تِيارُ،
اَعليٰ اَچو عِيدَ ۾، دوسِتاڻو دِيدارُ،
حُسْنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ڪَڪورِيو ڪوهِيارُ،
سُيجَ ڪَيائِين سُرَهِي، واسِيائِن وَٽِڪارُ،
چَپَرَ چاڻُون مُڪِيُون، عَطُرُ ٿِيو آوارُ،
ڪوڙيين ٿِيا ڪيتِرا، نالِي تان نِثار،
سَدا صلابَتَ جِي، گولِي گِرِفتارُ،
گهورِيان گَهَرُ گهتِيءَ تان، اَچِي جِئان آڌارُ،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئِي، مِليو مُون مَنثَارُ.

*(حسيني، ٢ ـ وائي)*

(۱۳)

صُورَتَ سوجهہِ مَ تَنهنجي، پيُ پُڇين تو جو.
سُخُنُ آهي سو، جو مُنهَن مُقابِلِ نہ ٿئي.
(آسا، ۱ ـ ۱۵)

(۱۴)

صُورَتَ گهٽو سُهٽا، تاٽا سَندَنِ تُوَهَ.
ريلو ڏِئي روحَ، جو ڪائِي، سو ڪامِي مَري.
(برووسنڌي، ۱ ـ ۲۰)

(۱۵)

صوفِي چائِين، سَڏّ ڪرين! صُوفِين اِيَ نہ صلاحَ.
ڪاٽي رَڪُ ڪُلاهَ، وِجهُہ اُڇلِي آڳِ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۶)

(۱۶)

صوفي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ.
بازي بازِندنِ ڪي، آهي اَويسارَ.
پرِيان سين پَهڪارَ، رنديءَ رساٽي ڪيا.
(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۱)

(۱۷)

صوفِي لا ڪوفِي، ڪونَ پائِئيس ڪيرُ.
منجهيان ٿِي مَنجهہ وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ.
جنين ساڻس ويرُ، ٿِئي تنين جو واهَرُو.
(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۴)

(۱۸)

صوفِيءَ سيرُ سِپين ۾، جِئَن رڱن ۾ ساهُ.
سا نہ ڪري ڳالهڙي، جِئَن پويون پروڙي پساهُ.
آهِس اِيُ گناهُ، جي ڪا ڪري پڌري.
(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۲)

(۱۹)

صوفِيءَ صاف ڪيو، ڏوئِي ورق وُجُودَ جو.
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.
(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۵)

Gul Hayat Institute

# ط

(١)
طالبُ ڪَٿرَ، سونهن سَرُ، اِيَ روميءَ جي اوطاقَ،
جي پيچي دَرُ فراقَ، تہ مَنجهين مُشاهدو ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٥)

(٢)
طالبُ ڪَٿرَ، سونهن سَرُ، اِيَ جي روميءَ جي راحت،
جنين ڏني سَتَ، تنين ڪُڇيو ڪين ڪِي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٤)

(٣)
طالبُ ڪَٿرَ، سونهن سَرُ، اِيَ روميءَ جي راءِ،
ماڙهوُ اِتِ ڪِياءِ، مَنڊُ نہ پسين مَنڊيو!
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١١)

(٤)
طالبُ ڪَٿرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومي جي روءِ،
جنين ڏِني جوءِ، تنين ڪُڇيو ڪِينَ ڪِي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٠)

(٥)
طالبُ ڪَٿرَ، سونهن سَرُ، اِيَ روميءَ جي رِهاڻ،
پهرين وڃائڻ پاڻ، پوءِ پسڻ پرينءَ ڪي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٣)

(٦)
طالبُ ڪَٿرَ، سونهن سَرُ، روميءَ ڇيو آهي،
تاڙِي جي لاهي، تہ مَنجهين مُشاهدو ٿئي.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٢)

# ظ

(١)
ظاهر ۾ زانِي، فِڪَرَ منجهہ فنا ٿيا،
تنين ڪي تعليم جي، ڪُڙه آندر ڪانِي،
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٦)

Gul Hayat Institute

# ع

(۱)

عاشق اِئن نہ هُونِ، جئن تون سَڃي اَکڙين،
وڃي دَرِ دوستنِ جي، رَتُ ڏهاڙي رُونِ،
ٻِيَ پَرِ ڪنهين نہ پونِ، ماڪُرِ محبوبنِ سين.

(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۳)

(۲)

عاشق ڀائي ايئن، تہ آئُون سڀ ڪَنهن کي نہ سَلان،
وِچِ رَهندي ڪِئَن؟ وَهَن اَکِيُون، وِرچي هِنئون.

(آسا، ۴ ـ ۲۸)

(۳)

عاشق چَؤ مَ اُنَ کي، مَ ڪِي چَؤ معشوق؛
خالقُ چَؤ مَ خامَ تون، مَ ڪِي چَؤ مخلوق؛
سَلِج تنهن سُلوڪ، جو ناقِصَا نِڳيو.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۴)

(۴)

عاشق زَهَر پِياڪَ، وِهُ ڏسي وهُسَنِ گهڻو،
ڪَڙي ۾ قاتلَ جا، هميشه هيراڪَ،
لَڳِينِ لَنؤ، لطيف چئي، فَنا ڪيا فِراق،
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سَلِنِ عامَ کي.

(ڪلياڻ، ۲ ـ ۲۳)

(۵)

عاشق، شَهَرَ فَقيرَ، دَرِ دَرِ هَٿَن سِينَ،
"مَنَ عَرَفَ اَللّٰہَ ڪَلَّ لِسَانُہٗ"، اهڙا ئي اَمِينَ،
جِتي پَسَنِ ڪِينَ، تِتي ڪَنِ تَڪيا.

(رامڪلي، ۹ ـ ۲۹)

(۶)

عاشق عَزازِيل، ٻيا مڙيئي سَڌڙيا،
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتي لالُ ٿيو.

(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ ۲۴)

(۷)

عاشقَ! معشوقن جو، وٺي ويهڄ دَرُ،
اَچي پِڇندءِ سُپرين، لهندءِ سار سَپَرُ،
پِلائيءَ جو پَرُ، رهبرُ ٿيندءِ راهَ ۾.

(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۱۱)

(۸)

عاشقَ! معشوقن جو، وٺي ويهُ دُڪانُ،
پئج پيش پِرينِ جي، پَٽيءَ وجهي پانُ،
تہ تون تنين سانُ، سدا رهين سُرخُرو.

(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۱۲)

(۹)

عاشقَ! معشوقن جو، وٺي ويهج رَندُ،
پيارينداءِ پاٽهين، مَيخاني جو مَندُ،
ڪِيمَ ڪيج ڪَنڌُ، اوڏو ٿي اُنِ کي.

(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۱۴)

(۱۰)

عاشقَ! معشوقن جو، وٺي ويهج سَيرُ،
اَچي پِڇندءِ پاٽهين، پِرينِ پِري پيرُ،
پِلاين سندو پيرُ، رهبرُ ٿيندءِ راهَ ۾.

(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۱۰)

(۱۱)

عاشقَ! معشوقن جو، وٺي ويهج گهٽُ،
جِمَ وِرچي ڇڏئين، موڪيءَ سندو مَٽُ،
ڪري سِرَ جي سَٽُ، ٻِيجَ کي پِياليون.

(يمن ڪلياڻ، ۷ ـ ۱۳)

(۱۲)

عاشقَ! معشوقن جي، وٺي ويهُ ڳَري،
جِمَ ورچي ڇڏئين، سَندي دوست دَري!

Gul Hayat Institute

(۲۴)

عُمَرَ! آچا ڪَپڙا، ڪاٿياريُون ڪِئَن ڪَنِ؟
جِنين جا ٿـرَن ۾، وَرَ ٿا ويِنَ سَھَنِ،
ھُوءِ جي حَـقَّ پَڄَنِ، سي ڪِئَن سَتيُون؟ سُومرا!
(مارئي، ۳ ـ ۱۲)

(۲۵)

عُمَرَ! بَنِ جِيو! ڪوءِ مُنھنجو! سُومرا!
جا پَرِ نـہ پَنوھارَن جي، مُون سين تِئَن ٿِيو!
وَني مُنھَن ڪِھو، وَڃان وَطَنَ سامُھين؟
(مارئي، ۶ ـ ۷)

(۲۶)

عُمَرَ! ٿِيَم اَپارَ، وِرِهُ وَٿيان ڪِنِ سين؟
ڏوٿيڙا ڏُور ٿِيا، ٽَڳان جِن ٽنوارَ،
سِٿائُون سَنگھارَ، ڪُوهِنِ تان ڪَٿِي وِيا.
(مارئي، ۸ ـ ۱۷)

(۲۷)

عُمرِ سَبِ عِشقَ سين، پُنھون جي پُڄَنِ،
رِيسَ ريڏاليُون تن سين، ڪُجاڙي ڪي ڪَنِ؟
مارَڳِ جي مَرَنِ، وڏو طالعُ تِنِ جو.
(سسئي آبري، ۷ ـ ۶)

(۲۸)

عناتا! اُتاھِين، جاني جَڙي بَنڌُ،
آھي گھڻو اَھُڪو، فَقيريءَ جو فَندُ،
ڇَڪين تـہ ڇِريو ٿِئين، ميخاني جو مَنڌُ،
ڪِينَ ڪِڍيو ڪَنڌُ، مَنجھان سَگَ، سَيَّدُ چئي.
(سسئي آبري، ۴ ـ ۱۱)

(۲۹)

عينُ شِرڪُ اِيُ، جِئَن بي شرڪُ پائيين پاڻَ کي،
وِڃائي وُجُودَ کي، پاڻان پاسي ٿِيُ،
ھَڏھِن ڪونھي ھِيُ، ھُو پڻُ ڪونھي ھِنَ ري.
(آسا، ۱ ـ ۶)

## وائي- ۱

عشق تمام، برہ تمام، ووا مٺن لُوني يارَ لوڪو!
سيجَ سُتي نُون جھپَ نـہ آوي، نيٽين ننڊ حرامُ،
راتيان جاڳُنُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِيُ فقيران دا ڪامُ،
مَتِ عقلَ دِي مُنجھ ڳِئي، آيا عشق اِمامُ.
(يمن ڪلياڻ، ۶ ـ وائي)

## وائي- ۲

عُمَرَ! آئُون مَري تان نـہ ڇڏيندي، لوا
مٿي مارُوئڙن جي.
مِينھين اُني مارُئين، لالَنَ ساڻُ لڏِيندي،
سِري مُنھنجي، سُومرا! ٿَرَنِ ڪِينَ ٽِڪيندي،
ھَميراتا ھَـٿڙا، مَھري ڪِينَ مَچيندي.
(مارئي، ۶ ـ وائي)

## وائي- ۳

عُمَرَ! آئُون ويندَڙو پُڇان ڪوءِ،
جِتي مارُو، تِتي پاندي، اَلو!
مَتي ماڙيءَ مارُئي، رُئاري ۾ روءِ،
پَنڌان ڪاريو پَھيڙا، ڪي جو اُپري چوءِ،
سارِيو سانپيڙَنِ کي، رُوحُ مُنھنجو روءِ،
پانڌي پَنوھارَن جو، ڪالھ نـہ آيو ڪوءِ،
راڄُ پَرتو رَبَّ کي، سُومرا! سَندوءِ.
(مارئي، ۲ ـ وائي)

## وائي- ۴

عُمرِ سَبَ عَبَثُ، ويلَ وڃايَم، وقتَ وڃايَم پانھنجا!
ويني لکيو لوڙيان، جيڪي ڪَيڙو مَسُ!
اَچي آيا ڳِينِ کي، راسِخَ! اَچي رَسُ!
حالُ منھنجو ھِھڙو جِھڙو، تان تُون پريَم! پَسُ،
قَلبُ جو ڪارو ٿيو، ڪاتِبَ! لاھِيَنِ ڪَسُ!
(سريراڳ، ۵ ـ وائي)

Gul Hayat Institute

# غ

(۱)

غافِل! غَفلَتَ ڇوڙِ! تُون ڪِيئَن، اَٽاسي! اوجهرِين؟
ڇُپاتَا ڇَڙهِي ويا، وڃي پُهُتا تورِ،
نيٽين نِندَ اُڪورِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪَرِين.
(ڪوهياري، ۱ ـ ۵)

## وائي- ۱

غَفِلَتَ يارُ گنوايو، ڀَـڙي! جيڏِيُون!
ڪيئَن ڪَريان آئُون! ڪُوهُ ٿيو؟
سُتِيَسِ تان ساٿُ وِيو، اُٿِيَسِ تان ڏُکُ آيو،
پُڇان پوءِ پُنهونءَ کي، عَبَثُ تان اَنُ کائِيو،
هوتَ هَلندي جا ڪئي، سا مون ڳالھ سُٽائيو.
(سسئي آبري، ۳ ـ وائي)

Gul Hayat Institute

## ف

(۱)

فانِي نِي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪِڙو،
لَٽي لوڙهُ لَٽِنِ سين، جوڙِيندَءِ، جانِي!
ڪوڏَرِ ۽ ڪانِي، آهي سِرِ سَيِڪَنهِين.
*(برووسنڌي، ۲ ـ ۸)*

(۲)

فردا مُنڌّ ڦِٽي ڪئِي، نقَدُ ڪنيو نارِ،
هِيَ جا واڳَ وِلهِيءَ جِي، ويرَمَ ڏي مَ وارِ،
جانڪِي مُنِيءَ مارِ، جانڪِي ميڙِ مُنِيءَ ڪي.
*(معذوري، ۶ ـ ۲)*

(۴)

'فَيَڪُونُ' فِدا ڪَري، ڪَهائِين سين 'ڪُنُ'،
تَعْظِيماً تَمامُ ڪَري، پوءِ پَٽِريائِين پُنُ،
مارُو تِئائِين مُنُ، پِينَرُ! پاڳي آيو.
*(مارئي، ۱ ـ ۴)*

## ق

(۱)

ڦِريا پَسِي ڦِيڻُ، ڪَرِيَنِ ڪيرُ نہ چَکِيو،
دُنِيا ڪارَڻِ دينُ، وِڃائي وِلَها ٿِيا.
*(ڏهر، ۳ ـ ۳۰)*

(۲)

ڦِري آءُ، فِراقَ! مُون ڪي وِصالان وِڇُ پِيو،
جي ٿي چِڪِيَرِ چاڪَ، سي پِرِينءَ ڳَڏجي پوُريا.
*(حسيني، ۵ ـ ۱۲)*

Gul Hayat Institute

## ق

(۱)

قاتَل ڪمائِي ڪري، وهُ ماڪي جي ڪَنِ،
وٿان ويهي تَنِ، پيچُ ڪي پيالون.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۶)

(۲)

قاڦِئُون ڪاهِينديِاسِ، موٽان، تان ڪُر ميهَٽُو،
بانهي ٻاروچَنِ جي، سَگُ نہ ساهِينديِاسِ،
'اَلْفِراقُ اَشَدُّ مِنَ الْمَوْتِ'، هِتي نہ هُونديِاسِ،
آهَ نہ لاهِينديِاسِ، جِتَري جَتُ ڏِسي مَران!

(سسئي آبري، ۵ ـ ۹)

(۳)

قَدُ ٻَڌِي، تُون ڪِينَ، پُهچنديِنءَ پُنهونءَ سين،
جَنَ سِينو ساهِئين سَسُئِي، تِئِين تَهوارُون تِينِ،
مُنِي! تِيُ مِسڪِين، هِمَّتَ هوتُ وِڃائِيو.

(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۸)

(۴)

قَدَمَ ڪاپَـڙِيَن جا، لَڳا ۾ لاهُوتَ،
جِنين سين ياقُوتَ، آئُون نہ جِتَندي اُنِ ري.

(رامڪلي، ۱ ـ ۷)

(۵)

قَرقُلَ، قُوتا، پارچا، پاٽِيَتَ پاتائُون،
ڪوٺِيُون قِيمَتَ سنديُون، تَرَ ۾ تاڪِيائُون،
لاڃِنِ منجهہ، لطيفُ چئي، پيڙا پَڌائُون،
نَذرُ نَبِيءَ چامَ جو، چڙهندي چِيائُون،
جي چوُهي چوڙيائون، سي پيڙيون رکين پاڄهہ سين!

(سريراڳ، ۵ ـ ۱۱)

(۶)

قَرِيبَنِ جو ڪانگُڙو، مَٿي تارَ تِلِي.
ڪَٽِيو ڪِنياتو خَبرُون، ڪيرُون ڏِيو ڪِلِي،
لائِي جَنهن لالَنَ سان، مُنهنجي باتِ بِلِي،
سو وَرُ چَشِمَنِ تي چِلِي، جو دَرباري دوسَ جو.

(پورب، ۱ ـ ۲۷)

(۷)

قِسمَتَ آنديُون ڪُونجڙيُون، وَطَنُ سَندُنِ روهُ،
ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، رِزقُ رازقَ هَٿَ ۾.

(ڏهر، ۴ ـ ۷)

(۸)

قِسمَتَ قَيدُ قَوِيُ، ناتَ ڪيرَ اَچِي هِنَ ڪوٽَ ۾؟
آٿي لِکِئي لوحَ جي، هَنڌُ ڏيکارِيُمِ هِيُ،
پَرچِي ڪِينَ پَنوهَارِ رِءِ، جانِ، جُسو ۽ جِيُ،
راڄا! راضي ٿِيُ، تہ مارُنِ مِلي مارُئي.

(مارئي، ۱ ـ ۸)

(۹)

قِسمَتَ قَيدِ ڪَياسِ، ناتَ ڪيرَ اَچِي هِنَ ڪوٽَ ۾؟
'وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ'، وَطَنِ آنَ وينديِاسِ،
مارُنِ ڪي مِلنديِاسِ، ڪوٺِيُون ڇَڏي ڪَڏهِين؟

(مارئي، ۱ ـ ۹)

(۱۰)

'قَيْدُالْماءِ' تِيومِ، هِتَ آڙانگي گهارِيان،
'هُنَا ڪَجِسْمِيْ وَالْفُؤادُ لَدَيْكُمْ'، هِنئون هُتَ سَندومِ،
قادِرُ شالَ ڪَندومِ، ميڙائو سين مارُئِين!

(مارئي، ۱ ـ ۱۰)

Gul Hayat Institute

(۱۱)

’قَيَدُالْماءِ‘ ڪَنهن جو، سو مُون پاندِ پيو،
’جَفَّ الْقَلَمُ بِمَا هُوَ كائِنٌ‘، وَهِي قَلَمُ ويو،
اِيُ قَضا ڪَمُ ڪَيو، جِئَن ٿَرِ مارُو، آنُ مازِئين!

(مارئي، ۱ ــ ۱۱)

(۱۲)

قُوتَ ڪَتّايا ڪاپَڙي، بُکَ چَکِيائُون بُوءِ،
ويا نيرانا نِڪري، جوڳي مَنجهان جُوءِ،
اَوَسَرَ آجا اُوءِ، اُتي گُوندَرَ گَڏِيا.

(رامڪلي، ۷ ــ ۳)

(۱۳)

قوُتَ ڪَتّايا ڪاپَڙي، طعامَ نہ طاماعوُ،
سَئِنَ هَنيائُون سُجَ ۾، پَهَر نہ پنيائوُ،
اَوَسَرَ آسائوُ، اُتي گوُندَرَ گَڏِيا.

(رامڪلي، ۷ ــ ۱)

(۱۴)

قُوتَ ڪَتّايا ڪاپَڙي، طَعامَ نہ طَمَعَدارَ،
سَئِنَ هَنيائُون سُجَ ۾، جوڳي ڪَنهن نہ يارَ،
اَوَسَرَ جي آدارَ، اُتي گُوندَرَ گَڏِيا.

(رامڪلي، ۷ ــ ۲)

Gul Hayat Institute

(٣٦)

ڪاڪِ نہ جَهلِيا ڪاپڙِي، موهِيا ڪَنهن نہ مالَ،
سودِيُون سِجهائي وِيا، هَهڙا جنين حالَ،
جي ڇورِيُنِ ڏِنا ڇالَ، تَپِ لاهُوتِي لَنگهي وِيا.
(مومل راڻو، ٣ ـ ١٧)

(٣٧)

ڪاڪِ نہ جَهلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا نہ مَحلَنِ،
بائنِ ۽ بانهيُنِ جي، بَندَنُ ڪِينَ بَجهَنِ،
لَڪِين لاهُوتِيَنِ، اهڙيُون اَورِيان ڇَڏِيُون.
(مومل راڻو، ٣ ـ ١٥)

(٣٨)

ڪالَهہ ڪَلاچِيءَ وِيا، ڇَتِيُون ڪَٽِي ڇُڳِيرَ،
پائُرَنِ پيرو نہ ڪَيو، اَدَنِ ڪِي اَويرَ،
اَهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَّ وَرائي جَهلِئي.
(گهاتو، ١ ـ ٤)

(٣٩)

ڪالَهہ ڪَلاچِيءَ وِيا، گهاتُو ڪَري گُهورَ،
مادَرِ! مَلاحَنِ جا، وِيئي سَهان سُورَ،
مُون ڪي ڪري مَلُورَ، اُونِهي وِيا اوهِري.
(گهاتو، ١ ـ ٧)

(٤٠)

ڪالهہَ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بانَ بَرِي،
سائِي سالَ ڪُلَهنِ ۾، سامِيءَ سونَ سَرِي،
خَبَرَ ڏِي ڪَرِي، مُومَلِ جي مَجازَ جي.
(مومل راڻو، ١ ـ ٤)

(٤١)

ڪالهہَ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بيڪارِي،
سامِيءَ سيلو سِرَ تي، مالا موچارِي،
ڏيئِي ڏيڪارِي، ڦَتي دِلِ فَقِيرُ وِيو.
(مومل راڻو، ١ ـ ١)

(٤٢)

ڪالهہَ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو رَنگِ پَپُوٽُ،
سَرِيو سُون سُڪُوٽُ، جوڳِيءَ سنڌيءَ ذاتِ ڪان.
(مومل راڻو، ١ ـ ٥)

(٤٣)

ڪالهہَ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، پَهَرَ سِجَ ڪان پوءِ،
پَسو سُونهن سامِيءَ جِي، رَتَ وَرنو روءِ،
جو مُنهِن مُومَلِ جي پوءِ، موتَنُ تَنهِن مَسَ تِئي.
(مومل راڻو، ١ ـ ٣)

(٤٤)

ڪالهہَ گَڏِيوسُون ڪاپَڙِي، جَهڙو ماهُ مُنِيرُ،
فَيَضُ، فِراقُ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائي وِيو.
(مومل راڻو، ١ ـ ٢)

(٤٥)

ڪالهہ وڏائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگَ جَهازَ،
تُنهنجي اَڄُ تَرازَ، آهي آرَ اَڪينِ ۾.
(سريراڳ، ٥ ـ ٤)

(٤٦)

ڪالِهوڪو ڪاڏِي گَيو، سَندو جوڳِيُنِ جوشُ؟
پَسي تَنهين پَٽَ ڪي، هَڏِ نہ رَهِيو هوشُ،
آسَنَ منجِهہ اَفسوسُ، آئُون نہ جِئَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٣٥)

(٤٧)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، اَهلِ بَيتَ آئِيا،
ماري مِصرِيُنِ سين، تن ڪافَرَ ڪَنبايا،
سَجُ ڪِ بيبِيءَ ڇايا، هَهڙا سُورَهَ سُپرِين.
(ڪيڏارو، ٢ ـ ٥)

Gul Hayat Institute

(۴۸)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا اَڄُ اَمِيرَ،
ويھي ويرِيُنِ سامُھان، تِکا ھَنياٰئُون تِيرَ،
ھُئي اِيَ تَقدِيرَ، اِمامَنِ سين اَڳھين.
*(ڪيڏارو، ۲ – ۹)*

(۴۹)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگ جُوانَ،
ڌَرتِي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرٿليا آسمانَ،
ڪَرِہ ھُئِي ڪانَ، ھو نَظارو نينھَن جو.
*(ڪيڏارو، ۲ – ۷)*

(۵۰)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا سَيِّدَ شيرَ،
ماري مِصريُنِ سين، ڍُونڍَ ڪَياٰئُون ڍيرَ،
دَھليا اُتِ دِلِيرَ، پَسي حَملو مِيرَ حُسينَ جو.
*(ڪيڏارو، ۲ – ۶)*

(۵۱)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، پانَ آيا پيھي،
پَہُ ڪَياٰئُون پانَ ۾، مُقابِل ويھي،
قَضا ھيءَ ڪيھي، ھَيءِ! ھَيءِ! تي حُسينَ سين؟
*(ڪيڏارو، ۲ – ۸)*

(۵۲)

ڪامُون مُجيباٰهُ، گھٽيُون گُھرجَنِ آن، اوٺيا!
ھي وَنَّ نہ لَھنداہُ، ھُو وَنَّ اوڏانھين گھٽا.
*(سسئي آبري، ۱۱ – ۷)*

(۵۳)

ڪاناريا ڪُٺڪَنِ، جنين لوہُ لڳَنِ ۾؛
محبتَ جي ميدانَ ۾، پيا لالَ لُڇَنِ،
پاٿھين بَدَنِ پٽيُون، پاٿھين چِڪِيا ڪَنِ،
وٽان واڍوَڙِينِ، رھي اَڇجي راتڙي.
*(يمن ڪلياڻ، ۱ – ۱۲)*

(۵۴)

ڪانڌ ٻِيُنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وَڏي جُوءِ،
لوڪَ نہ آچِي اُوءِ، جي ڏِسي عَيبَ اَڪِيُنِ سين.
*(ڏھر، ۳ – ۴)*

(۵۵)

ڪانڌ ٻِيُنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وَڏي ذاتِ،
لوڪَ نہ آچِي واتِ، جي ڏِسي ڏوہَ اَکِيُنِ سين.
*(ڏھر، ۳ – ۶)*

(۵۶)

ڪانڌ ٻِيُنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وَڏي ڪانڌِ،
پاٽا ڍَڪي پانڌِ، جي ڏِسي ڏوہَ اَکِيُنِ سين.
*(ڏھر، ۳ – ۵)*

(۵۷)

ڪانڌ ٻِيُنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وَڏي وَٽُ،
مَٿان ڏيئي ھَٽُ، جَنِھن عَيبَ مُنھنجا ڍَڪِيا.
*(ڏھر، ۳ – ۳)*

(۵۸)

ڪانڌ تُنھنجي پاندَ ريَ، سَنجھي سِيءَ مَران،
ڪامِلَ! ڪَپاھُنِ ۾، پيئي ناڙ نَڙان،
تاريءَ تو ٽڙان، جِتَّنِ وَرُ وِھاٽِيءَ وارِئين.
*(سارنگ، ۳ – ۱۱)*

(۵۹)

ڪانڌ! تُنھنجي پاندَ ريَ، سِيءَ مَران سَڀ راتِ،
ڪامِلَ! ڪَپاھُنِ ۾، جَھپَ نہ اَچي جھاتِ،
اَچين جي پِرِياتِ، نہ آئُون سِيُ نہ سارِيان.
*(سارنگ، ۳ – ۱۲)*

Gul Hayat Institute

(٧١)

ڪُتا ڪِينئي ڪيچ جا، سَندا جي پُنهونءَ
اَگهين هُوندَ اَسُونهَن! جي جانارَن يادِ پَئِين.

(معذوري، ١ - ٢)

(٧٢)

ڪَتِن ڪَرَ موڙيا، تيڙو اُيا تيئي،
راتو راتِ نہ آئيو، ويلَ ٿري ويئي،
ڪوءِ سا ڪاٽي راتڙي! پِرِيُن رِيَ پيئي،
مُون ڪي ڏنءُ ڏيئي، وَڃي ڊولو ڏِٺ قَرارِيو.

(مومل راڻو، ٤ - ٥)

(٧٣)

ڪَتَنَ جي ڪانہ ڪَرِين، سُتي ساهين هَڏُ،
صُباحَ اِينڍءِ اوچتي، عيدَ اُگهاڙن گڏُ،
جتِ سَرتيون ڪَندءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندينءَ سينگار ڪي.

(ڪاپائتي، ١ - ٦)

(٧٤)

ڪُتو جي ڪانءُ، پِريان سَندي پارَ جو،
اُنهين مَٿان آنءُ، ڪوڙين قُرباني ٿيان.

(پورب، ١ - ٢٨)

(٧٥)

ڪُتو چئي قَرِيبَ جا، آهيُون ساڻ سَهي،
پَهرين باتِ بَهي، پُڇُون پوءِ پانڊِيُن ڪي.

(معذوري، ١ - ٦)

(٧٦)

ڪُتو طالبُ ڊُونڊَ جو، اَسين ڪُتي ڪِيڙَ،
ڇُهتي آهي ڇيڙَ، ڪارايي جي ڪَنَ ۾.

(معذوري، ١ - ٨)

(٧٧)

ڪُتو ڪُرتي هَڏِيُون، جوانَمَردُ جِگرِ ڪاءِ،
’اَلدُّنيَا جِيفَةٌ وَطَلّا بَهَا كِلَابُ‘، اِيَ هِنئين سين لاءِ.

(معذوري، ١ - ٩)

(٧٨)

ڪَتي ڪَتي ڪالهہَ، اَڄُ نہ آتَڻ آئِيُون،
اَرٽَ اُڪِلي مالهہَ، پُوري ويئِيُون نِجُهرا.

(ڪاپائتي، ١ - ٢٦)

(٧٩)

ڪِتي مَتي آئِيُون، ڪَري تَندُ تيارُ،
اُٿَلَ اوڏانهين ٿئي، جيڏانهَن پِرينءَ پارُ،
ڪاپائتيءَ قَرارُ، مَنجهان پُوٽيءَ آئِيو.

(ڪاپائتي، ١ - ٢٨)

(٨٠)

ڪِتي تِيو ميهارُ؟ ڪِتي تو گهنڊُ گُڙي؟
ڪِتي دُونهي دوستَ جي؟ ڪِتي پَرِيون پارُ؟
جُهُ مُون سَڀِ جِمارَ، جَرَ ۾ جهوتُون ڏِنيون.

(سهڻي، ٤ - ١١)

(٨١)

ڪَتارو ءِ ڪوسُ، اَگَڻ آريءَ جامَ جي،
ڊِيٺَ آهي دوسُ، مارَڳَ ۾ مِينِ جي.

(سسئي آبري، ١١ - ٦)

(٨٢)

ڪَٿُ ڪڙهي، لوه ٻري، ڏُوڏا جت ڏکِن!
مترڪن مُنهن ڪِديا، سانداٽيون سَڪِن،
اَڄ پڻ آڳَڙين، ميڙو آهي مَڇ تي!

(يمن ڪلياڻ، ٣ - ٢٦)

Gul Hayat Institute

(٩٤)

ڪَچي ڪَٿُ نہ جهليو، پيلو پيو پَچي،
ماهِيَتَ مَلَڪَ اَلمَوتَ جي، مَنجهہ وُجُود وَچي،
ساهَڙَ ڪي سَچي، آڪي جي اَحوالَ جي.

(سهڻي، ٨ ـ ١٦)

(٩٥)

ڪَچي ڪَٿُ نہ جهليو، پيلو پيو پُري،
سارَ چِڙيائِين سِيرَ ۾، بانهُنِ ڪان ٻُري،
لَٿي لَهرِيُون ويئِيُون، چوڏاري چُري،
هِنئَڙي منجهہ هُري، ماهِيَتَ مَلَڪَ الموتَ جي.

(سهڻي، ٨ ـ ١٥)

(٩٦)

ڪَچي ڪَٿُ نہ جَهليو، پيلو سَهي نہ پَرُ،
هَٿين، پيرين، آڱرِئين، بانهُنِ چِڙيو ٻَرُ،
ساهَڙَ! سِگهو وَرُ، پِيَيس مُنهن مَهرانَ جي.

(سهڻي، ٨ ـ ١٧)

(٩٧)

ڪَچي ڪاچوتي، نانگَنِ ٻَڌِي نينهَن جي،
جهڙا آيا جَڳَ ۾، تَهڙا ويا موتي،
اُنين جي چوتِي، پُورَبَ تِيندي پَڌِري.

(رامڪلي، ٩ ـ ٦)

(٩٨)

ڪَڏهن تان باجهہ پَئِي، ساجَنَ! مَنجُ سَلامُ،
سِڪَ تُنهنجِيءَ، سُپِرين! ڪيو تَنُ تَمامُ،
هَٿين هاجَ وَهُ تِي، نيڻين نِندَ حَرامُ،
دوسَ! نہ سَهان ڏامُ، تُون وِندُرِ تو ويلا ڪَرين!

(ديسي، ٧ ـ ٦)

(٩٩)

ڪَڏهِن پَئِجي ڪَنُ، ڪَڏهِن تِيجي واٽُ،
ڪَڏهِن تِيجي ڪاٽُ، ڪَڏهِن تِيجي ٻَڪِرو.

(سسئي آبري، ١١ ـ ٥)

(١٠٠)

ڪَڏهِن طاقيُون ڏِين، ڪَڏهِن کُلَنِ دَرَ دوستَنِ جا،
ڪَڏهِن اَچان، اَچَڻُ نہ لَهان، ڪَڏهِن ڪوٺيو نيِنِ،
ڪَڏهِن سِڪان سَڏُ ڪي، ڪَڏهِن گُجهاندَرَ گُرهَين،
اَهڙا ئي آهِين، صاحِبَ مُنهنجا سُپرِين.

(برو و سنڌي، ١ ـ ١٨)

(١٠١)

ڪَڏهن ڪَڏهن، جيڏِيُون! ڪو پَہُ اَچيو پوءِ،
سو پَڻ ساڙو هوءِ، هِيُ جو ساهُ سَرِيرَ ۾.

(حسيني، ١٠ ـ ٢٨)

(١٠٢)

ڪَڏهِن ڪونہ تِيوم، آثارو تَنهن عِشقَ جو،
مَحبُوبَنِ مِنٿون ڪَري، سڪَڻُ سيکارِيومِ،
تِهان پوءِ تِيومِ، پَسَڻُ سُپِيرِيُنَ جو.

(برو و سنڌي، ١ ـ ٢٢)

(١٠٣)

ڪَڏهين مَڙهِ مُقامَ ۾، ڪَڏهين ڳاڙهو گهوٽُ،
سَندو واريءَ ڪوٽُ، اَڏيو اَڏِبو ڪيترو؟

(ڏهر، ٤ ـ ٥٢)

(١٠٤)

ڪَڏِ پُنهونءَ ڏي ڪاهي، چاتيءَ رُوحُ چَريو ڪيو،
اُتي ويني اوڏهين، سُتي پڻ ساهي،
اَلعِشقُ حِجابٌ بَينَ اَلعاشِقِ وَاَلمَعشُوقِ، لاشڪُ ثيُ لاهي،
آرياڻي آهي: پيو سَرَتِيُون! سُجي ڪِينَ ڪي.

(سسئي آبري، ٥ ـ ١٧)

Gul Hayat Institute

(۱۰۵)

ڪديا جي ڪُلالَ، سي پَسِي خالَ خوشِ ٿِئي،
پاتَيءَ چِٽَ پُسائيا، ڏاءَ نہ جهلي ڏَمالَ،
سُپَڪَ پانيا سُهٽِيءَ، جوبِنَ جي جَمالَ،
آڪي جا آحوالَ، مَعلُمُ ٿيا مهرانَ ۾.

(سهڻي، ۸ ـ ۱۱)

(۱۰۶)

ڪَڏي. ڪانگا! تو ڏِيان هنئون سانُ هَٿَنِ،
وَڃي ڪاءُ وِلاتِ ۾، اَڳِيان عَجيبَنِ،
پِرين مانَ چوَنِ، تہ هِئَن قُربانُ ڪيرَ ٿَئي.

(پورب، ۱ ـ ۱۲)

(۱۰۷)

ڪَڍي گَهلِ گَهران، صُلحُ ڪَر سُلطانَ سين،
تہ تُون تَنهن دَران، ڏِيهاٽي ڏانُ لَهين.

(بلاول، ۱ ـ ۲)

(۱۰۸)

ڪرايِنَ ڪَڙور جا، چوڙا ڪوڙا جَنِ،
سو مَرڪُ مارُوئڙَنِ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

(مارئي، ۳ ـ ۹)

(۱۰۹)

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خيما ڪوڙيائُون،
جهيڙو يَزيدَ سامُهون، جُنبي جوڙيائُون،
مُنهَن نہ موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

(ڪيڏارو، ۲ ـ ۴)

(۱۱۰)

ڪَربَلا ڪَڪوري، دُلدُل رَتا پيرَ،
سَٿُون ڏِيندي شيرَ، مَٿان سَڄُ مُرڪيو.

(ڪيڏارو، ۵ ـ ۱۱)

(۱۱۱)

ڪَربَلا ۾ ڪُوڪَ، ساڃُهر شَهزادَنِ جي،
عالَمَ جا مَلُوڪَ، رُڪَ روهي جهلِيا.

(ڪيڏارو، ۴ ـ ۱۱)

(۱۱۲)

ڪَرڙا ڏُونگر ڪَہ ڳهٽِي، جِتِ بَرپَٽَ، سُڄَنَ بيرانُ،
ڏاهَنِ ڏاهپَ وِسري، ٿِيا حَريفَ ٿِي حيرانُ،
سَسُئيءَ لَنگهيو، سَيّدُ چئي، مُحبّتَ سين مَيدانُ،
جنهنجو آرِياڻي اڳِوانُ، تَنهن ڪي ڪانهي باڪَ بَهيرَ ۾.

(ديسي، ٦ ـ ۸)

(۱۱۳)

ڪَرڙا ڏُونگر، ڪَہ ڳهٽِي، جِتِ جَبَلَ ڳُوناڳُونَ،
ليڙَنِ جُونَ، لَطِيفُ چئي، تَنگِ تَنوارُونَ پُونَ،
جن ڏِٺو پيرُ پُنهونءَ جو، سي نہ ڪي رُون نہ چُونَ،
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

(ديسي، ٦ ـ ۱۰)

(۱۱۴)

ڪَرڙا ڏُونگر، ڪَہ ڳهٽِي، جِتِ رِڻُ، تَتو رائو،
تِترُ ٿِئي مَ تن ڪي، ڏُونگرَ ۾ ڏائو،
جڏهن جامُ پُنهون جائو، تڏهن تِي وَسَ وِٽِڪارَ ۾.

(ديسي، ٦ ـ ۱۳)

(۱۱۵) •

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَہ ڳهٽِي، جِتِ ماٿِرِ مَٿاهِين،
سُڄَنِ تا، سَيّدُ چئي، اُتِ مِرُون مَهائِين،
تُون، آرِياڻي! آهِين، مَنهن مَعذُورِنِ جي.

(ديسي، ٦ ـ ۱۱)

Gul Hayat Institute

(١١٦)

ڪَرڙا ڏُونگر، ڪَهَ گهَٽِي، جِتِ مينهَن وَسَنِ ماڪُون،
سُجَنِ ٿيئُون، سَيَّدُ چئي، هاڙهي جُون هاڪُون،
جِتِ اَنڌيُون اوطاقُون، تِتِ ڪاهي رَسِج، ڪارَڙِي!
(ديسي، ٦ ـ ١٤)

(١١٧)

ڪَرڙا ڏُونگرَ ! ڪَهَ گهَٽي، جِتِ واٽُنِ تي واري،
آڏاَ لَڪَ، لَطِيفُ چئي، بَرَ سُجَنِ باري،
جا مَنزِلنِ ماري، سا، قادِرَ! ڪيچ رَسائِئين!
(ديسي، ٦ ـ ٩)

(١١٨)

ڪَرڙا ڏُونگرَ، ڪَهَ گهَٽِي، جِتِ وِيا روڏا رِنگائي،
ساڱاپي سيڻَنِ جي، ٿِي وِندُرِ واجهائي،
رَهيَسِ رَسُ، لَطِيفُ چئي: تنهن ڪَمِيڻِيءَ ڪاهي،
آرِياڻِي آهي، مَنَهِن مَعذُورِنِ جِي.
(ديسي، ٦ ـ ١٢)

(١١٩)

ڪَرِ طَرِيقَتِ تَڪِيو، شَرِيعَتَ سُجاڻُ،
هنئون حَقِيقَتَ هير تُون، ماڪُ مَعرفَتَ ڄاڻُ،
هوءِ ثابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسَٽان پالِهو رَهِين.
(آسا، ٤ ـ ٤٠)

(١٢٠)

ڪَرِ ڪا ويهي ڳالِهہ، ڪَنڊا! ڍورَ ڏٽِيُنِ جي،
هَهِڙِي اَڄُ حالَ، ڏُکِيا ڏِينهَن گُذارِئين!
(ڏهر، ١ ـ ٢)

(١٢١)

ڪَرِ ڪو پيرو ڪانڌَ! مُون نِماڻِيءَ جي نِجُهري،
پِرِينِ! تُنهِنجي پاندَ، ڍولا! ڍَڪِي آهِيان.
(ڏهر، ٣ ـ ١)

(١٢٢)

ڪَرِ ڪو واڪو وَسُ، وِهُ مَ مُنڌَ پَنِيورَ ۾،
چَڙهِي ڏادِين ڏُونگرين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ،
ڏورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پَوَندُءِ هوتَ پُنهونءَ جو.
(سسئي آبري، ٨ ـ ١٥)

(١٢٣)

ڪَرِ ڪي ڳالَهڙِيُون، ڪَنڊا! ڍورَ ڏٽِيُنِ جُون،
ڪِئَن سي راتَڙِيُون، ڪَنِهن پَرِ ڏِينهَن گُذارِئين؟
(ڏهر، ١ ـ ١)

(١٢٤)

ڪَرَ ڪَنيو ڪانگُ لَنئي، مُنيءَ تي مَضبُوطُ،
آڻِيو ڏي آتَڻَ ۾، سَنِيها ثابُوتُ،
ڪانگَلَ! اَڻُون قُوتُ، پيغامَ پِرِيُنِ جا.
(پورب، ١ ـ ١٠)

(١٢٥)

ڪَرَڳَلَ ڪوچَ ڪُنَ گهٽا، جِتِ جَرَ واڳُوُ جِئائِين،
پاڻُ اُڇلِي آبَ ۾، وَهَ سِرِ وِڏائِين،
لَهرِيُون لَنگهِيائِين، لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چئي.
(سهڻي، ٢ ـ ١)

(١٢٦)

ڪَرَڳَلَ ڪوچَ ڪُنَ گهٽا، جِتَ دَڙڪو مَنجِهہ دَرياهَ،
اَچِيو اُتاهِين گهِڙِي، سانگو ڪري نہ ساهَ،
ساهَڙَ جي صَلاحَ، پارِ لَنگهِيايَسِ پاڄهہ سين.
(سهڻي، ٢ ـ ٢)

(١٢٧)

ڪَرَها! توکي ڪامَ، مون سچو پَسي سَچي،
مانَ پروڙي مامَ، ساڳاهي سَنئِينءَ وَهِين.
(ڪنيات، ٢ ـ ٣٣)

(١٢٨)

ڪَرَها! ڪارَڻ ڪاهَ، توکي ڏٿِين ڏارِيو،
ساري ڏيج، سَيَّدُ چئي، لُڏاٽي تان لاهَ،
مُقابِلو مُومَلِ سين، ٿِيندو سَنجهِ صُباحَ،
سودِي جيءَ صَلاحَ، ڪَؤنَرَ چَرندين ڪاڪِ جا.
(مومل راڻو، ٢ ـ ١١)

(١٢٩)

ڪَرَها! ڪاڪِ چَڙهي، وَنءُ وَٽاڻُون نِڪري،
لُڏُوٽِيان، لَطِيفُ چَئي، آيو ڪونہَ وَري،
گهٽا اِتِ گِهڙي، وَڳَ وساري هَلِيا.
(مومل راڻو، ٢ ـ ١٤)

(١٣٠)

ڪَرَها! ڪُرُ سجانُ، پِيَڪو ۽ پانهنجو،
اَصلِ آهي اوهان جو، ناليرو نِڏانُ،
ڪَرَها! اَسان سانُ، ڪي چانگا! ڪج چڱائيون.
(ڪنيات، ٢ ـ ١٧)

(١٣١)

ڪَرَها! ڪَسَرَ ڇڏ، وِڪَ وڌندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اُتهين، جتي جانِبَ جاءِ،
توکي چَندَنُ چاريان، پيو وَڳُ، لاٽي ڪاءِ،
اِئين اَٽَ! اُناءِ، جيئن هونديءَ رات هَٽ مڙُون.
(ڪنيات، ٢ ـ ١٥)

(١٣٢)

ڪَرَها! ڪَسَرَ ڇڏ، وِڪُون وجهہ وڌنديُون،
هيڪَرَ حبيبن سان، مون کي نيئي گڏ،
مَچڻ پونئي هَڏِ، آهون اُڪَنڊِين جُون.
(ڪنيات، ٢ ـ ١٤)

(١٣٣)

ڪَرَهو ڪَميٽِيءَ تي، سوڍا! وارِ سُڄاڻَ!
ڪُهُ ڪَريان ڪاڪِ ڪي؟ تَنَ توهِين ڏي تاڻَ،
لاهي غَيرَ گُماڻَ، اَڳڻِ آءُ اُڪَنڊِيين.
(مومل راڻو، ٦ ـ ٣)

(١٣٤)

ڪَرَهو نہ ڪيڪانُ، پيرين آئُون نہ پُڄٽي،
جو مون رات رَساٽي، نيئي ساڄنَ ساڻُ،
مون نہ وَهيٽو پاڻُ! وينئي نينَ نچوئيان.
(ڪنيات، ٢ ـ ١٣)

(١٣٥)

ڪَرهَي ڪي ڪئين، وڏمِ پئد پَلَنَّ جا،
ليڙو لاٽيءَ ڪي چَري، نيرَ ساڻ نئين،
چانگي سَندي چِتَ ۾، صاحبَ وجهہ سَئين،
اوباهيوس اَئين! لُطفَ ساڻُ لطيفُ چئي.
(ڪنيات، ٢ ـ ٣٢)

(١٣٦)

ڪَري آسَ اَپارَ، پاريءَ جهَلِيو نہ رَهي،
ٻيلي ۽ ڪِرنارَ، اُنو گنگا جَرُ جڪرو.
(بلاول، ٤ ـ ١٤)

(١٣٧)

ڪَري، ڪانگ! ڪُرنشُون، پيرين پرينءَ پَئيج،
آئُون جو ڏينئي سَنيهو، وچ مَ وساريج،
اَللہ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڳُجهو ڳالهائيج،
چُئان تِئَن چَئيج، تہ ڪِنياتا! خوشِ هُئين.
(پورب، ١ ـ ١)

(١٣٨)

ڪَري موٽَ ميندِڙو، جي لُڏُوٽِيان لالُ،
گهرُ مِڙوئي گهورِيان، هُوندَ پنهنجو حالُ،

Gul Hayat Institute

(۱۴۹)

ڪَشي سانُ ڪَشي، ڏِيلَ ڪَيائُون ڏُبرا،
پيٽُ نہ هيرِيائُون پَنهنجو، چوري سانُ چَسي،
ويراڳِيُنِ وَسي، رامُ سَدائِين رُوحَ ۾.

(رامڪلي، ۷ ـ ۱۰)

(۱۵۰)

ڪَڪَرَ ڪَيائِينم ڪاڪِ جو، ڏيئي لاڙِيءِ لڪَ،
هاٿي مَٿي ڏِڪَ، چَڙهيو تي، چاڳَ ڪَريان.

(مومل راڻو، ۸ ـ ۱۲)

(۱۵۱)

ڪَڪَرَ مَنجهِ ڪَپارَ، جهڙُ نيٽَنِئُون نہ لَهي،
اَڄُ مُنهنجي چِتَ ۾، اُنا پِرِين اَپارَ،
آءَ، سَجَڻَ! لَهُ سارَ، وِرهَ ويڙهِي آهِيان.

(رپ، ۱ ـ ۱٦)

(۱۵۲)

ڪَڪَرَ مَنجهِ ڪَپارَ، جهُڙُ نيٽَنِئُون نہ لَهي،
جهڙا مُنهنجا سُپِرِين، تَهڙا ميگهہ مَلارَ،
ڪَڻَ اَڪِيُونَ، ڪِلُ يارَ! وَجَنِ سُورَ سَندا ڪَيو.

(سارنگ، ۱ ـ ۲۱)

(۱۵۳)

ڪَڪوري ڪاڪِ وَهي، راڻا! ياڻءِ مَ رَتُ،
سوڍا! اِيُ شَربَتُ، نِسورو ئي نِينهَن جو.

(مومل راڻو، ۳ ـ ۲۲)

(۱۵۴)

ڪِ ڪي ڪَڙيان پيرَ؟ ڪِ ڪَڙهان ڪيجَ ڏَٽِيُن لَءِ؟
اِيُ ڏَنءِ ڏيئي ڏيرَ، پاٽا پَرانهان وِيا.

(سسئي آبري، ۷ ـ ۱۱)

(۱۵۵)

ڪلالنئُون ڪاءِ، مَتِ نہ سکين مون هِنئان!
روئندي رات وِهاءِ، چِڪائيندي بنُيون!

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۲۳)

(۱۵٦)

ڪُلهي قاتو ڪَنجُرو، مَٿو اُگهاڙو،
پيتَرُ! ڪُجارو، مُنهنجو هِنَ پَنيورَ ۾؟

(حسيني، ۱۲ ـ ۴۱)

(۱۵۷)

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، پاڪَرَ جو پائي،
اَڃا اَنَ ڪي جِنَڻَ جو، آسانگو آهي،
سُورهُ سو چائي، جو رُڳُوئِي رِڻَ گهڙي.

(ڪيڏارو، ۵ ـ ۴)

(۱۵۸)

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، سائُو سَپِ نہ هُونِ،
پِڙَ تي سيئي پُونِ، موٽَڻُ جنين ميهڻو.

(ڪيڏارو، ۵ ـ ۳)

(۱۵۹)

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، هَيءَ! جي حَسَنُ هو،
پيڙو پيڙو پَنهنجي ياءُ سين، پَتَنگَ جِئَن پيو،
آهي ڪيرُ پيو، جو ڪَري هَلان ميرَ حُسينَ تان؟

(ڪيڏارو، ۵ ـ ۲)

(۱٦۰)

ڪَم قَرابَتَ جن جي، هِتي آيَم هيئَن،
رَفاقَتَ راڪَنِ جي، پَهُتِيَسِ، پاهَڙَ سيئَن،
ماڙهُو مُلاحِظو تن جو، ڪيچ نہ ڪندا ڪيئَن؟
ذاتِ نِسورِيائي نِيئَن، پَرَ سَڏَرَ سين سَگَ ٿيو.

(معذوري، ۱ ـ ۱۳)

Gul Hayat Institute

(١٦١)

ڪَميڻيُنِ هَٿان، ٿِيَنِ مُور اِئين مَدِيُون،
تُون ڪَرِ پانَ وَڙان، موتُ، سَباجها سُپرين!

(حسيني، ١١ ـ ١٦)

(١٦٢)

ڪَنُ ٿِيُ، ڪيچِيُنِ ڪُڇيو، ڪُڇُ مَ تا ڪُڇَنِ،
اِشارَتُون اُنِ جون، سُڪُوتان سُڄَنِ،
وَٿان ويهِي تَنِ، سُڻُ تہ سوزُ پِرائيين.

(سسئي آبري، ١١ ـ ١)

(١٦٣)

ڪَنُ ٿِيُ، ڪيچيُن ڪُڇيو، ڪُڇُ مَ، ڪُڇِيائُون،
رَهِي نہ رَتيءَ جيتري، اُنين وَتَ 'آئُون'،
وَڏي وِڏائُون، هُو جو وَنُ 'هُئَنَ' جو.

(سسئي آبري، ١١ ـ ٤)

(١٦٤)

ڪَنجهي ڪِيرتِ ڪِينَرو، واڄو وِلاتِي،
هِنئي تَنَدُ حُضُورَ ۾، تنهن پارِسَ پيراتِي،
ڏسنديئِي ڏِياچَ ڪي، ظاهِرُ ٿِيو ذاتِي،
ڪَڍي تنهَن ڪاتِي، وڏو ڪَرِٿُ ڪپارَ ۾.

(سورٺ، ٤ ـ ١١)

(١٦٥)

ڪَنڌ ڪَٿارو، مُنهن وَٿِي، عادت سنڌِيَن اِيَّ،
تنين تِڪُون ڏنيون، جُنبِي منجهان جِيَّ،
سرو تِنِ سَبِيَّ، جَنِ حاصل ڪيو حال ڪي.

(يمن ڪلياڻ، ٤ ـ ١٨)

(١٦٦)

ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏهِين، وَنِيو وَڃج راهَ،
اَڄُ ڪِ سَنجهِہ صُباحَ، نيئي ڏَرِينداءِ ڏُوڙِ ۾.

(مومل راڻو، ٥ ـ ٣)

(١٦٧)

ڪَنڌِنِ ۾ ڪوهُ ڪَرِئين؟ گَسَنِ ۾ مَ گُذارِ،
وَڃي وَحدَتَ وِيَّ ۾، گُهتُون ڇَڏي گهارِ،
شَرِيعَتَ جو سَرُ لَهي، تَنُ تِيائِين تارِ،
حقِيقَتَ هَنجَنِ سين، طَرِيقَتَ تَنوارِ،
مَنجهان مَعرفَتَ سين، اَندَرُ تُون اُجار،
هِدايَتَ جي هُوءِ ۾، ڇُٽِيو تُون چانگارِ،
تہ پاڙِهيري اِنَ پارِ، ڪونَ ڏِسين تُون ڪَڏهِين.

(ڪارايل، ١ ـ ٢٤)

(١٦٨)

ڪَنڌيءَ اُپِيُون ڪيتريُون، "ساهَڙُ ساهَڙُ" ڪَنِ،
ڪِنين سانگو ساهَ جو، ڪي 'گهورِيَسِ' ڪيو گهڙَنِ،
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گهڙَنِ جي.

(سهڻي، ١ ـ ٩)

(١٦٩)

ڪَنڌيءَ جَهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُپيو آهُون ڪري،
تو ڪيئَن ٻوڙِي سُهڻِي؟ ٻيلِي! منهنجِي ٻانهَن،
دَرِياهَ! توتي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏِينهَن قِيامَ جي.

(سهڻي، ٧ ـ ٧)

(١٧٠)

ڪَندا! تُون ڪيڏو، جَڏهِن پَرِيو ڊِوڙُو وَهي؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو گَڏِيو پَهيَڙو؟

(ڏهر، ١ ـ ٦)

(١٧١)

ڪَندا! تو وَٿان، سَچُ ڪِ سيٽَنِ لَڏِيو؟
مَيَرَ تو مَٿان، ڇَٽِيو پَوَنِ، ڇُگا ڪيو!

(ڏهر، ١ ـ ٣)

Gul Hayat Institute

(۱۷۲)

ڪَندا مُون پيرَن ۾، توٽي لَڪَ لَڳَنِ،
آڳُر، آڱُوني نہ مِڙي، ڇِپُون پير ڇِنَنِ،
وينِدي ڏانهن پِريَنِ، جُتي جاتِ نہ پائِيان.

*(معذوري، ۳ ـ ۱۰)*

(۱۷۳)

ڪَندِ لَنگهيندي ڪاڻِ، پيِرَ پنوهارَن سين،
اُتي عَبدُاللّطيفُ چئي، رُنو سَبَ رِهاڻِ،
هِنَ هِيٽائي هاڻِ، مُنهُن مَٿانهون نہ ڪَٿان.

*(مارئي، ۸ ـ ۱۹)*

(۱۷۴)

ڪُندِي ڪَلِيَنِ وِچَ ۾، جَڏهِن هَنئي جَنِ،
موتي مُون پِريَنِ، ڪَدِنَ جي ڪانَ ڪَئي.

*(ڏهر، ۱ ـ ۱۵)*

(۱۷۵)

ڪُندِي ڪَلِيَنِ وِچَ ۾، جَڏهِن هَنيائُون،
موتِ نہ ماريائُون، ڏورِ ڏيئِي وِيا ڏُکَ جِي.

*(ڏهر، ۱ ـ ۱۶)*

(۱۷۶)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، ڪَنَ جي ڪَٽائين،
لاهُوتي، لَطِيفُ چئي، ماڳُ نہ مَٽائين،
جي خوديءَ کي ڪاٽِين، هَلو! تَڪِيا پَسُون تـنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ـ ۷)*

(۱۷۷)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، ڪَنوتِيا، ڪَنَ چِيرَ،
سَدا وهَنِ سامُهان، عاشِقَ اُتَرَ هِيرَ،
تَسا ڏيئِي تَنَ کي، ساڙِيائُون سَرِيرَ،
جي فَنا ٿِيا فَقِيرَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تـنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ـ ۶)*

(۱۷۸)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، ڪَنوتِيا، ڪَنَ ڊِارَ،
هَلَنِ جي هنگلاجَ ڏي، بابُو ڇِڏي بارَ،
جي ڪِينَ قَبولَٽُهارَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تـنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ـ ۱۰)*

(۱۷۹)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، ڪَنوتِيا، ڪَنَ ڪَٽَ،
دُونهان جِنِ دُکائِيا، هَلي مَٿي هَٽُ،
خاڪِ جِنين جي کَٽَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تـنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ـ ۸)*

(۱۸۰)

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙِي، لانگوٽِيا لالَ،
لاهُوتي، لَطِيفُ چئي، موهِيا ڪَنهن نہ مالَ،
هَھِڙا جِنين حالَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تـنِ جا.

*(رامڪلي، ۳ ـ ۹)*

(۱۸۱)

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپَڙِي، جِندا! ٿيُّ جُوانُ،
ڪاهِ تہ لَڳيئي ڪانُ، نانگَنِ هَٽَان نِينهَن جو.

*(رامڪلي، ۴ ـ ۱۹)*

(۱۸۲)

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپَڙِي، جِندا! ٿيُّ مَر جوءِ،
سِرَ سِياهِيُن وِڪيا، سوڪ نہ، سامِي! سوءِ؟
جيڪِي پُڇِين، پُڇُ سو، گُنگا نِيَنِ نہ گوءِ،
وَڃُ، لاهُوتِي! لوءِ، عِجزَ کي آڏو ڪَري.

*(رامڪلي، ۴ ـ ۱۸)*

(۱۸۳)

ڪَنَ ڪورائِيين، ڪاپَڙِي! اِيُّ زَنانو جوڳُ،
سامي! سُڃاڻُ تو پيو، هِڪُ دهي، ٻيو دوڳُ،
جِنين پانيو ڦوڳُ، رامَ تِنين کي رِيبِيو.

*(رامڪلي، ۴ ـ ۲۱)*

Gul Hayat Institute

(٢٠٧)

ڪونهُ قريبن جو، عينُ تڙنُ آهِ،
اِيَ اُلٽي ڳالهڙي، سڪَ ورندي ساهِ،
آسَر هَڏِ مَ لاهِ، چِتُ ڳِنڍَنُ اُن جو.

(ڪلياڻ، ٣ ـ ١٨)

(٢٠٨)

ڪوني ڪُنائُون، اَڄُ پڻ اَڪَڙيُن سين،
ماسُ وراهي هَليا، ڪَرَنگَلُ ڇَڏيائُون،
"وَتَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ وَتَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ"، لِئين اُتائُون،
مُئي مارِيائُون، ڪِلي ڳهائِيو سَڄَڻين.

(برو سنڌي، ١ ـ ١٣)

(٢٠٩)

ڪوني کُهي سُپرين، ڪوني کُهنَ ساڻُ،
نيزي هينان نينهن جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ،
جُلُ، وِڃائي جاڻُ، عاشقَ! اَجَلَ سامُهون.

(ڪلياڻ، ٣ ـ ١٧)

(٢١٠)

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا، راوتَ ڪِينَ رَهَنِ،
سائِنِ سِرَ فِدا ڪيا، اَڳِيان اِمامَنِ،
"يُجَاهِدُوۡنَ فِيۡ سَبِيۡلِ اللهِ"، ڪَمُ اِهوئِي ڪَنِ،
حُورُون هارَ پَڏَنِ، سِهرا شَهيدَنِ ڪي.

(ڪيڏارو، ٦ ـ ١٠)

(٢١١)

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا، سائُو سِلَحدارَ،
هِڪُ پائُرَ، ٻيا پائِتيا، تِيان جاني جِگَرَ يارَ،
اَرڙَنِ ۾ اِحسانَ سين، سويا ٿِيا سَردارَ،
حُورنِ ٻَڌا هارَ، سِهرا شَهيدَنِ ڪي.

(ڪيڏارو، ٦ ـ ١١)

(٢١٢)

ڪو جو اُنسِ مينهُن، آريءَ جي اُڪِيرَ جو،
پاروچاٽو نينهُن، مَنان مانو نه ٿِئي.

(حسيني، ١١ ـ ٩)

(٢١٣)

ڪو جو آهِسِ ڪوڏُ، پاروچاٽيءَ ذات سين،
جي هُو چوَنِسِ 'پوڏُ!' ته جِيُ، سُٽائي جَڳَ ڪي.

(حسيني، ١٢ ـ ٣٢)

(٢١٤)

ڪو جو قَهرُ ڪَلاچ ۾، گهڙي سو نئي،
خَبَرَ ڪونَ ڏِئي، ته رَڃ ڪُجاڙي رَندِيا؟

(گهاتو، ١ ـ ٣)

(٢١٥)

ڪو جو ڪامَنُ مي، آهي اَڪَڙيُن ۾،
تَنُ تَماچِيءَ جامَ جو، نايُون پايو ني،
عِشقُ اِئَن ڪَري، جِئَن چارو جامَ ڪُلهي ڪيو.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ١٣)

(٢١٦)

ڪو جو لَڱِسِ ڪانُ، ڪيچِيُنِ جي قُربَ جو،
تي نِماٽي نِيشانُ، ڇَڏي سانگو ساههَ جو.

(حسيني، ١١ ـ ٦)

(٢١٧)

ڪو جو وَڍِيءَ وَڍُ، جِئَن وِنَ وَڍِيائِين وَڍَ سين،
ڏُکُ ڏُکيءَ کي ڏيُ، جن ڏِني سي ڏُکيا ٿِيا.

(معذوري، ٦ ـ ١٨)

(٢١٨)

ڪو جو وَريو واءُ، جيئَن ٻَرُ ٻانهن ڇڏيو،
آڳي اِن تڙاءُ، اونداهيان ٿي اُڪران.

(سهڻي، ٨ ـ ٢٠)

Gul Hayat Institute

(۲۷۸)

ڪيچان اوري ڪِٿهين، وَڻُ نہ ويسانهين،
ڪَميٽي! ڪِيچيُن لَءِ، پُورج پَرانهين،
تاٿِج تيڏانهِين، وارِج ڪامَ وَرَڻَ جي.
(ديسي، ۳ ـ ۳)

(۲۷۹)

ڪيچان اوري ڪيترِيُون، مَعذُورِيُون مُيُون،
واٽُون وِيہَ ٿِيُون، ڪُہ ڄاڻان ڪيهِي ويا؟
(ديسي، ۳ ـ ۴)

(۲۸۰)

ڪيچان آيو قافِلو، پَليرو پايان،
پَٽِي جا پيرَن جي، لِڳَن ڪي لايان،
چَنبيلي چايان، جي مُون نِيو پاڻَ سين.
(ديسي، ۳ ـ ۷)

(۲۸۱)

ڪيچان آيو قافِلو، راتِ موچاريءَ رُوءِ،
بوتي ۽ بَلوچَ جي، رَڙهي پَسان رُوءِ،
لَنگهي لَڪَ لَطِيفُ چئي، پُڇان ڪيچِيُن ڪُوءِ،
گولي ٿِيا گُلبُوءِ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.
(ديسي، ۳ ـ ۶)

(۲۸۲)

ڪيچان آيو قافلو، جُنگُ سُونهاريءَ جوڙَ،
تَليارا توڏَنِ ڪي، ٻِچِيءَ سُونهَنِ موڙَ،
دؤلَتَ چايان دوڙَ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.
(ديسي، ۳ ـ ۹)

(۲۸۳)

ڪيچان آيو قافِلو، ڄامَنِ سَندو ڄامُ،
پَسندي پُنهونءَ ڪي، اَکِيُنِ ڪَيو آرامُ،
ناتَرِ چايان نامُ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.
(ديسي، ۳ ـ ۸)

(۲۸۴)

ڪيچان آيو قافِلو، ساڻَ ڏٺي سَروانُ،
وارَ وَڏِي واڳُون ڪَريان، پُٺان هُوند پَلاڻُ،
جهڙو پُنهون پاڻُ، تهڙي سِٺا ساڻَ جي.
(ديسي، ۳ ـ ۱۱)

(۲۸۵)

ڪيچان آيو قافِلو، طَرَحَ موچاريءَ توڏُ،
سِينگارِياٽُون، سَيَدُ چئي، ڪَرَها مَنجهان ڪوڏُ،
لَڪُ لَهِي تي لوڏُ، جيجان! تن جَتَنِ جي.
(ديسي، ۳ ـ ۱۰)

(۲۸۶)

ڪيچ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُنهنجِيءَ ذاتِ جي!
مَتانَ پُنهونءَ پوءِ، لَڄَ مُنهنجِي لوءِ ۾!
(حسيني، ۱۱ ـ ۱۸)

(۲۸۷)

ڪيچُ نہ جُنبَڻَ جاءِ، تہ ڪا هَلي هوتَ ڏي،
مون سين هَلي سا، جا جِيَّ مِنو نہ ڪَري.
(سسئي آبري، ۴ ـ ۳)

(۲۸۸)

ڪيچي ڪالهَ ڪَهي ويا، اَديُون! آڏيءَ راتِ،
جاڳان تان جيڪي ٿِيو، وِهاڻيءَ پِرِياتِ،
ڦوڙائو فَقِيرِ ڪي، ڏِنو جَتَنِ ذاتِ،
’رَفِيعَ الدَّرجَاتِ‘!، پَرمَلَ پُنهون ميڙئين!
(ديسي، ۳ ـ ۱۴)

(۲۸۹)

ڪيچِيِيُنِ ڪارڻ ڪالَ، نيڻَ نِهارا مُون ڪَيا،
اِيندا پَسان شالَ! اُني آريءَ ڄامَ جا.
(ڏهر، ۲ ـ ۱۰)

Gul Hayat Institute

(٢٩٠)

ڪِي ڏَرَتَّتِي، ماءِ! ڪِي جَرَ سَندي سَجَّتين،
هَلي ۽ واجهاءِ، ٻِنين جَيرنِ وچ ۾.

*(حسيني، ٢ ـ ١)*

(٢٩١)

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪَرهو؟ چِتاٽو چَوڏارَ،
مَنجهين ڪاڪِ ڪَڪوري، مَنجهين باغ بَهارَ،
ڪانهي ٻِي تَنوارَ، ٽِيو مِڙوئِي ميندِرو.

*(مومل راڻو، ٩ ـ ٧)*

(٢٩٢)

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪَرهو؟ چوڌِس چِتاٽو،
مَنجهين ڪاڪِ ڪَڪوري، مَنجهين لُڏاٽو،
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي ٻِيو ناهِ ڪو.

*(مومل راڻو، ٩ ـ ٦)*

(٢٩٣)

ڪيڏانهن ڳِهندَ ڳُڙنِ؟ ڪيڏانهن اُٺي ويئيُون؟
تيڏانهن ٽيون چَرنِ، جيڏانهن پُٺِ ميهارَ جي.

*(سهڻي، ۴ ـ ١٠)*

(٢٩۴)

ڪيرَ ڪَريندي ريسَ، آيَلِ! سَنگهارَنِ سين،
جنين جي خَميسَ، وارِيُون واري ڇَڏِيُون.

*(ڏهر، ۴ ـ ٢٢)*

(٢٩٥)

ڪيرَ ڪُنَ؟ آٿُون ڪيرَ؟ ڪيرَ ڏمَرَ سَهي ڏمَ جا؟
قَضا رِءَ ڪيرَ ڏري؟ مَٿي پاٽيءَ پيرَ،
پيئَنرُ! ٻِنيءَ ويرَ، لِڏو تي تي لوڙِيان.

*(سهڻي، ٥ ـ ١٨)*

(٢٩٦)

ڪيڙي ڪيچاينَ، ڳَوُرا ڳَسِ هَلائيا،
لَڙيو، چَڙهيو چوٽِئين، ڪريو ڪوهَ ڪَڙَنِ،
سُونهَن جي سَردارَ سين، سي توڏَ مَ تَرِتِجَنِ!
لُطفُ سانُ، لَطِيفُ چئي، لَنگهيو بَرُ بوتَنِ،
تن ڪَهڙو غَمُ ڳُنگَنِ؟ هوتُ حِماتي جن جو.

*(ديسي، ٢ ـ ٦)*

(٢٩٧)

ڪِي سُمهُ، ڪِي جاڳُ، نِندَ نہ ڪَجي ايتري،
اِيُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساٺيهُ پائيو.

*(ڏهر، ٣ ـ ٩)*

(٢٩٨)

ڪي ڪو، ڪاهوڙِي! ڇِپَرَ ۾ سَڌُ ٽِيو؟
آڳي تي سُئِي، اُنين سَندي ڳالهڙي.

*(ڪاهوڙي، ١ ـ ١٢)*

(٢٩٩)

ڪَيِمَ ڪاپَڙِينَ جي، پَهرئين ڏينهن پَروُڙَ،
سَگها ساعَتَ نہ هيڪڙِي، چارَئي پَهرَ چُورَ،
سَدائين، سَيَدُ چئي، هونِ سَناسي ۾ سُورَ،
جوڳِي سانُ ضرُورَ، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

*(رامڪلي، ٢ ـ ١)*

(٣٠٠)

ڪَيِمَ مُهاڙَ مَليرَ ڏي، مَٿي ڪوٽَ چَڙهي،
نٿَ نِهاري ڏيهَ ڏي، ڳوڙها پِيمِ ڳَڙي،
نِڳي ڪُوڪَ قَلبَ مان، مَنجهان رُوحَ رَڙي،
ويڙِيچَنَ وَري، ڪَرَ نہ لَدي ڪَڏهين!

*(مارئي، ۴ ـ ١٠)*

Gul Hayat Institute

(٣٠١)

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ، سُپِرِينَ! جاڙُون ڪَيُمِ جالَ،
سوڍا! مُون کي ڪالَ، موتِي مُنهَن ۾ آئِيُون.
(مومل راڻو، ٨ ـ ١)

(٣٠٢)

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ، سُپِرِينَ! جاڙُون ڪَيُمِ جِتِ،
سوڍا! مُون کي تِتِ، موتِي مُنهَن ۾ آئِيُون.
(مومل راڻو، ٨ ـ ٢)

(٣٠٣)

ڪِينَ ساڱاهِيُمِ، سُپِرِينَ! جاڙُون ڪَيُمِ جي،
سوڍا! مُون کي سي، موتِي آئِيُون مُنهَن ۾.
(مومل راڻو، ٨ ـ ٣)

(٣٠٤)

ڪِينهِن طالِبَ تات جا، نہ تہ آهي تاتِ تيارُ،
ڏورِيان، پيو ڏُڪارُ، گهورِندڙ ڪٿِي وِيا.
(حسيني، ١٠ ـ ٢١)

(٣٠٥)

ڪويو ڇڏِين ڪانُ، هَڏِ نہ هَٽائِين ٿا،
تِيا جي نِيشانُ، تہ پهرئِين سان پورا ٿِيا.
(يمن ڪلياڻ، ٦ ـ ١١)

(٣٠٦)

ڪيو مُطالع مون، هو جو وَرَقُ وصال جو،
تنهن ۾ تُون ئي تُون، ٻِي لات نہ لحظي جيتري.
(يمن ڪلياڻ، ٥ ـ ١٩)

(٣٠٧)

ڪيهي ڪامَ ڪاپَڙِي، ٿا اَهڙِي رَوَشِ رَوَن؟
نَڪا دِلِ دوزَخَ ڏي، نَڪِي بِهشتُ گهُرَن،
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سين، نَڪا مُسلمانِي مَنِ،
اُيا اِيئَن چَوَن، تہ پِرين ڪَجو پانهنجو.
(رامڪلي، ٥ ـ ١٢)

(٣٠٨)

ڪيئَن آڙَايُءِ پاندُ، پَلَئُ پَرَڏيهِيُنِ سين؟
مَتيُون مُوڙهيُءِ، سَسُئي! ڪَيُءِ ڪوهيارو ڪانڌُ،
رُلِي! يانيئِي راندِ، بانيَڙِ! عِشقُ بَروچَ جو!
(حسيني، ٥ ـ ٨)

Gul Hayat Institute

## وائي- ۱

ڪاپَڙي ڪَنَ چيرَ، وِيا ويراڳي نِڪري.
دِل هَٽي وِيا دَلَقَ سين، ڦورُو هُئَڙا فَقِيرَ،
هَٽي وِيا هِلَمِ سان، سِگَهيُون مَنجِهہ سَرِيرَ.
(رامڪلي، ۸ ـ وائي ۱)

## وائي- ۲

ڪا جا ڳالهہ هُئي، سا جي لوڪَ سُئي،
لو! ٻاروچي جي مَنَ ۾.
سِرَ سَگَرِ پُرُ پيچري، تُون جا لوڪَ سُئي،
سَسُئي سَگَرَ پَٽِيين، ڪيرُ چوندو مُئي؟
پَنڌُ ڪَرِيندي پِرينءَ ڏي، ڪَڏهِن ڪانَ ڪُهي،
آن ڪا ڏني، ڏوتِيا! ڪيرِنِ پاسِ ڪُهي؟
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ وائي ۹)

## وائي- ۳

ڪارُون وَسَ ڪَيامِ، ڙي!
هَيءِ! هيءِ! ووو! لَڏي ڏُورِ وِيامِ!
مُنهنجو هوتُ نہ موٽِيو! ووو! ڪارُون وَسَ ڪَيامِ.

بَنڌَنَ ٻاروچَنِ جا، پينگهي مَنجِهہ پِيامِ،
ڪَئين قاصِدَ ڪيچَ ڏي، مُحِبَنِ لاءِ مُڪامِ،
سَدا سُپِيرِيُنِ جا، ساندِيُنُ سُورَ پِيامِ،
هوتَ هَلندي جي ڪَيا، نہ سي سَڌُ سُيامِ،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، آرِياڻي اِيندامِ.
(حسيني، ۱۲ ـ وائي)

## وائي- ۴

ڪا هِنئين سين لاءِ، پورِي! ڪا هِنئين سين لاءِ.
تُنبئي تاڪيدَ سين، جن پِڃايو پاءُ،
لَسِي تَندُ، لَطِيفُ چئي، هَلي تن هَٽاءُ،
پَهيُون تُهنجيُون جِهرڪَنِ جهورِيُون، پِيُون اُڏايُون واءُ،
اَرَڻَ پاسي اوجهرِينِ، توڪي سُمَهَڻَ آئِيو ساءُ،
آدِيءَ، عَبُداللّطِيفُ چئي، روئِي رِيجهائِج راءُ.
(ڪاپائتي، ۱ ـ وائي)

## وائي- ۵

ڪَرَها مَ ڪاهِيو، مِيان! ڪيچي!
آئُون آرِياڻي عَرضُ چوندي.
ڪَري، هوتُ! هَلَڻَ جي، لُوٺيءَ کي مَ لَڄايو،
وَسِيلو وِلهيءَ جو، آڳانڊو لَئين آهِيو،
پاسي ۾ پَرِيَتِ جي، جهيڪي اُنَ جُهڪايو،
وِلَهيءَ جي وهاڻَ ۾، واڇَڻَ سَڀِ وَڃايو،
اُگهاڙِيُون آتَڻَ ۾، پَنهنجُون پاڻَ پَراهِيو،
سائينءَ ڪارَڻ، سُپِرِين! صُورَتَ کي مَ سِڪايو،
ساڪِنَ تي شَهِرَ جا، مَعذُورِ کي مَرڪايو،
پُنهون جام! پَرتِ سين، ويهي سُورَ وراهِيو،
لاهي بارُ پَنِيورَ ۾، ويندو گهوٽُ وَناهِيو،
پُنهونءَ چاچيئَڙنِ کي، رَڏي ڪِيَڻَ ڪارايو،
پَرٽائي، پُنهونءَ کي، نيڪيٽي نِڪِڙايو،
ٻيلي تي ٻانِيَڻَ سين، ڏِکيءَ ڏيجُ ڏيکاريو،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، سَڄَڻَ کي ساراهيو.
(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ وائي ۳)

## وائي-٦

ڪَرَهَلَ پائي لَڄُ، ڪُهُ نہ وِيِنءَ اُنِ سين؟
اُجارِياڻُون اولِيُون، ڏُٺارِياڻُون ڏَڄُ،
مَتان وِهين، وِيسِري! اُٺي پورلَ! پَڄُ!
سيٽَنِ ساجُهرُ لَڏيو، تون آئي! نِهارِين اَڄُ،
ڪالهہ سِباوءِ ڪَنجِرو، اَنگُون پاتِيءِ اَڄُ،
ڪيرُ سُڻندو تنهنجون اَدورائون اَڄُ؟
(سامونڊي، ۲ ـ وائي ۲)

Gul Hayat Institute

## وائي- ۷

ڪُلَپَتي آئِيا، هو ماءُ! آئُون هَلندي اُن سين.
حِرصَ هَوائي جِنِ جا، سُڪين تان نہ سَڏائِيا،
تَنِ تَڪِيا تاڪي چَڙِهيا، جي ايهيءَ وِرُونهن وَڏائِيا،
تَوشَڪُون ۽ تَڪِيا، وهاڻِي جِنِ وراهِيا،
هَلو! تہ پَسُون تَن کي، جِنِ لُنگَ لاهُوتِيُن لائِيا،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئِي، اَڱڻِ مُون آئِيا.
(رامڪلي، ۲ ــ وائي)

## وائي- ۸

ڪنڌِي سارِيان ڪانَ، يا اَمَنُ! اَمانَ!
يا اِلاهِي! ٻاجهہَ ٻِلاٽِي ٻانئيان.
ڳَٽَنَ ڳاٽيڙو ناه ڪو، اَپَرِ ٿيا عِصيانَ،
خَبرَ ناه قَبَر جِي، نِسورا نِسيانَ،
والِي! رَسج وَهلو، اَرَڪِ ٿيا اِنسانَ،
سُڻُ سَباجها سُپرِين، نَعرو نِگهبانَ!
مَدِيُون پَسِي منهنجون، شَرمايا شيطانَ!
هن منهنجي حالَ تي، هيءِ هيءِ ڪن حَيوانَ!
سائِين! سُڪاٽِي آهِئين، سامُونڊِيَ، سُبحانَ!
تُرَهو چِنُمر تارِ ۾، رَسِج تون رَحمانَ!
ٻيلِي جو ٻُڏَن جو، مون تي موٽي مانَ،
وينُو ٻِني ٻَنُو، ڪر ٻيرو مٿي ٻانَ،
خالِقَ تَان خوبُ ڪيا، گولَن جا گذرانَ،
آئُون پڻ اَندو اُن ۾، وينُو ٻنان ٻانَ،
سِپِ سُوالِي سَمَگيا، داتا ڏيئِي دانَ،
ولهَا سِپِ وَلُهيا ڪيا، تنهنجي جُودَ، جُوانَ!
مَتان مُونکِي چَڏئين، ٻيلِي سندا ٻانَ!
ويرَا! وسيلو آهئين، دارُوُ ۾ ديوانَ،
لَاءِ ڏهارِينِ ڏينهنَ ڪي، خيمو آڏيو خانَ،
اُتي عبداللطيفُ چئي، سُتِج ڪا سُلطانَ!
(سريراڳ، ۲ ــ وائي)

## وائي- ۹

ڪوهِياري جي ڪاءِ، مارِيندِيَمِ، ماءِ!
جا مَنَ اَندَر ڳالَهڙِي.
چَڙهان ڏُونگَرَ چوٽِيين، سُپيرِيان جي ساءِ،
نِهارِيندِيَسِ نِڪري، هاڙهو هوتَنِ لاءِ،
پانڌِيَڙا! پيرَ پَري، پِريان ڪي پَهُچاءِ،
مؤلا! مُون کي ميڙِئين، سَنديءَ جانِبَ جاءِ،
هوتَ هَلَنِ، آئُون وِهانْ، تہ ڪا اِئَن جُڳاءِ؟
سَسُئيءَ جيءَ سِريءَ کي، اوڏانهين اُٺاءِ،
پيرانديءَ پُنهونءَ جي، مُنهنجو لوڙهُ لَٿاءِ،
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ چَئِي، اِها آسَ پُڄاءِ.
(حسيني، ٦ ــ وائي)

## وائي- ۱۰

ڪُہُ ڄاڻان ڪيڏاهِين؟ منهنجو تَنُ تَٽِي تيڏاهِين،
سائِين نيٽِين نِينهَڙو لَڳائي وِيَڙا.
جيڏانه عالَمَ آسرو، مُون پڻ آهي اوڏاهِين،
ڏُونهِين دوستَ ميهارَ جي، ڏِيئي جنءَ ڏٺائِين،
ساري سُپيرِينِ کي، رَهَ پَرِ رَتُ رُنائِين،
دامَنَ تيڏي، چَنگُلُ ميڏا، روزَ قِيامَتَ تائين،
پيرُ اَسانڌا حَضرتُ مِيران، ڪُلَ دي آسَ پُڄائِين.
(سهڻي، ابيات متفرقہ ــ وائي ۱)

## وائي- ۱۱

ڪَهڙو سَڱَ سِياڪو؟ هاريءَ مون هوتَنِ سين.
آئُون هِيڪلي حَبَ ۾، نہ مون مِٺُ نہ ڪاڪو،
مُندَّ پياري، پَنڌُ گهڻو؛ نہ مون اُٺُ، نہ ناقو؛
چَڙهي نہ سَگهان چوٽِئين، ڏُونگَرَ ڪونهي ڏاڪو،
پِرِين پُڇَنديِسِ پَٻَ ۾، وَڻِ وَڻِ وجهنديِسِ واڪو،
هوءَ جا پِڪَ پُنهونءَ جي، چَنِيانَ تنهن چُڪاڪو،

Gul Hayat Institute

# ک

(۱)

ڪاڄُ ڄڻين جو ڪِڪِيُون، مالَ ڄڻين جا مَڏَ،
سَمي سيئي سيڻَ ڪَيا، هيڻَ ڄڻين جا هَڏَ،
ڄامَ! پِرتِيءَ لَڏَ، سانگِيُنِ جي، سَيَدُ چئي.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۸)

(۲)

ڪارا، ڪَبَڙَ ڏيهَ ۾، پيا واريءَ مَنجهه وَٽانَ،
ساٽِيُنِ ڪي، سَيَدُ چئي، پَريو ڏِيَنِ پانَ،
عُمَرَا! اِيَ اُمانَ، ثابِتُ رَکِج، سُومِرا!

(مارئي، ۳ ـ ۱۷)

(۳)

ڪاروڙِيان ڪَٽي، ويڙِيجَهپ وِيا،
سيڻَ مُنهنجا، سَيَدُ چئي، هاٽي هٽ هُيا،
پَسي پَدَ اُنين جا، لَڙي لُڙڪَ پيا،
ڏيهي ڏُورِ وِيا، ڏِيان ڏوراپو ڪِنِ کي!

(مارئي، ۹ ـ ۹)

(۴)

ڪاري ڪيڙائُو، مٿي مِني موتيا،
سودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وهائُو،
موتِي جي مَهرانَ جا، تن جا طاماعُو،
سامُونڊي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا.

(سامونڊي، ۳ ـ ۹)

(۵)

ڪامان، پَچان، پَچِران، لُڇان ۽ لوچان،
تَنَ ۾ تَؤنسَ پِرِيُنِ جي، پِيان نہ ڍاپان،
جي سَمُنڊَ مُنهن ڪَريان، توءِ سُرڪِيائِي نہ ٿئي.

(سهڻي، ۶ ـ ۱۱)

(۶)

ڪامان، پَچان، نہ مَران، سَڙان ساري راتِ،
پَنِ پِيائِيءَ ڪي وِجهي، ڪَرِ پريان جي تاتِ،
سِيخُون سَنديُون سَجَٽِين، اُپرَن آڌيءَ راتِ،
نڪي هَٽِ نہ ساٿِ، ڏِيهاڙِيو چَنگِ چڙهان.

(سهڻي، ۶ ـ ۱۲)

(۷)

ڪاٽي ڪيرِنِ هيٺِ، ويني روئي رَتَ ڦُڙا،
ڪا مُون ٽِيندي ڏيٺِ، پيهَرَ پاروچَنِ سين؟

(حسيني، ۹ ـ ۱۴)

(۸)

ڪاٽيُون، لُونيُون، اَکِيُون، ڪُنيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ،
مُنِيُون ماٺِ نہ ڪَنِ، هَنيُون رَهَنِ نہ هوتَ ري.

(حسيني، ۹ ـ ۱۰)

(۹)

ڪاٽيءَ ۾ ڪانُيو، مُنِيءَ مَنگرُ ۾ ڏِيو،
هيڪَڙَ اُڄهايو، ڏيئي ٻَرَ لُهارَ ڄِڻَ.

(حسيني، ۹ ـ ۱۳)

(۱۰)

ڪاهوڙِي ڪِڄَنِ، پَسِيو پورهِيَتَ ويسرا،
ڏوٿِيَڙا ڏُورِ وِيا، رُڃَنِ مَنجهه رَهَنِ،
ڪا مُلِ آهي تَنِ، مُون پِرِيان جي ڳالهڙِي.

(ڪاهوڙي، ۱ ـ ۹)

(۱۱)

ڪاهوڙِي ڪَرا، سُوڌِي خَبَرَ پَکِيا،
سوجهي جن ڪَيا، مَٿي اَڳَڻِ آهِرا.

(ڪاهوڙي، ۳ ـ ۱۹)

Gul Hayat Institute

(٢٤)

ڪَڙهَ اَڱيان ڪپُ، ڏِهاڙِي ڏاتارَ جي،
لَنگها! لاهِ مَ لِڪَ سيئَن، مَٿان چانئُٺِ چَپُ،
مَڱڻهارَنِ مَپُ، ڪونهي ٻيو ڪيرَتَ ري.
(پرڀاتي، ١ ـ ٢٠)

(٢٥)

ڪَڪِيءَ هاٽِيُون ڪارِيُون، ڇِڇِيءَ هاٽا ڇَڄَ،
پانڌُ جنين جي پانڌَ سين، لَڳو ٿِئي لَڄَ،
سَمو ڄاڻُ سُهَڄَ، اُيو ڪَري اُن سين.
(ڪاموڏ، ١ ـ ١٠)

(٢٦)

ڪِلي جان ڪِنڪارِيان، تان ساٿِي سَڱُ نہ ڪَنِ،
وارِيو وَهِٿَ وَڃَنِ، ڪِنِ سَياڳِنِ سامُهان.
(گهاتو، ١ ـ ٩)

(٢٧)

ڪَمُ! ڪَمَندَنِ ڪَٿيو، هارايو هوڙَنِ،
چَڪِيو نہ چوندَنِ، هو جو ساءُ صبرَ جو.
(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ١٤)

(٢٨)

ڪمندڙَنِ گهَر ڪِينَ، چوندڙَ چڱا نہ ٿيا،
ويٽُنِئُونَ، ويڌُ پئي، هِٿِ نہ اَچِي ڪِينَ.
(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ١٥)

(٢٩)

ڪَنياتِڙِي تَڙِ وري، اُيِي تَڙِ واجهاءِ،
مانَ اَچِهون ڪاءِ، سُواڏائي سڄڻين.
(ڪنيات، ٢ ـ ٣٤)

(٣٠)

ڪَنپَ ڪُسَنئِي، ڳَجهڙِي! لِڳين پَوئِي واءُ،
اَميرَنِ مَٿاءُ، جِئَن تو قُلين چانئُون نہ ڪَيُون.
(ڪيڏارو، ٦ ـ ٨)

(٣١)

ڪِنوڻِ ڪِنوايو، آيَءِ نندَ اَياڳَ جي!
جنِين نہ پِرُ پانيو، ڪري تَوائِي تن ڪي.
(سريراڳ، ٦ ـ ٦)

(٣٢)

ڪَناٺُون ڪاٺُرَ ڏي، ساري هاڄَ هِيا،
لاهي لَڏَ، لَطِيفُ چئي، پَرِئين ٿَرِ ٿِيا،
ڇَڏي ڳُنَّ وِيا، مارُوئَڙا مَلِيرَ ڏي.
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ٣٤)

(٣٣)

ڪَنُ گودَڙُ، ٻَنِ گَبَرِيُون، ڪانءِ مَ ڪداٺُون،
جِندا! وَڃِي جوڳَ سين، لَهِج ڪي لاٺُون،
لِئَن ڪُہُ اُتاٺُون، سِڱِيُون شُومَتَ هَٿَ جُون؟
(رامڪلي، ٩ ـ ٣٩)

(٣٤)

ڪَٽَنِ نہ ڪَيڪانَ، پَنڌَ پَراهين هَلِيا،
ڏوٿِيَڙا ڪَنهن ڏُٿَ ڪي، جُنبِيا ڏُنهن جابانَ،
ڪاهوڙِيُنِ اُهِجانَ، اَنگِ نہ سَڃِي اَگِڙِي.
(ڪاهوڙي، ١ ـ ٢٣)

(٣٥)

ڪٽِي نينَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ،
سُورجَ شاخُون جَهڪيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ،
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿيا، ڏيکيندي دلبَرُ،
جَهڪہ ٿيو جَوَهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.
(ڪنيات، ١ ـ ١٩)

(٣٦)

ڪَٽِيو تَڪَبُرَ تَڪِيا، حيلا ڪَيو هَلَنِ،
مُوڙها تا نہ لَهَنِ، لَمي راهَ، لَطِيفُ چَئِي.
(رامڪلي، ٥ ـ ٢٣)

Gul Hayat Institute

(٣٧)

ڪوڙ ڦناٽُون ڪاڪِ ۾، راڻا ويهُ رَهِي،
ماڙهُو جي مَحلاتَ جا، سوڍا! ڪَج سَهِي،
ويندي ءِ ڳالهِ وَهِي، وِڪَرِ پوَندين، وَلَهَا!

(مومل راڻو، ٦ ـ ١٧)

(٣٨)

ڪوڙي، ڪَڏُ مَ سُپِرين! ڪَنيِئي تان ڪوڙِ،
عادَتَ جا اَڪِيُنِ جِي، سا نيئِي نِباهِج توڙِ،
مُون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ، تُون پاڻُ سُڃاڻِج، سُپِرين!

(بروو سنڌي، ٣ ـ ٦)

(٣٩)

ڪُوها ڪالهہ ڪٽِي، اُنِ وڏا اُتَرَ آسَرِي،
اَلا! جُهري مَ انِ جي، اَولي جي آٽي،
وڻجارَنِ وَٽِي، وَڪَرُ وِڌو بيڙِيين.

(سريراڳ، ٣ ـ ١)

(٤٠)

ڪُوهَرَ، ٿُوهَرَ، ٿَرَ: جِتِ ساٽِيڪا ءِ سَٽِيُون،
چارِنِ اُتِ چاهَ مَنجهان، پاسي ڦوڳَنِ ڦَرَ،
ڪِئَن لَهَندَمِ ڪَرَ؟ جِئَن مارُو پاڻَ اَپارِيا.

(مارئي، ٨ ـ ١٦)

(٤١)

ڪُوهَن سِرِ وانُٽيُون، وانُٽِيِن سِرِ ڳَندَ،
ڪيڙِي ڪيڙِي ڪَندَ، ماءِ! سامُونڊي آئيا.

(سامونڊي، ٢ ـ ٢١)

(٤٢)

ڪوءِ ٻولي! ٻَنِ ٻَروچُ! گهوري ذاتِ جَتَنِ جي!
مُون ڪي چَئي 'لوچُ'، پيهي وِيا ڇَپَرين.

(حسيني، ٢ ـ ١٣)

(٤٣)

ڪوءِ سَميُون! ٻَنِ سُومِريُون! جي اَچَنِ اُوچي ڳاٽِ،
وَرُ سي ڪِنجُهر ڄائِيُون! جن تَماچِيءَ جي تاتِ،
راڻِيُنِ مُلان راتِ، ماڻِڪُ مي پِرائِيو.

(ڪاموڏ، ١ ـ ٢٦)

(٤٤)

ڪوءِ ڪَتَڻُ، ٻَنِ ڪَپاهُ! ڪوءِ آتَڻُ! ٻَنِ جيڏِيُون!
ساڃَنُ مُنهنجو ساهُ، هاجي مَنجِهہ هَٽِي ويو.

(حسيني، ٢ ـ ١٠)

(٤٥)

ڪوءِ گودَڙَا! ٻَنِ گَبَرِيُون! نيئِي ڪدائُون ڪانءِ؛
جيڏاهِين جوڳِ وِيو، نيڻَ تيڏانهين نانءِ،
پِٽُو اِيئَن پانءِ، تہ سِگِيُون شُومَتَ هَٿَ جُون.

(رامڪلي، ٩ ـ ٣٨)

(٤٦)

ڪوءِ هاڙهو! ٻَنِ هوتُ! ڪوءِ پُنهون، ٻَنِ پِريَنتُو!
مادَرِ! مُون مَوتُ، پَسَٽان ئي پِرائِيو.

(حسيني، ٢ ـ ١٢)

(٤٧)

ڪُهج مَ، اُجها ڪيهَ، گَردَ پَسُ گُنگَنِ جي،
ڏُڪِي! مَنجهان ڏيهَ، نِڪِرُ ناه ڪُلهي ڪَري.

(سسئي آبري، ٩ ـ ٥)

(٤٨)

ڪُهِي جا ڪَنيائِين، وِڪَ تَنهين ويجهي ڪَئِي،
ڇِڪِيءَ ڇِنائِين، پَنڌُ مِڙوئِي پَٻَ جو.

(سسئي آبري، ٩ ـ ٨)

(٤٩)

ڪيڙائُنِ ڪارو، سَنجهيئي سارِيو،
آيَلِ! اُمارو، آهينِ پَرِئين پارَ جو.

(سامونڊي، ٣ ـ ٨)

Gul Hayat Institute

## وائي- ١

ڪَـٿيءَ مَنجِهه ڪَٿياٸِين، مارُو جامُ مَلِيرَ جو.
پَرچِي پَنوَهارَن سين، لوئي ڏيجُ لَڏاٸِين،
سيلُ نِباهي، سُومِرا! پَنهنجو پيُ پُڇياٸِين،
جُهوپو جهانگِيڙَنِ جو، مارُيءَ سان مَتياٸين،
سِگَرَ ساهيڙِيُنِ سين، ڪاٿُونبا ڪاڏاٸِين،
مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، چَسا سَپِ چَکياٸِين،
اُتي، عَبدُاللّطِيفُ چَئي، شَرَمُ رَکِين رَبَّ ساٸِين!

*(مارئي، ١١ ــ وائي)*

## وائي- ٢

ڪَرُ مَرُ ڪامي پَچِي، آئُون ويندي دَرِ دوستَنِ جي،
جياٸِين ڏُجَنَ تَـڪِيو، سَجَڻُ تِياٸِين اَچِي،
نُورا پايو نِينهَن جا، دَرِ پَلِي جي نَچِي.

*(سارنگ، ٢ ــ وائي)*

Gul Hayat Institute

# گ

(۱)

گامَ گُندِيءَ گَنجَ، اَبَرَ ۾ اُهاءُ ٿيو،
پَسِي پَرِ پرِيَنِ جي، ڏُورِ ٿيا سَڀ ڏَنجَ،
شالَ وَسَندو سَنجَ، عاشِقَ تي اوهيڙا ڪَري.

(سارنگ، ۱ ـ ۲۳)

(۲)

"گُجَرِ ڪي گَجَميلَ جُون، تارَنِ ۾ تَبرُون،
هَٿَي حاڪَمَنِ ڪي، زورَ پَريُون زَبرُون،
ڪاڪِ ڪَنڌِيءَ قَبرُون، پَسو پَرَڏيهِينِ جُون".

(مومل راڻو، ۲ ـ ۲)

(۳)

گُجَرِ گاروڙِيُنِ، اَچيو آڏِي اُپِيي،
مَٿانَ پيئِي تَنِ، ٻَڌا بانَ هَٿَنِ جي.

(مومل راڻو، ۲ ـ ۳)

(۴)

گُجَرِ ڪَهَٽا گهائيا، پاٽا لَڱِسِ گهاءُ،
مينڌِري مُلاءُ، لَڱِسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.

(مومل راڻو، ۳ ـ ۹)

(۵)

گَڏِيو ڏوٻِيَنِ ڏوءِ، پُنهونءَ پارچو هَٿَ ۾،
اُتي آرِيءَ چامَ جو، قاصِدُ آيُسِ ڪوءِ،
اِيُ، ڪامِلَ! ڪَرُ نہ سَندوءِ، جَنِ پَهَسَ پَڇاڙَئين پوتَئين.

(ديسي، ۴ ـ ۱۷)

(۶)

گُذَرِ گَئِي گُذرانُ، ڪِينَ قَبُولِج ڪاپَڙِي،
عَلِيءَ جو مَيدانُ، سَڪَرُ سناسِيَنِ ڪي.

(رامڪلي، ۹ ـ ۳۰)

(۷)

گُلُ چنو گُرنارَ جو، پَٽَڻِ ٿيُون پَٽِين،
سَهَسِين سورَٺِ جهڙِيُون، اُپِيُون اوسارِينِ،
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سينگارِيو ڏِيِنِ،
نارِيُون نازُ ڪَرِينِ: 'راڄا راتِ رَمگِيو'.

(سورٺ، ۴ ـ ۱۲)

(۸)

گُلَ گُلَ پَسِي، گودَڙِيا! گهٽا مَ پائِيج،
سوئِي سُڃاڻيج، هِيُ هُو آهي هيڪِڙو.

(رامڪلي، ۹ ـ ۴۵)

(۹)

گَنجو ڏُونگَرُ گامَ، پيهي جن پَرُوڙِيو،
ڪَري تَنُ تَمامُ، لوچي لاهُوتي ٿِيا.

(ڪاهوڙي، ۲ ـ ۷)

(۱۰)

گَندَ جِن جِيءَ گوڏِ ۾، پاپوڙا پوشاڪَ،
اُنِين جِيءَ اوطاقَ، راڄا رِيجهي آئِيو.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۳)

(۱۱)

گَندَ جن جيءَ گوڏِ ۾، پاپوڙا پينامُ،
اُنين ڪي اِنعامُ، مَجَرُ مڙوئي ٿيو.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۴)

(۱۲)

گَندَ جِن جيءَ گوڏِ ۾، مَٿَنِ تي مُوڙِيُون،
اَچِنِ سَنيُوڙِيُون، سَمي جي سَلامَ تي.

(ڪاموڏ، ۱ ـ ۱۵)

(۱۳)

گُنديءَ نِينهُن نہ سَپَجي، تَہ نہ پَچي ماهُ،
ڪَچِيءَ پَرِ ڪِئاءُ، تِئي سَماجوڳُ سَجَڻين؟

(آسا، ۴ ـ ۳۵)

Gul Hayat Institute

(۱۴)

گَنيَرَ گَتِ سِکَنِ، چَلَڻَ جي چاهَ پَئِي
هِندوا حَيَرتَ ۾ پِيا، لالِي کِي لَبَنِ،
چِمڪَنِ چوڏَس چَندَ جِئَن، وِچڙيُون وَهِسَنِ،
لَوچَنِ ٿا، لَطِيفُ چئِي، پَسَڻَ لَءِ پِرِيَنِ،
کَيسَرَ قَرِيبَنِ، سَنباهي ساڻُ ڪَنيا.

(سارنگ، ۳ ـ ۱)

(۱۵)

گورا وَجَنِ گامَ، ڏيرَن سَندا ڏيهَ تي،
توڏَن جو تَنڙَ پيڙَ ۾، تِريُون تِرڪَنِ تان مَ!
اوڻِيَڙا آرامَ، لَنگهي پَبُ؛ پَري ٿِيا.

(ديسي، ۱ ـ ۲۳)

(۱۶)

گولا جي گِراهَ جا، جوُنا سي جوڳِي،
ڦِٿَلَ سي ڦوڳِي، جِنِ شِڪَرَ سانڍِيا.

(رامڪلي، ۴ ـ ۱۶)

(۱۷)

گُونَدَرَ ڪَيو غَرَقُ، ماءُ! مُنهنجو جِندُڙو،
ڏُکويُنِ مَرَکُ، مَٿي سَڄَرَ پَنڌَڙو.

(رپ، ۱ ـ ۱)

(۱۸)

گُوندَرَ گَڏِياسِ، صِحَتَ نِيڙِيمِ سَڄَڻين،
مادَرِ! مارِياسِ، ڦوڙائي پِرِينءَ جي.

(رپ، ۱ ـ ۲)

(۱۹)

گُوندَرَ هَٿَ نہ پيرَ، وِرهُ مَنجهِينِ وَهَٽو،
ڪُڙهِ ۾ قَطارُون ڪَري، سوُرَنِ لايا سيرَ،
موُن جِئَن گهاري ڪيرَ، هيڪِلِي رِءَ سَڄَڻين؟

(رپ، ۱ ـ ۳)

(۲۰)

گَونِي ۽ گَوُنِي، پِرِيِن پَتائين گَجَ جِئَن،
جي مَنَ مَجوُنِي، سي ڪِئَن وَجَنِ وِسِري؟

(رپ، ۲ ـ ۷)

(۲۱)

گَهَ سِرِ تِئي مَ گُسَ، پَٽِي پوءِ مَ پِرِينءَ تي!
جنهن سِرِ ساجَنُ سُپِرِينِ، تنهن اُٿَ مَ لَڳِي اُسَ!
پُنهون پاکَ پُرِسَ! هوتَ نہ ڪَجَنِ هيڏِيُون.

(ديسي، ۱ ـ ۲۴)

## وائي

گِلا کامَ ڪَري، لِکِيو تان نہ ٽَري،
ٻَڙِي! جيڏِيُون! مُنهنجي، ووا شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
جو سِينگارُ سَرَتِئين، سو مُون ناهِ ڳَري،
جَهڙِي تَهڙِي حالَ سين، وَڃان پيرَ ڀَري،
جنهن وَڻَ هيٺان هَلِيا، سَڄَڻَ سانگُ ڪَري،
لامُون تنهن وَڻَ سَندِيُون، لوڏِيان، لايان ڳَري،
قَضا جا ڪَرِيمَ جي، ڪَنهن تان ڪِينَ ٽَري،
جيڪي لِکِيو لوحَ ۾، پاڙِيان، سو پَڙِي،
اَدِيُون! عَبدُاللطِيفُ چئِي، شَلَ قادِرُ ڪَرَمُ ڪَري!

(ڪوهياري، ۱ ـ وائي)

Gul Hayat Institute

(١٢)

ڳَرنِ ۾ ڳَرَهيج، روئِي ڪَج مَ پَڏِرا،
تانَ سُوراٽِي سَهيج، جان لاهِيندَڙُ کو لَهِين.

(رپ، ١ ـ ٩)

(١٣)

ڳُـرَ ۾، ڳُجهو روءُ، پَڌَرِ وِجهُ مَ پرينءَ ري،
سُوَرَنِ سُپِرُ هوءُ، هِنئَڙا! ڪَرُ ڪَنَنِ جِئَن.

(رپ، ١ ـ ١٠)

(١٤)

ڳِريو جَهليو روءِ، مَٿي مُهري هَٿڙا،
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا! سِکِيو.

(سامونڊي، ١ ـ ٢٠)

(١٥)

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِي مَنجهہ مَهارَ،
چانَگا! چَندَنُ چارينءِ، اَئَي پَهرَ اَپارَ،
سَنديءَ پِيَ پَچارَ، جي مون رات رساٽئين.

(ڪنيات، ٢ ـ ٢١)

(١٦)

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتينِ ڳُتيس مالَ،
ڪَدِيفي جِي ڪَرَها! هيدي پاينءِ حالَ،
چَندَنُ چارِيَنءِ جالَ، جي مون رات رساٽئين.

(ڪنيات، ٢ ـ ٢٠)

(١٧)

ڳؤرا ٻئي پارَ، هِنئون حَيرتَ ۾ پيو،
وِهان تہ وَيرمَ ٿِئي، نِينهَن ۾ پوءِ نِهارَ،
وِڃان تہ واکو ٿِئي، پاڙي پوءِ پَچارَ،
هُتِ ٿي وَعدي وارَ، هِت سُوٽُون ڏِيَنِمِ سَرتيُون.

(سهڻي، ٥ ـ ٢٢)

(١٨)

ڳولِيانِ ۽ ڳُندِيانِ، ويا ويراڳِي نڪري،
صُحبَتَ جا سَندِيانِ، آئُون نہ جِئَندي اُن ري.

(رامڪلي، ١ ـ ٤)

## وائي- ١

ڳالِهيُون هوتَ ٻَروچي سانُ،

وو! منهنجي جِيءَ جُون، جيڏِيُون!
چُلي پينِيَسِ چِپَرين، سَڱ تُنهنجي سانُ،
چَهري ڏادِين ڏُونگَرين، پُرزا ڪَندِيَسِ پانُ،
رُلي چُلي چِپَرين، چام! وِڃايُمِ ڄانُ،
هَٿان هَڏِ نہ ڇَڏِيان، سَندو نِينهَن نِڏانُ،
نَصِيبُ ڪَرِ نَسُئيءَ ڪي، پُنهونءَ اُتَ وَٿانُ.

(سسئي آبري، ابيات متفرقہ ـ وائي ١)

Gul Hayat Institute

# گھ

(۱)

گهٽن ۾ گهُٽڪَنِ، وَٽيون پيَنِ وَهَ گاڏيون،
برخيز بده ساقِي! پيارِ ڪي پرينِ،
پِڪين نہ پرچنِ، مَتَ تَڪيائون مَنجهيان.

(يمن ڪلياڻ، ۴ ـ ۹)

(۲)

گهَرُ، نہ وَرُ، نہ وَٽُ ڪا، آهِيِ مَنَ ميهارُ،
اِنَ اوسيڙي اُٺيان، سَنجهي ڪري سِينگارُ،
پِرين! تنهنجو پارُ، پَسان مانَ پَرِ ڪنهين.

(سهڻي، ۹ ـ ۲۴)

(۳)

گهَڙَن وارِيُون، تَڙَنِ تي، گِهَڙَنِ گهٽيئي،
سَيڪا چَئي "آئُون سُهڻي، لَيءِ پِريان پيئي"،
صُباحَ سَپيئي، پَسيِيُون پاتارَ ۾.

(سهڻي، ۱ ـ ۸)

(۴)

گهَڙو پَڳو تہ گهوريو، آسَرَ مَ لاهيج،
'لاَ تَقْنَطُوا مِنْ رَحْمَةِ اللهِ'، تُرهي اِنَ تَريج،
حَبيباڻي هيج، پَسينِ مُنهِن ميهارَ جو.

(سهڻي، ۱ ـ ۲۱)

(۵)

گهَڙو پَڳو تہ گهوريو، تان ڪي تَرُ، هَنيان!
اَدَبُ اَڪَڙِينِ ڪي، ڏيهاڻي ڏِيان،
ميهارَنِ مِيان، سَنئون سُونهايُرُ پيچرو.

(سهڻي، ۱ ـ ۲۰)

(۶)

گهَڙو پَڳو تہ گهوريو، پاڻان هو حِجابُ،
واجِٽُ وِجي وُجُودَ ۾، رهيو رُوحَ رَبابُ،
ساهَڙَ رِيءَ صَوابُ، آئُون گهٽو ئي گهورِيان.

(سهڻي، ۱ ـ ۱۹)

(۷)

گهَڙو پَڳو تہ گهوريو، مَرُ پيڙَ ٿئي ٻانهين،
'طالِبُ المَولِيٰ مُذَڪَرُ'، اِيَ پَرِ اَسانهين،
پُٺان مَ پاهِين، مُون ميهارُ مَنَ ۾.

(سهڻي، ۱ ـ ۱۸)

(۸)

گهَڙو پَڳو تہ گهورِيو، مَرُ چُورُ ٿئي چُوڙو،
'طالِبُ المولِيٰ مُذَڪَّرُ'، اِيُ ٻُڌَندنِ ٻوڙو،
ڪوڙهيو ڏَمُ ڪُوڙو، مُون ميهارُ مَنَ ۾.

(سهڻي، ۱ ـ ۱۷)

(۹)

گهَڙو پَڳو، مُنڊ مُئي، وَسيلا وِيا،
تِنهان پوءِ سُئا، سُهڻيءَ سَڏَ ميهارَ جا.

(سهڻي، ۱ ـ ۲۳)

(۱۰)

گهَڙو پَڳو، مُنڊ مُئي، ويا وَسيلا،
سارَ ڇَڏيائين سِيرَ ۾، هَيْ! رهيا حِيلا،
سُهڻيءَ جا سِيلا! وَحدَتَ سِپ وِجائيا.

(سهڻي، ۱ ـ ۲۲)

(۱۱)

گهَڙيا سي چَڙهيا، اِئين آٿيئي،
مَئي مَٿي مهرانَ ۾، پئُ ٽپو ڏيئي،
تہ ميهارُ مليئي، سَنپوڙو سيٽاهَ سين.

(سهڻي، ۵ ـ ۴)

Gul Hayat Institute

(٢٤)

گھوڙو گھوٽ پلاڻيو، مَٿس زينَ ڌري،
عَلي شيرُ پُٽَنِ کي، اُيو سَڌَّ ڪَري،
قَضا ڪِيئَن ٽَري، جِئَن اَمُرُ اِلاهي آئِيو.
(ڪيڏارو، ٣ ـ ٨)

(٢٥)

گھيڙان ڪَري نہ گھورَ، تَڙُ تَڪَڙ ڪان نہ لَهي،
جنهن کي سِڪَ ساهَڙ جي، پُورَنِ مٿي پورَ،
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمَنِ ڪِي وَهلُورَ،
جنهن کي ساڻُ پِريان جا سوُرَ، تنهنکي نَدِي ناهِ نگاهَ ۾.
(سهڻي، ٣ ـ ٢)

(٢٦)

گھيڙَ لَنگھيو گھاري، مِيثاقان ميهارَ ڏي،
اَلَسْتُ بِرَبِّکُمْ؟ قَالُوا بَليٰ، پَرِ اِها پاري،
ڏِسيو ڏيکاري، پِرتِ پِريان جو پيچِرو.
(سهڻي، ٦ ـ ٣)

## وائي-١

گُھمان جالَ جَبَلُ، مِيان! جيڏِيُون! جانِبَ جَتَ لَءِ.
ڏورِينديِسِ ۾ ڏُونگَرين، ڪنديِسِ آئُون اُڇَلُ،
هيڏِي شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾، رَهان نا هِڪُ پَلُ،
پُنهون پانَ نہ وَڃِڻو، ڪو مُنهين ۾ وَلُ،
اوڏِي ٿي، عَبدُاللّطِيفُ چئي، هوتَ ڪارَڻِ هَلُ.
(ديسي، ٦ ـ وائي ٢)

(٣٩)

لَڳِم ٻاڻُ ٻروچَ جو، اَمڙ! پَلِ مَ مُون،
سَڀِ رَڳينديَسِ رَتَ سين، ڪيچان اوري پُون،
مادَرِ! مَٿان مُون، لَڪَنِ لوڙُون لائِيُون.

(حسيني، ٦ - ١٥)

(٤٠)

لَڳِم ٻاڻُ ٻروچَ جو، ڪَرَها ٿِيا قَضاڪَ!
اَهڪِي جا اُنَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ!
اَڪَٽِيَنِ خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهِيَنِ جو.

(حسيني، ٦ - ١٤)

(٤١)

لَڳِي اُتَرَ اوهِريا، واهُوندي وَرَنِ،
آئُون گهٽوئِي گهوريان، سَؤدو ساموندين،
اَڳَنِ جن اَچن، عِيدَ وَرتِي اُنِ ڪي.

(ساموندي، ٢ - ٩)

(٤٢)

لَڳِي اُتَرَ هِيرَ، ساموندين سَڙهَ سَنباهِيا،
نَنگَرَ ڪٽي ناڪُئا، ٿِيا سَٽاوا سِيرَ،
هِنئَڙي نِتُ اُڪِيرَ، ڪاري ڪيڙائُنِ جي.

(ساموندي، ٢ - ٨)

(٤٣)

لَڳِي ڪوسو واءُ، لوڪُ مَڙوئِي لَهَسِيو،
اُيَنِ منجهان آئيو، هَيءِ! هَيءِ!' جو هُڳاءُ،
طيُورَنِ تَنواريو، پُنهونءَ پُڄاڻاءُ،
رَسيو سُوز شبانَ ڪي، وُحوشَنِ وَتاءُ،
مِروئَنِ موتُ قبُوليو، اَپَرِ اَفسوساءُ،
بَرَ پَنِ ڪَنِ ٻَڪاءُ، اُڪَنديا آريءَ لَءِ گهڻو.

(سسئي آبري، ١ - ١١)

(٤٤)

لَڳِي لاڳاپِي، پوري مُنڌَ پَنهِوارَ جي،
پِرِين وِڃايو تي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

(حسيني، ٣ - ٨)

(٤٥)

لَڳِي مُون ڪي لُوهَ، وِرهَ واٽُون لائِيُون،
راڙُ جنهن سين رُوحَ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِيو.

(حسيني، ٢ - ٥)

(٤٦)

لَڳِيءَ جو، لَطِيفُ چئِي، نہ ڪو قال نہ قِيلُ،
لِڪَئي لامُون ڪوڙِيُون، نيٽين وَهي نِيرُ،
هِنئَڙا! ٿِيُ سُڌِيرُ، ڪالهہ قَرِيبَنِ لَڏِيو.

(بروو سنڌي، ١ - ٨)

(٤٧)

لَنڪا لَنڪا ڪَنِ، لَيءِ لَنڪا جي اوهِريا،
سُٽِي سونُ لَنڪا جو، سُڪُ نہ ساموندين،
پِرهَ پَڳهَ چوڙِيا، ڪاري ڪيڙائُنِ،
وَڏي ياڳ پِڙَنِ، جي ڪَهيا ڪارُونڀار ڏي.

(ساموندي، ٣ - ١٠)

(٤٨)

لنگُ ڪَڍيائُون لانگَ، موتِي ڪَنِ نہ مَسَحُو،
جا اِسلامان اَڳِي هُئِي، سا سُئائُون ٻانگَ،
سامِي ڇَڏي سانگَ، گڏيا گورَکناٿَ ڪي.

(رامڪلي، ٧ - ١٥)

(٤٩)

لَنگهہ لاهُوتان، ڪاپَڙي! ڏُونهين ڪا مَ ڏُکاءِ،
اوري ڪَر مَ آسرو، پَري پيرُ مَ پاءِ،
جِنِ جي جاءِ نہ ماءِ، وَنءِ تِنين سين واڳيو.

(رامڪلي، ٩ - ٣٢)

Gul Hayat Institute

## وائي-١

لالَنُ آيـڙو پيهي، ويڙا سُورَ سِپيئي،
جَتَس! جيئَس! وو! جيڏيُون! مُنهنجو لالَنُ آيو پيهي.
ڳالهيُون ڪَنديَسِ ڳُجهيون، مُنهن مُقابِلِ ويهي،
ڪَٿُوريءَ بارُ پَري، آيو ڏُونگَرَ ڏيهي،
سَرڪَشي سَردارَ سين، مُون ڪَميٽيءَ ڪيهي؟
هُئي شِڪَستي سَنُئي، رازَ پُنهونءَ جي ريهي،
اَڊِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، سَجَڻُ آيَمِ سيئي.
(ديسي،٢ ـ وائي)

## وائي-٢

لائِي جا وَرَنَ ڪي، سا ڪانڌَ! مُنهنجي ڪورا.
ماءُ! مارِيندَمِ ڪَڌهين، هِنَ پِرينءَ جا هورا.
اَچِن پِرين پَـڪيا، ڪَرَ باپيهو جِتَن مورا.
سيٽين سرڪَندُ سَپجي، پِيو عَطَرَ پِرين اَتورا،
چِپَرُ ڪَتُوري ٿِيو، بِي تازي قُلَنِ قورا.
اَلا! عَبدُاللّطِيفَ ڪي، سانوَلَ ميڙِ سَنيُوڙا.
(ڏهر،١ ـ وائي)

## وائي-٣

لَڙڪي لَنءُ نہ سُجاتو، راند پانيائين رازَ ڪي،
اَنڌو اُلُو هيَتَ ڪان، آهي اِيُ اُماتو،
صُباحَ سو نہ شُمارَ ۾، ليکيان جو اَڄَ لاتو،
پِيِيس ڪاڻِ ڪَريمَ سين، تِيُس نِمُرودي ناتو.
(سهڻي، ابيات متفرقه ـ وائي٣)

## وائي-٤

لکَ سِيئَن لَلو پَتو، ڪُوڙي راند، ڪُوڙو چِتڪو.
لَنيو جِتَن لامين چڙهين، ڪَريو، ڪارايَلَ! ڪَتڪو،
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئو، شَهبازَ جو سَتڪو؟
(ڪارايل،٢ ـ وائي)

## وائي-٥

لَڳَڙي آهي لَغارَ، وو! يار! لُنءَ لُنءَ ۾ لالَنَ جي:
سَنڌُ سَنڌُ ۾ ساجَنَ جي.
آتُون سُتي، هُو هَليا، سَنجهي ٽيڙا سُوارَ،
جيڪي اورڻُ پرينءَ سين، جيڪي پرينءَ پَچارَ،
ڪوءِ سي جِتَنُ ڏِينهَڙا، جي پَونِ پِريَنئان ڏارَ!
لَڳِي آهي، نہ لَهي، سَندي عِشقَ پَچارَ،
گهٽو اُڪنڊي آهيان، تن جَتَنِ جي جنسارَ،
گڏي ويندِيَس گَسَ ۾، ڪاڪِيُون! ساڻُ قَطارَ،
ميخُون مُحَبَتَ سَندِيُون، هنئڙي منجهہ هَزارَ،
ڪانگَنِ قَطارُون ڪِيُون، چُڪيءَ ڪي چوڏارَ،
آتُون نِماڻي نِڪَتي، دَمِ تُون، دِلدارَ!
(ديسي،٧ ـ وائي١)

## وائي-٦

لَڳو مَنجهہ لَڪَنِ، آيَلِ! تازو پيرُ پُنهونءَ جو.
نہ ڪنهن واءَ وِجائيو، جهورِيو تان نہ جهڪَنِ،
ڪَہ ڪَٿُوريان اَڳَري، هاٿي جا هوتَنِ،
بورائو بَـرَن جو، رِڙهيو منجهہ رَندَن،
لُطِفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي، ڪندو وَرِ وِلَهنَ.
(حسيني،٣ ـ وائي)

## وائي-٧

لوئيءَ ۾ لاتُون، مُون ماروءَ سين لَڏيُون.
سونَ بَرابَر سَڳِڙا، پانهُن پَڏاتُون،
سو ڪَئَن پَٽُ پَرِهيان، سُومرا! گهورِيو عُمَرَ جو! آتُون!؟
ڪاڄُ ڪَـتيرِيُن سَفرو، سَگُرُ ۽ ساٿُون،
ساڪئَن ڪلَئي ڪارِڪُون، جنهن ڪي ڏؤنراڏيڄ ڏِنلُون؟
ڪہ، مانڌاٿو، مَڪتي، ڦُوتُ جنين جو ساٿُون
عُمَرُ تي جورَ ڪَري، جيلانہ راجو اَڳاهُون.
(مارئي،٣ ـ وائي)

Gul Hayat Institute

## م

(١)

ماتِ مارِينديَءِ پرينءَ جي، مَچُڻ، رُئِين رَتُ!
چورِي! چِڏِ مَ سَتُ، هِمَتَ هوتُ وڃائِيو.
(حسيني، ١٢ ـ ١٥)

(٢)

مارِ مَ مُطِيعَ کي، مَجُوسيءَ کي مارِ،
وَڏي جَنگِ مَ وِسارِ، نَندِيان نَفعو ناهِ کو.
(بلاول، ٣ ـ ٢)

(٣)

مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، ڏوئي مَرُ مَران!
پاٽِي واري پانهنجو، وينديائِي وَران!
ٿورو مَنجِهه ٿران، هُند لَڳي لوٽَڙيارِيين!
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ١٠)

(٤)

مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، هَميشه هُئان!
پيرين تَنهِن پِئان، نَيَ وِهاٽيءَ نُورَ سين.
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ١١)

(٥)

مارُئي ناهِ مَلِرَ ۾، نَکا وَتِ هَمِيرَ،
پُنهُون کونهي کيچَ ۾، نَکي سَنڌُ اَمِيرَ،
مُومَل کانهِي ماڙِيين، گَنجي ناهِ فَقِيرُ،
وَرُ چَڏِيو واهَڙُ تري، ساهَڙُ مَنجِهه سَرِيرَ،
قُبَنِ کِينهَنِ پِيرَ، مُرِشِدَ مَساڻَنِ ۾.
(مارئي، ابيات متفرقه ـ ٣٠)

(٦)

مارِي، مَرِين شالَ! ڍَبَ وَڃنئِي ڍِبِيُون،
جِئَن تو اَچِي کالَ، وِڌو وِچُ وِرهَنِ کي.
(ڏهر، ٤ ـ ١٩)

(٧)

مارِيو جي مَعذُورِ، تہ هيکاري هورُ لَهي،
ساڄَنَ! اَهِنجي سُورِ، کِينَ جِئان ٿي، کيچِيا!
(حسيني، ٩ ـ ١٧)

(٨)

ماڙهُو ڏيئِي مِهٽا، مُون کي کَندا کوهُ؟
جنهن چوريءَ ۾ چوه، سا پِٽُون ٽِيندي پيرَ تي.
(معذوري، ٥ ـ ١٤)

(٩)

ماڙهُو گهُرَن مالُ، آئُون سَڀِ ڏِينهَن گهُران سُپرِين،
دُنِيا تَنهن دوسِتَ تان، فِدا کَرِيان فِي الحالُ،
کَيَسِ نامَ نهالُ، پَسَڻُ تان پَرِي ٿِيو.
(بروو سنڌي، ١ ـ ١٤)

(١٠)

ماڙيُنِ مارِيُسِ کِينَ کي، مُيَسِ مارُنِ لاءِ،
کَرَ لَهَندا کَڏهِين؟ مُنهِنجي اَچي، ماءِ!
سانپِيَڙَنِ سَداءِ، وينو واجَهه وِجهي هِنئُون.
(مارئي، ٤ ـ ١٤)

(١١)

ماکَ پجايَنِ مولهيا، مَٿان راتِ پَئِي،
اوِلِيُون اَوجَهڻَ لَڳِيُون، وِيا وَنجَهه وَهِي،
کَلاچِيان کَهِي، کَڏهِن کونَ آئِيو.
(گهاتو، ١ ـ ٢)

(١٢)

ماگِهين جي مُئي، تہ هُوندَ نہ پيئي مامِري،
چَڏيو جي کُهي، تہ هيکاري هورُ لَهي.
(حسيني، ١٢ ـ ١٩)

Gul Hayat Institute

(٢٥)

ماءِ! وِهاڻو وارِ، ڪَنُ پـٽراڻي پانهنجي،
جيڪي ڏِنُءِ ڏيجَ ۾، سو سَيوئي سارِ،
وَجان ٿي وَڻڪارِ، ڏِنُم پيرُ پُنهونءَ جو.

(حسيني، ۵ _ ۴)

(٢٦)

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون پِي مَرُ،
تنهنجو ڏوسُ ڏمرُ، ڪونَ سهندو اِن ري!

(يمن ڪلياڻ، ۴ _ ١۵)

(٢٧)

مَتارا مري ويا، موڪي! تون نہ مَرِين!
ڪيهِيءَ پَرِ پَرِين، ڏِکِي! ڏاتارن ريَ؟

(يمن ڪلياڻ، ۴ _ ١۴)

(٢٨)

مَتان ٿِئين مَلوُرُ، ڪِينَ اَڳاهُون آهِيان،
ڏِسَڻَ ۾ ڪَرَ ڏوُرُ، حَدَ بِنِين جِي هيڪِڙِي.

(حسيني، ١٠ _ ٢۴)

(٢٩)

مَتان ڪا، بَـڙِي! بولَ باروچي وِسَهي،
هُوندَ نہ سُتِيَسِ، سَرَتِيوُن! ويهِي رَهِيَسِ وَڙِي،
جَتَ پَنهنجي جوُءِ ۾، گهارِين مانَ گهَڙِي!
ڪيچِيُنِ آئُون نہ ڪَڙِي، ڪنهن ڏُکِيءَ ڏاوڻُ ڏِئيو.

(ديسي، ٧ _ ١٣)

(٣٠)

مَتان گِهڙِين، سُهڻي! اَجُ دَرِياهَ ۾ دَمُ،
ڪاريءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، ڪهڙو اَٿيئي ڪَمُ؟
مَتان جاڳي ڏَمُ، پُڇي پاڙي وارِيُون.

(سهڻي، ابيات متفرقہ _ ٦)

(٣١)

مَتان، مُنِي! چِڏِئين، پاڻان پِرِيتَڙو،
ڪَتوُرِيءَ ڪَڻو، مَڙهي مَڙهج مُنهنَ ۾.

(سسئي آبري، ٣ _ ١٨)

(٣٢)

مَتان، مُنِي! چَڏِئين، پِرِيتڙو پاڻا،
چاپَنِ جنَن چاڻا، تون پڻ هوئِج تن جنَن.

(سسئي آبري، ٣ _ ١٧)

(٣٣)

مَتو آهِين، مَڇَ! ٿُلهو تو ٿوُنا هَٽِين،
جا تو ڏِٺِي اَڄَ، تَنهِن پاڻِيءَ پُنا ڏِينهَڙا.

(ڏهر، ١ _ ١۴)

(٣۴)

مَتا موُءِ تِيانِ، سَدا سُوئِيتا ڪاپَـڙِي،
ڪوٺي ڪَنهِن نہ پُڇِيا، ڪِي اَندَرِ اَندوهِيانِ،
جيڪا چَمارانِ، سا مَنجهِ گُوندَرَ گُذِرِي.

(رامڪلي، ٦ _ ۴)

(٣۵)

مَٿان جِيُ جَتَنِ، گهورِيو، گهوري سَسُئي،
پازي جي پُنهونءَ جا، ڪارُون ڪَري تَنِ،
ڪيچِ مَتان ڪا ڪَنِ، بي شُڪِري پَنهورَ جي.

(حسيني، ٩ _ ٢٣)

(٣٦)

مَٿان مَنَهن مُنهنجي، ڪَنهِن اُڏايو ڪانءُ؟
ڳِنهي آيو ڳالهڙي، سَندي سُپِيرِيانءُ،
جيڏِيُون! جاڙ ڪِئانءُ؟ سُئُمِ هُوندَ سَنيهَڙو.

(پورب، ١ _ ١١)

(٣٧)

مَتِن ٹُبڪَ ٹُبڪَڙا، چڪندَڙا اَچِن،
ڪُڙيون ڪيہ پڪُلِيون، پَگهُرُ سِرِ پيرَن،
اِي وَڙَ ويڙيچَنِ، مُون لوڏان ئي لَڪِيا.
(مارئي، ٧ ـ ٨)

(٣٨)

"مَتو مَتائين گهوريان، مَتو تو مَتان،
سو مُون تِئي نہ هَٿان، جَنهن تُون لائِقُ، مَگَٿا!"
(سورٺ، ٣ ـ ٩)

(٣٩)

"مَتو مَتائين گهوريان، مَتو تو مَتاءِ،
هَڏو هِيُ هَٿَ ڪَري، جاچَڪَ! وَهِلو جاءِ،
تُون سين اَنيراءِ، جِمَ واچا ۾ وِلهو وَهين".
(سورٺ، ٣ ـ ١٠)

(٤٠)

"مَتو مورِ نہ پاڙيان، تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ،
سَرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪِي، موٺُ مَ، مَگَٿهارَ!
ڪِنهي مَنجِهہ ڪَپارَ، لَڳيندو تو لاهيان".
(سورٺ، ٣ ـ ١١)

(٤١)

"مَتي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙين هُونِ ڪَپارَ،
تہ واريو واريو وَڍِيان، سِسيءَ ڪي سَوَ وارَ،
تہ پڻ تَندُ تَنوارَ، مُوهان مَتائُون، مَگَٿا!"
(سورٺ، ٣ ـ ١٢)

(٤٢)

"مَتي اُتي مُنهنجي، جي هُوا سِرَنِ سَوَ هَزارَ،
تہ تُنهنجيءَ تَندُ تَنوارَ، هَرَ هَرَ وَڍِيمِ هيڪڙو".
(سورٺ، ٣ ـ ١٣)

(٤٣)

مَتيان مَتي مَڇُ، بَرِيمِ پاروچَنِ جو،
مُون ڪي طَعنا تي ڏِئين، جَنَ نہ پَروڙِئين سَچُ،
اَمڙ! اوري اَچُ، تہ سَٽ سُٽايَنءِ سُوَرَ جِي.
(حسيني، ٢ ـ ٢)

(٤٤)

مَتي تَرَ رَهي، وِيا گُڏاري ڏِينهَڙا،
ڪَڏهِن ڪونَ آيو، تَنِ پَنوهارَنِ پَهي،
وِيڙا سي وَهي، جَنبُ گُڏارِيُمِ جَن سين!
(مارئي، ٩ ـ ١١)

(٤٥)

مَتي راهَ رَوان تِيا، پُورَب پُورِيائُون،
هِي گَهُرُ گهورِيائُون، آڳانڊِيائُون اَڳيان.
(پورب، ٢ ـ ٨)

(٤٦)

مَتي مَنجهان مِينهُن، پَسو! پاٽِيءَ جَنَ وَهي،
مُون يانيو نِينهُن، ڇِپيُون چيري سَندِيُون.
(حسيني، ٢ ـ ٣)

(٤٧)

مَتي واٽَڙِيَن، نيڻَ نِهارا مُون ڪَيا،
اِيندا مانَ پَسَنِ، مَتان سَگَرَ سُپرِين.
(ڏهر، ٢ ـ ٩)

(٤٨)

مَتايان مِنو گهٽو، ڪَڙو ناهِ ڪَلامُ،
سُڪُوتُ ئي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.
(ڪليات، ٣ ـ ١٠)

(٤٩)

مُٽَ مُٽَ سُورَن سَپِڪَنهين، مُون وَٽِ وَٿاڻ،
پَرِيُون ڪيو پُٽانِ، وِيا وِهائُو نِڪري.
(حسيني، ٦ ـ ٣١)

Gul Hayat Institute

(۷۴)

مَحلين آيو مَگڻو، ڪَڻي ساز سِري،
لَڱِي تَندُ تُنبيرَ جي، پيا ڪوٺَ ڪَري،
هَنڌين ماڳين هوءِ تي، تُنهنجي ٻيجَلَ! دانهَن ٻُري،
سَبِي تَنهن سُلطانَ ڪان، اَڇي گهوٺَ گهُري،
جُهونا ڳُرَّهَ جُهري، پُوندي جهانءِ جهروڪَ ۾.
(سورٺ، ۳ ـ ۴)

(۷۵)

مَحلين ماندِي مارُئِي، ڏٺيمِ مُنهَن مَلُورَ،
اَٽيا سَٽِيا نہ ڪَري، سُونُهَن وڃايَسِ سُورَ،
پِيَسِ لوهَ لَطيفُ چئي، لَٿَسِ ڪَوڏَ ڪَپُورَ،
چِٽَ جنين جا چُورَ، سي مَڪي مَرڪُ نہ ڪَندِيُون.
(مارئي، ۴ ـ ۷)

(۷۶)

مَدِيني جا ڄامَ! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
آهيان تُنهنجي سامَ، سِگهو رَسِج سِيرَ ۾.
(ڏهر، ۲ ـ ۶)

(۷۷)

مَدِيني جا ڏَٽي! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
تُنهنجي آهِ تَٽي، ٻي ڪَندي سارِيان ڪانَ ڪا.
(ڏهر، ۲ ـ ۲)

(۷۸)

مَدِيني جا شاهَ، سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
ڪارَڻِ لَڳِ اَللهَ، سِگهو رَسِج سُپِرين!
(ڏهر، ۲ ـ ۴)

(۷۹)

مَدِيني جا شيرَ! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
يَرِ مُبارَڪَ پيرَ، عاصي تُنهنجي آسِري.
(ڏهر، ۲ ـ ۵)

(۸۰)

مَدِيني جا گهوٽَ! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
ڪَج، مُحَمَّدَ! موٽَ، عاصي تُنهنجي آسِري.
(ڏهر، ۲ ـ ۳)

(۸۱)

مَدِيني جا مِيرَ! سُڻُ مُنهنجا سَڏڙا،
سَرَڻِ تُنهنجِيءَ سِيرَ، تُون پارِ لَنگهائِيين پيرڙا.
(ڏهر، ۲ ـ ۱)

(۸۲)

مَران، مَٿو پِٽِيان، نِهارِيان نيٽان،
سُخَنَ جي سَندانِ، آئُون نہ جَڻَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ۱ ـ ۵)

(۸۳)

مَرُ تہ آئِين، مَگڻا! مامَ پَرُوڙِي مُون،
جيڪا ڳاهَ ڳالهائِيين، سا سَڀِ سَمجهيسُون،
تَنهن ۾ تُسِج تُون، جيڪِي پَرِيئِي پَٽَ ۾.
(سورٺ، ۴ ـ ۱)

(۸۴)

مَرُ تہ موچارِي ٿِئين، اَڄَلان اَڳي اَڄُ،
جان ڪي هُئين جِٽَري، تہ مُنڊا! پَنِيورانِ پَڄُ،
پُنهونءَ سانڱُ پَهَڄُ، تہ مَلَڪَ اَلمُوتُ ماٽِئين.
(معذوري، ۴ ـ ۲)

(۸۵)

مَرُ تہ موچارِي ٿِئين، جِتَنُ آڏو جَتَ،
هارِي! ڪَرِ هَمتَ، تہ ڏيئِي دَمُ دوسُ لَهِين.
(معذوري، ۴ ـ ۳)

(۸۶)

مَرُ تہ موچارِي ٿِئين، وِيهي جِيُ مَ، جوءِ!
مُنڊا! مَرَٽان پوءِ، پَڇهَندِينءَ پُنهونءَ کي.
(معذوري، ۴ ـ ۵)

Gul Hayat Institute

(۸۷)

مَرُ تہ موچاري ٿئين، ويھي وجھہ مَ ويرُ،
دل ۾ آڻ مَ دورُ تُون، قُرِنَ سَندو قيرُ،
تَوڻي لَھِين نہ پيرُ، توءِ راحَت آھِ رِڙھَڻَ ۾.
(معذوري، ۴ ـ ۴)

(۸۸)

مَرج وَڻ ميھارَ، متان موتِين، سُھڻي!
ساھَڙَ جا سِينگارَ، متان ڏَمَ ڏيکارِئين.
(سھڻي، ۹ ـ ۴)

(۸۹)

مَرُ، مَٽا ڏيئي، پُنھونءَ کارڻ پَٻ ۾،
تہ سَرَتِيُون سِپِيئِي، واکاڻِينِئِي وِيٺِيُون.
(حسيني، ۹ ـ ۲۱)

(۹۰)

مَرُ مَرِين، آئُون رُئَنءِ! موتِي آءُ مَ، کانڊَ!
ڪچِن وَڏا پاندَ، جِتَنَ تورا ڏِينھَڙا.
(کيڏارو، ۳ ـ ۱۵)

(۹۱)

مَرُ مَرِين، آئُون رُئَنءِ! موتي، کانڊَ! مَ آءُ،
مَڃُڻ تو پُٺاءُ، ڪچا کَنِمِ جيڏِيُون.
(کيڏارو، ۳ ـ ۱۶)

(۹۲)

مَرڻان اڳي جي مُئا، سي مَري ٿِيَنِ نہ مات،
هوندا سي حَيات، جِتان اڳي جي جِئا.
(معذوري، ۴ ـ ۷)

(۹۳)

مَرِنَ مُسَلَّمُ جِن، واحِدُ تِـن نہ وسري،
مَٿي سَگُرَ ڪاپَڙي، کا نانگا نندَ نہ کَن،
نيڻَ سَدائين تِـنِ، اوجاڳَنِ اُجارِيا.
(رامڪلي، ۹ ـ ۱۸)

(۹۴)

مَرُ هيڪاندا هُون پرين، سانگِ مَ وڃن سيڻَ!
رهيا آهين روحَ ۾، نَٽُ جنين جا نيڻَ،
وِماسيا جن ويڻَ، تو تارِيءَ تَکي تِـنِ هِنئون.
(ڪنيات، ۱ ـ ۴)

(۹۵)

مَري تان مَ ميھارُ، وِٿانُ وِلَهو مَ ٿئي،
وَچِن جي وَچارَ جو، ونگو ٿئي مَ وارُ،
ساھَڙُ مُون سِينگارُ، ماٺُهن ليکي مِھٽو.
(سھڻي، ۴ ـ ۱۸)

(۹۶)

مَري ٿِينديِسِ مُڃَ، جَتَنِ کارڻَ، جيڏِيُون!
کَري ڪوهِيارو سُڃَ، ويو ڇُلائي ڇپرين.
(حسيني، ۱ ـ ۱۲)

(۹۷)

مَري، جيُ، تہ ماٽئين، جانبَ جو جمالُ،
ٿئين هوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائي پارِئين.
(معذوري، ۴ ـ ۱)

(۹۸)

مَڙي مُندَ ڏي آئِيُون، ساهيڙيُون سَهجان،
'اَلسَّفَرُ قِطعَةٌ مِّنَ النّارِ'، هاري! موٺُ هتان،
سَگَ 'صِراطَ المُستَقِيمَ' جو، اَٿيئِي تان اَگِيان،
سي ڪيچِي نينڊءِ ڪِيان؟ تُنهنجو نينهن نفاق سين.
(ديسي، ۲ ـ ۲)

(۹۹)

مزمانَنِ مَهري، آٽي جهوڪيا جهوڪَ ۾،
چاڻي چنبَنِ ۾ وِيا، جئن بازُ سَٽي بَحري،
ڪوهِيارو قَهري، وِيو نِهوڙي نِندَ ۾!
(ديسي، ۳ ـ ۱۳)

Gul Hayat Institute

(١٠٠)

مُسافِرنئُون، ماءِ! وِرهُ وهايُمِ وِتَرو،
اَچي تَيِمِ اوچتي، تن سانگِيَنِ سين ساڄاءِ،
جيجان! جَهل مَ پاءِ، هِنئُون هوتَ هَٽي وِيا!

*(حسيني، ٥ ـ ٧)*

(١٠١)

مَ سَپِني مارُئي! مُئِي! مَ جائِي!
جنهن اَچي اَمَرڪوٽَ ۾، لوئي لَجائِي!
جا سانگِيَنِ سِيڏائِي، سا ڪِينَ مَرڪي مارُيِين!

*(مارُئي، ٦ ـ ٨)*

(١٠٢)

مُسَنِ مُنهَن سَنرا، ڪَريا گهٽو ڪلَنِ،
سي تان وِسرِيَنِ، آيا جن ڪَمَنِ لَءِ.

*(ڏهر، ٣ ـ ١٩)*

(١٠٣)

مَ ڪَرِ ڍولَ! ڍِلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪَميڻيءَ جو، بِگَرِ تو بلو،
تُنهنجو نانءُ نِلو، وَنِيو ويٺي آهِيان.

*(ڏهر، ٢ ـ ٢٢)*

(١٠٤)

مَ ڪَرِ سَڏَ سَري جي، جي تون تارئين تَوَهُ،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رَڳُنِ روحُ،
ڪاتي چَڪُ ڪَڪوهُ، لاهي سِرُ، لطيف چئي.

*(ڪليان، ٢ ـ ٢٢)*

(١٠٥)

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙِ ڪي، مَ ڪِي ڪَرِ داهُون:
سُتي لوڪَ، لَطِيفُ چئِي، پيئي ڪَٽَج بانهُون،
لَڏيءِ جِتِ لاٿُون، سو ڏيهُ پَسنديِنءَ مارُئي!

*(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ٥٢)*

(١٠٦)

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙِ ڪِي، مَ ڪِي ڪَرِ ڪِيهُون:
اُني اَچِنِ اُتَهِين، وانڍِنِ جُون ويهُون،
ميڙِيندوءِ مِيُون، مِينهين اُنِين، مارُئي!

*(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ٥٣)*

(١٠٧)

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙِ ڪِي، مَ ڪِي هَنجُون هارِ:
جهڙا اَچِن ڏِينهڙا، تهڙا ويٺي گهارِ،
ڏُکَن پُنيان سُکڙا، سِگها تِيَنِ، سَنگهارِ!
لَٿا لوهَ، لَطِيفُ چئِي، پَرُوڙِج، پَنوَهارِ!
بيڙِيُون نيئي بارِ، تو تان بَندُ بِدا ٿِيو.

*(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ٥١)*

(١٠٨)

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙِ ڪِي، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ:
توتان بَندُ بِدا ٿِيو، بيڙِيُون نيئي بارِ،
پَهُچَنديِنءَ، پَنوَهارِ! سِگهي سَنگهارَنِ ڪي.

*(مارُئي، ابيات متفرقه ـ ٥٠)*

(١٠٩)

مَ ڪِي هيج مَ هوج: تَرسُ مَ، تاڻَ جهازَ ڪي،
چَوُ ڪَلمو مُحَمَّدَ تي، تہ اَڳِيان اچيئي اوجَ،
سُهڪيءَ ڀِتِ، سَوجها! تُنهنجي مَڪي ڍُڪي مَڪڙِي.

*(سريراڳ، ٦ ـ ١٠)*

(١١٠)

مَڱُ تَنهِين ڪان، مَڱٽا! جو ڏيهاڙِي تو ڏِئي،
ڪُوڙا دَرَ دُنيا جا، جاچِڪَ! مَڱِين جي،
سُپان توهين ڪي، موتِي ڏيندا مُنهَن ۾.

*(پرياتي، ١ ـ ١٩)*

Gul Hayat Institute

(١١١)

مَگَ نہ تُسي مَگَڻو، نہ مِلڪَ نہ مالِ،
ڏاتَئُون ڏورِ ٿئي، ڪا جا ڳِنس ڳالِ!
آهي اِنَ خيالِ، تہ ڏيني ٿِيان ڏاتارَ سين.
(سورٺ، ٢ ـ ١٣)

(١١٢)

مَگَ نہ جهلِيان مُورِهين، نہ مُون پَنڌُ پَري،
ڳَٽِي آيسِ ڳالهڙِي، ڳُجهي تو ڳَري،
سا سَمجِهج، سورَٺِ وَرَا! وينڌُسِ ڪِينَ وَري،
پَرِيان پيرَ پَري، تولَءِ آئِيو آهِيان.
(سورٺ، ٢ ـ ١٢)

(١١٣)

مُلاحِظو مَهرانَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءِ،
سامُونڊِي! سَنيالِ ڪي! سُمهڻَ آيُءِ ساءِ،
جاڳِي جَرَ مَٿاءِ، تاري وانءُ تَرازَ ڪي.
(سريراڳ، ٥ ـ ٦)

(١١٤)

مَ لَنئُن ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هَنئين چاڪَ،
ڦَٽِيُون جي فِراقَ، سي گهَرِ گهارِينديُون ڪيترو؟
(ڏهر، ٤ ـ ٨)

(١١٥)

مَ لَنئُن ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هَنئين سَلَ،
ڳوڙها مَٿي ڳَلَ، جِمَ وِهاٽيءَ وَهائِيين.
(ڏهر، ٤ ـ ٩)

(١١٦)

مُلهہ مَهانگو قَطرو، سڪَڻُ شَهادتَ،
اَسان عِبادتَ، نَظَرُ نازُ پِرِينَ جو.
(ڪلياڻ، ٢ ـ ٣٢)

(١١٧)

مَلِيران مارُو، پَڪِي پيهي آئِيو،
وَرِيا واهرُو، هاٺُو سَپِ هِيٺا ٿِيا.
(مارئي، ١١ ـ ١)

(١١٨)

مَنجهان پَنءُ پَرُوڙِ؛ سَپَ مَ پُڇج، سَسُئِي!
ويهي وَڏي ڏِڳَ مان، ڏٺِي وِجهج ڏوڙِ،
تہ تُون ماڻِئين مُوڙِ، جي پَنَدِ اِهائِي پارِئين.
(سسئي آبري، ٧ ـ ١٥)

(١١٩)

منجهان پيئِي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاٽِيءَ بوَند،
سيئِي ڏِٺمِ رُوند، وَڪَرُ جن وِجائِيو.
(سريراڳ، ١ ـ ١٥)

(١٢٠)

منجهان پيئِي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاٽِيءَ پڪَ،
وَڪَرُ هٽِي وَنڪَ، ڪنجِي ڪارو ٿِيو.
(سريراڳ، ١ ـ ١٤)

(١٢١)

مَنجهان مُنهنجي رُوحَ، جي وَجي ساڃَنُ وِسري،
تہ مَرُ لَڳِي لُوهَ، ٿَرَ ٻاپِيهو ٿِي مَران!
(حسيني، ٢ ـ ٤)

(١٢٢)

مَنجهہ مُحَبَتَ مَڃُ، ٻَهر ڏُوڏا ڏوڙِ سين،
ڇَڏِيائُون ڇَرَ لهِي، ڪُوڙِ، ڪُلڪَنُ، ڪَڃُ،
اَوَڳُڻَ اوڏا نہ ٿِيا، ڳُڻُ ڪيائُون ڳَڃُ،
جَڻَن سَڙَنِ، تِڻَن سَچُ، جَڻَن سَڙَن، تِڻَن سَنرا.
(رامڪلي، ٥ ـ ٨)

Gul Hayat Institute

(١٢٣)

مُندَ تِي مَندَلَ مَندِيا، آيو جُهڙُ جهاتِي،
هڪ اَرزان اَنُّ ٿِيو، ٻِيو مَکَڻُ مَنجهہ ماٽي،
ڪَلمي سين ڪاٽي، لَاثمِ ڪَسُ قُلُوبَ تان.
(سارنگ، ٣ ـ ٤)

(١٢٤)

مُندَ تِي مَندَلَ مَندِيا، تاڙي ڪِي تَنوارَ،
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ،
اَڄُ مُنهِنجي يارَ، وسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.
(سارنگ، ٣ ـ ٣)

(١٢٥)

مُندَ تِي مَندَلَ مَندِيا، ڪِي اوهيڙِنِ اوڪَ،
ڇاڇِرِ تِي ڇِنَنِ ۾، مينهِيُون چَرَنِ موڪَ،
سَرَهِيُون ٿِيُون سَنگهارِيُونَ، پوِيو پائِنِ طَوقَ،
ميها، ڇِيڙَ، ڦُنگيُون، جِتِ ٿِيَنِ سَپيئِي ٿوڪَ،
لاهِئين مَٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينهَڙا.
(سارنگ، ٣ ـ ٢)

(١٢٦)

مُنڌَ! مَ مَنَهن ويہُ، اُپِي اوسِرُ اُسَ ۾،
تو سيئِي سِينَڻَ ڪيا، ڏورِ جنِين جو ڏيہُ،
پاڙي پاڙي پيہُ، وَٹُ پُڇندِي پرينءَ ڪي.
(سسئي آبري، ابيات مُتفرق ـ ٨)

(١٢٧)

مُنڌَ نہ مَنجهان تِنِ، پَسِي لَڪَ لُڏِنِ جي،
جا پَرِ ڪاهوڙِينِ، سا پَرِ سِکِي سَسُئِي.
(سسئي آبري، ابيات متفرق ـ ٧)

(١٢٨)

مَنڌِيُون مَٿ گُڙَنِ، جهوڪَ ٻـ سُونهَنِ ڀهيَڙا،
سَنڌِي سَنگهارَنِ، جوءِ جِٺاري جَڏَڙين.
(ڏهر، ٤ ـ ٣١)

(١٢٩)

مُنُڪرَ ۽ نَڪِيرَ ڪي، جڏهن ڏِٺائِين،
اَڳيان اُٿِي اُنِ ڪي، پُنهون پُڇيائِين،
اَدا! اِٺائِين، ڪو وِيو ساٿُ سَڄَڻَ جو؟
(سسئي آبري، ٨ ـ ٩)

(١٣٠)

مَنَ مُرادُون پُنِيُون، ٻارِهين ڏِينهن ٻِئِي،
جوڳِي اِنَ جاٽا ڪي، ٿي سِکِيا سَپيئِي،
سَمانا سيئِي، جي گُرَ گَڏِجي آئِيا.
(رامڪلي، ٢ ـ ١٢)

(١٣١)

مُنهُن تہ آهيرِيان ئِي اُجِرو، قَلَبَ ۾ ڪارو،
ٻَهَران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ هَچارو،
اِنَ پَرِ ويچارو، ويجهو ناهِ وِصالَ سين.
(آسا، ٤ ـ ١٨)

(١٣٢)

مُنهُن تہ مُوسيٰ جَهِڙو، سِيرَتَ شَيطاني،
بازِي بيراني، ڪَدِي ڪوہُ نہ ڇَڏِئين؟
(آسا، ٤ ـ ١٧)

(١٣٣)

مُنهُن تہ مُوسيٰ جَهِڙو، عادَتَ ۾ اِبلِيسُ،
اَهڙو خامُ خَبِيثُ، ڪَدِي ڪوہُ نہ ڇَڏِئين؟
(آسا، ٤ ـ ١٦)

(١٣٤)

مِنهِن جنهنجي مُون، ڏٺو مُنهن ميهارَ جو،
آهيرِ ساهَ سڻُون، سو ڪيئَن گهڙو گهورِيان؟
(سهڻي، ١ ـ ١٦)

(۱۴۷)

مَٽيو ناهہ مَٽيُون، جو تُون پَسي هارُ هرڪئين،
اَصُل آهي اَڳهين، سَنديُون ڪُوڙ ڪَٽيُون،
اِنَ گهوڙَنِ هَنئي گهٽيُون، دوسَتِئان دُور ڪيون.

*(ليلا چنيسر، ۱ ـ ۸)*

(۱۴۸)

مَٽيو وِجهان مَڇَ ۾، هائيءَ هَٿان هارُ،
پِري جي پَتارُ، تہ ميريائي مانُ لَهان.

*(ليلا چنيسر، ۱ ـ ۲)*

(۱۴۹)

مَٽيو وجهان مَڇَ ۾، هائيءَ هَٿي هارُ،
سوپِي! سُکُ، سَيدُ چئي، ڪَرئين ڪوهُ قرارُ؟
راجا ريساٽو گهٽو، سَتاٽو سَردارُ،
چَوڏَسِ چَنَسَر جامَ جو، ڏيهان ڏيهِ ڌڪارُ،
نَاڪُرُ اَکِيِنِ نارُ، مَٽئي تي تِي مَٽئين!

*(ليلا چنيسر، ۱ ـ ۳)*

(۱۵۰)

موتَنَ جا مَذڪُورَ، جان ڪي چِيَسِ جيڏئين،
پَرِيتَ پَهرئين پُورَ، نيئي پَهچائِي پُنهونءَ کي.

*(سسئي آبري، ۴ ـ ۲۲)*

(۱۵۱)

موتَنَ جي مَصلحَتَ، مُون کي ڏيوم، جيڏيُون!
نهارِينديَس نِڪري، آريائي اَلبَتَ،
کَنديَسِ اوتَ، عيبَ جي، لَکَنِ ڏيئي لَتَ،
سَرتيُون! شريڪتَ، آئُون ڪيئَن اَگَنِ سين ڪَريان.

*(سسئي آبري، ۴ ـ ۲۳)*

(۱۵۲)

موتِي آيو مُنهَن ۾، سوديا! شَرمُ جَنِ،
سي لَجايُون لُجَنِ، پَسيو عيبَ اَڳيان.

*(مومل راڻو، ۸ ـ ۲۲)*

(۱۵۳)

موتِي مانداڻ جا، پَري ڪَيائِين پَرَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، ڪوڏا ڪَٽي ڪَرَ،
مينهيُون پاڻَ مُراديُون، تَڏا چَرَنِ تَرَ،
وَڏي اوهَ آئِيُون، پُنيءَ لائي قَرَ،
ساري آچِيو سامِهيُون، ڏِيَنِ سَنجهي کِيرَ سَحَرَ،
ساڻُ وانڍِنِ وَرَ، پَريُون پَرچِنَ جُون ڪيُون.

*(سارنگ، ۴ ـ ۱۵)*

(۱۵۴)

موتِي مانداڻ جي، پَري ڪَيائِين پيچَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، سارَنگُ چَڙهيو سيجَ،
تَنهن نُوريُون نَوازيُون، ڏيئي ڏُوٽا ڏيجَ،
بِجَ ڪَٽي پَٽِ هَليا، هاري مَنجهان هيجَ،
راضي مَنجهان ريجَ، عالَمُ سَڀُ آبادُ ٿِيو.

*(سارنگ، ۴ ـ ۱۳)*

(۱۵۵)

موتِي مانداڻ جي، جُڙِي ڪَيائِين جوڙَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، بِہِ بِہِ بَڏائُون بوڙَ،
اَنَنِ جا عالَمَ ۾، لَکين ٿِيا ڪوڙَ،
سارَنگَ لاٿِي سوڙَهہ، ساندَهہ سُهائو ٿِيو.

*(سارنگ، ۴ ـ ۱۴)*

(۱۵۶)

موتِي مانداڻ جي، واري ڪيائِين وارَ،
وِجُون وَسَنَ آئِيُون، چَوڏَسِ ۾ چوڌارَ،
ڪي اُتي وِيئِيُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٽيُون مَغرَبَ پارَ،
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرقَنديُن سارَ،
ڪي رَمِي وِيئِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندَارَ،
ڪي دَهلِيءَ، ڪي دکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ،

Gul Hayat Institute

(١٦٨)

مُومَلِ ويٺي ميندِرو، سَدائِين ساري،
وَلِيُون واسَ وَرَنِيُون، چانگي کي چاري،
جَڏهِن تَڏهِن سُپرين، اِيندُمِ اوتاري،
سوڍِي سين ساري، ڳالِهيُون ڪَندِيَسِ ڳُجَهہ جُون.
*(مومل راڻو، ٦ ــ ١٠)*

(١٦٩)

مون اُڀي تَڙَ پاسِ، پِرينِ پَکَہَ ڇوڙِيا،
هو اَلله هارَ اُهِريا، آئُون دَمِ دَمِ دُعا ڪَندياس،
آسَ نہ لاهِينِدياس، موتِي اَيندا مان ڳِري.
*(سامونڊي، ٣ ــ ٧)*

(١٧٠)

مُون اُڀي تَڙَ جَهلَ، پِرين پَکَہَ ڇوڙِيا،
ڪا مُونهِين ۾ اَلَ، ناتَ سَجَڻَ سَباجها گهڻو.
*(سامونڊي، ٣ ــ ٦)*

(١٧١)

مون اُڀي تَڙَ وَٽِ، پِرِيُنَ پَکَہَ ڇوڙِيا،
ڪا مُونهِين ۾ گهَٽِ، ناتَ سَجَڻَ سَباجها گهڻو.
*(سامونڊي، ٣ ــ ٤)*

(١٧٢)

مُون اُڀي تَڙَ هيٺ، پِرين پَکَہَ ڇوڙِيا،
ڪا مُونهِين ۾ ڏيٺِ، ناتَ سَجَڻَ سَباجها گهڻو.
*(سامونڊي، ٣ ــ ٥)*

(١٧٣)

مُونا جنِ مِحرابُ، جُسو جامِعَ تِــنِ جو،
قِبلي نُماءُ قَلَبُ ڪَري، تَنَ کي ڪَيائُون طَوافُ،
تَحَقِيقَ جي تَڪبِيرَ چِئِي، جِسمان ڪَيائُون جَوابُ،
تِــنِ کهڙو ڏوهُ حِسابُ، جن هِنئڙي هادِي حَلُ ٿِيو.
*(رامڪلي، ٥ ــ ٤)*

(١٧٤)

مُون اُڏارِيا مَڃَڙا، اَلله! گهاتُو آڻِ،
مِيان! مُدارَن سين، مُون کي، قادُرَ! وِجهہ مَ ڪاڻَ،
هَٽَ مُنهنجي هاڻِ، قَدُرُ لَڌو جِنِ ري.
*(گهاتو، ١ ــ ١٢)*

(١٧٥)

مُونا طُور سينا، سَندا سَناسِيُنِ،
پُورَبِ ڪَنيو نہ پاڻَ سين، بُودُ بِيراڳِيُنِ،
رِدا آهي رازَ جِي، اوچَڻُ آدِيسِيُنِ،
قُربُ ڪاپَڙِيُنِ، نَهَن چوٽِيءَ سيئَن ڏِڪِيو.
*(رامڪلي، ٥ ــ ٢)*

(١٧٦)

مُونا طُور سِينا، سَندا سَناسِيُنِ،
سِجدَہ ۾ سَيِّدُ چئي، گوڏا گودَڙِيَنِ،
”فَڪَانَ قَابَ قَـوُسَيَنِ اَوۡ اَدۡنيٰ“، ٿا نانگا لِئين نَمَنِ،
”ڪُلُّ مَنۡ عَلَيۡهَا فَانٍ“، باقي ڪِينَ بَچَنِ،
”اَللهُ وَلِيُّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا يُخۡرِجُهُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ“، ٿا اَهڙِيءَ پَرِ پَرَنِ،
”وَخَرَّ مُوۡسٰى صَعِقًا“، جوڳِي جُنگَ جَلَنِ،
”مَا زَاغَ الۡبَصَرُ وَمَا طَغٰى“، اَهڙِيءَ رَوَشِ رَوَنِ،
مُشاهِدو مَحبُوبَ جو، اُتي آديسِيَنِ،
ري پَسَڻَ، ري سُڻَڻَ، بي وِصالَ وهَنِ،
ري پُرَڻَ، ري ٻولَڻَ، ٿا اَهڙِيءَ چالَ چَلَنِ،
سَيِّدُ چئي سَندِيَنِ، ڪَلَ ٻُڇِين تُون ڪهڙِي؟
*(رامڪلي، ٥ ــ ١)*

(١٧٧)

مُونا طُور سِينا، سَندا سَناسِيَنِ،
”طالِبُ الۡمَوۡليٰ مُذَڪَّرٌ“، اِيُ ڪَلامُ ڪَيائُون ڪَنِ،
سُڪَنِ کي سَپِين پَرين، ٻُجهي ڏِنائُون ٻَنِ،
اَلِفُ آديسِيَنِ، چوري رَکيو چِتَ ۾.
*(رامڪلي، ٥ ــ ٣)*

(۱۷۸)

مُون ڀانيو مِزمانَ، هَميشهَ هُوندا پرين،
کُهي کَميڻِي هَليا، کَهلَ ڪَيائُون ڪانَ،
ڏيئي ويا ڏاهه ڪي، سُورَن جا سامانَ،
جورو راتِ جُوانَ، جيڏِيُون! جَتَ ڪري وِيا!

(ديسي، ٣ – ١٦)

(۱۷۹)

مُون ڀانيو مُون وٽِ، هَميشهَ هُوندا پرِين،
ويڙهو ڏيئي ويڪِرو، ڀَهري ويا ڀَٽِ،
ساهُ جنين جي سَٽِ، وِڪيُمِ تَي وَٽڪارِ ۾.

(ديسي، ٣ – ١٥)

(۱۸۰)

مُون تان لاهِ مَ، سُپرين! اَکِيُنِ جا آگَمَ،
ڪَري مَلارُ مِينهَن جَتَن، وَسي لاهِ وَهَمَ،
تو ڏِني مُون غَمَ، ڏِينهَنِ جا ڏُورِ ٿِيا.

(رپ، ٢ – ٤)

(۱۸۱)

مُون تان لِڪائي گهڻو، روشَنَ ڪِي روشَنُ،
رَسيو ريزالَنِ ڪي، مَنجهان زَرديءَ ظَنُّ،
ويري مُون وَرَنُ، ڳالهِ ڪَيائين ڳُجهَ جي.

(آسا، ٤ – ٢٧)

(۱۸۲)

مون تي چِيُءِ، ڪانڌ! پُٺي يارِ ۾ مَڪڙي،
سِڙهَ پُراڻا پاندَ، لَهريُون سهي لڳنديُون.

(سريراڳ، ٥ – ١)

(۱۸۳)

مُون جهڙُ ڏٺو اُبَ ۾، ڍوليا! لَڌُ مَ لاهِ،
اَچَنِ آبُ اَکِئين ڪَيو، وڃُون اُترَ واءِ،
چَنَ ڇِڏي پَٽِ پاءِ، اَڏِ اُتاهين پَڪَڙا.

(سارنگ، ٣ – ٦)

(۱۸۴)

مُون سارِيندي، سُپرين! اَچِين جي تُون هاڻِ،
ڪَريان رُوحَ رِهاڻِ، لَڪَنَ مَنجِهه، لَطِيفُ چئي.

(بروو سنڌي، ١ – ٧)

(۱۸۵)

مُون سَڏِيندي سَڏڙا، ساٿي سَڏُ نه ڏِينِ،
وَلَهيءَ جي وَٽانَ تي، توڏُ نه تنوارِينِ،
هيڏا هاڃا ٿِيِنِ، ٻُري هِنَ ڀَنڀورَ ۾!

(حسيني، ٤ – ١٠)

(۱۸۶)

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنين ڏٺو پرينءَ کي،
رَهي اَچِجي راتِڙي، تن جُنگَنِ سَنديءَ جاءِ،
تنين جِي ساڃاءِ، تُرهو ٿِئي تارِ ۾.

(ڪاهوڙي، ١ – ٣)

(۱۸۷)

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنين ڏِٺو پرينءَ کي،
ڪَري نه سَگهان ڪاءِ، اُنين سَندي ڳالهڙي.

(ڪاهوڙي، ١ – ٢)

(۱۸۸)

مُون سين مارُوئڙيُون، کَهڙيءَ رِيتِ رُسَنديُون؟
چوٽيءَ ۾ ڇيڙُ ڀِيو، ڀِيَنِ رَتَ جيُون،
نيٽين نِندَ وَهُ ٿِي، ساري ساڏوهيُون،
هِتي جي هيُوَن، تہ سُڌِ ڀِيَنِ سِيلَ جي.

(مارئي، ١٠ – ١٠)

(۱۸۹)

مُون ڪاهوڙي لَکِيا، آيِنِ نہ آرامُ،
ڪَيائُون تَنُ تَمامُ، جه ڏوتي ڏُٺَ گَڏُ ٿِيا.

(ڪاهوڙي، ١ – ١٧)

Gul Hayat Institute

(١٩٠)

مُون ڪاهوڙي لَڪِيا، سُمَهَن ڪِينَ پَئِي،
سَمَرُ ڪَياڻُون سُڄَ ۾، ڏوري ڏُٺُ لَهي،
وِيا اُتِ وَهي، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

(ڪاهوڙي، ١ ـ ١٩)

(١٩١)

مُون ڪاهوڙي لَڪِيا، گهرين نہ گهارِين،
واحِدَ لَڳِ وِلهَن ۾، رُوِيو جَرُ هارِين،
گُونڊرِ گُذارِين، جُہ ڏوتي ڏُٺُ گَڏُ ٿِيا.

(ڪاهوڙي، ١ ـ ١٦)

(١٩٢)

مُون ڪاهوڙي لَڪِيا، ويهي نہ ويرَمَ ڪَن،
ڏِينهَن تَتي ۾ ڏُونگرين، ڪارڻ قُوتَ ڪَهَن،
جَنگَلَ ۾ جُهٽڪَن، جُہ ڏوتي ڏُٺُ گَڏَ ٿِيا.

(ڪاهوڙي، ١ ـ ١٨)

(١٩٣)

مُون ڪي اَڪَڙِين، وَڏا تورا لائِيا،
تہ پِڻُ پِرين پَسَن، ڪَنان جي ڪَرَ سامُهِيُون.

(آسا، ٢ ـ ٣)

(١٩٤)

مُون ڪي پانئِي پاڄَ، ڏيرَ ڏوراڻا هَليا،
اڳِيان اُتي اُن جي، خُوبُ نہ پَڪِمِ ڪاڄَ،
ميڙي آپَ سَرَتِيُون، نَڪِي ڳايَمِ ڳاڄَ،
سا مُون هَتان نہ ٿِي، جيڪا رَسَمَ راڄَ،
آيِلِ! آئُون اَڪاڄَ، ٻولُ بَروچي وِترو.

(سسئي آبري، ٤ ـ ١٢)

(١٩٥)

مُون ڪي جنين مارِيو، آن ڪي گَڏِيا سي؟
تَنَ ۾ طاقَتَ ناهِ ڪا، اَدا! اُنين ري،
سُوُرُ سَلِتُمِ تي، جيلان ڳالهہ ڳِري ٿَئِي.

(ڪوهياري، ٤ ـ ٦)

(١٩٦)

مُون ڪي جِنين مارِيو، سُڃاتَمِ پاٽا،
لوهُو لِڳَن ناهِ ڪي، سَنڌ مِڙَئي ساٽا،
دارونءَ جا داٽا، ڏِنَمِ هوتَ هَٿَنِ سين.

(ڪوهياري، ٤ ـ ٨)

(١٩٧)

مُون ڪي جِنين مارِيو، سُڃاتَمِ سيئِي،
پُنهونءَ پيڪانَ پَچَنڊِيا، ٻِلَنِ تان ٻيئِي،
ويڄَنئُون ويئِي، تي وَهيِني سَڄَڻين.

(ڪوهياري، ٤ ـ ٧)

(١٩٨)

مون ڪي جِيارِيو، پِرِيُن جي ڳالهہ ڪري،
ڏِنو اَڄُ اَڏِيو، هِنڌَڙو ڪوٺَ بُرڄَ جِئن.

(سامونڊي، ١ ـ ٣٣)

(١٩٩)

مُون ڪي ڇِڏِ مَ ڇِپَرين، پوءِ رَهايَس 'پاڻَ'،
جي ڀُلايُون پاڻَ، تنِ ڪي رَسُ، رَسِيلا! راهَ ۾.

(ڪوهياري، ٣ ـ ٥)

(٢٠٠)

مُون ڪي ڇِڏِ مَ ڇِپَرين، هاتِڪَ هوتاڻي!
توهِين لاءِ ڪاٽي، ڏُکي ڏوري ڏُونگرين.

(ڪوهياري، ٣ ـ ٤)

Gul Hayat Institute

(٢٠١)

مُون کي ڇڏِ مَ ڇپَرين، هِتِ، هوتاڻي! هاڻ،
اوڏي مُنڌَ اُنَنِ کي، اَللهَ ڪارڻ آڻ،
پورِهيو ڪنديَسِ پاڻ، اَڱيان آريچَنِ جي.

(ڪوهياري، ٣ ـ ٢)

(٢٠٢)

مُون کي ڇڏِ مَ ڇپَرين، هوتاڻي! هِنَ هَندِ،
تو سين پَونديَسِ پَندِ، ڏينديَسِ باھِ پَنيوَرَ کي.

(ڪوهياري، ٣ ـ ٣)

(٢٠٣)

مُون کي ماءِ! مَجازَ، پيچاري جِتَن پِڇيو،
هَٿنِ ڇڏي هاجَ، ويئي سارَ سَندَن مان.

(آسا، ٣ ـ ٥)

(٢٠٤)

مُون کي مُون پرينِ، ٻَڌي وڌو ٻارِ ۾،
اُيا ايئَن چَوَنِ، مَچُڻ پاندُ پُسائين.

(آسا، ٤ ـ ٣٨)

(٢٠٥)

مُون کي نَتا نينِ، جَتَ مُلڪِ پانهنجي،
جي گهگهيرِيُنِ گَڏينِ، تہ پِيُنِ کان پيٽو ڪَريان.

(حسيني، ١٢ ـ ٣٦)

(٢٠٦)

مُون گهَرِ اَچِي جي ٿِئي، ميندِرو مِهمانُ،
آٽي جُهوڪيان آڳ ۾، ڇيري وِجهان ڇانُ،
تاٽي تَنُورَن ۾، پيري هَٿان پانُ،
پيڪَنِ سوُڌو پانُ، گهَرُ تَڙُ گهورِيان پِرَ تان.

(مومل راڻو، ٦ ـ ١٣)

(٢٠٧)

مُونَ مارُوءَ سين لَڌيُون، لوئي ۾ لاٿُون،
سونَ بَرابَر سَڱِڙا، مُون کي پانهنِ پَڌائُون،
عُمَرَ جو آٿُون، پَٽُ ڪِئَن پَرَهيان؟ سُومِرا!

(مارئي، ٣ ـ ٦)

(٢٠٨)

مُون ماڙِيءَ جو، سُومِرا! ٻنِين پارين ڏُکُ!
هِتِ عُمَرَ جو اَهُکُ، هُتِ مارُو ڏِينمِ مَهٽا!

(مارئي، ٨ ـ ١٨)

(٢٠٩)

مُون مَنجهيئي مِينهُن، ڪوھُ ڪَرينديَسِ ڪَڪَرين؟
سَرَلو سارو ڏِينهُن، مُون پِريان جو نہ لَهي.

(رپ، ١ ـ ١٧)

(٢١٠)

'مُون' مُونهين ۾ سَپَجي، مُون کي 'مُون' جُڳاءِ،
مُونهين مَنجهان 'مُون' ٿِئي، مُونهين جي ساڃاءِ
اَنهِين اِئَن جُڳاءِ، آن کي اِئَن نہ چوٽو.

(آسا، ٤ ـ ٣٣)

(٢١١)

مُونهان مَهندِ ٿِيا، سُورَنِ ٻَنڌو سَندِرو،
هَلو تہ ڏورِيُون اُن کي، وَندُرِ جي ويا،
ڪَنديَسِ ڪِينَ ٻِيا، هوتَ مَتائي اَڱيان.

(حسيني، ١٠ ـ ١٨)

(٢١٢)

مُهاٽِيءَ جي مَنَ ۾، نہ گِيرَبُ نہ گاءُ،
نيٽَنِ سين نازُ ڪَري، ريجهايائين راءُ،
سَمو سَپِنِ مُلاءُ، هيرِيائين حِرفَتَ سين.

(ڪاموڏ، ١ ـ ٢٠)

Gul Hayat Institute

(٢١٣)

مَهندِ مُحتاجِي ڪري، پُنيءَ پيرُ ڪٽيج،
ڪُيلياٽِي! ڪيچَ ڏي، حُجَ مَ هَلائيج،
پاٽا ڏارَ پريتڙو، سَسُئي! ساڻُ ڪٽيج،
اوڏي عَزازِيلَ ڪي، ويجهي تان مَ وَڃيج،
نااُميدِي نيج، تہ اوڏي ٿِئين اُميدَ ڪي.

(سسئي آبري، ١ ـ ١٢)

(٢١٤)

مَهندِ مُحتاجي ڪري، حُجَ وڃائي هَلُ،
عُذرَ خواهِيُون، عاجزِيُون، سَسُئي! ڪنهن مَ سَلُ،
ڏُونگرُ ڏورَڻُ ڏاڪَڙو، لَنؤ ري ڪونهي لَلُ،
اِيُ پَلائيءَ جو پَلُ، جِئَن پاسي ٿِيڻ پاڻَ ڪان.

(سسئي آبري، ١ ـ ١٣)

(٢١٥)

مُئي هاٿِيءَ تي مامِرو، اَڇي ڪِيو اَنڌَنِ،
مَنازِيِن هَٿَنِ سين، اَڪِئين ڪِينَ پَسَنِ،
"في اَلحَقِيقَتَ" فيلَ ڪي، سَچا سُڃاڻَنِ،
سَندي سَرِدارنِ، بَصيرَتَ بينا ڪَري.

(آسا، ٣ ـ ٣١)

(٢١٦)

مَيا! تو مَهارَ، سِڄِي پايان سونَ جي،
چاريَنِ چِندَنَ چوٽِيُونَ، نايو مينديءَ ڏارَ،
سَندِيءَ پِيَ پچارَ، جي مون رات رساٽئين.

(ڪنيات، ٢ ـ ٢٢)

(٢١٧)

مَيا! مَڃ منٽ، اَڄ منهنجي ڪَرها!
جهاڳِيندي جَرپٽيُون، مٿان ڪرئين ڪَٽَ،
سُپيريان جي سَٽَ، مُون ڪي نيئِي ميڙئين.

(ڪنيات، ٢ ـ ١٩)

(٢١٨)

مِيان مينڌِرا! موٽُ، بَخشُ ڪَرِ بُڇائِيُون،
تُون گهٽِنِ جو گهوٽُ، مُون وَرُ تُون ئي هيڪڙو.

(مومل راڻو، ٧ ـ ١١)

(٢١٩)

ميرا پَسي مَڱڻا، سَپَڙَ سَڏُ ڪَيا،
سَپوڄَهِنِ سُئا، اَپوڄَهِنِ آسِرو.

(پرڀاتي، ١ ـ ٢٢)

(٢٢٠)

مِيرَ مَدِينِئان نِڪِري، آئِيا نہ موٽِي،
ڪارا رَڱِج ڪَپِڙا، آدا نيروٽِي!
آنَ تنين لَءِ لوٽِي، جي مِيرَ مُسافِرُ رانئِيا.

(ڪيڏارو، ١ ـ ٧)

(٢٢١)

مِيرَ مَدِينئان نِڪِري، ڏيرا ڏِنائُون،
ڪاٽيءَ، پاٽيءَ، گاهَ ڪي، ماڙهُو مُڪائُون،
چَڙهندي چِيائُون، تہ ٿيندي ويڙهِ وَڏاندري.

(ڪيڏارو، ١ ـ ٥)

(٢٢٢)

مِيرَ مَدِينئان نِڪِري، رِڙهيا مَٿي رَندَ،
گهوڙا تِنِ گهوٽَنِ جا، پُريا مَٿي پَندَ،
جِتي رَهِيا راتِڙِي، سي سُونهارا هَنڌَ،
ڪُلها، ڪَرَنگهرَ، ڪَنڌَ، جُهرَنِ جُهونجهارَنِ جا.

(ڪيڏارو، ١ ـ ٦)

(٢٢٣)

ميڙيو پاڻُ پَريُون ڪيو، جوڳي جلائِينِ،
سامِي سِگڙيُن سين، خوديءَ کي کائِينِ،
هُو جي تارِ تڳائِينِ، آئُون نہ جِتِندِي اُن ري.

(رامڪلي، ١ ـ ١٨)

Gul Hayat Institute

(٢٣٥)

مينھُون ھن ميھارَ جي، آلا! سَپِ بَچَنِ،
وَچُون جي ڪِيرَنِ سين، سَدا ٿيُون سُونھَنِ،
مونکي ماٽِڪين، ٽاٽي ھَنيو تارِ ۾.

(سهڻي، ٤ ـ ١٩)

(٢٣٦)

مينھُون ھن ميھارَ جون، آلا! سَپِ جِيَنِ،
ڪارِيُون، ڪَڪيُون، ڪُنڍِيُون، وارا ڪيو وِينِ،
جُوءِ جا جانارنِ جي، ٻيلا ٻَہ ٻَہ ڪَنِ،
اَچي ريلَ رَھَنِ، مون سانپارا سُپِرين.

(سهڻي، ٤ ـ ٢٠)

(٢٣٧)

ميھاران مِرڪ، پيتائين پريمَ جي،
تنھن مُنڊ مَتوالِي ڪِي، سَندِيءَ ساءَ سُرڪَ،
لَڳِيَسِ ڪامَ ڪِرڪَ، لوھان تِکِي لَطِيفُ چئِي.

(سهڻي، ٤ ـ ١٦)

(٢٣٨)

ميھاران مَھي، پيتائين پريمَ جي،
اُرڪَ سُرڪَ، سَيَدُ چئِي، لَڳِيَسِ ڏوٿُ ڏھِي،
سَگھي تان نہ سَھِي، مِلي جان نہ ميھارَ کي.

(سهڻي، ٤ ـ ١٧)

(٢٣٩)

ميھارُ مَلاحَنِ کي، اُيو آچي اَچَ،
آئُون پڻ وِجھان ھَٽڙا، اَئِين پڻ وِجھو رَچَ،
سَنديءَ ڪُنَ ڪُٽِچَ، مانَ ھُونِ سلامت سُپِرين.

(سهڻي، ٧ ـ ٥)

(٢٤٠)

ميھارُ مَلاحَنِ کي، اُيو ڪري سَڎَ،
اَدا! اُنھين پارَ جا، موڙي اَچو مَڎَ،
ويا جي وَہ گَڎَ، ھلو تہ ڏوريُون اُنِ کي.

(سهڻي، ٧ ـ ٦)

(٢٤١)

ميءَ ھَٽَ ۾ مَڪُڙي، جامَ ھَٽَ ۾ جارُ،
سَچو ڏِينھُن شِڪارُ، ڪِنجھَرَ ۾ ڪالَھہ ھو.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ٧)

(٢٤٢)

مِيَي ماڪائِي، وِڏو واڻُ وَلِيُنِ کي،
خَبَرَ تِي ڪيٽَ ڏٽِينِ کي، وِڏوڙا واھِي،
ڪَرھَي ڪاڪَتَ چِڏِي، ورِيس نہ وائِي،
چانگي چَريائِي، ويئِي ويچاري وِسرِي.

(ڪنيات، ٢ ـ ٢٨)

Gul Hayat Institute

## وائي- ١٣

مُنهنجي سَيّدُ سارُ لَهندو، مُون کي آهِ اميدَ اَللهَ ۾.
سَجدي پَئي سُپرينءَ، زارِيُون زورِ ڪَريندو،
اُمتَ ڪارڻ اَحَمَدُ اُت، پِرمَلُ پاڪُ پِنَندو،
صُورَ ڏَکاءَ ٿِيندو، اَکيُون سَڀ سِڄُ ڪَڍندو،
ميڙو ٿِيندو مومنين، اُتِ مُحَمَّدُ ميرُ مَلهندو،
نَفساَ نَفسِي سِيڪو ڪَري، داتا دَرِ ډوڙندو،
مُهتُ ڏيندُس مَولو، اُتِ بَدِيُون بَخشائِيندو.

*(سارنگ.١ ـ وائي)*

## وائي- ١٤

مُنهن مَنجهِ خَلِيلُ، اَندر آذَرُ آهِئين.
سَڏ ۾ ڪَرِ صِحَتَ جي، اَچا تُون عَلِيلُ،
نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُ جَلِيلُ،
مُنهن ۾ مُسلمانُ تُون، قَلبُ تان قَلِيلُ،
والِيءَ جي وصالَ ۾، دوئِي ناهِ دَلِيلُ،
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، سَچو رَکائِجُ سِيلُ.

*(آسا.٣ ـ وائي١)*

## وائي- ١٥

مؤتَ مُنڌَ نہ آهي، تائِبَ ٿِيو تَکڙا.
”عَجِّلُوا بِالتوبَةِ قَبلَ اَلمَوت“، وِيہُ تُون ويرَ لائي،
پِريان ڪارڻ پاڻَ کي، سِگهو وِيہُ سَنباهي،
اَجَلُ اَسارن کي، ڪامَ وَنِي تو ڪاهي،
وِڏائِين وَڏِنَ لَءِ، گُڻُ ڪُهاڙِيءَ پاهي،
عِمارَتُون اَنڏنِ جُون، ڊاهيو تو ڊاهي،
نِبا گهوٽَ گهرنَ ڏي، ڪَنهن وَڏِيءَ ويرَ وَناهي،
اُتي، عَبدُاللّطِيفُ چَئي، بنا ڪَفَنَ پَراهي.

*(آسا.٣ ـ وائي٢)*

## وائي- ١٦

مَولو ڪَندو ماڙَ، مُنهنجي اَللهُ ڪَندو ماڙَ.
هادي! ڏيئي هَٿڙا، اَچي ڇِڪڻ مَنجهان ڇاڙه.
ڪِشتي ڪَمِيڻَن جي، اَللهَ لَڳِ اُڪارِ،
هُو جو ويري واٽَ جو، سو سائِين! نيئي ساڙِ.
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، سَڀِ لَنگهيندا پارِ،
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ ڪي، ڏاتَرَ! ڏيهُ ڏيکارِ.

*(ٻروو سنڌي.٢ ـ وائي١)*

## وائي- ١٧

مُون اَنڌيءَ ڏي اِيندا، هوتَ سلامَتَ سُپرين.
پلِيءَ لائي پانهنجي، نِيَّ کي اُتِ نِيندا،
سَگ نہ ڪندا سُڪَ سين، سُورَ سَگِيٽا ٿِيندا،
رَکِي ڳَلُ ڳَلنِ تي، نِينهَن نِياپو ڏِيندا،
پَرِيتَ نِيندا پاڻَ سين، چوري تان نہ ڇَڏِيندا.

*(سسئي آبري.٦ ـ وائي)*

## وائي- ١٨

مُون تي وَهَرَ وَري، وارو ڏِيندُم وَلهو.
تـوکي ساري، سُپرين! آئُون پَوَنديَسِ ماڪَ مَري،
توکي سَري، سُپرين! اَسان تان نہ سَري،
اَسان تو ريءَ ناهِ ڪا، ڳُجهاندَرَ ڳَري،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، مُحِبَنِ مِهرَ ڌَري.

*(ليلا چنيسر.٢ ـ وائي)*

## وائي- ١٩

مون پاريچيءَ سارَ، آئُون جا ويندڙي وَٽ وَچارَ.
ڏِمُر ۾ جاڳي، لوا! مون پاريچيءَ سارَ.
مونکي تِني ميڙئين، جِتِ ڪُنڍِن جي قطارَ،
ٻُرنِ ٻيلاينِ جا، سانپارا سَنپارَ،

Gul Hayat Institute

لُطفَ سانءُ لَطِيفُ چئي، تن لنگهيو طوفانُ،
سَنياري سُبحانُ، وِجي عادَتئُون اُکتا.
(سريراڳ، ۳ ـ ۱۹)

(۱۲)

نامُرادِي نِجُهرو، عَدَمُ اوتارونِ،
رَضا راڄُ سَندونِ، مورُ نہ مَڱَنِ ڪِي پِيو.
(رامڪلي، ۵ ـ ۲۱)

(۱۳)

نانگا نانِيءَ هَلِيا، چِيلهِيا چيلهہ ٻَڌَنِ،
هُو جي هُتِ هَلَنِ، آئُون نہ جِتَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ۱ ـ ۳۰)

(۱۴)

نانگا نانِيءَ هَلِيا، سامي سِپِيئي،
وِهَڪَ مُون وِيئي، آئُون نہ جِتَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ۱ ـ ۲۸)

(۱۵)

نانگا نانِيءَ هَلِيا، لوڪان ڪَري لِڪَ،
وِيئي مُون وِهَڪَ، آئُون نہ جِتَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ۱ ـ ۳۳)

(۱۶)

نانگا نانِيءَ هَلِيا، هاءِ! مُنهنجي حالَ،
هُو جي ڪَهِيا ڪالَ، آئُون نہ جِتَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ۱ ـ ۳۲)

(۱۷)

نانگا نانِيءَ هَلِيا، هِنگِلاجان هَلِي،
ديکِي تَن دُوارڪا، مَهيسِيُنِ مَلهِي،
آڳهُ جن عَلِي، آئُون نہ جِتَندِي اُنِ ري.
(رامڪلي، ۱ ـ ۳۱)

(۱۸)

نانگا نانيءَ هَلِيا، ويچارا وِيا،
ڪِينَرَ ڪاپَڙِيُنِ جا، صُبحَ تان نہ سُئا،
هُو جي هِتِ هُئا، آئُون نہ جِتَندي اُنِ ري.
(رامڪلي، ۱ ـ ۲۹)

(۱۹)

نانگَنِ ڪِينَ نَمايو، ناٿُ نَمايو نينهَن،
مَڙهِنِ اُنا مِينهَن، جوڳِيان سَندِيءَ ذاتِ ڪي.
(رامڪلي، ۶ ـ ۷)

(۲۰)

ناٿي ناهِ ڪَکُوهُ، ڪِي ملهہ مهانگو مَنڌُ،
سنباهج، سيڌ چئي، ڪاٽڻ ڪارڻ ڪَنڌُ،
هِيُ تِنيَنِ جو هنڌُ، مَٽَنِ پاسِ مَرَنِ جي.
(ڪلياڻ، ۲ ـ ۲۲)

(۲۱)

ناهِ جَمعِيّتَ جانِ کي، پُنهونءَ پُڄاڻا،
سي مُون سيباڻا، جن ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.
(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۱۴)

(۲۲)

ناهِ جَمعِيّتَ جان کي، هوتَ پُڄاڻا هاڻِ،
اَللهَ! سيئِي آڻِ، جن ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.
(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۱۲)

(۲۳)

ناهِ جَمعِيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻا هِتِ،
پنهونءَ جي پِرتِ، ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.
(سسئي آبري، ۱۰ ـ ۱۳)

(۲۴)

نائين ڏينهن نيٽانِ، اوجاڳي اُجارِيا،
سَباجهي ٻاجهہ ڪَئِي، سُجاتي سيٽانِ،

Gul Hayat Institute

جتي نَظَرُ ناٿَ جو، اُتي اوتارانِ،
اِهي اُھُڃاڻانِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.
(رامڪلي، ٢ _ ٩)

(٢٥)

نہ خَبَرَ، نہ خُوابُ، نَڪو اوني آيو:
هُتي جو هِتِ ڪَهين، ڏِنو ڪونَ جَوابُ،
هَمِيرَنِ حِسابُ، ڪُهُ چاڻان، ڪِئَن ٿِيو؟
(مارئي، ٢ _ ٢)

(٢٦)

نِرتي تَنَدُ نِيازَ سين، بُرائِي پِيجَلَّ،
راجا رَتولَنِ ۾، اوناڻي اَمَلَّ،
رازُ ڪَيائِين راءَ سين، ڪَنهن موچارِيءَ مَهَلَّ،
"اَنا اَحمَدُ بِلاَمِيمِ"، سينَ هَنئِي سائِلَّ،
ڪَنهن ڪَنهن پيئي ڪَلَّ، تہ هَردوئي هيڪُ ٿِيا.
(سورٺ، ٢ _ ٤)

(٢٧)

نِرتي تَنَدُ نِيازَ سين، پِيجَلَ بُرائي،
راجا رَتولَنِ ۾، وَرنائي وائي،
ڪوناياِئين ڪوٺَ ۾، پارِٿُ پاجهائي.
راجا راڳائي، هَردو ئي هيڪُ ٿِيا.
(سورٺ، ٢ _ ٣)

(٢٨)

نِسورو ئي نِينهَن جو، دِلِ ۾ دُودُ دُکاءِ،
آٽي آڳِ عِشقَ جِي، پاري جانِ جَلاءِ،
جِندا! اِيئَن جُڳاءِ، جِئَن آتَشان آبُ ٿِئي.
(رامڪلي، ٤ _ ٢٠).

(٢٩)

نِسورِيائي ناهِ جي، دِلِ ۾ دُونهين دُکاءِ،
آٽي آڳِ عِشقَ جي، لاهُوتي! تَنَ لاءِ،
جِندا! تِئَن جاڳاءِ، جِئَن آتشِيان آبُ ٿِئي.
(رامڪلي، ٩ _ ١٧)

(٣٠)

نہ سي تَڙَ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جون!
سَرتيُون! سامُونڊين جا، اَڄُ پَٽ چِڪِيمِ چاڪَ،
مارِيِنِمِ فِراقَ، پاڙيچِيُون! پِريَنَ جا.
(سامونڊي، ١ _ ٩)

(٣١)

نہ سي وَوُڻ وَڻَنِ ۾، نہ سي ڪاتارِيُون،
پَسِيو بازارِيُون، هِنئڙو مُون لُوڻُ ٿِئي.
(ڪاپائتي، ١ _ ٢٧)

(٣٢)

نَظَرُ نِزدِيڪُونِ، سَهي نہ سَگهان ساعَتَ سِيئَن،
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آئُون نالي ڳِيڙي نِجهُران.
(آسا، ٤ _ ٣٦)

(٣٣)

نَڪا اِبتَدا عَبدَ جي، نَڪا اِنتَها،
سي وَڃَنَ ڪي وِيا، جن سُڃاتو سُپِرين.
(آسا، ١ _ ٨)

(٣٤)

نَڪا بُوءِ بازارِ ۾، نَڪا چُلرَ چِٽُ،
جِتي ڏِنِيرِيَنِ جي، آڳِي هُئي اَڪُٽُ،
سي پِڙ پَسِيو پَٽُ، ماڙهُو وَڃَنِ موٽِيا.
(گهاتو، ١ _ ١١)

Gul Hayat Institute

(٣٥)

نہ ڪا تاتِ، نہ تُوتِ ڪا، نہ ڪا تاتِ تَنوارَ،
ڪانھي پِرتِ پَچارَ، لَنئو ويچاريءَ لَڏِيو!

*(حسيني، ١٠ ـ ٢٠)*

(٣٦)

نہ ڪاتِيءَ، نہ ڪانھَن، نڪو ڏوھُ قَلَمَ جو،
اَنگُ اُتيئِي لِکِيو، جِتِ نہ رَسي پانھَن،
ڪنھن ڪي ڏيان دانھَن؟ قَضا قَلَمُ وَھائِيو.

*(سھڻي، ٩ ـ ٩)*

(٣٧)

نَڪا جَھلَ نہ پَلَّ، نَڪو راڻُر ڏيہَ ۾،
آڻِيو وِجھَن آھُرين، روڙِيو رتا ڳُلَّ،
مارُو پانَ اَملَّ، مَلِيرونِ مَرڪَٽو.

*(مارئي، ٧ ـ ٧)*

(٣٨)

نَڪا جھولَ جَھليسِ، نہ تانگھو نہ تارِ ڪي،
ڏَمُ ڏِھاڙي ڪيترو، پَرِ ۾ تو پَليسِ،
تان تان جِيُ جَليسِ، مِلي جان نہ ميھارَ ڪي.

*(سھڻي، ٣ ـ ١٤)*

(٣٩)

نَڪا ’ڪُنَ فَيَڪُونَ‘ ھُئِي، نَڪا مُورَتَ ماھَ،
نَڪا سُڌِ ثوابَ جِي، نَڪو غَرضُ گُناھَ،
ھيڪائِي ھيڪُ ھُئِي، وَحَدانِيَتَ واھَ،
لَکِيائِين، لَطِيفُ چئِي، اُتِ ڳُجھاندَرَ ڳاھَ،
اَڪِيُنِ ۽ اَرواحَ، اُھا ساڃاءِ سُپِرين!

*(مارئي، ١ ـ ٧)*

(٤٠)

نَڪا ’ڪُنَ فَيَڪُونَ‘ ھُئِي، نَڪا ھُونگ، نہ ھون:
سڄڻ انھيءَ ساعت ۾، پيئي ڏِٺو سون،
مُون تَنَ تڏھانڪُون، مِلِي مُلاقاتَ ڪِي.

*(مارئي، ١ ـ ٥)*

(٤١)

نڪا ”ڪُنَ فَيَڪُون“ ھُئِي، نڪو لِڱُ لَحَمُ،
بنيو ھو نہ بُتَ ۾، آيا ڪي آدَمُ،
مُون توھين سين سڱُ، اُھا ساڃاءِ، سُپِرين!

*(مارئي، ١ ـ ٦)*

(٤٢)

نڪا ھِتِ، نہ ھُتِ، ڪا ڳوريءَ سندِي ڳالِ،
ڪِينَ پَھُتِي مالِ، حالِ پَھُتِي ھوتَ ڪي.

*(معذوري، ٢ ـ ١٣)*

(٤٣)

نہ ڪُتا، نہ ڪُوڪارَ، نہ سي سَڏُ شِڪارِيين،
پِڻيو ڪَٽِي پارَ، جھنگلُ آھيڙِيُنِ ڪي.

*(ڪاھوڙي، ٣ ـ ١٢)*

(٤٤)

نِڪرُ ناھِ ڪُلھي ڪَري، ھو مَ ھُوندَنِ جِيئَنِ،
لاھُوتِي، لَطِيفُ چئِي، ھُونَ نہ آديسي اِيئَنِ،
سي ڪاپَڙِي ڪِيئَنِ، جي ڏارِينِ تَعَلُقُ تَـرَ جيترو؟

*(رامڪلي، ٣ ـ ٥)*

(٤٥)

نِڪرُ ناھِ ڪُلھي ڪَري، ھُوندَنِ جِئَن مَ ھو،
توڪي ويسَ وِڃائِيو، ويسَ وِڃايو تو،
سامي آھي سو، جَنھن پاڻُ وِڃائي پوءِ ڪَيو.

*(رامڪلي، ٣ ـ ٤)*

Gul Hayat Institute

(٤٦)

نہ ڪَنهن ڄائو ڄامَ ڪي: نَڪو ڄامَ وِياءُ،
نَنڍيءَ وَڏيءَ ڳَنڍريءَ، سَپِن آهِ سياءُ،
"لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ"، اِيُ نِجابَتَ نياءُ،
ڪِبۡرِ ڪِبرياءُ، تَخۡتُ تَماچيءَ ڄامَ جو.
(ڪاموڏ، ٢ ـ ١٠)

(٤٧)

نَڪو ايرُ، نہ پيرُ، نَڪو اوٺِي آيو:
مُون وَٽِ آيو ڪونَ ڪو، پاڻُران پَري پيرُ،
ڪِتابَتُون ڪيرُ، آڻي ڏِيندُمِ اُنِ جُون؟
(مارئي، ٢ ـ ١)

(٤٨)

نَڪو ڏيگهہ نہ ويلُ، نَڪو مُنهَن نہ مُهاڙ ڪا،
اي اِهوئي ڪيلُ، ڪُورُ پَروڙي ڪِينَ ڪي.
(آسا، ٣ ـ ٣٦)

(٤٩)

نَڪو سُکُ نَڪَتين، نہ ويساندِ نَئين،
جيڪا اَڇيئي سامُهين، پانئين سا سَنئين!
مُوڙي ڪوهُ مَئين؟ جِنَ سَڄيُون راتيُون سُمهين!
(سريراڳ، ٦ ـ ٨)

(٥٠)

نَڪو سَنڌو سورَ جو، نَڪو سَنڌو سِڪَ،
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پاڻَ لَهي.
(سهڻي، ٩ ـ ١٣)

(٥١)

نَڪو ڪيڇُ پَنيورُ، نَڪو ماٺُ مُنڊ جو،
هورُ مِڙوئِي هِنَ ڪي، هوتَنِ ڪونهي هورُ،
زارِيءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونَ حَبيبَ سين.
(ديسي، ٤ ـ ١٨)

(٥٢)

نَڪو ليڪو ئي ٿِيو، نَڪو ٽَٽو ڏِينهُن،
تِهان اوري نِينهُن، ڇِنو آتَڻَ وارِئين.
(حسيني، ٢ ـ ١٢)

(٥٣)

نَڪي آهيُون ڇُهڙا، نڪي آهيون چورَ،
هانگاما ۾ هورَ، ڪُتا! ڪَرِئين ڪِن تي؟
(معذوري، ١ ـ ٥)

(٥٤)

نَڪي ٿِيان سَڳَ ۾، نَڪي سَڳيٽِي،
آهِيان ڪَميٽِي، ذاتِ پَروچيءَ نہ جُڙان.
(حسيني، ١١ ـ ١٧)

(٥٥)

نَڪي تي ڄڻان! نَڪي مُئي آهِيان!
ساڄَنَ! ساهُ ڏِيان، توڪي سارِيو، سُپِرين!
(حسيني، ٩ ـ ١٨)

(٥٦)

نَڪي رُنَّ واريُون، نَڪي اوسارين،
مُنهين ڪي مارِين، مُنهين سَندا ڏُکڙا.
(حسيني، ٦ ـ ١٩)

(٥٧)

نَڪي طَعامُ تُنبَڙِيُن ۾، نَڪي ڳَبرِن،
مُون پڻ مُلان تِـنِ، حاصُلُ ڪي حالُ ڪَيو.
(حسيني، ٩ ـ ٥٣)

(٥٨)

نہ ڪي ڪَتَّنِ پاڻَ سين، نَڪو ساٿُنِ پاڻُ،
اَهڙو جن اُهُڃاڻُ، آئُون نہ ڄنِّدي اُنِ ري.
(رامڪلي، ١ ـ ٣٦)

Gul Hayat Institute

(٧٢)

نہ مُون ناناٽيان ڪَٽيو، نڪي ڏاڏاٽيان،
پِرينِ جي پاران، مُون سين وَڏائي وَڙَ ٿيا.
(سهڻي، ابيات متفرقہ ـ ١٢)

(٧٣)

نِمي ڪَمِي نهارِ تون، ڏُمر ڏولائو،
ٿِيءِ ساڃائو، جي اُٻِئين اِنهيءَ پيرَ تي.
(يمن ڪلياڻ، ٨ - ١٢)

(٧٤)

نِمي ڪَمِي نهارِ تون، ڏُمرُ وڏو ڏُکُ،
منجهان صبرَ سُکُ، جي سنوارئا! سمجهين.
(يمن ڪلياڻ، ٨ - ١١)

(٧٥)

نَنڊيان نَفعو ناهِ ڪو، وَڏي مَ وِساري،
مَجُوسي ماري، اَڪَبرَ ڏي اَچيج تُون.
(بلاول، ٣ ـ ٣)

(٧٦)

نہ وارِثُ، نہ وَلهو، نہ سَڱُ، نہ سِياڪو:
تو پُڇاڻا سُپِرين! آيُم اولاڪو،
پانڌِيا! پاراڪو، ڏِجان ڏاڻيءِ ڍولَ کي.
(مومل راڻو، ٦ ـ ١)

(٧٧)

نہ وَڏي، نہ وِڪِٽي: نہ ڪَٽي ۾ ڪاري،
اُهِجَ سُهجَ ساهِميُون، ڏُريان نہ ڏاري،
سا ٿِي پَرِ پاري، جا گهَرِ سَمي جي سَپَجي.
(ڪاموڏ، ١ ـ ١٨)

(٧٨)

نہ وَڏي، نہ وِڪِٽي، نہ ماري، نہ ڏاري،
ڪارو وِڏائين ڪُوهَ ۾، نِرتُون نِهاري،
سا ٿِي پَرِ پاري، جا گهَرِ سَمي جي سَپَجي.
(ڪاموڏ، ١ ـ ١٧)

(٧٩)

نُورِيءَ جي نَوازيو، ٿِيو تَماچِي تي،
گاڏِيءَ چاڙهي گَندِري، ماڙهو ڪَيو مي،
ڪِنجُهرِ چوُندا ڪي، تہ سَچُ سَيائِي ڳالهڙي.
(ڪاموڏ، ٢ ـ ٨)

(٨٠)

نُورِيءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجهلُ هوءِ،
سَمو سِرُ سَيِنِ ۾، مي مُورِڇيو سوءِ،
اَچيو اُپِيَنِ پوءِ، حُجَّتَ پَڳِي راڻِيين.
(ڪاموڏ، ١ ـ ٢١)

(٨١)

نُوري ۽ نارِي، جوڳِيڙا جَهانَ ۾،
ٻَري جن ٻاري، آئُون نہ جِئَندي اُن رِي.
(رامڪلي، ١ ـ ١)

(٨٢)

نَوَ نيرَ پائي، جان مون هِنئڙو جهليو،
وِيڙهو چِنائي، پوئينءَ رات پِرينِ ڏي.
(ڪنيات، ٢ ـ ٣٩)

(٨٣)

نَوَ نِيرَ، ڏَهَ ڏاوَٽِيُون، پَنرهنَ پِئد پِياسِ،
جڏهن سجڻَ ياد پِياسِ، چِرڪَ چِنائين هيڪڙي.
(ڪنيات، ٢ ـ ٤٠)

Gul Hayat Institute

# و

(۱)

واڄٽَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏو مالُ،
مَقالان مَھَندِ ٿِيا، ڪونھي وَٽِنِ قالُ،
حاصُلَ جنين حالُ، آئُون نہ جِتَندِي اُنِ ري.

(رامڪلي، ۱ ـ ۹)

(۲)

واڄٽَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏِي وَٿَ،
سونُ سَپوئِي سِڳيُون، پَسي ڪِينَ مَ ڪَٿَ،
ويساھي ويلَ ڪَنھين، پُورَبِ ويندو پَٿَ،
هَلُ! ڪَنيائون هَٿُ، آئُون نہ جِتَندِي اُنِ ري.

(رامڪلي، ۱ ـ ۸)

(۳)

واجھائي وَطَنَ کي، آئُون جي هِتِ مُياسِ،
گورَ مُنھنجِي، سُومِرا! ڪَج پَنوَهارَنِ پاسِ،
ڏج ڏاڏاٽي ڏيہَ جي، مَنجھان وَلڙِيُنِ واسِ،
مُيائِي جِياسِ، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

(مارئي، ۶ ـ ۱۴)

(۴)

واجھائي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهُ،
بُتُ مُنھنجو بَندَ ۾، قَيدِ مَ ڪَرِيجاهُ،
پَرڏيھياڻِي پِرِينءَ ري، ڏارَ مَ ڏَرِيجاهُ،
ٿَڏِي وَسائِجانءِ ٿَرَنِ جِي، مِٽِي مُئِيءَ مَٿاهُ،
جي پويون ٿِئي پَساهُ، تہ نِجانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

(مارئي، ۶ ـ ۱۲)

(۵)

واجھائي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهُ،
هِيُ سِرُ سازِيہَ سامُھون، مُنھنجو نِج مِيان!
مُقامِياڻِي مارُئِين، وَڃِي ٿَرَ ٿِيان!
مُيائِي جِيان، جي وَڃي مڙهُ مَلِيرَ ڏي.

(مارئي، ۶ ـ ۱۳)

(۶)

وارو! مُون وَٽاهُ! ڪا سُڌِ سُونھَپَ جي نہ ڏيو؟
اِيَ اِهائي ڳالھڙي، شَجَرَ! سُٽيجاهُ،
چوٽِيءَ چاڙِيجاهُ، تہ مُوڙهيءَ کو مُنھَن ٿئي.

(معذوري، ۳ ـ ۷)

(۷)

وارو! مُون وَٽراهِ! ڪا سُڌِ سُونھَپَ جِي نہ ڏيو؟
وجھي وَراڪَنِ ۾، مَعذُورِ کي مَ مُنجھاءِ،
مَنجھان پانَ پيادِيُون، هادِي ٿِي هَلاءِ،
پِرِيان کي پَهچاءِ، تہ لَڳِي لوٺو نہ ٿِئين.

(معذوري، ۳ ـ ۸)

(۸)

وارو! مُون وَٽِڪارَ! ڪا سُڌِ سُونھَپَ جي نہ ڏيو؟
آهي اَسُونهِيُنِ جي، مَٿي تو مَيارَ،
وِڙهيا ويراڳِڻِ سين، لَڪَنِ جا لِيارَ،
ڪَرِيان ٿي ڪُوارَ، ڪَنڊَنِ ڪانڊيرَنِ جي.

(معذوري، ۳ ـ ۹)

(۹)

وارو! وَڄِنَ تا، سيڻَ ٿُنھنجا، سَئِي!
هَھڙا ٻاروچا، ڪِينَ لَهَنديِنءَ کي ٻِيا.

(حسيني، ۸ ـ ۹)

(۱۰)

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، آريچا اَڳلامَ
آندائُون آرِيءَ جا، پُنھونءَ ڏِي پيغامَ
پَہُ ڪيائُون پانَ ۾، مُنھان مخفِي مامَ.

Gul Hayat Institute

سَنڀُورا ساٿ ڪٽِي، ويساهي وَرِيامَ،
ڪاڪِيُون! راتِ قِيامَ، جيڏِيُون! جَتَ ڪَري وِيا!
(ديسي، ٤ـ١)

(١١)

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، جابِرَ ڪَري جور،
بيدي ٿِيو ٻَنڀورُ، حَشَرُ ڪَري هَليا!
(ديسي، ٤ـ٢)

(١٢)

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، جوري سين جابِرَ،
صَبُرُ ڪَئَن صابِرَ، اَچِي عَجِيبَن ري؟
(ديسي، ٤ـ٥)

(١٣)

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏاڙهِيءَ ٻَنيا ڏيرَ،
ڏِينديَس ڏاڍين ڏُونگرين، اَنين لَءِ اُلِيرَ،
ڪيچِ پهچي ڪيرَ؟ وِجِنَ سين وَسُ ڪَريان.
(ديسي، ٤ـ٦)

(١٤)

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏيرَ ڪَري ڏورو،
ساجَنِ رِءَ، سَرِتِيُون! آتَنُ اَڏورو،
نِيَ سين نِسورو، حَشَرُ ڪَري هَليا!
(ديسي، ٤ـ٤)

(١٥)

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ،
هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قَولَ قِيامَ جا!
(ديسي، ٤ـ٣)

(١٦)

وارو! ويراڳِيُنِ ڪي، ويلَ مَ وِساريج،
قَدَمَ ڪاپِڙِيُنِ جا، لِيلائي لَهيج،
پِيرَتَ پَسِيو پَٽَ جي، وَجَنَّ ڪي وَجيج،
راتو ڏِينهَن رِڙهيج، آئُون نه جِتَندي اُن ري.
(رامڪلي، ١ـ٦)

(١٧)

واري، وَرائي: تو پنهنجا نه ڪَيا؟
پوري! رَنجائي، هُوندَ نه پيئِينءَ هيتِري.
(حسيني، ٨ـ١٠)

(١٨)

واقِف نه وَٽِڪارَ جي، اَڳُ نه ڏِيهُ ڏِنومِ،
ڏُونگَرَ ڏوراپَن سين، ڪاتِيءَ رِءَ ڪُٺومِ،
جيلان مُحِبُ منومِ، تي چُلُون ڪَريان چِپَرِين.
(سسئي آبري، ٢ـ٥)

(١٩)

واقِفِ نه وَٽِڪارَ جي، بارِي سُجَنِ بَرَ،
وَرُ، وَسِيلا! سُپِرِين! تَڪِيَسِ ڏوري ٿَرَ،
لَهجِ، لَعَلُ! لَطِيفُ چَئِي، ڪانڌ! مُئِيءَ جِي ڪَرَ،
وِلَهِي ڪري، وَرَا! مَيُڻِ مارَڳِ ڇَڏِئين.
(سسئي آبري، ٢ـ٤)

(٢٠)

واقُفُ نه وَٽِڪارَ جي، پاٽي ڪَنيُمِ نه پاءُ،
جَبَلُ جلدايُون ڪري، تڪَ ڏيڪاري تاءُ،
لَڳِي لُڪَ، لَطِيفُ چَئِي، مَعذُورِنِ مَٽاءُ،
اُتي اوڏُو آءُ، جِتِ، هوتَ! هيڪلي آهيان.
(سسئي آبري، ٢ـ٦)

(٢١)

واقُفُ نه وَٽِڪارَ جي، جِتِ جَبَلُ جوراٽو،
اُتي عَبدُاللطِيفُ چَئِي، سُڄِي سَفَرُ سَتاٽو،
پَهريون ئي پاٽو، سَوَلو ڪَرِئين ساٿَ جو.
(سسئي آبري، ٢ـ٧)

Gul Hayat Institute

(۲۲)

واکو هَڏِ مَ لاهِ، سَڏَن مَٿي سَڏڙا،
مانَ تُنهنجِي ڪاءِ، سَگَرَ ۾ سارَ ٿئي!

(حسيني، ١٠ـ ٣)

(۲۳)

واڪِيو واڪِيو وڪَ، پاپوهيو پيرُ ڪَٽي،
سي نہ چَڙهنديُون ڏِڪَ، موڙِي پيرُ، مَرَنِ جي.

(حسيني، ١٠ـ ١)

(۲۴)

وانُئتِيُون ٿيُون وَرڪَنِ، اَجا سِڙهہ نہ پَڌرا،
سيئي ٿِيون مَرڪَنِ، جنِين سَندا آئيا.

(سامونڊي، ٢ـ ٢٠)

(۲۵)

وانءُ وِجي وائُٽِ، هِنئَڙا! ماڳُ پِرِيَنِ جو،
چُميو چُمُ چائُٽِ: هوءَ جا سَندي سَجَّٽِين.

(سامونڊي، ١ـ ٣٤)

(۲۶)

واهَڙَ! پِرِيُون مَ پاءِ، تو پڻ ليڪو ڏيٽو،
سَدا سانوڻَ ڏِينهَڙا، هِئَن نہ هُونداءِ،
وِهاڻِيءَ ويندءِ، اوَيَرَ اُتاهان لَهي.

(سهڻي، ٣ـ ١٩)

(۲۷)

واهُڙَ وَهَنِ نوان، اَجا وَهُ اَڳِي ٿيو،
گهَر وينيون گهَٽا ڪريو، سَرَتِيُون! سَگَ سَنوان،
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِٺي آن،
هُونَدَ نہ پَليو مان، گهَڙو سڀ گهَڙا ڪَٽي.

(سهڻي، ١ـ ٣)

(۲۸)

واهُڙَ! وَهِين مَ شالَ، سُڪي ٻيلاٽِيُون ٿِئين!
پَسان تُنهنجي پيٽَ ۾، لاٽا، لُوٽَ، لِيارَ،
جِنهن تو سَڀ چِمارَ، آسائِتِيُون ٻوڙِيُون.

(سهڻي، ٣ـ ٢٠)

(۲۹)

واهُندان وِڃُون ٿِيُون، ڪِڙِيُون ڏِنهن ڪَنِياتَ،
ڪُنڍيُون ڪاهي گَسِ ڪَرِيو، وَڃُون ڪَرِيو واٽَ،
سَنگهارَن سُڪُ ٿِيو، لَٿِي اَڄُ اُساتَ،
جُهڙُ ڦُڙَ ڏيئي جهاتَ، پُسائِينديُون پَٽِيُون.

(سارنگ، ٤ـ ٢)

(۳۰)

واءَ! وِڄاءِ مَ سو، پُنِيءَ جنهن پَنڌُ ڪريان،
چِٽا! چِپَرِ پرينءَ جو، پيرُ پَرِنيان تو،
بَرِ بورائو جو: سو لِڳِي مَتان لَٿئين!

(سسئي آبري، ٩ـ ٣)

(۳۱)

واءَ وِڄايُمِ ڪالَ، پُنيءَ جنهن پَنڌُ ڪَريان،
وِڃِنُ مُون وانٺي پيو، هوتَنِ ڪارڻ حالَ،
جَبَلُ ڏورِيان جالَ، ڪارڻِ پيرَ پُنهونءَ جي.

(سسئي آبري، ٩ـ ٤)

(۳۲)

وائي واري ونگُڙي، ٻولي ٻِي نہ ڪَنِ،
آلا! ڪيچَ ڏِٺِيَنِ، مُون سين پوءِ مَ مامِرو!

(حسيني، ٨ـ ١٥)

(۳۳)

وٹُ وِيمي جوجي لَهين، تہ ٻِي ڪارِ نہ ڪَرِئين ڪا،
سا پَروڙِج ڳالهڙِي، وَٽجارَن وٽان،
موتِي جن هٽان، آنڊءِ گهٽي اَدَبَ سين.

(سريراڳ، ٤ـ ٦)

Gul Hayat Institute

موتيءَ جي مِزاجَ جو، قَدرُ مَنجهہِ ڪِنارَ،
صَرافَنِئُون ڏارَ، ماڻڪَ مُلاحظو ٿئي!
(سريراڳ، ۴ ـ ١٣)

(۴٦)

وَڄَڻُ تو واري، پُرَنُ پُنهونءَ پُٺِ ۾،
ڪَرَهَ ڪوهِياري، سُتي تو سَپِ وِيا.
(حسيني، ١٢ ـ ٣۵)

(۴٧)

وَڃو سَپِ موتي، اَئين جي وَرَنِ وارِيُون،
ڪانَ هَلندي ڪيچَ ڏي، ڪَريو مَ ڪوتي،
ڪَڍِيَمِ ڪاچوتي، وِڌمِ جوڳُ جتنِ لَءِ.
(سسئي آبري، ۴ ـ ٩)

(۴٨)

وڃو سَپِ وَري، اَئِين جي وَرَنِ وارِيُون،
ڦوڙائي فِراقَ جي، سُڃي ڳالهِ ڳري،
ٻُنيان جنِ ٻَرِي، ڏُونگَرَ سي ڏُورِينديُون.
(سسئي آبري، ۴ ـ ٨)

(۴٩)

وَڃي رَسُ وَڃَڻَ کي، وَڃَڻُ پڻ وڃاءِ،
لوڪان پاڻُ لِڪاءِ، لِڪان پڻ لڪيج تُون.
(آسا، ۴ ـ ۵)

(۵٠)

وَڃين ڇو وَڻڪارِ؟ هِتِ نہ ڳولئين هوتَ کي،
لِڪو ڪِينَ، لَطِيفُ چئي، ٻاروچو ٻئي پارِ،
ٿِيُ سَتِي، ٻَڌُ سَندرو، پِرتِ پُنهونءَ سين پارِ،
نائي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.
(سسئي آبري، ٣ ـ ٩)

(۵١)

وَڃِين نہ پيهي، پُٺَنِ لَءِ پاتارَ ۾؟
ڪَنڌِيءَ ۾ ڪيهي، هاجَ ٿُنهنجي هَنجَڙا؟
(ڪارايل، ١ ـ ۴)

(۵٢)

وڃيئي وِسرِي شال! جو تون سودو سِڪِيو،
اَڃا آئين ڪالَ، پڻ تو سَفرِ سَنبهِين!
(سامونڊي، ١ ـ ١٩)

(۵٣)

وڇينءَ جان ويهي، جَرَ پلؤ پائِيان،
"ٽَڙَ پيڙا! گهرِ سُپرِينِ!" اوسَہِ اِيَ پيئي،
جَئن وَڻجارو سيڻ وَڪَرِين، سَرها سيئي،
حُرمَتَ ساڻُ حَبِيبَ جي، سُونگيا نہ سيئِي،
پاٽِهين اُوءِ پيهِي، ڪَنڌَ ڪيڙائُو آئِيا.
(سريراڳ، ۵ ـ ١٢)

(۵۴)

وڇينءَ وينا رَهَنِ، سانجهِيءَ رَهَنِ سُمهي،
ٻُڪَ مَرَندي ٻِڪِيا، ڪَنهن ڪان ڪِينَ گهُرَنِ،
پيٽَ نہ هيرِيائُون پانهنجا، چوريَ ساڻُ چَسَنِ،
ڦَڪِي فَقِيرَنِ، ماڳِيان پِنِي ماڻَ جِي.
(رامڪلي، ٧ ـ ٨)

(۵۵)

وِڇينءَ وينا هُونِ، سانجهيءَ رَهَنِ سُمهي،
مَهيسي مُنهَن پانهنجو، ڏاران ڏوڙَ نہ ڏُونِ،
وهاٽيءَ واڻِنِ تي، پاسا ڪوڙيو پُونَ،
ڪَنهنکي لِڱَنِ نہ ڇُونِ، تہ آسِين آديسي آهِيُونِ.
(رامڪلي، ٧ ـ ٧)

Gul Hayat Institute

(۱۰۵)

وَسي، وساٽِيُون، رَتو روئي پرينءَ کي؛
پيٺُون کَٽَن پَبَ ڏي، نَظَر نماٽِيُون،
سي ڪِئَن پيلياٽِيُون؟ جن ويندو هوتُ نہ وارِيو.
(حسيني، ۹ ـ ۱۱)

(۱۰۶)

وَسي، وَسي مِينهَن: جِنَن لَٽي وِيَيس ڪيہَ،
توءِ پِريان جي ڏيہَ، پيئي پُڇي خَبَرُون.
(حسيني، ۹ ـ ۱۲)

(۱۰۷)

وَصلُ تنهن وِڃائيو، سِيندِ سُرمي سيئَن،
سا لُونِي لِيلان جيئَن، مَٽِيو جنهن مِٽُ ڪِيو.
(معذوري، ۲ ـ ۶)

(۱۰۸)

وَطَنَ رِءَ ويهي، جي هِتِ گهارِيَمِ ڏِينهَڙا،
اُوءِ مارُو ڏِيندَمِ مُنهَن ۾، ڏاڏاڻا ڏيهي،
پَکَنِ ۾ پيهي، شَلَ مَحلَنِ جي مَرُ ڏُٺان!
(مارئي، ۱۰ ـ ۱۸)

(۱۰۹)

وَطَنُ مُون مَلِيرَ، قَضا آنديَسِ ڪوٽَ ۾،
چانگ پِٽَنديَسِ پرينءَ سين، پاٽَرُ جو پَنِيرُ،
هاجو ڪيو هَمِيرُ، بِاللہ نئي تو بَند ۾!
(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۳)

(۱۱۰)

وَکَرُ ڏيرو ڏيرَ، پَرَ وهاڻو ويسرا،
کِنِين وهائي وَسُ ڪيو، وَکَرُ وَڏيءَ وِيرَ،
کِنِين گُهمندي سيرَ، وَکَرُ وکامي ويو.
(سريراڳ، ۳ ـ ۳)

(۱۱۱)

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿئي،
ويچِيندي وِلاتَ ۾، ڏرو ٿئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳِهِ جَنهنجي اُبهِين.
(سريراڳ، ۳ ـ ۴)

(۱۱۲)

وَکَرُ، وَڻجارا! پانَ پَرائو چاڙهيو،
اَڃي لَهرِيُون لڳيون، پيڙيءَ ٻپارا،
جاڳو جي، يارا! تہ تَڙِ تَوائي نہ ٿئي.
(سريراڳ، ۳ ـ ۱۵)

(۱۱۳)

وَکَرُ وهائين لونُ، رنگ ڪٿوريءَ گُهرين!
پُنگو تُنهنجو پَرِ تي، جِمَ ڳالهائين کُوڙ،
جِمَ وڃائين مُورُ، ڪَٽيو تُنهنجو گهوريو.
(سريراڳ، ۳ ـ ۲)

(۱۱۴)

وَکَرُ اُکيري، سَرُ ساريو سُورَ چَري،
جُهرِي جِهجَندي ڏِئي، سَنِيها کي سَڄَٽين.
(ڏهر، ۴ ـ ۲)

(۱۱۵)

وَکَرَ ڪَيو وَتَن، پرتِ نہ چِنَن پانَ ۾،
پَسو پَکيڙَن، مارُهنئان ميٺَ گهٽو.
(ڏهر، ۴ ـ ۵)

(۱۱۶)

وَکَرَ ۾ ولئي، ڪالَهہ تُنهنجي، ڪُونجَڙي،
سَرَ ۾ سارِيَنئي گهٽو، پيتَرُ ۽ پائي،
پَسين نہ قاهي، جا ماريءَ سَندي مَنَ ۾.
(ڏهر، ۴ ـ ۱۵)

Gul Hayat Institute

(۱۱۷)

وَڳَرُ وِساري، وِيئِينءَ ڪَئَن ماٺَ ڪَري؟
ڪِ تو نہ ماري، رُنُ جُهڻُ سَندي سَڄَڻين؟
(ڏهر، ۴ ـ ۳)

(۱۱۸)

وَڳَرَ وِيا وَهِي، ڪالهہَ تُنهنجا، ڪُونجڙي!
ڪَنديِنءَ ڪوهُ رَهِي، سَرَ ۾ سُپيرِيُن ري؟
(ڏهر، ۴ ـ ۴)

(۱۱۹)

وَڳَنڍُ وَرِي آئِيو، بَدُوُ بِي نِمازُ،
جِئَن تِـتِـرَ مَٿي بازُ، وَڳَندُ تِئَن سُرهاڻ تي.
(بلاول، ۴ ـ ۱۱)

(۱۲۰)

وَڳَنڍُ وَرِي آئِيو، بَدُوُ سين بَدبُوءِ،
خاوَندَا! ڏي خوشبُوءِ، تہ سُرهو ٿِيان، سُپرِين!
(بلاول، ۴ ـ ۵)

(۱۲۱)

وَڳَنڍُ وَرِي آئِيو، پِينارَنِئُون پوءِ،
مُحڪَمُ لَڳِسِ موچڙا، ذَرو نہ ڏِنُسِ جوءِ،
وِينو لِئِين چوءِ، تہ پيران پاسي نہ ٿِيان.
(بلاول، ۴ ـ ۲)

(۱۲۲)

وَڳَنڍُ وَرِي آئِيو، ڪِنو ٿِي ڪوجهو،
ڇَڏي نہ موزو، لَڳُسِ آرُ عَطارَ سين.
(بلاول، ۴ ـ ۶)

(۱۲۳)

وَڳَنڍُ وَرِي آئِيو، ڪوتـڙِيان ڪُلاٺُ،
سَندو ڪِرڙُ ڪاٺُ، هَڻُ نَرڳِيءَ ڪي نِڪَٽين.
(بلاول، ۴ ـ ۱۲)

(۱۲۴)

وَڳَنڍُ وَرِي آئِيو، نِسورو ٿِي نَرڳُ،
گَندا گُلابِي ڪَري، سَيِّدَ جو سَرڳُ،
عَطَرَ سين اورَڳُ، تہ هُئِين سَدائِين سُرهو.
(بلاول، ۴ ـ ۱۰)

(۱۲۵)

وَڳَنڍُ وَرِي آئِيو، وَسَنِ ڪِينَ وِڌوسِ،
گَندِي، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسي پيرَ ٿِيوسِ.
(بلاول، ۴ ـ ۱)

(۱۲۶)

ولاڙِيو وَٽين چڙهي، اُونچَنِ مَٿي اَڄُ،
لالَنَ ڪارَڻِ لَڄُ، باسِيائين بردارَ جو.
(معذوري، ۷ ـ ۱۳)

(۱۲۷)

ولاڙِيو وَٽين چڙهي، پَسو سَگهہ سَندِياسِ،
اَڏيءَ وَجِيو اَڪُڙي، نَڪو پِيُ نہ ماسِ،
سوئِي سو سيٽاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.
(معذوري، ۷ ـ ۱۵)

(۱۲۸)

ولاڙِيو وَٽين چڙهي، ڏاڍو ڏوري ڏورِ،
سُپيرِيان جي سُورِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.
(معذوري، ۷ ـ ۱۶)

(۱۲۹)

ولاڙِيو وَٽين چڙهي، ڏِيو پَٽولي لانگَ،
ٽَارِيءَ ٽارِيءَ چانگَ، سَسُئِيءَ مورَ بَچَنِ جِئَن.
(معذوري، ۷ ـ ۱۴)

(۱۳۰)

ولاڙيو وَٽين چڙهي، رَئِي پَسِيو روءِ،
وِچان جو وِچُ پوءِ، سو ڪَنهن پَر ڪَهِي لاهِيان!
(معذوري، ۷ ـ ۱۲)

Gul Hayat Institute

(۱۳۱)

وِلاڙيو وَٽين چڙهي، ڳِجهن ٽِيندي ڳاهُ،
سَنُئيءَ سوريءَ چاڙهيو، پِريان لَءِ پَساهُ،
هو مِرُون، هِيُ ماهُ: ڪِينَ ڪميٽيءَ رَکيو.

(معذوري، ۷ ـ ۱۱)

(۱۳۲)

ولهُون، ويلا، واوَ، جوڳِيُنِ جهَلِيا جانِ ۾،
اَجهو رِءَ اَللهَ، ڪونهي ڪاپَڙِيُنِ جو.

(رامڪلي، ۵ ـ ۲۰)

(۱۳۳)

وِندُرِ جي وَجَنِ، سي مَرُ بَڌَنِ سَندِرا،
ٻِيُون ڪوهُ بَڌَنِ، چوڙيِ جي ڇڏيِنديُون.

(سسئي آبري، ۷ ـ ۲)

(۱۳۴)

وَنهيا ٽِيَنِ وَٽانَ، ڏوڪاهي هُٽَانِ جي!
اُوءِ پيٽِيُون ۽ پانَ، موٽي مارُنِ آڏِيا.

(مارئي، ابيات متفرقه ـ ۳۸)

(۱۳۵)

وَنئُن مَدِيني، مَڱَڻا! اَڪِيُون پيرَ ڪَري،
جِتي ماڙِڪي مُحَمَّدَ ميرَ جي، جَرڪِيو جوتِ ڪَري.

(ڏهر، ۲ ـ ۷)

(۱۳۶)

وَٽجارا! ويني، تو نه سَرَندي شاهَ رِيَ،
مَکِ پنهنجي مَکُڙي، چڱِي ڪر چيني،
پاسا پاڪَڙِين جا، سَمُنڊُ تو سيڪي،
جي لُنڊا ۾ ليڪي، وِيرِ وڙهندي تـِن سين.

(سريراڳ، ۳ ـ ۱۸)

(۱۳۷)

وَٽجارن واري، پِرهَ پَڳَهَ ڇوڙِيا،
ڪيڙائُو ڪاري، سَنِيُوڙا، سَيَدُ چئي.

(سامونڊي، ۳ ـ ۱۲)

(۱۳۸)

وَٽجارن وِري، پِرهَ پَڳَهَ ڇوڙِيا،
اولِيُون پَسي اِن جون، پيِڙَمِ ڳُجَ ڳري،
ويِنديس، ماءِ! مَري، ساري سامُونڊيُنِ کي.

(سامونڊي، ۳ ـ ۱۱)

(۱۳۹)

وَٽجاري جِي ماءِ، وَٽجارو نه پَلِئين؟
آيو بارهين ماهِ، پڻ تو سَفَرِ سَنبَهي!

(سامونڊي، ۳ ـ ۱۳)

(۱۴۰)

وَٽجاري ڪانڌاءِ، مُون وَرُ ويني گهارِيو!
لَڳِي اُتَـرَ واءُ، ڏولِيو هلڻَ جون ڪري.

(سامونڊي، ۳ ـ ۱۴)

(۱۴۱)

وَٽَنِ وينا ڪانگَ، وِچِين ٽِي ويلا ڪري،
گهڙِي گهڙو هَٿَ ڪري، سُڻِي سانجهيءَ بانگَ،
سيئِي ڏُونڌي سانگَ، جِتي ساهـڙُ سُپِرين.

(سهڻي، ۱ ـ ۱۰)

(۱۴۲)

ووڙِيَمِ سَبِ وَٽانَ، يارَ ڪارڻَ جَتَ جي،
'اَللهُ بِڪُلِّ شَيءٍ مُحِيطٌ'، اي آرياڻِيءَ اُهڃانَ،
سَبَ ۾ پُنهون پانَ، ڪِينهي بيو بَروچَ ريَ.

(سسئي آبري، ۵ ـ ۱۴)

Gul Hayat Institute

(١٤٣)

ووءِ! ووءِ! پڻ ويئي، رَنُنِ ڪارڻ جا هُئي،
پُنهونءَ کي پيئي، رُئندي ڪيرَ رَتَ ڦُڙا؟
(حسيني، ١٢ – ١٣)

(١٤٤)

’ووءِ! ووءِ!‘ ڪَندي وَتُ، مَچُڻ ’ووءِ!‘ وسارئين!
پاڻي هارِ مَ پڌرو، روءُ مَنجهان ئي رَتُ،
صَبُرُ وَڏو سَتُ، سِگها ميڙي سُپرين.
(حسيني، ١٢ – ١١)

(١٤٥)

ووءِ! ووءِ! وڏوڙا، ووءِ! ووءِ! وَڃَنِ نگيا،
مُون سانگِياڻيءَ جا سُپرين، سَچُ ڪِ سَنيُوڙا؟
لاڻِم نہ توڙا، ماءِ! اوسيڙو اُنِ جو.
(حسيني، ١٢ – ١٢)

(١٤٦)

وَهَ تڪ، واهُڙ تڪَ، جِت نينهُن، تڪَ نرالي،
جن کي عِشقُ عَميقَ جو، خِلوَتَ خيالي،
وارئين سي، والي! هِنئڙو جن هَٿِ ڪيو.
(سهڻي، ١ – ١)

(١٤٧)

وَهَ تڪَ وَهڪرا، جِت لنگرَ نہ نهَرَن،
وَڏاندَريون وَهَ سامُهيون، جهجهي زورِ جُنبَنِ،
نيدؤءَ ۾ ناتاريون، وَڻجارا وڃهن،
مُلان مُعَلِمَنِ، مون ڳري سُئي ڳالهڙي.
(سريراڳ، ٣ – ١٧)

(١٤٨)

وَهلو وَرُ، وَريا پِرين، آءُ ڪانگا! لَنئُن لاتِ،
وِيا جي قَلاتِ، سي اُڏامي آڻ پِرين.
(پورب، ١ – ٦)

(١٤٩)

وَهلو وَرُ، وَريا پِرين، آءُ ڪانگا! وَڻ ويهُ،
جِنين ڏورِ چِتايو ڏيهُ، سي اُڏامي آڻ پِرين.
(پورب، ١ – ٥)

(١٥٠)

وَهمَ ورساياسِ، ناتَ پُنهون آئُون پاڻَ هُئِي،
پاڻُ وِڃايُمِ پانهنجو، پَئِي پريان جي پاسِ،
رَتِي عِلمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَنَّ پرينءَ جي.
(سسئي آبري، ٥ – ٨)

(١٥١)

وهَڻُ ويجِهن وَتِ، جي سکينِ تہ سَگهو ٿِئين،
اَڳين عادتَ مَتِ، تہ اَگها! عاجِزُ نہ ٿِئين.
(يمن ڪلياڻ، ٢ – ١٤)

(١٥٢)

وهي مَنجههين وَڳَ، ڪَتُورِيءَ ڏارَ چَري،
ماءِ! منهنجي ڪَرهي، پَڌرِ پَڳَ نہ لڳَ،
جَڳَ سين جهڙو جَڳَ، هِنئين سين هُتِ چَري.
(ڪنيات، ٢ – ٢٥)

(١٥٣)

وهِين ءِ ويلا ڪَرين، اِيَ نہ اُڪَندَ آهِ،
سي لاڳاپا سَڀِ لاهِ، اورِيان اُپيارِين جي.
(حسيني، ١٠ – ٧)

(١٥٤)

وهِين ءِ ويلا ڪَرين، پُڇين تَي پانڌي،
هاري! هيڪاندي، ڪنهن پَرِ تِپنديِنءَ هوتَ سين؟
(حسيني، ١٠ – ٦)

(١٥٥)

وهِين ءِ ويلا ڪَرين، سَڏئين ساڳاتو،
هاري! آپاتُو، توسين سُونهَنِ نہ، سَسُئي!
(حسيني، ١٠ – ٩)

Gul Hayat Institute

(۱۶۷)

وينو ڏسان واهَ، اَڄُ پڻ آيا ڪِينَ ڪي،
ساڄَنَ لَءِ سِڪي گهڻو، سارِيو مُنهنجو ساهُ،
آڻينِ شالَ اَللهُ! نہ اَڳَنَ ٿِينَمِ اُجرا.

(بروو سنڌي، ۲ ـ ۱۰)

(۱۶۸)

وينو واجَهہ وِجهي هِنئون، پَرِ ۾ پَنوهارَنِ،
اُتِ اُڪَنڊي آهِيان، پائُرَ ۽ پِرِيَنِّ،
ڪَرِيان ٻي نہ ڪَنِّ، ويندِيَسِ وَطَنَ سامُهِين.

(مارئي، ۴ ـ ۱۵)

(۱۶۹)

ويني ٻُڪي ٻاڦَ، جهولي جُهڻُڪَ جُهني ڪي،
آيَمِ تن اُتِّنِ سين، جن جا پيرَ دُدا دَڙِّ داڦَ،
لَنگهيا لَڪَ، لَطِيفُ چئي، توڏا تَڙَ، ٻَنگَ طاقَ،
ڪيرَ لَنگهيندي قافَ؟ اِيُ بَرُ بِرَهمَڻِ باسِيو.

(ديسي، ۲ ـ ۱۲)

(۱۷۰)

ويني جَنهِين وَرِهَ ٿِيا، مَٿي سين ميري،
اَڪِيُون جَنهِن جُون اَلَڪَ ڏي، پُون ڏي نہ پيري،
ڪاراٽِيان ڪَڪا ٿِيا، چَراٽِيا چيري،
لُڙَڪَ لالُ، لَطِيفُ چئي، ڪَنبي ۽ ڪيري،
نِيهُن نہ نِبيري، سُورَ چَرندي سَنَرو.

(رامڪلي، ۲ ـ ۵)

(۱۷۱)

ويني جَنهِين وَرِهَ ٿِيا، مَٿي ميري ساڻُ،
ڪاراٽِيان ڪَڪا ٿِيا، چيري وِجهي چاڻُ،
خوديءَ ڪان خَلاصُ ٿِيا، پُٺَ تي وِجهي پاڻُ،
سي ڪِئَن ٻَهَرَ هَٽَنِ ٻاڻُ، جِنِ گَڏِيو گُرَ گِروان ۾؟

(رامڪلي، ۲ ـ ۲)

(۱۷۲)

ويني جنين وَٽِ، ڏُڪندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئِي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۲۳)

(۱۷۳)

ويني جنين وَٽِ، ڏُڪندو ڏُور ٿئي،
تَنَ! تنينِ سين ڪَٽِ، اوڏا آڏي پَڪڙا.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۲۴)

(۱۷۴)

وينِيَسِ، وِڪَ نہ اُپڙي، تُون، آرِياڻي! آءُ،
چُڪيءَ تو سين چاءُ، پاسي پِرِ پيئي رِڙهي.

(سسئي آبري، ۹ ـ ۷)

(۱۷۵)

وينِيَسِ، وِڪَ نہ اُپڙي، اَڄُ، آرِياڻي! تُون آءُ،
چُڪيءَ توسين چاءُ، پاسي پَرِ پيئي رِڙهي.

(حسيني، ۷ ـ ۱۱)

(۱۷۶)

ويني ڪوٽَ وَٽِنِ ۾، ڪامَڻِ ڪُواري،
مَلِيرُ سارِيو مارُئي، رويو رُئاري؛
اَلا! اوتاري، مُنڌَ مارُوءَ جي ميڙِيين!

(مارئي، ابيات متفرقہ ـ ۸)

(۱۷۷)

ويني مُون وِيو، لَڙي سِڄُ لَڪَنِ تان،
آئُون ڏُورِينديِ ڪيترو، پَهَٽَنِ پيرُ پِيو؟
سُورَنِ ساڻُ سِهو، اَچي ٿِيُمِ •جيڏِيُون!

(حسيني، ۱ ـ ۷)

Gul Hayat Institute

(١٧٨)

ويني نِتُ نِهارِيان، راتا! تُنهنجو راهُ،
موٽائي ماڳِنِ ۾، آڻيندوءِ اللهُ،
سودِا! تو ڳِرِ ساهُ، ناتَ راتا گهٽا راجَ ۾.

(مومل راڻو، ٧ ـ ١٥)

(١٧٩)

وينيُنِ ناهِ وَراڪو، سُٽُيِن ڪونهي سَنگُ،
هوتُ هَلنديُنِ ڪَٽيو، جن اَنگِنِ چاڙهيو اَنگُ،
باسي پَئي پَنگُ، رِڙهي جامَ رَسِيُون.

(سسئي آبري، ٧ ـ ٨)

(١٨٠)

ويني وَرِ نه پَوَنِ، سُتي مِلَنِ نه سُپرينِ،
جي مَٿي رَندَنِ رُٺَنِ، ساڄَنُ مِلي تن کي.

(سسئي آبري، ٧ ـ ٩)

(١٨١)

ويجَ! مَ ٻُڪِي ڏي! آلا چِڳي مَ ٽِيان!
سَڄَڻُ مانَ اَچِي، ڪَرَلاهُو ٽي ڪَڍهين.

(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ١٣)

(١٨٢)

ويجَنِ سين والِيءَ پِيا، ڪِري ڪَنِ نه پانَ،
آگها اِنَ اُهِجانَ، پسو! سُورَ سِجهائِيا.

(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ٣)

(١٨٣)

ويجَنِ سين والِيءَ پِيا، ڪِري نه ڪيائُون،
جي پَنَدِ پارِيائُون، تہ سِگهائي سَگها ٿيا.

(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ٢)

(١٨٤)

ويجَنِ ويني ئي، دوستُ پيهي دَرِ آئيو،
صِحَتَ جي سَرِيرَ ۾، ڪَلَّ ڪَرِين پيئي،
پيڙَ پَري ويئي، اَچَڻَ سانُ عجيبَ جي.

(يمن ڪلياڻ، ٢ ـ ١٠)

(١٨٥)

ويجهو وَنئُن مَ واتَ ڪي، ڪَهِجَ ڏُنهُن ڪُواتَ،
اُجهي مَنجهان آتَ، اَويسي ٽي آءُ ٽُون.

(ڪاهوڙي، ٣ ـ ٣)

(١٨٦)

ويچارا وادِوڙ، سَدا شاڪِرَ سُورَ سين،
ٽاٽِينِ مٿي توڙَ، اوري ڪَنِ نه آسرو.

(يمن ڪلياڻ، ١ ـ ١٦)

(١٨٧)

ويچارِيءَ وَٽِڪارُ، اَڱُ نه ڏٺو ڪَڍهين،
مَهرَ نه هُئِي مَاڙهين، هو سَڀُ هِندُوڪارُ،
جَتُ ڪيائِين يارُ، سُورَنِ ڪارَڻِ، سَرَتِيُون!

(سسئي آبري، ٢ ـ ١٠)

(١٨٨)

ويراڳِي واري، آلا! اَڳَنَ آئِين،
ڏُکَ لاهِينديِسِ ڏِيلَ مان، ٿُهَنِ جِئَن تاري،
اِيندَمِ اوتاري، ڪِينءَ جُون ڏِيندَمِ خبَرُون.

(رامڪلي، ٧ ـ ١٧)

(١٨٩)

ويراڳِي واڳِي، ڏِيَنِ ڏهاٽي ڏِيلَ کي،
راوَلَ رَتين مولهئِين، سامي سُهاڳِي،
لَنؤَ جِنين سين لاڳِي، سي جوڳِي پَسان تہ جِئان.

(رامڪلي، ٧ ـ ١٦)

Gul Hayat Institute

(۲۰۳)

ويھي ويراڳين جو، ٻئي ڏينهن ٻڌم حالُ،
اُن جا ڏاڳا ڏوڙ ۾ ڪليا، جاڳوتا زوالُ،
تن جاٽي جٽائون ڇڏيون، چوتا چڪيءَ چالُ،
ويچارا وجودَ جي، ڪنهن سان ڪن نه ڳالَ،
نانگا ٿيا نهالُ، لِڪا پُٺن لوڪ ۾.

(رامڪلي، ۲ ـ ۲)

(۲۰۴)

ويئون پَٻِ پَئي، ڪيرُون ڪاهوڙين جُون،
آئون تن ڏوتيُڙن جو، پُڇان پيرُ پَهي!
رُجِن راتِ رَهي، ڏُونگر جَنين ڏوريا.

(ڪاھوڙي، ۱ ـ ۴)

(۲۰۵)

ويئي سُونهن سَسُئيءَ جي، پُنهون ٿِيس پانءَ،
سَپِنِ جي سَيّدُ چئي، آهي اُتِ اُمانءَ،
پَنيورَ جا پانءَ، آڏا عَجيبَن ڪي.

(سسئي آبري، ۵ ـ ۷)

## وائي-۱

واويلا! واويلا! ڪَيو ملڪن رِنِ ماتامُ!
هَيءِ! هَيءِ! شاهَ حُسينَ سِڏاريو!

ڪَربَلا جي پِڙ ۾، خيما کوڙياڻُون،
جيڪا رَضا رَبَّ جي، لِکيو لوڙياڻُون.

ڪَربَلا جي پِڙ ۾، آيا اَڄُ اَميرَ،
جُهڙ وَرائي جهوريءَ جهليا، طَرَفَ سَندي تَقديرَ.

پَسي سَختي مِيرَ حُسينَ جي، رُنو نَبِيُن زارون زارِ،
مَلَڪَ، فَلَڪَ، ڌرتي ڏَبي، آئي عَرش مَٿان اوچِنگار.

(ڪيڏارو، ۲ ـ وائي)

## وائي-۲

وَتان وَڄُ مَ مون، مُنهنجو تُون ئي تُون،
ڪونه سُٽي ڪو بيو.

تُون تَڏهانڪُرَ مَنجهه ئي، جَڏهِن ڪُنَ فَيَڪُون،
اَهڪيءَ رَسِج، اَحَمَدا! اَڳيان سوڙهي پُون،
رَسِج، مُحَمّدَ ڪارِڻي! جِتي هُونگَ نه هُون،
آڳهُ هِنَ اُمَتَ جو، آهين تُون ئي تُون،
ڏِج ڪا لَتَ، لَطِيفُ ڪي، طَهُورَ مَنجهان تُون.

(بروو سنڌي، ۳ ـ وائي۲)

## وائي-۳

وَنڙيو هوتَ وِجن، ووءِ! جهليان پليان، هيئڙو نه رهي!
آٿُون جنين جي آهيان، ڪَڙي مَ ٿيان تن،
گهوريان گهٽي پَٽئين، سندي باجهه ٻين،
مَرُ مران، مارين مون، پرزا پرزا ڪن،
آٿُون مُيائي گهوري، جي مان محب مِلن.

(يمن ڪلياڻ، ۵ ـ وائي۱)

Gul Hayat Institute

## وائي - ۴

وڃي سا راتِ وهاڻي، رءِ پَسڻَ پرينَ جي!
ههڙا اوڏا سُپرين، تو ڪئن ننڊ رهاڻي؟

(سهڻي، ابيات متفرقه - وائي ۵)

## وائي - ۵

وَڃي وَڃي ٽِيندِيَسِ ويجهي، پسڻَ ڪارڻ پِرينءَ جي،
آڏا ڏونگرَ لَڪيُون، موتِجِ، مُحبَ مِجيجي!
پرين، پَنوهارَ! تو چوان؟ ٻيرَ آهيان ٻئي جي،
نَمُ گُهرجي نِينهَن جو، آهيان آئُون اروجي،
جا نہ هَلندي هوتَ ڏي، پيُ تَنهين جو پاجي.

(سسئي آبري، ۹ - وائي)

## وائي - ۶

وَڃي وَڃي وترَي تِني، جِتِ، پيرُ سُجاتائين پرينءَ جو.
پيرُ سُجاتائين پرينءَ جو، مَنجهان نِينهَن نرتي،
هُوءِ وِيا وَٽِڪارِ ڏي، هِنَ پوريءَ پانئِيا هِتِي،
جنهن چيڙي وڏِيس ڇپرين، سو ڪوهيارو ڪِتي؟
آما، لِيما، ڦُلَ، ڦارُوهان، ڳاڳا، راڳا جِتي،
مَري رَهنديس ماڳِهين، نہ تہ، هادي! اَچ هِتي،
مُون ڪي ڇڏي هَليا، ڪا پِينِ مَتي پتي؟
لَڪَنِ مَنجهہ، لَطِيفُ چئي، مِلي سان سَرتي.

(حسيني، ۱۰ - وائي ۲)

## وائي - ۷

وَڏڙا ڏانَ ڏنائين، ڪَنيائين رَخَتُ ريزالَنِ جو،
ڏاتيُون ڏئي ڏڏن ڪي، سَنديُون سونَ سائين،
اَنڌا مَندا آئِيا، سَخا سَڌُ وِڌائين،
ڪِينَ مَنجهان جوڪي ڪَري، سو نہ ساراهين سائين!
"وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ"، آهي سَڀِ اُتائين،
نَوازيائين نَطفو، مَنجهان ڪِينَ ڪَيائين،
حِرَفَتَ حَرِيفَن جي، پيري سَڀِ پَڳائين،
حاسِدَ سَڀِ حُزنَ ۾، مُدعي پاڻَ مُنائين،
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئي، آهِ پاڻَ وَٽَندڙُ سائين.

(پرڀاتي، ۱ - وائي ۲)

## وائي - ۸

ورسِيا ويجَ ويچارا! دِل ۾ دَردُ پرينِ جو،
اَتِيو ويجا! مَ وِهو، وَڃو ڏِربَ ڪٽي،
ڀُڪي ڏيندا ڀاڄهہ جي، آيا سُورَ ڏٽي،
آيا جِيءَ جِيارا، دِلِ ۾ دَردُ پرينِ جو.

(يمن ڪلياڻ، ۱ - وائي)

## وائي - ۹

وسارج مَ وينَ جوين ٻہ تي ڏينهڙا،
لونيُون سَهِنِ لوڪ جا، وهاڻيءَ ٽيون وينَ،
اَصل اَسارِيُنِ جا، سُتي وِيڙا سينَ،
جيڏيون! جي مان وِسهو، ننڊ مَ هيريو نيڻَ،
راتڙيُون جاڳن جي، سي آئُون ڪندڙي سينَ،
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، جهل تون نِندان نيڻَ.

(يمن ڪلياڻ، ۱۵ - وائي ۲)

## وائي - ۱۰

وَسان تي وِيياسِ، آيَل! آيَل! لَڳمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو.
پُرزا پَبَ وَرنِ ۾، پٿُون تي پياسِ،
تہ پڻ ڪاڏو ڪيچَ ڏي، تُوٽي، ماءِ! مُياسِ،
ٻاڻُ وڃايم پيرَ تي، چُتي آئُون: چُتياسِ!
آيَم اَنڌي لوڪَ سين، مُني آئُون: مُنياسِ!
هيڏي شَهرَ ڀَنڀورَ ۾، نَڪو ٻِيُ نہ ماسِ،
پِيئِم وِچُ وِصالَ ۾، سَنجهي آئُون سُتياسِ،
پيِمِ پُنهونءَ چامَ سين، ڪُٺي آئُون: ڪُٺياسِ!

Gul Hayat Institute

## وائي- ١٦

ويندي آئُون هوتَنِ وَٽِ، مُون وَهُ وَٽجارن سين،
پَڳَهُ کَڻُ مَ پاتِٽي! جاني! مُون لاءِ جَٽِ،
وايُون وَٽجارِن جون، اَديُون! اڄُ نه هَٽِ،
ڳَرهِيان سُورُ سَفَرَ جو، هلي پنهنجي اَرَٽِ،
پُوريندِيس پِريُنِ ڏي، کانَ کريندِيس ڳهٽ،
ڏيئي سِڙُهه سِيرَ ٽيا، پيرُ نه لاياٺُون پَٽِ.
(ساموندي، ٢ ــ وائي ٣)

## وائي- ١٧

ويندِيَس ڪيچِ ڪَهي، سيٽَنِ ساڻُ سَهي،
وو! پيئَرُ! آئُون جِئنديَس تان نه جَتَنِ ري.
وِهان ڪِيئَن ماٺِ ڪَري، هيڏو سُورُ سَهي؟
هيڏي شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾، سارِيان ڪونَ سَهي،
اَڳِيان آريءَ ڄامَ جو، وِيَڙو ساٿ وَهي،
صُبُحَ ڏُونگَرَ ڏورِيان، ڪنهن پَرِ راتِ رَهي.
(ديسي، ٦ ــ وائي ١)

## وائي- ١٨

ويهُ مَ واٽَ وِرچي، هو! اَلا! مِيان!
جئَن ڪَهَندِينءَ، تئَن لَهَندِينءَ.
ڪنين اَچي ڪا ڪَهي، ڪِنين اَچي ڪا چَئي،
اَمُلَ پانيان اُنَ کي، ساڄَنَ مُون کي جا چَئي،
پيرَ پٽان ئي ڪُونئَرا، رائي ڪَيَسِ رَچي،
مُنهُن ڪر مَعذُورِنِ ڏي، پُنهون ڄام! پَرَچي،
مُون کي تَنهِين مارِيو، جَتَنِ جا چَئي،
وِندُرَ واٽَڙِيُنِ تي، ڪانڌي ٽِيندَمِ ڪيچي.
(معذوري، ٥ ــ وائي)

## وائي- ١٩

ويهُ مَ، ويسرِي! تان ڪي جاڳي اورِ اَللهَ سين.
مُحَبَّتَ جي ميدانَ ۾، سُڄي ڳالِهه ڳَري،
سي پڻ رُوندا رَتُ وِيا، مِڙيا جي مَري،
سُتي ساڄَنُ نه مِلِي، آهي اِيَّ ڪَري،
جي اوسِيڙي آڏيءَ اُٿنِ، تِنين واڳَ وَري،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، اِيندا شالَ وَري.
(رامڪلي، ٤ ــ وائي)

(۲۵)

هَر هَر ڪَنِ اُميسَ، ڏُوَنِ ڏهاڙي ڏوتيا،
جن نہ ماري ميسَ، ناٿُ نہ نَمي تن کي،
(رامڪلي، ٦ ـ ١٠)

(۲۶)

هَر هَر ڪَنِ هَرنامُ، ڏُوَنِ ڏهاڙي ڏوتيا،
جن نہ ريجھايو رامُ، ناٿُ نہ نَمي تنِ کي.
(رامڪلي، ٦ ـ ٩)

(۲۷)

هَرَ هَرَ هَرائِي، وڃڻ دَرِ دوستن جي،
پاڙي ڏانهن پرينِ جي، اُڃَ مَ اَوائي!
اَلڙ تِي آڇِ مَ تون، واتاڙن وائي،
لائيندءِ، لطيف چئي، سُوران سَرهائي،
ڳُجهو ڳالهائي، پِرتِ وَنجي پاڻ ۾.
(يمن ڪلياڻ، ٨ ـ ١)

(۲۸)

هَڙَ ۾ ڪِينَ هُئُون، هُنئَين هُن نہ چاڙهيا،
سارو ڏينهن سمنڊَ تي، لهي سِڄُ ويونِ،
جڏهين سائينءَ سَبَبُ ڪِيونِ، تڏهن سُتَرَ تيا سَيدُ چئي.
(ساموندي، ٣ ـ ٢)

(۲۹)

هڪي ٻانهي چتَ ۾، ٻِي جا الله ڪري،
پاٿهين وجهي ڪُنَ ۾، پاٿهين ڪَنڌيءَ ني،
سُتَرَ سي ٻوئي، جي تَرَ توائي مَڪُڙا.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٨)

(۳۰)

هڪي ٻانهي چتَ ۾، ٻِي جا ڪري اَللهُ،
پاٿهين وجهي ڪُنَ ۾، پاٿهين اُڪاري اوڙاهُ،
تنهن واحدَ کي واهُ، جو سُتَرَ سيپِئي ڪري.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٧)

(۳۱)

هِڪِي ٻانهي چتَ ۾، ٻِي سِتي صاحِبُ،
ڪِڍِي اُونهي ڪُنَ مان، اِيِ آگي جو عَجَبُ،
اِيُ سائينءَ جو سَبَبُ، جئن ٻُڏا اُڪاري ٻارِ مان.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٦)

(۳۲)

هِڪي ٻانهي چتَ ۾، ٻِي صاحِبُ سَنواري،
ڏَنگي هن درياهَ مان، هَلائي هاڪاري،
تَرازُو تاري، سُتَرَ سيپِئي ڪري.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٥)

(۳۳)

هِڪِي ٻانهي چتَ ۾، ٻِي ڪري جوڙ جَبارُ،
ڪِڍِي اُونهي ڪُنَ مان، اِيِ آگي جو آڌارُ،
جَهازُ جوهَرِينَ جو، تنهنکي ٻيو نہ ڏي ٻِتارُ،
ننڍا وڏا مَڪُڙا، سڀ پَسَندا پارُ،
جيڏانهن منهن مَديني جو، سُڄي مُحَمّدُ موچارُ،
سڀاجهو سَتارُ، سُتَرَ سيپِئي ڪري.
(سريراڳ، ٢ ـ ١٩)

(۳۴)

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، ڪُهجَنِ کي ڪُوتِيُون،
پَهڻُ تنين پَٿُ ٿئي، جي لَءِ لالَنَ لوُتِيُون،
سَپِ سَهيلِيُون سڪَ کي، چُنجهون ۽ چوُتِيُون،
ٻانِيِنِ! تِيِ ٻُوتِيُون، تہ ڪُتا ڪِينَئِي ڪيچَ جا.
(معذوري، ١ ـ ١)

(۳۵)

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَجَڻُ آئُون گهوريان،
هُون هَميشه هِتَهين، تہ ڏُونگرُ ڪوهُ ڏوريان؟
آڪِيِنَ سان اوريَان، پَسان شالَ پُنهونءَ کي!
(ڪوهياري، ٤ ـ ٣)

Gul Hayat Institute

(٦٠)

هَلَندي هاڙهو مَٽي، ڏکَن مُنهنجا ڏوهَ،
هو اوچَڻَ سرِ اُتَنِ تي، هِيءَ پَندِ پَڇاڙي پوءِ،
ليڙَن ري، لَطِيفُ چئي، کِيئَن کَريندِيَس کوهَ؟
اِڳِيان رائو سُڄي روهَ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.
(معذوري، ۳ ـ ۲)

(٦١)

هَلَندي هاڙهو مَٽي، سِسي ڏيندِيَس ساهُ،
لِڱن تان، لَطِيفُ چئي، پاري نِيَمِ پاهُ،
کندو باجهہ اَللهُ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.
(معذوري، ۳ ـ ۳)

(٦٢)

هَلَندي هاڙهو مَٽي، کَرَنُ کوهَ پيامِ،
اَرڏا آرِيءَ جامَ ريَ، گُوندَرَ گُذرِيامِ،
لَکِيوُن، لَکَ، لَطِيفُ چئي، اورانگهَنُ آيامِ،
پُرَنُ پُنهونءَ پُٺِ ۾، اِيَ سَعادَتَ سَندِيامِ،
مَٿسِ کَمَر وِڌامِ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.
(معذوري، ۳ ـ ۱)

(٦٣)

هَلَندي هاڙهو مَٽي، گَسان تان مَ گُسان،
لَکَنِ تان، لَطِيفُ چئي، رِڙهي مانَ رَسان،
پُنهون شالَ پَسان، وِهان تان نہ وَسِ پيو.
(معذوري، ۳ ـ ۴)

(٦٤)

هِنئَڙو بيڙِيءَ جان، ڏُتَڙ پئي ڏينهن ٽيا!
پُڇيو تان نہ پِريان، کَرلاهو تِي کڏهين.
(سامونڊي، ۱ ـ ۲۴)

(٦٥)

هِنئَڙي حُجُون چِڏيون، قُوَّتَ رحِيمَ کانَ،
مون تي موٽِج، مون پِرين! ساهَڙَ جامَ سُڄانَ!
آهيان گهٽو آجانَ، پِرُ، پَليرا سُپِرين!
(سهڻي، ۸ ـ ۲۲)

(٦٦)

هِنئَڙي سڄڻَ سارِيا، ڪٿي هوندَمِ هيرَ؟
اَچِي لالَنَ! نہ ڏئين، متي پلنگن پيرَ؟
ٽَيِ وروُنهڻ ويرَ، ڳُجهہ ڳَرهيان کن سين.
(ڪنيات، ۲ ـ ۱۰)

(٦٧)

هَڻُ، حبيبَ! هَٿُ کٽِي، ٻَنگان لهي ٻانُ،
ماڳهين مون مِنهُن ٽِئي، جهولِيءَ وِجهان پاڻُ،
اِنَ پَرِ ساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون ٽِئي.
(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۸)

(٦٨)

هَڻُ، حبيبَ! هٿُ کٽِي، ٽيکِ مَ، ٽورو لاءِ،
پِريَم! تنهنجي گهاءِ، مَران تہ مانُ لهان.
(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۶)

(٦٩)

هَڻُ، حبيبَ! هَٿُ کٽِي، دِلِ ۾ ڏِيري دانهَن،
کُچان تان کُوکَ ٽِئِي، صبرُ آئون نہ سهان،
کنهن کي لِئَن چوان، تہ مونکي ماريو سڄڻين.
(يمن ڪلياڻ، ۱ ـ ۷)

(٧٠)

هَٿندي ٽِکَرِ هَٿَ، هِنئَڙي حُجُون چِڏيون،
لَکُ لَهرن گڏيو، موجُون وَريُون مَٿ،
نيَمِ کُنَّ قُوَّتَ، پِرُ، پَليرا سُپِرين!
(سهڻي، ۸ ـ ۲۱)

Gul Hayat Institute

(۷۱)

هَٽَڙُ، هَڪِلَڙُ، پيلِي سارَڻُ؛ مانجهيان اِيُ مَرڪُ،
وجهَن تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَهنديءَ راندِ ۾.

(ڪيڏارو، ۳ ـ ۴)

(۷۲)

هَٽِين جي حَبيبَ! محبتِي مَيا ڪري،
پُڇان ڪِينَ طبيبَ، هوند گهاٽَنِ سين ٽِي گهاريان.

(ڪلياڻ، ۱ ـ ۱۰)

(۷۳)

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوهُ پَرِيانُ؟
'وَنَحنُ اَقْرَبُ اِلَيہِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ'، تُنهنجو توهين سانُ،
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجيبَنِ ڪي.

(سسئي آبري، ۵ ـ ۱۳)

(۷۴)

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪُوهُ پَهِي؟
'وَفِي اَنْفُسِكُمْ اَفَلا تُبْصِرُوْنَ'، سُوجهي ڪَرِ سَهِي،
ڪڏهِن ڪانہ وَهِي، هوتُ ڳولَڻَ هَٿَ تي.

(سسئي آبري، ۵ ـ ۱۲)

(۷۵)

هوتُ نہ ڏِناڻُون، ڏوهُ نہ ڏِيان جيڏِين،
مُون جڻَن رُناڻُون، مَٿي ڪِيو هَٿڙا.

(حسيني، ۱۲ ـ ۲)

(۷۶)

هُو پڻُ ڪونهي هِنَ رِيَ، هِيُ نہ هُنهان ڌارَ،
"الاِنْسانُ سِرِيَ وَاَنَا سِرُّهُ"، پَرِوَرڙَج پَچارَ،
ڪَندا وِيا تَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اَهڙِي.

(آسا، ۱ ـ ۷)

(۷۷)

هُو جي ٽِيا هَرِڪيسَ، تِنِ لَڳِي ڪِينَ لِباسَ سين،
وَتَنِ وِلَهي وِيسَ، لاهوُتِي لَطِيفُ چئي.

(رامڪلي، ۹ ـ ۳۵)

(۷۸)

هُو جي ڪَنَ ڪَپارَ جا، سُوڏو سي نہ سُٽِينِ،
اَندَرِ جي آهِنِ، سُڻُ سَنيهو اُنِ سين.

(رامڪلي، ۴ ـ ۲۲)

(۷۹)

هو چوئِي، تون مَ چؤ، واتان وَرائِي،
اَڳِ اَڳَرائِي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاندَ ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪِي.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۱۶)

(۸۰)

هو چوئي، تون مَ چؤ، واتان ورائي وِيڻُ،
سِيني سين سِيڏُ چئي، مَنُ ماري ڪر مِيڻُ،
ڪاندِ وڏيائي ڪِيڻُ، ڪِيني منجهان ڪين ٿئي.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۱۷)

(۸۱)

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هَٽَنِ،
سُرنايُون ۽ سُنڌَڙا، ٻِنِين پارِ ٻُرَنِ،
گهوٽَنِ ۽ گهوڙَنِ، رِنَ ۾ لائُون لَڌِيُون.

(ڪيڏارو، ۳ ـ ۶)

(۸۲)

هوڏ ڇڏي هوڏي، جي مان گهر اَچين، سُپرين!
ڳالِهيُون ڳُجهہ اَندَرَ جُون، تَنَ گهرِيُون تو ڏي،
جي وِهين ڳَڏُ گوڏي، تہ ڏوَرَ سُٽايَنءِ دِلِ جا.

(بروو سنڌي، ۱ ـ ۲۳)

Gul Hayat Institute

(٩٦)

هُئين وَسيلو وِچَ ۾، ڪانگَلَ! پاڙيَئي ڪانَ،
اُتُئي ڪِينَ عَجِيبَ ڪي، ظاهِرُ ساڻُ زبانَ،
توڙِ پُهتين تان نہ، اوريان ئي آئيو ڏِئين.

(پورب، ١ ـ ٢٢)

(٩٧)

هُئِي هدايَتَ حُرَ کي، اَزَلَ ۾ اَصلا،
چڙهِي آئيو جَنگِ تي، هَلِي هُنَ پارا،
ايندي چِيائين اِمامَ کي: ”گهورِيُسِ آن مَتّاءِ“،
”لَايُڪَلِّفُ اللّٰهُ نَفساً اِلاَّ وُسعَهَا“، جيڪا پُڄنديمِ سا،
گهوٽَ بہ لَڳا گهاءَ، سو پڻ شيرُ شَهِيدُ ٿِيو.

(ڪيڏارو، ٥ ـ ٧)

(٩٨)

هُئِينءَ تہ گهڻو هوشِيارُ؟ ڪَلَ بہ هُيءِ ڪانڌ جِي؟
تو يانيو موچارِي ٿِيان، ڳِچِيءَ پائي هارُ؟
ڪانڌ ڪُوڙِيءَ جو نہ وَٽي، سَئين پَتين سِينگارُ،
وَهَمَ لَهي وِينجهارُ، دِليُون پَرکي داسڙو.

(ليلا چنيسر، ٢ ـ ٣)

(٩٩)

هئي! بِرا! اَڳارن، پڏاهين برن جي،
هڪُ ڪُوري ڪانئا، بِيو ڏُوڏي منجهہ ڏِڳن،
پاٽان لُهارن، ميڙي رکيا مچ ليءِ!

(يمن ڪلياڻ، ٣ ـ ٢٢)

(١٠٠)

هي تان ٿوڙِيُون، جي تُون، پورا! پَسي پِلُئين،
راتِيُون پِيُون گهٽِيُون، جي تو اِينديُون هيڪلِي.

(ڏهر، ٣ ـ ١٢)

(١٠١)

هيءِ! تو وِجي هوٿُ، آئُون ڪِ اَڳِيِري ٿِيان،
مَتان چوءِ بَلوچُ، ”ڪَميِٺِيءَ مان ڪِينَ ٿِيو“.

(حسيني، ١١ ـ ١٥)

(١٠٢)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَحَرُ، پاسي پِرين سَندامِ،
ڪوڙِيين ڪاڄَ سِدامِ، اَڄَ سِڏو ڪونَ رَهِيو.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ۴)

(١٠٣)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَحَرُ، پاسي ۾ وَٽراهَ،
اَچِي وِچي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءَ،
لَڳِي اُتَرَ واءَ، ڪِنجهرُ هِندورو ٿِئي.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ٣)

(١٠۴)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَحَرُ، ڪَنڌِيءَ ڪَوَنرَ تَرَنِ،
وَرِئي واهُونڊَنِ، ڪِنجهرُ ڪَٽُوري ٿِئي.

(ڪاموڏ، ٢ ـ ٥)

(١٠٥)

هي جي آيا هيرَ، سي مُون آڳُ نہ ڏٺا ڪَڏهِين،
آئُون تَرسان، هُو تَڪِڙا، پَٽ نہ لائين پيرَ،
پَنيوليَسِ بَرَنِ ۾، پَسي پيندِيُنِ پيرَ،
آءِ، آرِياڻي! اَسرِي، تي واهَرَ جي ويرَ،
هِيَ ڪَميٺي ڪيرَ؟ تون، پارِسَ! رَسِج پَبَ ۾.

(ديسي، ١ ـ ٢١)

(١٠٦)

هَيءِ! جي هُئا هاڻِ، تہ مَتِنِ هُوندَ حَقُّ ٿِيو،
پيهي وِيا پاڻَ، اَڏِيا مَڙهَ مارِينِ مُون.

(رامڪلي، ٨ ـ ١٨)

Gul Hayat Institute

رُلي چُلي چِپَرين، ڪَنهن پَرِ لاهِيان ڪانڙ،
آهِيان گهَٽو اَجانِ، پَرَ سُورَ پِرِيان جا سانُ مُون.
(سسئي آبري، ۹ ـ ۱۲)

(۱۱۹)

هيڪِلياِئي هيلَ، پُورِيندِيَسِ پُنهونءَ ڏي،
آڏا ڏُونگَرَ لَڪِيُون، سُورِيُون سُجَڻِ سيلَ،
تہ ڪَرَ پيلي آهِنِ پيلَ، جي سُورَ پِرِيان جا سانُ مُون.
(سسئي آبري، ۹ ـ ۱۳)

(۱۲۰)

هي ڪَنَ گاڏِها وِڪِٽي، ڪَنَ ڪي پِيا ڳِنهِيج،
تِنين سانُ سُٽيج، سُپيرِيان جي ڳالهڙي.
(رامڪلي، ۴ ـ ۲۳)

(۱۲۱)

هِيُ مُنهُن ڏيئي، بَنّ، تُون وِهُ ڪائي نہ مَرِين؟
تان جي مَلِيرَ جائِيُون، تو سين سَنگُ نہ ڪَنِّ،
تُون ڪِئَن مَنجهان تَنِ، پانُ ڪوٺائِين؟ مارُئي!
(مارئي، ٦ ـ ۵)

(۱۲۲)

هِي هَندَّ، پيٽِيُون هانڻ، ساڙيان سَپِ ڏيهِيُنِ ريَّ،
”ڪُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ اِلي اَصلِهِ“، تِي جهجان جهانگِيُنِ ڪانِ،
پِرِي پَنهنجي يانِ، پَسان مُلڪُ مَلِيرَ جو!
(مارئي، ۱ ـ ۱۴)

(۱۲۳)

”هَيءِ! هَيءِ!“ ڪَيو ”هاءِ!“، تِي پانڻ هَٽِي سِرُ پاهِٽين،
لَڏائِين، لَطيفُ چئي، جوُءِ جَتَنِ جي جاءِ،
شُڪُرَ، بارِ! سَنداءِ، سُتاٽي ساٿِ مڙِي.
(ديسي، ۲ ـ ۱۴)

(۱۲۴)

هَيءِ هَيءِ! وَهي هاءِ، مَنَ ۾ محبوبَنِ جي!
جيرا جوشَ جَلائِيا، بُڪين بَري باهِ!
پَسو مَڇَ مَٿاءِ، جي ويساهَ نہ وِسَهو!
(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۱)

(۱۲۵)

هَيءِ هَيءِ! وَهي هُوءِ، مَنَ ۾ محبوبنِ جي!
جيرا جوشَ جَلائِيا، بُڪين مُڪي بُوءِ!
اَچي پَسو رُوءِ، جي ويساهِ نہ وِسَهو!
(يمن ڪلياڻ، ۳ ـ ۲)

(۱۲۶)

هِيءَ هَڏِ وِهاٽي، تُون ڪَڙهُ ڪالهُوٽي ڏِينهَن ڪي،
اُتي اور اَرٿَ سين، ويهُ مَ، ويڳاٽي!
تہ صَرافَ سُپاٽي، موٽائي هَٽَنِئي نہ مُنهَن ۾.
(ڪاپائتي ۱ ـ ۵)

(۱۲۷)

هِيءَ هَڏِ وِهاٽِي، جان ڪَتِين تان ڪَتُ،
ڪو پَنهنِجي عيدَ ڪي، پيري ڪَج پَرَتُ،
مَتان روئِين رَتُ، صُباحَ وِچِ سَرَتِيِين.
(ڪاپائتي ۱ ـ ۴)

Gul Hayat Institute

## وائي- ١

هاڻ اِيندو، اَلا! مُنهنجو سَڄَڻُ شالَ اِيندو.
آڱر لائي اَنڊيُون، وَڃي وَسَنُئن ۾ وڃهندو،
نماڻيءَ جو نِجُهرو، پاسي پاڻ اَڏيندو،
مَٿان لَڪَنِ ساٽڙو، صَحيح سَلامَتَ نيندو،
مَهَندِ ٿيندو مُصطَفيٰ، پُنيءَ لوڪُ لنگهيندو،
اَڇي عَبدُاللَطِيفُ کي، دوسُ دِلاسا ڏِيندو.
*(ابروو سنڌي، ٢ ـ وائي ٢)*

## وائي- ٢

هتان ٿي هَلنديَس، مِيان! سامُهين ساڙيهَ ڏي.
وَڏا پينڊا پَنڌَ جا، مَنزَلَ ماٽيِنديَس، مِيان!
اَلاهَر عَجيبَ کي، لَڪَن مان لَهَنديَس، مِيان!
جيڏيُون! جوڙُ جَتَنِ جو، جڏهين آئُون ٿينديَس، مِيان!
حُجائُتا هوتَ کي، ڏوراپا ڏِينديَس، مِيان!
فَريادِيُون فِراقَ جُون، پُنهَلَ کي چَونديَس، مِيان!
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، مَنهِن آئُون مِلنديَس، مِيان!
*(حسيني، ٩ ـ وائي)*

## وائي- ٣

هَلُ هوتَنِ کارڻ حالَ، شالَ سگِر ٿينديِنءَ ساڻ جي!
پيرَ پنهنجي پِرينءَ لَءِ، کوڏَ رَتائين کالَ،
ڇڙهندي سِرِ چوٽِئين، لَکَنِ کَيڙِس لالَ،
جي پاٽِئين جَتَنِ جي، ويڃهي ٿيا وِصالَ،
پُري پَبَ وَڙَن ۾، وِجهج کا وَڙالَ،
کيچان آيو قافلو، مَين مَٿي مالَ،
اِينديءَ بُوءِ بوتَنِ جي، تون جَهلج پَبَ پيالَ،
جِتي جمازَن کي، جَبَلَ ٿِين جنجالَ،
پُڇي پيادِيَن کي، اُتِ آريائي اَحوالَ،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، سَڄَڻ مِلندَمِ شالَ!
*(معذوري، ٢ ـ وائي)*

## وائي- ٤

هِنئڙو تو هُنِ ساري، مُنهنجو ساهُ سَيّدَ کي تو ساري،
جيڏيُون! آئُون هَلندي، ويندي هوتَ ڏي؛
سَرتيُون! آئُون ڪَهَندي، ويندي ڪيچَ ڏي.
هوتَنِ هَلَڻُ مَنَ ۾، ڪيرَ گهڙي هِتِ گهاري؟
آسَرَ پَري آهيان، مانَ واحِدُ آڻين واري!
پَنڌَ اَڙانگا پَٽئين، مُون کي ڪوهِيارو تو ڪاري،
سَچو سُخُنُ سُپَرِين، مانَ پُنهَلُ پَنهنجو پاڙي!
چيرو اَندَرِ چِندَڙي، وِيو ٻاروچَلُ ٻاري!
وڏا ڪَمَ ڪَريمَ تي، هن ويچاريءَ واري،
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، وِهَندُمِ ڪِينَ وِساري.
*(ديسي، ٥ ـ وائي)*

## وائي- ٥

هو اَرمانُ اُتَنِ، مِيان! سَسُئيءَ جي سُورَنِ لَءِ.
ڪَجاوا ڪَرَهَنِ تي، جوڙيا جالَ جَتَنِ، مِيان!
پيرُ نه ٽِڪَنِ پوءِ تي، تا ڪامِنِ سان ڪُتجَنِ، مِيان!
مَهارُون مَيَنِ جُون، واڳُون وَسِ ڏٽيَنِ، مِيان!
ٽَڪَرَ ۾ ٽونڪارَ تي، صُبُح ساٽيڙَنِ، مِيان!
سانگ نه تُنهنجو، سَسُئي! هاٽي هوتَ نه ڪَنِ، مِيان!
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَئي، سي مَرُ مُحِبَّ مِلَنِ، مِيان!
*(حسيني، ١٠ ـ وائي ١)*

## وائي- ٦

هوتَ سي هَلَڻَ هارا، ووا! جيڏيُون!
ڪيئَن ڪَريان آئُون اُن سين؟
ڪوءِ پَلَنگَ! ٻَنِ مازيُون! ڪيَنَ سي ٽيڙَمِ ڪارا!
سُونهَن سُپيرِيَن جا، آتَڻَ وَتِ اوتارا،
وينو ڏئي ڏکيِن کي، پُنهون جامُ پوچارا،
آهيان پَرتِ پُنهونءَ جي، ڪَنديَسِ ڪُنرَ ڪارا،

Gul Hayat Institute

تارِ تَرنديِنءَ، لُڙُ لَنگهنديِنءَ، عِشقَ جي آڏارِ،
پانڌُ مَ ڇڏج پرينءَ جو، پهين جي پاتارِ،
ٽِينڌءِ سَڌُ ساهَڙَ جو، توڏِي! ٿِيُ تيارِ.
(سهڻي، ۹ – وائي)

## وائي - ۱۲

هوءِ جي هَليا هوتَ سُونهارا،
مُون نہ وَهِيٽا، پُنهونءَ سَگِهيٽا.
سَسُئِي پُڇِي ساٿَ جا، اوطاقُون اوتارا،
آن ڪي ويندا ڳڏيا؟ آرِياڻي اِهَ پارا،
تَلِيُون ٿُئَنرَ هَلوِيُون، مَيَنِ سِرِ موچارا،
مُون ڪي نيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا،
اَدِيُون! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، دوسَ آيا دِلدارا.
(سسئي آبري، ۲ – وائي)

## وائي - ۱۳

هِي جي، هو جي لَڪَ! مون مارِيندا لَڪَ!
يا والِي! ڪيچُ نہ اوڏيءَ ڇِڪَ.
اَنتُ نہ ڏِجي عامَ کي، لوڪان ڪجي لِڪَ.
پاڻَ ۾ پارِيُون ڪري، نِينهَن وَهائجي نِڪَ.
(سريراڳ، ۲ – وائي)

## وائي - ۱۴

هِيري هَٿُ وِڏائِين، وِيهي ساٿِيُن وِچَ ۾.
نوازَشِ نُورِيءَ جِي، آهي تَماچِيءَ تائِين.
گَندَگِيءَ گوشو ڪِيو، عَطَرَ اوتَ اوتِيائين.
اَنڌا، مَندا آئِيا، سَخا سَڌُ وِڏائِين.
پَسو جُودُ جُوانَ جو، ڪو هَنڌُ ڪونَ مَتِيائِين.
قيمَتَ ڪَميڻَن سين، جهَڙِي وَٽَ وَتِيائِين.
موتِي مَڇِيءَ هَٿَ تي، ڪوڏِن جِڻَن ڪَڍِيائِين.
ماڻِڪَ مِياڻِنِ ۾، چِلرَن جِئَن ڇَٽِيائِين.
ڏِيئِي سونُ سُوالَ ۾، رُپِي راندِ ڪَيائِين.
پاڻِيَتَ آٽِي پاڻَ سين، لَعلوُن سَڀِ لُٽِيائِين.
فيروزا فَقِيرَن تان، گهوري سَڀِ گهورِيائِين.
اُتي، عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اُجلي اَمُلَ ڏِنائِين.
(ڪاموڏ، ۱ – وائي)

## وائي - ۱۵

هي سَڀِ هَلَڻَ هارا، ڪونَ رَهندو ڪو هِتَ، جيڏِيُون!
اَڏِيا رَهندا اِتهين، هي سَڀِ ماڪَ موچارا.
جن ڪِي باشاهِيُون بُلَندُ هُيُون، سي وِيا ڇڏي وِيچارا.
"ڪُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ"، سَمجهہ اِهي اِشارا.
داڙُو دَڙِي اُتهين، بَخشيائِيندو بَدڪارا.
آلا! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اُتِ سَتُرُ ڪَج، سَتارا!
(ڏهر، ۴ – وائي)

## وائي - ۱۶

هِيَ گهايَلِ هَڏَ گهوري.
ووا آلا! ميان! ڪيچِي مُون نہ سَگهِيا.
عِشقَ آريءَ ڄامَ جي، هِيءَ جُهونڙِي هَڏِ جهوري.
رَهي جا رُڄِنِ ۾، سا ڇِپَرِ ڇڏِيومَ ڇوري.
اَدِيُون! آرِيچَنِ لَءِ، ڏُونگَرَ ٽِينديَسِ ڏوري.
(معذوري، ۷ – وائي)

Gul Hayat Institute

# ي

(۱)

يادِ گُروُ کَنِ گودَڙِيا، پِرِ بازارِ بِينا،
پڙَهنِ سوُرَ سُبحانَ جي، پِيَنِ تنَهن پِينا،
جيلان مُنهَن مِينا، تيلان نَشا چاڙِهيائُون نِينهَن جا.
*(رامڪلي، ٦ _ ۱۳)*

(۲)

يارُ سَڏائي سَپُڪو، جانِي زِبانِي،
آهي آسانِي، ڪَمَ پئي تِي ڪَلَ پَوي.
*(بروو سنڌي، ۳ _ ۳)*

## وائي- ۱

يار سڄڻ جي فراقَ، ڙِي جيڏيوُن! آئوُن مارِي!
دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا، موُن جيها مُشتاقَ،
جاتي ڪاتي محبوبن جي، آهِ حُسنَ جي هاڪَ،
سُرمو سَهي ڪر اَکين جو، خاص پريان جي خاڪ،
عبداللّطيف چئي، پرين اَسان جو هميشه آ حُسناڪُ.
*(يمن ڪلياڻ، ۸ _ وائي)*

## وائي- ۲

ياعَلي! عَلي! سِرِ يَـتيمَنِ جي آئي!
آيو حُڪُمُ اَللّه جو، يا اِمامَ!
بَنِ وِڇوڙو مَوتَ جو، هَيءِ! وو! چارَئي پَهَرُ جُدائي،
آتَرَ پَتَرَ ميڙي، سائين! اَلا! بيبيءَ ديگِ چڙهائي،
جِنين ڪارَڻِ چاڙِهيائِين، سي تان ڪَرِنِ لَڙائي.
*(ڪيڏارو، ۳ _ وائي)*

Gul Hayat Institute

# معنيٰ جي پٽي

## الف

آتڻ: زالن جي چرخي ڪتڻ جي جاءِ، اڳڻ، صحن.
آت: سوز ساڙو گداز.
آتن: سڙڻ.
آتي: (آتڻ = رجائڻ) رجائي، ڳاري، ملائي.
آتر پاتر: پهڻ، پٿر.
آتيا: ڳاهت ٿيا، گڏ ٿيا.
آپاتو: اوڦٽو ڏاريون، غير.
آثار: اهڃاڻ، نشان.
آجو: آزاد، ڇٽل.
آجڙين: (واحد: آجڙو) آجڙين کي، ڀڪرارن کي، ڌنارن کي.
آجڪو: ثمر، قوت، آڌار، پرجهلو.
آچار: تير جو نيشان، هدف.
آچارا: لهرن جون لپيٽيون، گجي.
آچارو : چم جي ڳوٺري
آديس: جوڳين جو سلام بندگي.
آديسي: تارڪ فقير.
آڏ ترچا: ڏنگا ڦڏا، ابتا سبتا.
آڏت: سچ.
آڏ وڏائي: خاص وڏائي، شان.
آر: سير، تک، وهڪرو.
آراڙ: وطن، گهاٽو جهنگ.
آراڙي: ڏٽ جو ڪاڏو، سادو غريباڻو طعام.
آراڻ: اٽيٽ.
آرڪٽين: آر ڪٽن ۾، مهاڏبن ۾.
آروڙجي: سخت ڪاوڙجي.
آرڻ: جنگ جو ميدان، جنگ.
آريج: خشڪ زمين، غير آباد زمين.
آررڙن: جبرا دشمن.
آڙيڪا: ور وڪڙ.
آزوري: آزاريل.
آسارو: آسرو آڌار.
آساروس: سندس آسرو.
آسانگو: آس، آسرو اميد.
آسر: آسرو اميد.
آسڻ: وهڪ جي جاءِ، ٽڪاڻو.

آڪاهه: آڪهه، ڪڙم قبيلو.
آڪرو: اتامرو ڳهٽو مهانگو.
آڪو: ڪچو گهڙو.
آڪڙي: ٿاڻڙجي.
آڪون: هڪ ميوو آڪڙوت.
آڪڙيان: ٿاڻڙيل، ٻاهڙيل.
آگن: مالڪن، اڳواڻن.
آگ: باهه، سوز ساڙو.
آڳ: منجهه، راز وارو وجهه.
آڳانجهو: اڳرو زياده، جهجهو.
آڳانڊيو: دلاسو پناه، بچاءُ.
آڳانڊيائون: جوڙيائون، اڏيائون.
آڳهه: پر جهلو آڌار پروسو.
آڳاهون: اڳيرو اڳتي.
آڳڙين: آڳ وارن، لوهارن.
آڳهتجن: گڏ ٿين، بند ٿين.
آلائش: گندگي ناپاڪائي.
آلودو: ميل سان ڀريل، ناپاڪ، گدلو.
آما: (واحد: آمو) انب.
آن: آءُ، اوهان
آنر: نياڳا اٿ، ڪيرولي گاهه جو قسم، هڪ قسم جو وڻ، آملهه
آنهن: کوهه جو حوض، آواڙو.
آوار: ڇٽيل، پڪڙيل، آسپاس.
آواڙ: اجائي، عبث.
آوَن: اچن.
آونگ: رڌ بچاءُ جا ٿانءِ.
آهَر: آهار، آڌار آسرو.
آهُر: ڪونار، جنهن ۾ مال چارو ڪائي، مال جي ڪاڏي ٿانءُ.
آهرا: آڪيرا.
آهڙا: ڏکيا اهنجا، مشڪل.
آهيريانئي: آرسيءَ ڪان ئي.
آهيڙي: شڪاري صياح.
آيل: امان، ماءُ، سڪر زال.
آبَ: ابو پيءُ.
آبر: ڪڪر، بادل.
ابر: سُئِي.

Gul Hayat Institute

آَبڙو: ابڙو سردار جنهن سومرن جون سامون جهليون هيون.
اُبهَان: (اُبهڻ = بيهڻ) ايو ٿي بيهان، بچان، امن ۾ رهان.
اُبهو: بچو امن ۾ رهو.
اُباٽجڻ: ڪومائجڻ، دونهاٽجڻ.
اُباهرا: اُبهرا، تڪڙ ڪندڙ جلد باز.
اَبُڌي: بي سمجهائي، اياڻپ.
اَبڪار: پڪار، نعرو.
اُپا: بيٺا، بيٺل.
آپام: ابهم، معصوم.
اُپڪڙا: پٻن تي بيٺل، ايي پير بيٺل.
اُپو: بيٺو بيٺل.
اُپي ويا: اُٿِي ويا.
اَپيڪ: بيهڪ.
اَپينديون: بيهنديون.
انت: نهايت، حد.
اُتاريو: لاهيو دفع ڪريو.
اُتانگ: اڻ تانگو اونهو.
اُتائون: چيائون.
اُتائين: چيائين.
اُتومانءِ: چيو مانءِ، توکي چيم.
اَتور: بيمثل، لاثاني.
اَتوريا: اڻ توريل، ججها، گهڻا.
اُنو: وسيو وسيل مينهن.
اثبات: ڌڻيءَ جي هستيءَ جو اقرار.
اَپاريا: ار وارا، پرانهان، ٻئي پارا وارا
اَپٽي: (اُپٽڻ: کولڻ) کولي، کُلِي.
اَپر: گهڻو بيحد، بيشمار.
اَپڙ: تڪڙو هل، وک وڌاءِ.
اَپليو: اَڻ پليو اڻ جهل.
اَجارا: اُجاريندڙ صاف ڪندڙ.
اَجلان: اجل کان، موت کان.
اجلس: ويهہ، ويهڻ، سستي، غفلت.
اَجوکي: بنا جوکي، سلامتيءَ واري.
اُجهي: پڇي، پورو ٿئي، اُکلي.
اُڄ: ٽپ ڏئي، ڊوڙي.
اُجهہ: (مصدر: اُجهڻ) رُل، پٽڪ.
اجهور: اجهاڳ پاٽي، ڪُن، مال جي بيهڻ جي جاءِ، آجهو.
اَجهانون: آجها. آسرا، ڀروسا، پناهہ جون جايون.

آجهڻ: رُلڻ، پٽڪڻ.
آڇهُون: اسان کي اچي.
آڇاهہ: اڇا، سفيد.
اڇل: اٿل، پلٽ (پاڻي جي).
اڻ ميو: بي انداز تڪڙو تيز.
ادورائون: دانهون، پڪارون.
اِدغام: ٻن حرفن يا آوازن جو پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيڻ.
آدوها: اُڌما، جوش، اُمنگ.
آڌاٽا: اُپريا، پيدا ٿيا.
آڌر: بناتيڪ، ري آجهي، ضعيف.
آڏ لڳيون: اڏ پوريل (اکيون).
آڏوتي: اڻ ڌوتل، ميري، ناپاڪ.
آڏي: گوشت وڍڻ جي ڍِڪي.
آڏيار: پاسو ڪندڙ پار ويندڙ.
آڏتراچا: ڏنگا، ڦڏا، وروڪڙ.
آزا: ڪِلا.
اِرادت: اِرادو ازل جو ليکو.
آرتو: رت گاڏئون، ڳاڙهو.
آرتي گاڏئون: رت گڏيل.
آرت: آئٺ، خرچو.
آرث: ميراث، ورثو.
آردا بيگيون: لاغرض ٻانهيون.
آرداس: بندگي، عرض، سوال.
آرڏا: زوراور.
آرزان: سستو مهانگو.
آرک: اڻ رتل، نا پرهيزگار بيوفا.
آرڳ: الڳ پري، ڌار بيزار.
آرغچ: بافتو.
ارم: بهشتي پوشاڪ، اِرم جو لباس.
آروٽ: ڪچو خام غير واقف.
آروٺ: بي آبي، خشڪي، سوڪ.
آريج: ريج بنان زمين، خشڪ.
اڙِن: نوڪن، چنهبن.
آڙانگ: اڙانگو ڏکيو مشڪل.
اڙل: ڪڏٽا گهوڙا.
آزل: اصل، ڪائنات کان اڳ.
آسارا: غافل، وسيلا.
آساروس: سندس آسرو ڪيس آسرو.

Gul Hayat Institute

بَڪَتِ العينان في هواڪ دما: "تنهنجي عشق ۾ اکين رت رنو."

بِگر: بغير، سواءِ.

بُري: بغلي، گودڙي.

بِلا شَيخ مَن يَمشِي فِي الطرِيق: جو مرشد کان سواءِ طريقت ۾ هلي ٿو (سو انهيءَ شخص وانگر آهي، جو سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ کانسواءِ هلي ٿو.)

بِلو: آسرو اجهو.

بلي: حوالي، آسري.

بُن: ٻڙ، بنياد.

بندر جن: بندر وارن.

بوتن: اٺن.

بُود: هستي، وجود، بقا.

بور: گهوڙي جو قسم.

بوراٺون: سونهون.

بُيون: هيڪارون.

بهن: پڙڪن (ڪتا).

بَهر: قطار، قافلو.

بيائيد: اوهان اچو.

بيباڪ: بيفڪر، بي ڊپو.

بيٺ: ڪمر، سندو.

بيخود: بي سرت، خودي کان سواءِ.

بيدي: بيابان، سڃ.

بِيرُ: ڪوهه، چشمو.

بيران: ويران.

بيراني: ويراني.

بيراهه: غلط رستو گمراهه.

بيزڻون: جهنڊيون.

بِي يُبصِرُوَن بي يَسمعُ: مون ذريعي ڏسي ٿو ۽ مون ذريعي ٻڌي ٿو.

بِي يَمشِي وَ بِي يَنطِقُ: مون ذريعي هلي ٿو ۽ مون ذريعي ڳالهائي ٿو.

## ٻ

ٻاٻاٽا: اباڻا مائٽ، عزيز.

ٻاٻاڻن: اباڻن.

ٻاٻرين: ٻير جا.

ٻاتاڙي: موڙهل، منجهيل.

ٻاجهائج: ليلائج، ٻاڏائج.

ٻار: ٻاهر. پاڻي جو ڪُن.

ٻارٽ: ڳاٽڻو مڱڻهار.

ٻاروتن ۾: ٻاراڻن ڪپڙن ۾، ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾.

ٻاري: دري، جاءِ، ٽولي.

ٻاڙو: ڪارو (پاڻي).

ٻانُ: ٻانهون، غلام.

ٻانڌين: ٻانڌين تي، مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ لڳل رڇن تي.

ٻاندو: لُنڊو ڪتو بدمعاش.

ٻانڊي: درياهه ۾ لڙهندڙ ڪاٺي.

ٻانهون: همراه.

ٻانهوٽا: ٻانهن جا گهه.

ٻانهوٽي: ٻانهڙي، گولڙي.

ٻانگهڙ: ٻاڪر.

ٻاڻ: تير، ڪان.

ٻاٽڙ: نار جو سامان.

ٻاين: راڻين، بيگمن.

ٻپارا: ٻنهي طرفن کان آرپار.

ٻِپڙي: ٻن پڙن واري، سپ.

ٻچي: ٽڪ، هلاڪ ٿي.

ٻُجهارت: ڳجهارت، پرولي.

ٻچَل: چوهه سان لڙهندڙ.

ٻُڌ: سمجهه، عقل، هوش، ڄاڻ.

ٻَڌ: ٻِٽا. ٻه ٻه.

ٻڌيس ٻول: واعدي جهليس.

ٻڌاهين: ٻه دفعا، ٻه ڀيرا.

ٻَر: مصيبت، ارمان.

ٻُر: چنڊو. ڦڙو.

ٻَرُ: ٻل، زور.

ٻُر: وارن جون چڳون، چوٽي.

ٻُرائي: وڃائي.

ٻَر ٻَر: هاءِ هاءِ.

ٻڙد: ڏاند.

ٻُرڪيو: گهوريو قربان ڪيو.

ٻُرن: وڃن.

ٻِرنگو: درنگو ٻچاپڙو.

ٻَري: ماندي ٿي، سڙي.

ٻريائي ته ٻار: جي ٻاهه دُکي اٿئي ته دُکاءِ.

ٻڙڪن: ڪڙهن، سڌڪن.

ٻڙو: ڪپهه جو ذرو ڊِڪ.

Gul Hayat Institute

ٻَڙي: اڙيا اديا.
ٻُڪي: ڦڪي، سُتي.
ٻِلاٽي: ڏسو "ٻيلاٽي".
ٻلر : ٻارڙي، معصومڙي، ڇوڪري.
ٻلن: (واحد: ٻلو) اک جو تارو.
ٻَليار: واهڙ جو نالو، جُوءِ جو نالو.
ٻن پوڻ: ڪڏ پوڻ.
ٻن ڏيڻ: ڪڏ ۾ وجهڻ.
ٻَن: ٻنا، مٿاهان پٽ.
ٻَنيا: گهران، در اندران.
ٻنڌ: ٻند، ڳنڍ، شرط
ٻنڌڻ: ڳنڍ، لاڳاپو، حيلو وسيلو.
ٻنگ: ڪان، تير، درياهہ جو ور.
ٻنيءَ: ٻٽي، ڪارسازي.
ٻوڏ: ڦٽڪار وارو جواب، ڦوٽ.
ٻوڙُ: جوان اٺ، وٽن جا ڪچڙا گل.
ٻُرا: ذرڙا، ڇورا.
ٻوڙ: پاٽي جي اٿل، تار پاٽي.
ٻُڙو: گاهہ جو ٽپ، جهلو. آڏار.
ٻوڪ: ٻوڪجڻ، ٻور جهلڻ، جوانيءَ جو ڦوهہ.
ٻولاهيون: سامهون اچي ٽڪي واريون مينهون.
ٻَهُ: ويهہ.
ٻهہ ٻهہ: واهہ واهہ!
ٻَهار: ٻاهر.
ٻُهار: ڏوڙ.
ٻَهُون: گهٽو ججهو.
ٻئنئان: ٻين ڪان.
ٻَيَـرَ: زال، جوءِ، عورت.
ٻيرا: ذرا، ٽڪرا.
ٻيڙياتو: ٻيڙيءَ وارو.
ٻيل: ٻہ گڏ، ٻيلهہ.
ٻيلاٽيون: درياءَ جا وٽن وارا ننڍا ٻيٽ.
ٻيلان: ٻہ قدم، وک.
ٻيلپو: چاڪري، خدمت ڪرڻ.
ٻيلي: همراهہ.
ٻيلِي: لس ٻيلي ۾.
ٻيلياٽي: ساٿياٽي.
ٻيلِي ڏٽي: لس ٻيلي جو حاڪم (ڄام سپڙ).
ٻيهر ڄاپڻ: جئري مري جيئڻ.

# پ

پاڄ: پاڄوڪڙ زال. بي لڄي.
پار: پائر.
پاروڙي: رڍ، لوئي، ڪٿي.
پاڻ: پائڻ، خودي، هٺ.
پاڻ: وڏو پيالو نرسري.
پاڻُ: مغروري، وٽاڻ.
پاياٽي: شريڪ، پائيوار.
پيوت: متي، ڦلهيار.
پُتي: پراٽي، ڳريل.
پُڄئان: پُڄ شهر کان.
پرم: لڄ، پت، شرم.
پِرن: لنوَنِ، پون ڪن.
پري: راضي ٿي.
پيري: ڦيري.
پريون پون پواريون: پيانڪ، پڪون ڪرڻ.
پِڙا: ڳنڍيون، ڳوڙها.
پڙڪن: جلن، مچ ڪن.
پڙن: ملن.
پُڪليا: متيءَ هاٽا، ميرا.
پَلُ: ڦل، تت، جوهر.
پُلڪار: ڏهڪار، ڏمر.
پُلن: پلڪار ڪن، ڏمر ڪن.
پَنيا: ڪارا گهنڊيدار وار.
پَنيوليا: پُليا، موهيا، مست ٿيا.
پَنگُ: رخنو ڦيٽاڙو.
پُنگا: جهوپڙا.
پِنَن: آلا ٿين.
پَنَڻُ: روڄ، ماتم.
پِني: وهاٽي (رات)، پيچ پني.
پُٽان: وتان، گهمان، ڦران.
پُور: پوري رنگ جو اٺ.
پُورل: وسوڙل، پوري.
پوڳ: عيش، طعام.
پُوڻ: پوٽِي. ڦرٽي، خبر.
پيچي: ٻيلي، ساٿي.
پيڏي: ڪارائي وارو هڏو.
پير: نمونو ڊول.

پيرم: چرخو.
پيريون: نغارا.
پيڙو: ساٿي.
پيلئان: چرڻ جي جاءِ ڪان.
پيلو: ڪچو گهڙو.
پيلي: لتاڙي ڪائي ناس ڪري.
پيٽئين: ماڳن تي جاءِ تي.

## ت

تاب: تابش، سڪ، دهشت، ڊپ.
تابيني: حوالي.
تات: يادگيري، طلب.
تات توت: ڳولا ڦولا، پڇار.
تاري: آڌار، سدا.
تاڙ: تاڙي روڪ، اٽڪ.
تاڪن: تڪيدڙن.
تاڪي چڙيا: پوري چڙيا.
تانگهه: سڪ، اڪير.
تانگهيديس: ڳولينديس.
تاڻ: ڇڪ، ڪشش، ڪاهه.
تاڻين: ڇڪين، تڪو هلن.
تائب: توبهه ڪندڙ پڇتائيندڙ.
تاپائون: تپاپائون، زور رکيائون.
تبرون: ڪهاڙيون.
تتر ڏائو تيڻ: بدسوڻ ٿيڻ.
تٿ: مقرر تاريخ، چنڊ جي تاريخ.
تچيا: ڪپيا.
تچي: ڪل لاهي، ڪوري.
تُراب: خاڪ، مٽي، فنا نيستي.
تراز ترازو: هلڪي ٻيڙي.
ترازي: تارازي، ساهمي.
ترنجڻ: پيرن جا ترا زخمي ٿيڻ.
ترڪٽيون: ننيڙا ترا، ترو ڪڙيون.
تريون: ڪکن يا ڪانن جو ترجهو.
تڙاءِ: تڙان، تڙ ڪان.
تڙجهل: تڙوٽ.
تڙ تڙ: هر هڪ تڙ.
تسا، تسئا، تسيا: بکون.
تسليم: مڃڻ، قبول ڪرڻ.

تُسڻ: راضي ٿيڻ.
تعجيل: تکڙ، جلدي.
تعظيما: عزت خاطر، مان خاطر.
تَفاؤل: چڱو سوڻ، فال.
تغيري: ڦيرو تبديل.
تفاوت: خدا جو ڊپ، پرهيزگاري.
تِڪ: يڪي ساهي پيڻ، ڳيت.
تڪون ڪرڻ: ڳڻون ڪرڻ، ويچار ڪرڻ.
تڪيو: لڪاٽو اجهو آسرو.
تڳڻ: جٽرو رهڻ، گذر ڪرڻ.
تڳي: اونداهي رات.
تلُ: مٽ، جوڙ جيس.
تَل: ترايون، تلاءِ.
تليارا: تلين وارا موڙ.
تُن: سوراخ، ٽُنگ.
تُنبائڻ: ڪپهه پڃائڻ، ڪپهه پرائڻ.
تُنبو: وڃائڻ جو ساز پان، منگتو.
تُنبڙي: تنبي سان ننڍڙو ساز.
تنگ: گهوڙي جو پٽو.
تنگئان: گهيڙ مان، لنگهه مان.
تنگون: ڪشالا، ڏوڙون، ڏکون.
تنڪ: ڪهاڙيون.
تنواراءِ: تنورن مان، باهه مان.
ترُ: تنُ، بدن.
تڳي: پلؤ چل، سگهه، آڌار.
تواضع: نياز نماڻائي.
توانو: تندرست، سگهارو.
توائي: بطال، پتڪيل، گمراهه.
توڏ: توڏا، اٺ، سهڻي ستاءِ.
توڏي: نازنين عورت (سهڻي).
تُر: ولين ۾ هوٿين ۾ ڪچڙا ڦل، بنياد، بڻ.
تور: هڪ جيڏو جوڙ جيس.
توڙا: توڙ ڪان اصل ڪان.
توڙي: لتاڙي، جهاڳي.
توشرن: گاديلا، پٽراٽيون.
توڻ: هڪ ويلي جو ڪاڏو.
توهه: مهرباني، فضل.
توءِ: تنهن هوندي به.

Gul Hayat Institute

خُلت: دوستي، محبت.
خَلَق آدم عليٰ صُورته: خدا آدم کي پنهنجي صورت موافق خلقيو آهي.
خلوت: اڪيلائي.
خُماريا: مست ڪيا.
خليل: دوست، حضرت ابراهيم نبيؑ.
خمير: ڳوهيل اٽو، اصل جسم.
خيز: ٽپو، چال.

## د

دار: گهر، دنيا، ڦاسي.
دارون: دوا، سُتِي.
دارئين: دارن سان، دوائن مان.
دارَين: ٻئي گهر، ٻئي جهان.
داڙ: مدد ڪندڙ، بچائيندڙ.
دال: دوزخ جو پهريون اکر، دوزخ.
دام: دم گهڙي، ڦاهي.
دائرا: اوتارا، آستان.
دائودي: حضرت دائودؑ جو ڪُورو، هڪ گل.
دُپارا: ٻنهي طرفن کان.
دران: اندران.
درڪ: سمجهہ.
درندا: ڦاڙيندڙ جانور، واگهہ وغيره
درو: رستو، لنگهہ.
درهڙ: ڏڏڪو ڏمچر.
دَڙ: ڏمچر، گوڙ.
دَڙي: دِٻ پِٽ.
دقت: ڪشالو، تڪليف.
دَڪ: دِڪي، مٿاهين زمين.
دلبو: دوکو، فريب.
دلدل: امام حسين جو گهوڙو.
دلق: ڪفني، گودڙي.
دلئان: دل تان، دل مان.
دليل: خيال، وسيلو، آسرو.
دم: پساهہ، پل، لحظو، درياهہ جو چاڙهہ.
دمج: ساهہ کڄ، ترسج.
دل جهليو: ماٺ ڪريو، فڪر م.
دميندا: ترسندا، صبر ڪندا.
دُنگي: ٻيڙي، ٻونبدي

دُني: دنيا.
دوامي: مدامي، هميشہ لاءِ.
دوبينائي: ٻيائي، دوئي.
دوپير: وهٽ جي پوين ٽنگن ٻڌڻ جي رسي.
دُود: دونهون، غبار.
دو دستي: وهٽ جي اڳين ٽنگن ٻڌڻ جي رسي، ٻنهي هٿن سان هنيل ترار.
دور ڪرڻ: وري وري پڙهڻ.
دوڙو: خسيس، نيچ.
دوڪ: پنجن کان ڇهن سالن جي وهٽ جي ڄمار.
دوڙو: ڊوڙندڙ.
دوس: دوست
دوسان: دوستن وٽان.
دوسن در: دوستن جي در.
دوگ: ڏونئري جا ڏگ، ڪاڏي جا ٽڪر.
دولهہ: بهادر.
دوئڪي: چمڪلي.
دُهريون: موتين ڳتيل مالهائون، ٻيٽيون.
دهي: ديهي، جسم.
ديت: خون بها.
ديد: نظر، ديدار، ساڃاءِ.
ديمن: لشڪرن.
ديوان: عدالت گاهہ، وزير
ديُون: چمڪا، لاٽون.

## ڏ

ڏات: عادت، ڍنگ، رفتار.
ڏاج: پيداور ڏاج.
ڏاچا: گيڙوءَ رتا.
ڏاڄ: جيهي زمين اپائي، ان داڻا.
ڏاٽيون: ڀڳل چانور.
ڏاءُ: ڳاڙهو رنگ جنهن سان ڪنير ٽانون کي چٽين.
ڏبر: اڇي ڪتي، لوئي.
ڏُبي: ڏڪي.
ڏُتاريون: نگيون پنيلايو.
ڏَجُ: ڏن مِٽي لالاڻ
ڏج: جهنڊي، وانئڻي، بيرق.
ڏر: ڏرتي.
ڏارارنئون: ڏنارن کان.

Gul Hayat Institute

ڊنن: ڊنلن، اگهن.
ڊهون: هلائون، ٺَڪرَ.
ڊوهي: منع جو قسم.

## ڍ

ڍار: دستو نمون، پنڊ، لاڙو ماڳ، وٽ، پاسي.
ڍاڳي: ڦٽل ڍوري يا واهڙ جو نالو.
ڍائي: ملڻ جو وعدو.
ڍب: ڍبي، دام.
ڍبيون: دام، ڪوڙڪيون، دوائن جون دبيون.
ڍٽ: ٽر جو وچ وارو پاڱو.
ڍري: مٽان پئي.
ڍُڪن: پهچن، رسن.
ڍُڪندي: پهچندي، ويندي
ڍور: ڦٽل واهڙ، ڍورو.
ڍونديان: ڳوليان.
ڍُنگري: ماڪ.
ڍيرئون ڍير: ڍڳن جا ڍڳ.
ڍيري ٽئين: ڦاسي پئين.
ڍيل: چڙ، لاهہ، نيلهہ.
ڍيون ٿيون: ڍُبا ٿيو تري ۾ پاٽي رهيو.

## ذ

ذاتي: خدا جي ذات جو اصلي، يقيني.
ذوق: عيش عشرت، خوشي.

## ر

راڙو: جنگ، هل.
راڄاڻ: حاڪم، راڄيو.
راس: درست، برابر.
راسيون: چوٽيون.
راڳا: جهنگلي مرون.
راماٽا: هڪلون، ڪارون.
رامڪلي: راڳڻي.
رانئيان: ريجهائيان.
رانئيا: گذر ڪري ويا، رنگجي ويا.
راول: پريتم، سڄڻ.
راوت: بهادر.
راهُو: مشهور سخي سمو سردار.
راءِ: راجا، بادشاهہ.

رائر: محصول، چونگي.
رائون: چارجي پاسن ڪي جهلي بيهڻ لاءِ ڪنارِي رڇ جو قسم.
رئي: چمڪات.
رائينديس: راضي ڪنديس.
رايائين: ريجهايائين.
رايون: مينهن جو قسم.
رباب: هڪ قسم جو ساز.
ربابي: رباب وڃائيندڙ ڳائڻو.
رت ورنو: رت جهڙو، رت گاڏئون.
رتول: رنگ محل.
رتين: ڳاڙهن، رتل.
رتيون: ذررڙيون.
رجات: رجوعات، بندگي.
رجائينديس: آلو ڪنديس.
رَڄَ: گهڻو ڍئو.
رُجهن: ريڌا رهن، مشغول رهن.
روجهڙيون: اڇن پيرن واريون هرڻيون.
رَڇن: رڳجن.
رَڇ: تانو وڏاچار.
رڇائين: رڇيءَ جي، رڍ جي.
رخت: سامان، اسباب.
رخساري: رخسار، ڳل.
رخنو: نقص.
رد: بيڪار.
رَڏ: هوڏ ڪندڙ بيعقل، رد.
رضا: قضا، مرضي.
رعد: گوڙ.
رفيع الدرجات: وڏي درجي وارو.
رقص: ناچ.
رقيب: چاري، نگهبان.
رُڪ: رُڪ جو هٿيار، ترار.
رڪن: ردي ماڻهو احمقن.
رُلي چُلي: پٽڪي.
رمگيو: گذاري ويو.
رموز: رمزون.
رميا: روانا ٿيا.
رنج: درد، بيماري.
رنجائو: رنج، ڏک.

Gul Hayat Institute

رنجور: بيمار.
رَند: گس، پيچرو.
رِندي: مستي، فقيري.
رنديا روڙيا: ٿلهو سٽ ڪتيو.
رُنڪن: رِينگن، ڪِنجهن، ليلائن.
رنگ: تماشو رونق، خوشي.
رنگائي: رڙيون ڪندي.
روان: روانو.
روپ: حسن، سوڀيا.
روجهہ: هڪ جانور گورخر.
روچي: روزي، حاصلات.
روح رچنديون: روح کي وڻندڙ دل پسند.
روڏا: اٽ.
روڙي: نيڪ، بهادر.
روڳ: مرض، بيماري.
روڳي: بيمارُ روڳي.
رومي: مولانا جلال الدين روميؒ.
رُون: روئن.
رَوَن: وڃن.
رونجهو: سخي چارسپڙ (جو ذات جو رونجهو هو).
روندا: روڄ راڙو ڪندا.
رُوءِ: مُنهن، صورت، نمونو رويرو.
روهي: روڪي.
رِهاڻي: رهاڻ، وندر.
رِهاءِ: جڳائي.
رَهُون: جبل، روهہ.
رڻ گهڙي: جنگ جي مهل.
رَي: تحقيق، ٺيڪ.
ريبيو: ٻُلايو برغلايو.
ريبارو: قاصد.
ريٽ: درياءَ جي ريتيل زمين.
ريٿو: ڳاڙهو ٻوچڻ.
ريٿ: رڍ جا وڏا وار، اُنَ.
ريهاٽو: ريڏو راضي ٿيو.
ريڏائي: ڏنگائي، رُسامون.
ريزاليون: نالائق، ڪميڻيون.
ريڪان: ريڪون، پاڙون، تارون، تندون.
ريڳڙيارو: واريءَ ۾ ويڙهيل.

ريل: ساوڪ وارو پٽ.
ريلو: ڪشش، وهڪ پاڻيءَ جي.
ريلي: آباد ڪري، ريج ڏئي.
ريهي: ڳنڍي، ملائي.
ريون: ڏُنڊ، داٽا داٽا.

## ز

زابر: جابر، زبردست.
زاغ: ڪانگ
زاف: ضعيف، هيٺي.
زبر: جبر، ظلم.
زبرون: جبرايون، ڏاڍايون.
زربفت: زريءَ جو ڪپڙو.
زلف: وار.
زود: جلد.
زير، زيرويون: زيردست، نيچ، قيدين جا زنجير.

## س

ساب پيا: قبول پيا، سڄايا ٿيا.
سابق: اڳيون، اصلوڪو.
سات: ساعت، گهڙي.
ساٿان: ساٿ ڪان.
ساتر: هڪ قسم جي ٻوٽي، دوا.
ساٿو: سودو سٿو عيوض.
ساٿي: مهاٽا، مڇي وڪڻندڙ.
ساٿ: سڱڻ ساٿ، خوشيون، سانباها.
سانيڪا: اونها ڪوهہ.
ساج: ساز سينگار.
ساڄا: تيار، هوشيار.
ساجهہ: سهج، وجهہ.
ساڄائو: ساڃاهہ، معرفت وارو.
ساڏوهين: چارجي وڻ جو قسم.
سارون: سنڀارون.
ساروٽي: يادگيري.
ساڙو: مچ، ڏُک.
ساڪن: رهاڪو.
ساڳاتو: سڱٽيو رفيق.
ساڳاپو: سڱ، مائيٽي.
ساڳاهي: سمجهي، خبرداري رکي.
ساڳاهيج: ساڃاهہ رکج.

Gul Hayat Institute

تان سر قربان ٿيو تہ چا ٿيو؟
سرڪشي: مغروري، وڏائي.
سرڪنڊ: چندن جو وڻ، صندل.
سرگردان: حيران، پريشان.
سرٽين: سام پيلن، پناهہ ۾ آيلن.
سَرو: شراب.
سَرہ: جهنگلي ٻڪر جو قسم.
سَري: لڙهہ، مالها، تسبيح.
سريام: حاصل ٿيام مليام.
سريو سون: اسان کي پلئہ پيو.
سسر: سنو چشمون.
سَسن: گهيٽن.
سعادت: نيڪ بختي، خوشنصيبي.
سَڪن: ڪنبن، ڏڪن.
سُڪوت: خاموشي، ماٺ.
سُڪوتان: ماٺ مان.
سِڪهون: سڪون.
سڪاٽي: سُڪاڻ وارو ناکئو رهبر.
سُڪائون: باسون، مجتائون.
سَڪَر: لائق، چڱا.
سُڪياٽي: آسودي.
سُڪين: سُڪن.
سَگبان: ڪتا سنڀاليندڙ ڪتن جو مالڪ.
سَڱائي: مائٽي، قرابت.
سَڱر: رستو.
سُڱٽي: ڳُٽن واري.
سگڙيون: وڃائڻ جون سگيون.
سگيٽا: سڱ وارا، مائٽ.
سگيون: وڃائڻ جا سڱ، توتارا.
سَلُ: تنگ، سوراخ.
سَل: سچي ڪر، سٽاء.
سَلاڙيو: گڏ ٻڌيو قطاريو.
سلان: سليان، ظاهر ڪريان.
سلتم: سليم، ٻڌايم.
سَلتي: ٻڌائي، سَلِي.
سلحدار: هٿيار بند.
سلوڪ: فقيريءَ جو رستو.
سلهاڙيو: ٻڌيو ڳنڍيو.

سلي: قطاري، سلهاڙي.
سمانا: عزت وارا، مان وارا.
سمر، سمرا: سامان، توشو.
سَمن: واعدو گڏجاڻي.
سمگني: نوازي، راضي ڪري
سمگئا: نوازيا، راضي ڪيا.
سَمي: سمي بادشاهہ.
سنان: ٽڙ، وهنجڻ.
سنپار: سانپر، چڙو يادگيري
سنپوڙو: سنپريل، تيار.
سنجري: پيدا ٿئي.
سنجئم: ڪوهہ مان پاڻي ڪڍيم.
سهنج: سُک، سولائي.
سَنَدَ: سفارش، چٺي، آڌر.
سنڌڙيان: سندن.
سُنڌڙا: توتارا.
سنڌياءِ: تنهنجي.
سَنڌ: رکي ڇڏي لڪائي رکي.
سنڌا: عضوا، سنڌ. تڪرا.
سنڌو: حد، ڪنارو.
سنڌيندم: مرهم پٽي ڪندم، چتائيندم.
سنڌيون: بدن جا سنڌ، عضوا.
سَنبُ: اوزار، وسيلو سيٽاهہ.
سنبين: همت جهلين، سيٽاهہ تي ترن.
سَنڪو: اُڊڪو ڊپ، فڪر.
سنڪن: ڏڪن، ڪنبن، ڊڄن.
سنڪ: وڃائڻ جو ڪوڏ، ناد.
سُنگ: سنگت، ساٿ، محصول.
سنگهار: مال وارا، ٻ ڳيا.
سنگهر: زنجير.
سنواريا: سوانريل، سپاڳا، سونهارا.
سنيهڙو: پيغام نياپو.
سناوا: سڏا، سامهان.
سُٽهان: سٽا، ٻڌان.
سٽيانِ: ساٽن، ڪين.
سُٽِئين: ٻڌن، سٽن.
سو: سُئو ٻڌو.
سُوات: سنئون رستو.

Gul Hayat Institute

سَوارا: سويل.
سَواري: سويل.
سواريون: سويل.
سُواهرو: چڱو مددگار، خيرخواهہ.
سُواءُ: سٺائو واءُ.
سَوائي: سوايو سرس.
سُوائي: سخي.
سويي: سونهن واري، بختاور.
سوٽ: ڏاڍو وٺيل، سخت.
سونا: جوابداريون، ذميداريون.
سونائون: ڳولي لڌائون.
سُوجهہ: جانچ، ويچار.
سوجها: چاڻ، پروڙ.
سُجهي: جاچي، چڪاسي.
سوجهيائون: چڪاسيائون، جاچيائون.
سُوڌا: سِڌا، پورا، سچا، سمجهو.
سُوڌائي: چڱائي، سڌائي.
سُڌو: پورو سچو.
سُوڌيون: پوريون، سچيون.
سُور: سورة، درد.
سررانگهي: اورانگهي.
سُور ٻُهار: چنبڙي صاف ڪر.
سُور چرندي: سور ڪائيندي.
سور چيو: موهيو مست ڪيو.
سُوريتيءَ: درد جي ماريل، ڏکايل.
سوڙ: متان پائڻ جي رضائي.
سُوَڙو: ڳُڻائتو لائق.
سوگند: قسم.
سُول: سُور، فائدو فرحت.
سون پٽي: سون جو سنگ يا داڻا.
سونکي: ڳِڙتي، ڊپ.
سونگ: محصول.
سونگڻان: محصول جي ڪري روڪيا.
سونگي: محصول اڳاڙيندڙ.
سون ورنيون: سون جي رنگ جهڙيون.
سُونهاري: سهڻي، ڏاڙهي.
سُونهان: رهبر.
سُونهائي: سونهين ڪئي، واقف ڪئي.

سونهايوم: ڏيکاريوم.
سونهڻ: ٻيڙيءَ جون ميخون.
سوءُ: ماتم، غم.
سِه: سِيءُ، سردي وارو مهينو.
سُهاڙ: ساهڙ، ميهار.
سُهاڳ: سُک.
سُهاڳي: سکيو وٽندڙ.
سهاءِ: سهائي، سيبائي، جڳائي.
سُهائو: روشني.
سُهائي: سوجهرو روشنائي.
سَهٽ: سک، اکير، سلوڪ، رهاڻ.
سَهج: خوشي، شوق، چاهت.
سَهجان: ڪوڙ منجهان، سهج مان.
سهج: ڳڻ، قرب، سينگار، موج.
سُهنڊ: ستو هنڊ، ستي جاءِ.
سَهس: سهسين، سوين.
سُهڳ: سهاڳ، سک.
سِهو: اميد. آسرو سهڻو لائق، چاهہ.
سهر: موڙ.
سَهي: واقف، سڃاڻو.
سَئُنچو: خطرو تياري.
سؤکو: سکيو سولو.
سوئيتا: سوءُ ۾، ماتم ۾.
سِيءُ: ٿڌ، سردي.
سيارچ: هڪ قسم جو گاهہ يا ڏٿ.
سِياڪو: سياپو ماتني.
شياءُ: مائٽ، شريڪ.
سيبا: ٺوبا، بکيا.
سِيباءِ: جُڳائي، وٽي.
سِيباٽو: وٽيو پسند آيو.
سِيباٽيام: مون کي وٽيا.
سيباٽي: وٽي.
سيٽ: سُٽ جا وٽيل رسا.
سيتيا: ٻک وجهان.
سيج: سيج، کٽ.
سيڏائي: سڪائي، موهي.
سبير: واٽ، لنگهہ، گذر.
سيرَ: سيل، سچائي.

Gul Hayat Institute

سيرڙيون: سيرون، واٽون، پيچرا.
سُيسَ: مشهور ٽيس.
سيسار: درياهي نانگ.
سيڪارا: سڏڪا، شوڪارا.
سيڪڙو: سڪايل.
سيڪي: ڇني.
سيڱ: ڪمان.
سيلا: وارن ڪي ۾ڏڻ جي رسي جا جوڳي ڪم آڻين.
سيلو: تير، گز مٽي ڪي ۾ڏڻ جي رسي.
سيله: ڪنڊا، تير.
سِيَما هُم في ووجُوهِهِم: سندس چهري ۾ سجدي جي نشاني آهي.
سيليون: رسيون.
سَين: فقير جي صدا.
سِينداريا: سيند هٽي سڏيا، پاليا.
سين: مائٽ.
سيٽاس: ساٽس.
سيٽان: سندن لاءِ ساٽن.
سيٽاهيا: سيٽھ وارا.
سيٽاني: ساٽن، گڏ.
سيٽاٽي: ساڻ، گڏ.
سيوا: شيوا، بندگي.
سيوي: سِبي، ٽوپا ڏئي.
سيهي: شيهي، ڪچ، مٽ.
سِيئن: تائين.

## ش

شبان: ڌنار.
شبيه: شڪل، صورت.
شُتر: اٺ، ڪرهو.
سَجَر: وڻ، درخت.
شريڪت: برابري، همسري.
شعور: فهم، فضيلت.
شڪستي: دلشڪستي، نا اميد، ملول، مايوس.
شڪم: پيٽ.
شڪون: (واحد: شڪ) ڪلي، بند، ڪِيري.
شُهدي: سڪندڙ غريب، نماڻي، مُنهن، صورت.
شُومت: پراڻي، خزاني.

## ص

صِراط: پل صراط واٽ.
صِراطَ المستقيم: سنئون رستو.
صريح: ظاهر ظهور صاف.
صفتان نور: صفتن واري روشني.
صقيلا: چمڪندڙ گهائيندڙ.
صلابت: مٽيا، شان.
صلوات. بندگي، درود.
صواب: سڏائي، چڱي واٽ.

## ض

ضاءِ: ضايع، زيان.
ضرور: ضرورت.

## ط

طالب المولىٰ مذڪر: موليٰ جو طالب مرد آهي.
طالح: ندورو نياڳو.
طالع: نصيب، ستارو.
طاق: ٽالھ، دروازا.
طاماعو: طمع رکندڙ تاڪائون.
طبل: دهل، نغارا.
طريق: طريقت، رستو.
طريقت: فقيريءَ جو پنڌ، تصوف جي ہي منزل.
طس: ٽالھ.
طوق: هار.
طورسينا: جبل جنهن تي حضرت موسيٰ ؑ نور جو تجلو ڏٺو.
طهورا: پاڪ پاڻي، بهشتي شراب.
طيرن، طيورن: پکين.

## ع

عاجز: ضعيف عورت.
عاجزيون: نيزاريون.
عادنئون: عدن (بندر) کان.
عاصي: گنگهار.
عاق: ناصالح، خراب، بي حيا.
عالم: ڪائنات.
عام: عام ماڻهن.
عبث: اجايو.
عَبير: عطر، عنبر.
عدم: نابودي نيستي.

Gul Hayat Institute

ڪَرَ: خبر، سُڌ، ڄاڻ، جيڪر.
ڪَرُ: ڳاٽ.
ڪُرُ: ڪٽنب، ڪڙم، پنڙا.
ڪراڙ: پٽ شاهہ جي ڏنڊ.
ڪَراڙا: ڏکيا، اٽانگا.
ڪرڪ: تير، ڪان.
ڪرڳل: هل هلاچو.
ڪَرلاهُو: خبر لهندڙ سنڀاليندڙ.
ڪرنگل: ڪرنگهر، هڏن جو پڃرو.
ڪُرندان: خراب رستو الٽي واٽ.
ڪَرنگهو: ڪرنگهو پُٺيءَ جو هڏو.
ڪرنون: ڳنڍيون ڳوڙها.
ڪَرهل: اٺ.
ڪَرِهو: ڪريو.
ڪَرَهو: اٺ.
ڪَرو: ڪرت، ڪارائي.
ڪِري: ڪاڏي جي پرهيز.
ڪُريت: بڇڙي رسم، بد رسمي.
ڪرير: ڪِرڙ وڻ.
ڪِڙج: ڪچرو ڪک ڪانا.
ڪَڙڻ: پير ڪٽڻ.
ڪُڙهہ: اندر، جِيءُ، بدن.
ڪَڙهُہ: ويچار ڪر، سڙ، پچ.
ڪَس: ڪٽ، دل جو غبار.
ڪُسَر: ڪوڙا سَرن جا پوڙا.
ڪشتيبان: ٻيڙي هلائيندڙ.
ڪَڪوهہ: شراب جو قسم.
ڪُلات: ڪُلچٽو ڪُلال.
ڪَلال: شراب ڪڍندڙ مي فروش.
ڪلارين ڪپڙين: پرت پريل ڪپڙن سان.
ڪَلپتي: مها جوڳي، خيال وارا.
ڪُل تيا: ڏٽيءَ سان مليا.
ڪُل شيءِ يَرجعُ اِليٰ اَصلہٖ: سڀڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏَي موٽي ٿي.
ڪُل مَن عليهافان: جيڪي ڪجهہ زمين تي آهي سو فنا ٿيڻ وارو آهي.
ڪلمي گو: ڪلمون پڙهندڙ.
ڪُل نفس ذائقة الموت: سڀڪو ساهہ موت جو مزو چکندو.

ڪِلو: جهيڙو جنگ.
ڪَليون: نِڙيءَ جا غدود، ڪليجا.
ڪُمَ: نيلوفر جا ڦل.
ڪماچ: رباب.
ڪمازهين: (ڪَ+ماٺهو) ٻُرن ڪي.
ڪُميتن: گهوڙن.
ڪُن: ٿيءُ، ٿي پئو.
ڪنان: ڪان.
ڪَنجرو: چولي، گَج.
ڪَنجڪ: واڳ.
ڪند: پالا.
ڪنڌا: ڪنڌي جو وڻ.
ڪُنڌيون: ڪنڌن سگن واريون مينهون.
ڪَنَر: ڪونر جنهن ۾ ڏوبي ڪپڙا ڪنپ چاڙهين. والا.
ڪنگن: ڪانئرن (پکي).
ڪنهن منهن: ڪهڙي طرف.
ڪنو تيا: ڪن وڏيل جوڳي.
ڪنوات: گؤنرو ننڍو واٽ.
ڪُٽيچ: ڪنڊ، پاسو.
ڪٽس: ڪيس، انهيءَ ڪي.
ڪُٽڪن: ورلاپ ڪن، ڪنجهن.
ڪُٽن: وَٽن.
ڪَٽيون: مٽيون، موتي.
ڪوپا: پهلوان.
ڪوت: گرز.
ڪوڏ: چاهہ، خوشي، ناز لاڏ.
ڪوڏيون: شوقين.
ڪُور: انڌو.
ڪورا: منهنجي خاطر، پاسخاطري ڪري، سوز ساڙو.
ڪورا: ڳلا.
ڪورنشون: نياز سلام.
ڪوڙڪيون: پکين ڦاسائڻ جا دام.
ڪُوَڙي: بي وڙي، نالائق.
ڪُوڪَٽ: ويڌن، ظلم.
ڪوڪِڙ: سڪل پيرون.
ڪُولَ: بدلچڻ، گنهگار.
ڪونر: وٽن جا ڪچڙا گل، شهزادا.
ڪُوات: الٽي واٽ، ڏکي واٽ، اوجهڙ.

Gul Hayat Institute

هوتُ: بلوچن جي ”هوت“ قبيلي جو فرد. پنهون. محبوب.
هوتاڻي: ”بلوچن منجها“ پنهون، محبوب.
هور: هرڪر، ڪُتڪو.
هورا: ڳڻتي، انتظار.
هوڙاڪ: هوڙو ننڍي ٻيڙي.
هول: لوھ جو توپ.
هول: ڊپ، فڪر.
هُونِ: هُجن.
هوءِ سين: الله سان.
هوءِ: هڪ ٿي ويا.
هوون: مان، آءٌ.
هوندو: جيڪي موجود هجي.
هئائين: هِتائين.
هُئڻ: هٿ، هستي.
هِيُ: هيءُ وجود، هستي.
هيجان: هيج مان، پيار مان.
هيج هوج: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ.
هيدي: اٺ جي واڳ، پاڪڙو.
هيرئون: هريل.
هيڪاند: ميلاپ، گڏجاڻي.
هَيَن: مُيَن، مُئيَن.
هيهات: افسوس، هاءِ هاءِ.
هَيهاتَ هَيهاتَ لِما توعدون: هاءِ شل (پري هجي) اها ڳالهہ جنهن جو توهان کي ڊپ ڏنو ويو آهي.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اوندا سوندا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاٺُو، پاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

Gul Hayat Institute

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

Gul Hayat Institute

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن ڪي هر بيَانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute